جهڙا گل گلاب جا

(ٻيو حصو)

غلام رباني آگرو

سنڌي ادبي بورڊ

بنامِ جهاندار جان آفرین

پاڪ ڪلمون (ڳالهه) پاڪ وڻ وانگر آهي، جنهن جي پاڙ پختي آهي ۽ ٽاريون آسمان ۾ آهن. هر وقت پنهنجي رب جي حڪم سان ميوو ڇهليندو آهي. ۽ بڇڙي ڪلمي (ڳالهه) جو مثال بڇڙي وڻ وانگر آهي، جنهن کي زمين تان پٽيو ويو. اهو بي پاڙو آهي.

- "قرآن مجيد"

جهڙا گل گلاب جا

(ٻيو حصو)

تصنيف:

غلام رباني آگرو

سنڌي ادبي بورڊ

ڄام شورو

2007ع

[مصنف جا سڀ حق ۽ واسطا قائم]

ڇاپو پهريون	سال 1991ع	تعداد ٻه هزار
ڇاپو ٻيو	ڊسمبر 2007ع	تعداد هڪ هزار

قيمت: هڪ سؤ پنجاهه رپيا
[Price Rs. 150-00]

خريداريءَ لاءِ رابطو:

سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر

تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ
(Ph: 022-2633679, Fax: 022-2771602)
Email Address: sindhiab@yahoo.com
Website: www.sindhiab.com
www.sindhiadabiboard.org

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄامشورو ۾ مئنيجر سيد سڪندر علي شاهه ڇپيو ۽ اعجاز احمد منگي سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ان کي پڌرو ڪيو.

ڇپائيندڙ پاران

ڪتاب "جهڙا گل گلاب جا" حصو پهريون سنڌ جي ويجهي ماضيءَ جي سياسي، سماجي ۽ ادبي شخصيتن بابت يادگيرين تي ٻڌل ڪتاب آهي. هن ڪتاب ۾ محترم غلام رباني آگري انهن يادن کي جهڙيءَ ريت سهيڙيو ۽ لفظن جي مالهائن ۾ پرويو آهي، ان جي جيتري به ساراهه ڪجي سا گهٽ آهي. هيءُ ڪتاب سنڌ جي ڪيترن ئي متحرڪ ڪردارن جي زندگيءَ بابت ڪيترين ئي دلچسپ ۽ انوکين ڳالهين بيان ڪندي معلومات فراهم ڪري ٿو. ان ريت هيءُ ڪتاب هڪ طرح سان ڇڻ سنڌ جي ويجهي ماضيءَ جو تاريخي داستان هئڻ سان گڏ تاريخي ماخذ جي حيثيت پڻ رکي ٿو.

هيءُ ڪتاب سائين جي. ايم. سيد جي مشهور ڪتاب "جنب گذاريم جن سين"، پير علي محمد راشديءَ جي ڪتاب "اُهي ڏينهن اُهي شينهن" ۽ سيد حسام الدين راشدي جي ڪتاب "هُو ڏوتي، هُو ڏينهن" وانگر سنڌي ساهت ۾ ججهي اهميت لهڻي ٿو. هن ڪتاب جي پهرئين ڀاڱي ۾ سياستدان، سگهڙ، اديب، شاعر، عالم ۽ ڪامورا سڀ اچي وڃن ٿا، جن جون خدمتون ۽ لکڻيون سنڌي سماج تي اثر انداز ٿيون. اُميد آهي تہ سنڌي ادبي بورڊ پاران هن ڪتاب جو هيءُ ٽيون ڇاپو بہ پهرين ۽ ٻئي ڇاپي وانگر پڙهندڙن ۾ مان لهندو.

اعجاز احمد منگي
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو، سنڌ
خميس، ٢- ذي الحج ١٤٢٨هه
بمطابق 13- ڊسمبر 2007ع

شڪرادائي

سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمن، منهنجي محسنَ ۽ سنڌ جي سدا بهار شخصيت، مخدوم محمد الزمان طالب المولىٰ ۽ سنڌن نورِ نظر، مخدوم جميلَ الزمان، چيئرمن، اسٽينڊنگ ڪاميٽيءَ، هن ڪتاب جي اشاعت ۾ خصوصي دلچسپي ورتي. مان سنڌن قرب ڪي پنهنجي لاءِ اعزاز سمجهان ٿو ۽ بورڊ جي سمورن معزز ميمبرن ۽ سيڪريٽري برادرم عبدالغفار صديقيءَ جو شڪريو ادا ڪريان ٿو.

2- برادرم حسين شاهه راشديءَ ڪتاب کي بهتر بنائڻ لاءِ ڪي اهم تجويزون ڏنيون ۽ اڪثر تصويرون عنايت ڪيون. مسز روما ابوالڪلام جي تصوير موڪلي. عزيزم نفيس احمد ناشاد ٻيون ڪي اٽلي تصويرون هٿ ڪري ڏنيون. مير علي نواز سولنگيءَ مقدمي جي نقل نويسيءَ ۾ مدد ڪئي. ٻاءُ علي نواز ٻٽيءَ اهو مواد ٽائيپ ڪيو. ڪتاب جي ڪمپوزنگ جو ڪم سنڌ يونيورسٽي پريس جي فاضل رجسٽرار برادرم محمد صالح راڄڙ جي توجهه سان ميان محمد قاسم ٻبر فورمئن جي نگرانيءَ هيٺ خير خوبيءَ سان پورو ٿيو. متن جي پروفن پڙهڻ جو سڄو ڪم مسٽر محمد دائود بلوچ اُڪلايو ۽ مقدمي جي پروف ريڊنگ ۾ مسٽر الله بچائي يوسف زئيءَ هٿ ونڊايو. ڇپائيءَ جي پوين سمورن مرحلن تي برادرم نور احمد ميمڻ ۽ برادرم نور محمد پٺاڻ نگراني ڪئي. مان انهن مڙني مهربانن جو تهدل شڪرگذار آهيان.

3- محترم محمد دائود بلوچ ۽ عزيزم الطاف آگري هن ڪتاب جي اشاعت ۾ خاص دلچسپي ورتي. مون ڪتاب جي مقدمي ۾ اخلاق جي اهميت تي زور ڏنو آهي، جو منهنجي خيال موجب، انسان جي عظمت جو صحيح ماپو اخلاق آهي. قدرت محترم محمد دائود ۽ عزيزم الطاف کي انهيءَ نعمت سان بي حساب نوازيو آهي. سنڌن قربن جي شڪر ادائيءَ لاءِ مون کي لفظ ئي ڪونه ٿا سجهن. الله پاڪ شال سدائين کين باغ و بهار رکي.

اسلام آباد، خميس

7- ذوالحج 1411هه

20- جون 1991ع

غلام رباني آگرو

انتساب

سنڌ جي مٽن ماڻهن ڏانهن

جيئن ڳنڍيون منجهه ڳنڍيَر
تيئن مون من ماروئڙن سين.
ڀٽائي رحہ

فهرست

1. شيخ عبدالمجيد سنڌي.. 281
2. حاجي مولا بخش سومرو.. 301
3. نواب نوراحمد خان لغاري.. 311
4. مولانا غلام محمد گرامي.. 327
5. مولانا عبدالواحد سنڌي.. 339
6. پيڙو فقير ڪنير.. 351
7. مولوي حافظ عبدالحميد پٽي.. 359
8. رشيد پٽي.. 371
9. صديق سالڪ.. 379
10. ايڇ.ٽي.لئمبرڪ.. 399
11. محمد امين خان ڪوسو.. 411
12. مخدوم محمد زمان طالب المولي.. 419
13. پروفيسر سيد غلام مصطفيٰ شاھ.. 437
14. محمد ابراهيم جويو.. 451
15. شفيق الرحمان.. 465
16. مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي.. 475
17. غني خان.. 499

شيخ عبدالمجيد سنڌي

غالباً سنہ 1936ع ۾، جڏهن سنڌ بمبئيءَ کان جدا ٿي هئي، تڏهن "الوحيد" اخبار جو "سنڌ آزاد نمبر" شايع ٿيو هو. منهنجي والد بزرگوار کي علمي ادبي ڪتابن ۽ رسالن جو شوق هوندو هو. اهو نمبر بہ خريد ڪيو هئائين ۽ سالن جا سال سندس ڪتابن جي ذخيري ۾ موجود هو. جڏهن مان ڏهن ٻارهن سالن جي عمر جو ٿيس تہ اهو نمبر پڙهيم. گهڻو حصو مضمون سنڌيءَ ۾ هئا ۽ ٿورو حصو انگريزيءَ ۾. انگريزي مضمونن ۾ هڪ جو عنوان هوShaikh Abdul Majid Sindhi, a Soldier of Islam انساني حافظو ضعيف آهي، پر مان پايان ٿو تہ عنوان اهوئي هو، ۽ مضمون علي برادران يعني مولانا شوڪت عليءَ ۽ مولانا محمد عليءَ ٻنهي مان ڪنهن هڪ جو لکيل هو. ان زماني ۾، منهنجو انگريزي زبان جو مطالعو نہ هئڻ برابر هو. جڏهن وڏو ٿيس تہ اهو مضمون پڙهيم. ان زماني تائين شيخ صاحب جي عظمت جا پاچا منهنجي ذهن تي پئجي چڪا هئا. چنانچ، جڏهن مون خود ادبي رسالن ۾ لکڻ شروع ڪيو، تڏهن شروعاتي زماني ۾ پاڻ کي غلام رباني "سنڌي" لکندو هوس. سنڌي لفظ جو اضافو شيخ صاحب جي شخصيت کان متاثر ٿي ڪيو هوم، جو پاڻ شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ جي نالي سان لکندو هو.

شيخ صاحب جو ديدار مون کي گهڻو گهڻو پوءِ نصيب ٿيو. تڏهن مان ڀرپور جوانيءَ ۾ هوس ۽ سنڌي ادبي بورڊ ۾ ملازم مقرر ٿيو هوس. شاهہ صاحب جي.ايم. سيد بورڊ جو نائب صدر هو ۽ سندس بنگلي تي روز شام جو ڪچهري ٿيندي هئي. شيخ صاحب بہ روز ان ڪچهريءَ ۾ شريڪ ٿيندو هو. سندس امتيازي ڳالهہ اها هوندي هئي، تہ فقط ڪيس گهران ڪڍڻ لاءِ شاهہ صاحب جي ڪاري "بيوڪ" موٽر ويندي هئي. موٽ تي ان موٽر ۾ مان بہ شيخ صاحب سان گڏ ويندو هوس. شيخ صاحب تن ڏينهن ۾ سول اسپتال جي سامهون، هڪ هندڪي مندر ۾ رهندو هو، جو هندن جي لڏي وڃڻ بعد "متروڪ جائداد" ۾ شمار هئو. مان ان جي ويجهو پاڪستان چوڪ وٽ مينارام هاسٽل ۾ رهندو هوس، ان مندر ۾، مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي اڳ ڇائي. غالباً عزيزالله نالو هوس- کي بہ رهائش لاءِ عارضي طرح اجهو ڏنو هئائين. مولانا عبيدالله سنڌيءَ کي مون ڪونہ ڏٺو. اڳ ۾ ئي فوت ٿي ويو هو. پر سندس عظمت جي ڌاڪ ذهن تي ڇانيل هئي، ان ڪري ڪنهن علم دوست، مولانا سنڌيءَ سان منهنجيءَ محبت کي خيال ۾ رکي، عزيزالله کي مون سان ملايو.

عزيزالله ميناارام هاسٽل ۾ مون وٽ ايندو رهندو هو. اتي سندس مان ۾ ٻه ٽي دفعا دعوت ڪيم ۽ ساٿس ڪچهريون ڪيم. ننڍپڻ مولانا سنڌيءَ سان گڏ گذاريو هئائين. اهي احوال ڏيندو هو ۽ مولانا سنڌيءَ تي ولايت جي اخبارن ۾ جيڪي مضمون شايع ٿيا هئا، سي پڙهائيندو هو. پنهنجن دوستن سان منهنجي گهڻي تعريف ڪندو هو.

اڳتي هلي شيخ صاحب ۽ انهيءَ عزيزالله مرحوم جي وچ ۾ اختلاف پيدا ٿيا. اختلاف جو مسئلو دنيا جي دستور موجب، جائداد يا ائين چئجي ته "متروڪ جائداد" هو. عزيزالله جاءِ خالي ڪرڻ لاءِ تيار نه هو. شيخ صاحب اچي ڦاٽو. شريف انسان. چڱائي ڪري اڙجي ويو. بهرحال اڳتي هلي، ڪنهن طرح اهو مسئلو حل ٿي ويو.

غالباً سنه 1957ع يا 1958ع هو. اڃا ايوب خان جو مارشل لا ڪونه لڳو هو. اڃا سڪندر مرزا حڪومت ڪري رهيو هو. حڪومت جي مخالف اڳواڻن، جي. ايم. سيد، عبدالغفار خان ۽ عبدالحميد ڀاشانيءَ گڏجي نيشنل عوامي پارٽي ٺاهي. ان پارٽيءَ طرفان هوٽل ميٽرو پول ۾ دعوت استقباليه ڏني وئي. ان ۾ مرحبائي تقرير لکي ته الائي ڪنهن، پر ان کي ٽائيپ ڪرائڻ جو ڪم جويي صاحب تي رکيو ويو. جنهن جي مون کي خبر ڪانه هئي. هڪ ڏينهن شام جي مهل هئي، ادبي بورڊ ۾ پنهنجيءَ آفيس ۾ ويٺي ڪم ڪيم، جو شيخ صاحب جو ڪڙاڪيدار آواز ٻڌم. هونئن هميشه ڌيمي نماٽي آواز ۾ ڳالهائيندو هو. پر ان ڏينهن جوش ۾ هو. تقرير جي ٽائيپ ٿيڻ ۾ شايد دير ٿي وئي هئي. "ڪٿي آ جويو" ائين چوندو، سندس آفيس جي ڪمري ڏانهن چوهو چوهو ويو. شام جو ان دعوت استقباليه ۾، جيڪو ڄڻ ته چڱو موچارو عوامي جلسو هو، شيخ صاحب اها مرحبائي تقرير، اردو محاوري موجب، "گهن گرج" سان پڙهي. مون سندس تقرير بازيءَ ۽ شعله بيانيءَ جا اڳي قصا ٻڌا هئا، ان ڏينهن پاڻ مشاهدو ڪيم. ٻيو مشاهدو ڪراچيءَ جي جهانگير پارڪ ۾ ڪيم. اتي ڪو عوامي جلسو هو، جنهن ۾ شيخ صاحب ڏاڍي زوردار تقرير ڪئي. ڏسڻ ۾ سنهڙو، سُڪل، هلڪو ڦلڪو، گلن جي مٺ ۾ تورڻ جيترو مڙس، پر جڏهن اهڙن جلسن ۾ دل سان تقرير ڪندو هو، ته ائين پئي ڀانئبو هو ته ڄڻ شينهن گجي رهيو آهي.

ان ئي زماني ۾، يا ٿورو اڳتي هلي، عطا الله مينگل ۽ ٻين بلوچ اڳواڻن سان گڏ ڪنهن جلسي ۾ تقرير ڪيائين، جا مون ڪانه ٻڌي. ان تقرير گهٽيءَ تڪليف ۾ وڌس. سالن جا سال مٿس ۽ ٻين اڳواڻن تي مقدمو هلندو رهيو.

شاهه صاحب جي.ايم.سيد جي بنگلي تي جيڪي ڪچهريون هلنديون هيون، تن جي ڪري مون سان چڱو حجائتو ٿي ويو هو. انهن ڏينهن ۾ مان ڏاڍيون انگريزي فلمون ڏسندو هوس. سو، مغربي "Cow Boys" ۽ ٽيڊي جوانن جا ڪي دلچسپ گفتا ياد ٿي ويا هئا.

ڪڏهن ڪڏهن شيخ صاحب مزي وٺڻ ڪاڻ مون تي زور ڀريندو هو ته "اهي گفتا ته ٻڌاءِ." جڏهن مان ڪيس اهي گفتا ٻڌائيندو هوس ته اچي کل ۾ ڇٽڪندو هو. انهن ۾ هڪ گفتو هوندو هو:

"Oh! you son of a gun. Do you dick me? Hang on."

شيخ صاحب اهو جملو ٻڌي اصل ڪو وقت ته ٽهڪن ۾ اچي پوندو هو. آخر انهن گفتن ڪيس اهڙو ته مزو ڏنو، جو پاڻ، شاهه صاحب ۽ پير حسام الدين راشديءَ کي ساڻ ڪري، ڪراچيءَ جي پئليس سينيما ۾، مون سان گڏجي، انگريزي فلم ڏسڻ هليو.

هڪ دفعي پير صاحب ۽ رئيس پرڳڙيءَ مون تي زور رکيو ته تون شيخ صاحب جي زندگيءَ جو احوال لک. ڪي مهينا ته ڳالهيون ٽينديون رهيون. آخرڪار ڳالهه پڪي ٿي. طئي ٿيو ته مان روز شام جو، هڪ ٻه ڪلاڪ، مينارام هاسٽل مان، شيخ صاحب جي رهائشگاهه تي ويندس، جتي هو مون کي پنهنجيءَ حياتيءَ جو احوال لکائيندو. ٻه چار نوٽبڪ خريد ڪيم. شيخ صاحب کي ذهن ۾ ڪو به خاڪو ڪونه هو. هڪ ڪمري ۾ ٻئي ڄڻا گڏ ويهندا هئاسون. اتي هو ناس ٻه ڏيندو رهندو هو ۽ سوچيندو به رهندو هو. آخرڪار سوچي سوچي، سکر ۾ "الحق" اخبار جي زماني کان وٺي پنهنجيءَ حياتيءَ جو احوال لکائڻ شروع ڪيائين. ان ڪم ڪندي، ماٺهو تڪجي پوندو هو ته ٽڪ پيچڻ لاءِ چاءِ، بسڪوٽ وغيره جو ڪو به انتظام ڪونه هوندو هو. پاڻ غريب ماڻهو هو. هونئن دل جو سخي هو. ڪنهن زماني ۾ خلافت تحريڪ ۾ رهيو هو. ان دور جا ڪي ٻه ترڪ ساٿي، ايامن ڪان پوءِ، الائي ڪيئن ڪراچيءَ آيا ۽ ساڻس اچي مليا. انهن جي اعزاز ۾ نهايت شاندار دعوت ڪيائين. ان ۾ شايد

فقط چار ڇهه سڏيائين، تن ۾ به ته اهي ترڪ هئا. ٽيون مان هئس ۽ جي مان پُلجان نٿو ته چوٿون ماڻهو رئيس غلام مصطفيٰ خان پرڳڙي هو.

مون شيخ صاحبُ جي حياتيءَ جي احوال جا ايڪانوي صفحا لکيا. اسڪولي نوٽبڪن تي لکندو هوس. پوءِ ڪنهن سبب ڪري، ان ڪم ۾ رڪاوٽ پئي. چنانچ، ڪم اڳتي هلي ڪونه سگهيو. شيخ صاحب مالي طرح تمام غريب ماڻهو هو. رئيس پرڳڙيءَ جي مشوري ۽ مدد سان هڪ ٽرڪ خريد ڪئي هئائين. ان لاءِ بئنڪ کان غالباً منو لک رپيا قرض ورتو هئائين. اها ٽرڪ روزانو ٻه ٽي سو ڪمائيندي هئي. پر ڊرائيور هوندا هئا شيطان، سي ڪنهن وقت ٽاير جو بهانو، ڪنهن مهل بئٽريءَ جو چڪر ڪري، شيخ صاحب کي ستائيندا رهندا هئا. غريب ان سبب سان اڪثر ڪري ڪراچيءَ کان حيدرآباد ايندو ويندو رهندو هو. بئنڪ جي قرض جي به ڳڻتي هوندي هئس. غالباً وڏو سبب اهو هو، جو سندس حياتيءَ جي احوال لکڻ جو ڪم مڪمل ٿي نه سگهيو. ٻيو سبب اهو هو ته سندس ٻولي تمام سادي هئي. ان ۾ نمڪ مرچ هئڻ ئي ڪونه، ان ڪري لکڻ ۾ مزو ڪونه ايندو هو. شيخ صاحب جي ننڍ پڻ ۾ مسلمان ٿي، گهران نڪري وڃڻ ۽ آنربل غلام محمد ڀرڳڙيءَ سان ملڻ جا واقعا تمام دلچسپ هئا. هو اهي تفصيل سان لکائي ها، ته لکڻ ۾ پڙهڻ واري کي ڏادو مزو اچي ها، ۽ ان دور جي سماجي حالتن جي به ڪجهه معلومات ملي ها، پر هن ائين ڪونه ڪيو. بهرحال، اڳتي هلي اهي ايڪانوي صفحا، مون کان پير صاحب يا ڪنهن ٻئي ورتا ۽ پوءِ ڪاڏي ويا، تنهن جو وري پتو ڪونه پيو.

جڏهن سنه 1962ع ۾، سنڌي ادبي بورڊ جون آفيسون ڪراچيءَ مان حيدرآباد ڪچي آيون ته شيخ صاحب مولانا غلام محمد گراميءَ جي آفيس ۾، جيڪا "امين منزل" تي پٽ تي هوندي هئي، گهڻو ايندو ويندو هو. اتي اسلامي تصوف تي ڪلاڪن جا ڪلاڪ بحث هلندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ڏاڪڻ چڙهي، مٿي مون وٽ به ايندو هو. خبر ناهي ته چو ٻن چئن سالن ۾ ئي ڇڻ ته ڏاڍو ٻڍو ٿي ويو. ٽيڪ لاءِ لڪڻ ته شروع کان ئي کڻندو هو. پر مان پايان ٿو ته ملڪ ۾ مارشل لا ۽ ون يونٽ جي مصيبتن ڪيس ٽڪائي وڌو. اصل خوشي ذهن جي آهي. هالن جي مخدوم صاحب هڪ دفعي مون کي چيو ته "رباني، ٽڪبو آهي ماڻهوءَ جو خيال." شيخ صاحب جو ذهن ٽڪجي پيو هو. ان زماني ۾ اسان چند

آگرين تي ڳڻڻ جيترا سنڌي اديب هوندا هئاسين، جيڪي سنڌ جي حقن جي ڳالهه ڪندا هئاسين نہ تہ گهر خير. يونيورسٽيءَ ۽ ڪاليجن جا شاگرد گهٽو گهٽو پوءِ پيدا ٿيا.

شيخ صاحب هڪ ڏينهن بورڊ جي آفيس ۾ ون يونٽ ۽ ان دور جي تاريڪ حالتن جو ذڪر ڪندي، مون کي چيو تہ اسان کي جيڪي ڪرڻو هو، سو ڪري چڪاسين، هاڻ اسان جون سڀ اميدون اوهان نوجوانن جي نسل سان وابستہ آهن. بس، شيخ صاحب جو ائين چوڻ ۽ منهنجو بتال ڪاٽڻ. مون نهايت سختيءَ سان ساٽس ڳالهايو ۽ چيو تہ اوهان اسان کي ورثي ۾ ڏنو ڇا آهي؟ ون يونٽ جي لعنت، فلاڻي مصيبت، فلاڻي بلا؟ مان ڀرندڙ جبل وانگر باهہ ۽ لاوا وَسائيندو رهيس. شيخ صاحب جهڙو وڏو اڳواڻ نهايت انڪساريءَ ۽ نهايت اشرافت سان سڀڪجهہ ٻڌندو ۽ سهندو رهيو. موڪلائڻ مهل ياڪر پائي، وري بہ مون کي ائين ئي چيائين تہ، "ابا، مان نااميد ناهيان. منهنجون سڀ اميدون اوهان نوجوانن سان وابستہ آهن."

هاڻي جڏهن مان ماضيءَ ڏي موٽي ڏسان ٿو تہ سندس قول جي سياڻپ جو احساس ٿئي ٿو. في الحقيقت، سندس اهي اکر بہ مون جهڙن ضعيف انسانن کي حوصلو ڏيارڻ لاءِ هئا. هونئن هو تہ پنهنجيءَ جاءِ تي پيريءَ ۾ بہ پهاڙ وانگر پختو بيٺو هو. ان جو ثبوت ستت ئي مون کي آهي مليو.

ڇا ٿيو تہ ايوب خان جي فوجي حڪومت هڪ اونڌو ڪم اهو بہ ڪيو هو تہ سندس تعليمي سيڪريٽري، شريف خان جي "تعليمي ڪميشن" اها سفارش ڪئي هئي تہ سنڌي زبان آئيندي فقط پرائيمري ٽن درجن تائين پڙهائي وڃي. پوءِ اڳتي اها اختياري مضمون ٿئي، يعني چوٿين درجي کان وٺي جنهن کي وڻي سو سنڌيءَ ۾ پڙهي ۽ جنهن کي وڻي، سو اردوءَ ۾ پڙهي. ڇهين درجي کانپوءِ پڙهائڻ جو سڄو ڪم اردوءَ ۾ ٿئي.

انهيءَ فيصلي جي روشنيءَ ۾ سنڌي زبان جو مستقبل ڇڻ تہ ختم ٿي پئي ويو، ڇو تہ جيڪڏهن ٽئين يا ڇهين درجي کانپوءِ ٻار کي اردو پڙهائڻي آهي، تہ پوءِ والدين شروع کان ئي ڇو نہ ٻار کي اردو پڙهائين.

اُن فيصلي تي عمل ڪرڻ ۾ خاص رنڊڪ اها هئي تہ انگريزن سنڌي زبان کي سو ورهين تائين پڙهائڻ جو ذريعو بنايو هو، عدالت جي زبان قرار ڏنو هو

۽ سرڪاري لکپڙهه به انگريزيءَ ۽ سنڌيءَ ۾ ٿي ٿيندي هئي. سو، سنڌي ٻولي گهٽجي ترقي ڪري چڪي هئي. چنانچ، اهو فيصلو ڄڻ ته بگيءَ کي گهوڙي جي اڳيان ٻڌي هلائڻو هو. اهڙي ابتي ڪم جو نتيجو ظاهر هو. سڄيءَ سنڌ ۾ ان فيصلي خلاف نفرت جي لهر ڊوڙي ويئي. ايوب خان جي حڪومت جيڪا ون يونٽ کي بچائڻ لاءِ مارشل لا هيٺ ڪري، سنڌ ۾ اڳيئي بدنام هئي، سا هيڪاري بدنام ٿي ويئي. هوڏانهن اسان سرڪاري طرح هڪ اهڙي اداري سان وابسته هئاسين، جنهن جو ڪم ئي سنڌي زبان جي ترقي هو. چنانچه، سنڌي ادبي بورڊ جي ٽنڊوڪي اعزازي سيڪريٽريءَ مرحوم ميران محمد شاهه، ايوب خان جي وزارت ۾ ٽنڊوڪي، سنڌي وزير (مرحوم) ذوالفقار علي ڀٽي کي احتجاج جو خط موڪليو ۽ ڪائنس مدد گهري. اڳتي هلي، بورڊ جو اعزازي سيڪريٽري دوباره جويو صاحب مقرر ٿيو. هن هڪ پريس بيان تيار ڪيو. چيائين ته هاڻي ڪي دوست همت ڪن، جو ان بيان تي سنڌ جي نامور شخصيتن کان صحيحون وٺن. بيان ۾ گهر ڪيل هئي ته "سنڌي زبان جي اصلوڪي حيثيت بحال ڪئي وڃي." حيدرآباد جي شخصيتن کان صحيحن وٺڻ جو ڪم منهنجي دوست تنوير عباسيءَ پنهنجي مٿي تي کنيو ۽ ڪراچيءَ جي اڳواڻن کان صحيحن وٺڻ جو ٻار مون کنيو.

مان ڪراچي ويس. شيخ صاحب سان صلاح ڪيم. سڀ کان اڳ امير حيدر شاهه بيان تي صحيح ڪئي. ان وقت قومي اسيمبليءَ جو ميمبر هو. پوءِ رئيس پرڳڙيءَ ۽ شيخ صاحب صحيحون ڪيون. شيخ صاحب چيو ته هاڻي سڀاڻي صبح جو ٻئي ڄڻا پيرزادي عبدالستار صاحب کان صحيحون وٺڻ هلنداسون. ان سان گڏ رئيس پرڳڙيءَ کي چيائين ته اسان کي هن ڪم لاءِ پير پاڳاري صاحب کان به وقت وٺي ڏي. رئيس اها مهرباني ڪئي. ٻئي ڏينهن اسان پيرزادي عبدالستار صاحب کان صحيح ورتي. هن نهايت خوشيءَ سان صحيح ڏني. ٽئين ڏينهن رئيس غلام مصطفيٰ پرڳڙيءَ سان گڏ، شيخ صاحب ۽ مان، پير پاڳاري صاحب جي ڪراچيءَ واري بنگلي تي وياسين. پير صاحب جن نهايت خوش اخلاقيءَ سان مليا ۽ ڪافي پياريائون. شيخ صاحب اچڻ جو مقصد بيان ڪيو. پير صاحب جن بيان وٺي پڙهيو ته ايتري ۾ (مرحوم) قاضي محمد اڪبر، ڄام صادق علي ۽ (مرحوم) الله بچايو آخوند اندر آيا. پير صاحب جن

ساڻن خوش مرحبا ڪئي. شيخ صاحب، پير صاحب جن کي چيو تہ، "سائين اسان لاءِ ڪهڙو حڪم آهي؟" مرحوم قاضي اڪبر پڇيو تہ. "ڳالهہ ڇاهي؟ شيخ صاحب مختصر لفظن ۾ ڳالهہ بيان ڪئي. قاضي صاحب فرمايو تہ، "هائو، مون وٽ بہ ڳالهہ هڪ نوجوان صحيح وٺڻ آيو هو. پر مون تہ انڪار ڪيو." پير صاحب جن صحيح ڪن ها يا نہ، سا تہ خدا کي خبر. پر مرحوم قاضي صاحب جي انهيءَ ڳالهہ ٻڌڻ کانپوءِ شيخ صاحب کي چيائون تہ "اسان دعا تا ڏيون. صحيح نادر شاهہ صاحب ڏيندو." پرڳڙي صاحب ۽ مان سمورو وقت خاموش رهياسون. ڪجهہ دير کانپوءِ پير صاحب جن کان اجازت طلب ڪئيسون. پاڻ وري بہ نهايت خوش اخلاقيءَ سان اسان کان موڪلايائون. ٻئي ڏانهن سندن ارشاد موجب شيخ صاحب پير نادر شاهہ صاحب سان فون تي ڳالهہ ڪئي. ان وقت اولهہ پاڪستان اسيمبليءَ جو ميمبر هو. فرمايائين تہ اسان بہ دعا تا ڏيون.

ٽئين ڏينهن تي شيخ صاحب ۽ مان (مرحوم) اي.ڪي. بروهيءَ کان صحيح وٺڻ وياسون. بروهي صاحب ڀهريائين تہ آنا ڪاني ڪئي. چيائين تہ مون کان صحيح نہ وٺو. اهو صحيحن وارو ڪاغذ مون کي ڏيو تہ مان ايوب خان سان ان مسئلي تي گفتگو ڪريان. پر علامہ آءِ. آءِ. قاضي صاحب جي ڪري، مان ساڻس حجائتو هوس، سو شيخ صاحب سان هم آواز ٿي، ڪيس چيم تہ اوهان صحيح بہ ڏيو ۽ ايوب خان سان بہ ڳالهہ ڪجو. بروهي صاحب نيٺ صحيح ڏني.

ٻئي ڏينهن تنوير جيڪي صحيحون وٺي سگهيو هو، تن سميت اهو گڏيل پريس بيان سنڌي اخبار وارن کي ڏنو سون. ڪن اخبارن ان کي پيج هيڊنگ بنايو ۽ ڪن ٻيو نمبر هيڊنگ. بس ان بيان جو ڇپجڻ ۽ پنيور کي باهہ ڳڻ. ايوب خان شريف خان کي گهرائي سخت دٻ ڪيو ۽ پڇيو تہ هي هيترا سارا مختلف خيالن جا سڀ سنڌي اڳواڻ پاڻ ۾ گڏ ڪيئن ٿيا ۽ ڇا تي احتجاج ڪري رهيا آهن؟ شريف خان کي اچي ڀڳهر ورتو. هڪدم سائين غلام مصطفيٰ شاهہ کي ڪوئيٽا مان گهرايائين، جو اتي تعليم جو ڊئريڪٽر هو. لاهور مان ير حسام الدين راشديءَ کي گهرايائين، جو اتي مرڪزي اردو بورڊ جو ايڊيٽر و. ٻئي ڄڻا هوائي جهاز ۾ ڪراچيءَ پهتا، ۽ اتان موٽر ۾ حيدرآباد آيا. حال

احوال ڪياسون. سنڌ يونيورسٽيءَ جي اولڊ ڪئمپس ۾، بند ڪمري ۾، ميٽنگ ٿي، جنهن ۾ پير حسام الدين راشدي، سائين غلام مصطفيٰ شاهه، جويو صاحب، مرحوم حنيف صديقي، مرحوم محمد ابراهيم خليل، محمد حسين ترڪ، تنويرءِ مان شريڪ ٿياسون. سنڌي ٻوليءَ جي گذريل تدريسي حيثيت جي تاريخ بيان ڪري، هڪ جامع نوٽ تيار ڪيوسون. ان تي سمورن حاضرين صحيحون ڪيون. پير صاحب ۽ سائين غلام مصطفيٰ شاهه اهو نوٽ کڻي اسلام آباد ويا ۽ شريف خان کي ڏنائون. هالن جو مخدوم صاحب به پنڊيءَ پهتو. سنڌي ادبي بورڊ جو چيئرمن هو. مرحوم پيٽي صاحب کي سنڌي ٻوليءَ جي حمايت لاءِ زور وڌائين. ٻئي ڏينهن مرڪزي وزارت جي ميٽنگ ٿي ۽ وڏي بحث مباحثي ڪانپوءِ آرڊيننس نڪتو ته "سرڪار سنڌي ٻوليءَ جو مطالبو قبول ڪري ٿي. آئينده سنڌي ٻوليءَ جي اڳوڻي حيثيت بحال رهندي."

سنڌ جي گهر گهر ۾ شادمانا ٿي ويا، پر ڪنهن کي به اها خبر ڪانه پئي ته ان تاريخي ڪارنامي جي ڪاميابيءَ ۾شيخ صاحب نهايت خاموشيءَ سان ڪيڏو نه اهم رول ادا ڪيو هو.

ان ڳالهه کي چڱو عرصو گذري ويو. ون يونٽ خلاف جاٽي ڪاٽي، جيئن پوءِ تيئن، نفرت وڌندي ويئي. سنڌ ۾ مختلف هنڌن تي "يوم لطيف" وغيره جي نموني تي جلسا ٿيڻ لڳا. انهن مان ڪن ۾ شيخ صاحب ۽ اسان گڏجي ويندا هئاسون. اهڙو هڪ جلسو سکر ۾ ٿيو. رستي تي ريل گاڏيءَ ۾ حميد سنڌي، پروانو ڀٽي، امداد حسيني، مان ۽ ڪي ٻيا اديب دوست ريل گاڏيءَ ۾ گرامي صاحب سان حجت ۽ پيار سان کل ڀوڳ ڪندا وياسين. شيخ صاحب لطف اندوز ٿيندو رهيو. جڏهن واپس موٽياسين، ته شيخ صاحب پنهنجيءَ سموري بزرگيءَ، عمر ۽ سنجيدگيءَ جي باوجود، اسان کي اشارو ڏيندو رهيو ته "خاموش ڇو آهيو؟ کل ڀوڳ شروع ڪريو." اسان حسب دستور حميد سنڌيءَ کي اڳتي ڪيو. گرامي صاحب گهٽائي ڪيس بجا ۽ گاريون ڏنيون. پر حميد سنڌي وري وري وڃي گرامي صاحب جي پيرن تي هٿ رکي ۽ چوي ته، "او ماتا ڪنتي، اسان تي ڪميا ڪر." پوءِ ٻين ڏي نهاري چوي، "اڙي يڌشٽر، ڀيم، ارجن ڪاٿي آهيو؟ اچو، اچي ماتا ڪنتيءَ جي چرنن ۾ وهو ۽ ڪميا حاصل ڪيو." شيخ صاحب اهو لقاءُ ڏسي اصل کل ۾ ويڙهجي وڃي. ٽندي آدم تائين اهو ناٽڪ

شیخ عبدالمجید سنذي

هلندو رهيو. گرامي صاحب بہ ڪلندو رهيو. نيٺ شيخ صاحب کي منٿ ڪيائين تہ، "اوهان هنن حرامي ڦرن مان منهنجي جند ڪڏهن ڇڏائيندا؟" شيخ صاحب جي چوڻ تي وڃي، گرامي صاحب جي جند ڇٽي.

وقت گذرندي دير ڪانہ ٿي لڳي. ائين محسوس ٿو ٿئي تہ ڄڻ ڪالهوڪو ڏينهن آهي جو اسان ائين ڪل پوڳ ڪندا، سفر ڪري رهيا آهيون. اڄ اسان جا اهي پيارا بزرگ ساٿي قبرن ۾ ابدي آرام ۾ آهن ۽ اسان جا متا ڪارن مان اڃا تي ويا آهن.

هڪ ڏينهن خان محمد پنهور ادبي بورڊ جي آفيس ۾ آيو ۽ چيائين تہ "سائين هڪ ڪم آهي." مون چيس تہ حڪم ڪر. "چيائين تہ "اوهان کي خبر آهي الائي ڪانہ، تہ شيخ صاحب گهڻن ڏينهن کان بيمار آهي." مون کي خبر ڪانہ هئي. خان محمد چيو تہ "اوهان قرب ڪيو تہ شيخ صاحب جو هلي انٽرويو وٺون. حياتيءَ تي ڪهڙو ڀروسو آهي؟" مون هائو ڪئي. خان محمد جو ڀيو ساٿي اعجاز سنڌي بہ اسان سان گڏ هو. اهو انٽرويو "سنڌي پبلڪيشنس جي "شيخ عبدالمجيد سنڌي نمبر" ۾ منهنجي نالي سان شايع ٿيو. عنوان هئس: "رهيا اٿئي رات..." ان انٽرويو جو مڪمل متن هيٺينءَ ريت آهي:

> "2 جنوري تي، شام جو، اسان حيدرآباد جي الهندي ڪچي ۾، جناب عبدالجبار شيخ[1] جي جاءِ تي، شيخ صاحب جن جو انٽرويو رڪارڊ ڪرڻ لاءِ پهتاسين. دروازي تي شيخ صاحب جن جي نياڻيءَ خديجہ بيگم اسان جي آجيان ڪئي، ۽ اسان کي شيخ صاحب جن جي ڪمري ۾ وٺي وئي. شيخ صاحب جن سخت سرديءَ جي ڪري سوڙ پايو ليٽيا پيا هئا. اسان جي اچڻ جو ٻڌي پاڻ اٿي وينا ۽ اسان سيني سان نهايت محبت ۽ شفقت سان ڀاڪرڙي پائي مليا. اسان ڪانئن اجازت وٺي انٽرويو لاءِ سندن کي تصويرون ورتيون ۽ سوال ملاحظي ڪرڻ لاءِ کين ڏنا.
>
> ٻڍاپي ۽ ڪمزور صحت ڪري شيخ صاحب جن جي نظر تي اثر پيو آهي، ان ڪري اسان کي چيائون تہ سوال پڙهي ٻڌايو. اسان کين پنهنجا سوال پڙهي ٻڌايا، جي ٻڌي

[1] جناب عبدالجبار شيخ، جناب شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ جو نياڻو آهي.

مشڪل لڳا ۽ چيائون تہ. "ابا! اوهان پراڻيون ڳالهيون ڪوڙي ڪڍيون آهن، مون کي تہ ڪڏهن اها اميد ئي ڪانہ هئي، تہ اڄڪلهہ سنڌ جا نوجوان پنهنجي ملڪي ڳالهين ۾ ڪا ايڏي دلچسپي وٺندا. اوهان جي پنهنجي تاريخ ۽ سنڌ جي ماضي، حال ۽ مستقبل ۾ ايڏي دلچسپي ڏسي مون کي ڏاڍي خوشي ٿي آهي. پر، منهنجو حافظو ڪمزور ٿي ويو آهي. ڪالهہ غلام مصطفيٰ شاهہ ملڻ آيو. ساڻس ڪي چار ڇڳا ڳڻ هئا. هينئر ذهن تي زور ڏئي ويٺو آهيان، پر انهن ٻين همراهن جا نالا ياد نٿا اچن. اها ڪالهہ جي ڳالهہ آهي. اوهان تہ ورهين جون پراڻيون ڳالهيون پڇو ٿا، جي ماضيءَ جي مٽيءَ ۾ دٻجي پورجي ويون آهن. مون کي اهي آهستي آهستي ياد ڪرڻيون پونديون. ان ڪري اوهان هفتو ڪن رکي پوءِ اچجو." اسان شيخ صاحب جن جو شڪريو ادا ڪري واپس موٽياسين.

هفتو گذرڻ بعد اسان ساڳئي وقت تي جناب عبدالجبار شيخ جي جاءِ تي پهتاسين. پري کان ئي اهو ڏسي نهايت خوشي ٿي تہ شيخ صاحب جن نهايت چاق و چوبند، شيرواني پائي، جاءِ جي دروازي جي پاسي واري اسڪوٽرن جي دوڪان ۾ ڪرسيءَ تي ويٺا هئا. اسان سان ٻاڪر پائي مليا ۽ ٻڌايائون تہ "صحت اڳي کان بهتر آهي." شيخ صاحب کان اسان پهريون سوال اهو ڪيو تہ، "اوهان پاڻ کي سنڌي ڪڏهن کان ۽ ڪيئن سڏائڻ شروع ڪيو؟"

شيخ صاحب جن سوال ٻڌي کلڻ لڳا ۽ جواب ۾ چيائون تہ، "مون کي سنڌيءَ جو لقب پنجابين ڏنو. هڪ دفعي لاهور ۾ آل انڊيا مسلم ليگ وارن جي ڪا ميٽنگ هئي. زير بحث مسئلن تي تقريرون ٿي رهيون هيون. مون بہ اتي پنهنجي نقطئہ نظر جي وضاحت ۾ تقرير ڪئي. انهيءَ تي ڪنهن شخص ڪجهہ اعتراض واريو. آءُ ڪجهہ ڪڇان ئي ڪيان، تنهن کان اڳ

سرفضل حسين جي فيمليءَ سان تعلق رکندڙ هڪ اڳواڻ ان شخص کي جواب ڏيندي چيو تہ: You haven't understood Mr. Sindhi. (تو مسٽر سنڌيءَ کي نہ سمجهيو آهي). ان ڏينهن کان وٺي مان سنڌيءَ جي نالي سان مشهور ٿي ويس."

"سائين اسان سمجهيو هو تہ واهان مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي پيرويءَ ۾ پاڻ کي سنڌي سڏائيندا هوندا؟" اسان شيخ صاحب کي چيو.

شيخ صاحب جن جواب ۾ چيو. "مولانا عبيدالله سنڌيءَ جو سياست ۾ کو ايڏو اهم حصو ڪونہ هو. هو مولوي هو. آزاديءَ سان بہ سو چيندو هو. انگريزيدانن جو گهڻو احترام ڪندو هو."

اسان شيخ صاحب کان ٻيو سوال ڪيو. "سائين شاهہ صاحب جي.ايم. سيد سان اوهان جي ملاقات ڪڏهن ٿي. اوهان جو ساڻس ڪڏهن اختلاف ٿيو آهي؟"

"سيد سان منهنجي ملاقات خلافت تحريڪ جي سلسلي ۾ ٿي. اختلاف تہ مون ڪنهن سان رکيو ئي ڪونهي. باقي جنهن کي وڻي، سو مون سان اختلاف رکي."

اسان شيخ صاحب جن کي چيو تہ. "سائين ڪجهہ وقت اڳ اسان ڪنهن رسالي ۾ مسز اِندرا گانڌيءَ جو انٽرويو پڙهيو هو. انهيءَ ۾ هڪڙو سوال هو تہ "اوهان جي زندگيءَ جي سڀ کان زياده خوشيءَ واري گهڙي ڪهڙي هئي؟ اِندرا گانڌيءَ جواب ۾ چيو هو تہ "جڏهن مون کي پهريون ڀار ڄائو هو." هيڏي اچڻ مهل اسان رستي تي سوچيو تہ شيخ صاحب کان اِهو ساڳيوئي سوال ڪنداسين." شيخ صاحب اهو سوال ٻڌي جواب ۾ چيو تہ "ادا، مون الهہ آباد ۾ 'موتي محل' ڏٺو آهي، جنهن ۾– اندرا جو پيءُ جواهر لعل ۽ ڏاڏو موتي لعل رهندا هئا. هنن جو رهڻ سلطاني هو. ڪنهن بہ قسم جي تنگدستي نہ ڏٺائون. غمن کان خالي هئا.

اسان غريب ماڻهو آهيون. اسان وٽ خوشي ۽ غم گڏوگڏ رهن ٿا. اهڙو ڪو خوشيءَ جو وقت ڪونہ ٿو سجهي جنهن ۾ ڪونہ ڪو غم نہ هجي. پر منهنجو خيال آهي تہ جڏهن ماڻهو پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿئي ٿو يا پنهنجي من جي مراد حاصل ڪري، ٿو. تڏهن ڪيس سچي پچي خوشي ٿئي ٿي.

الہ آباد ۾ سال 1932ع ۾ يونٽي ڪانفرنس ٿي هئي. اها ڪانفرنس مون ۽ پنڊت مدن موهن مالويا گڏجي ڪوٺائي هئي. ان ۾ ڪانگريس، هندو مها سڀا، لبرل ائسوسيئيشن، ڪرسچن ليگ، سک ليگ ۽ ٻيون هندستان ليول جون جماعتون، خلافت ڪاميٽي، جميعت العالماءَ وغيره شامل هيون. ڪانفرنس ۾ بمبئيءَ کان سنڌ جي جدائيءَ جي سوال تي گهڻو بحث ٿيو. ڪانفرنس هلندي، هڪ وقت اهڙي صورتحال پيدا ٿي، جو سمجهيوسين تہ ڪانفرنس ڇاڻ ٽٽي. وڃي آچاريہ ڪانفرنس جي صدارت ڪري رهيو هو. سنڌ جا وڏا هندو اڳواڻ بہ ڪانفرنس ۾ شريڪ هئا ۽ بمبئيءَ کان سنڌ کي جدا ڪرڻ جي خلاف تقريرون ڪيون هئائون. مون کين جواب ڏيڻ لاءِ پڇاڙيءَ ۾ تقرير ڪئي. ان کان هڪ ڏينهن اڳ مان بيمار ٿي پيو هوس، ۽ الہ آباد جي ڪنهن وڪيل وٽ رهيل هوس. مولانا شوڪت عليءَ ۽ ٻين سمجهيو تہ آءٌ ڊڄي ويو هوس ۽ بيماريءَ جو بهانو بنائي رهيو هوس، حالانڪ ائين نہ هو. خير، مون تقرير ڪئي ۽ دل کولي ڳالهايم. منهنجي هڪڙي پاسي ڪو هندستاني برک اڳواڻ ويٺل هو ۽ ٻئي پاسي مولانا ابوالڪلام آزاد. هن مولانا آزاد کي چيو تہ "اوهان، شيخ صاحب جي تقرير ٻڌي؟" مولانا آزاد چيس، "هائو، شيخ صاحب شروع کان ان مسئلي ۾ حصو ورتو آهي ۽ پنهنجي تقرير ۾ سيني جو موثر جواب ڏنو اٿس." انهيءَ

تي هن شخص مولانا آزاد کي چيو تہ، "مولانا، ائين نہ." مولانا چيو، "جيئن چئو." هن شخص چيو، "مون پنهنجي سڄي زندگيءَ ۾ اڄ تقرير ٻڌي آهي، جنهن مون کي متاثر ڪيو آهي. اڄ رات مان پنهنجي ڊائريءَ ۾ اها ڳالهہ لکندس." پنڊت مدن موهن مالويا چيو تہ 'هن'، وڏيءَ عمر ۾ آءٌ هيو پٽ ڪٿان آٿيندس! مان ڪانفرنس ۾ شموليت جي موڊ ۾ نہ هوس، پر هاڻي ائين پايان ٿو، تہ مون کي الهہ آباد اچڻ جو معاوضو شيخ صاحب جي تقرير ٻڌڻ جي صورت ۾ مليو آهي. ۽ آءٌ شيخ صاحب جو شڪر گذار آهيان." پنڊت موهن مدن مالويا ٻئي هڪ اڳواڻ کان پڇيو تہ ٻـُڌوَ شيخ صاحب جي تقرير؟ هن چيو تہ، "جواب ڏيڻ جي ڳالهہ ئي نہ آهي. ان کان بهتر ڪهڙي تقرير ٿي سگهي ٿي."

شيخ صاحب ٻڌايو تہ "اها ڪانفرنس ٻئي ڏينهن بہ هلي. ٻئي ڏينهن 'لان' ۾ ويٺا هئاسين تہ اتي وجيہ آچاريہ ڪرسي ڇڏي آيو ۽ چيائين تہ "اوهان جي تقرير ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو آهيان." ان کانپوءِ جدا جدا پارٽين جا ليڊر آيا ۽ تقرير جي ساراهہ ڪيائون. هندن جي روش خراب هئي، پر هندو مهاسڀا جو ليڊر آيو ۽ مبارڪ ڏنائين. مون سندس نالو ورتي چيو تہ "اوهان جي طرفان پڻ؟" هن چيو تہ "جي منهنجي طرفان پڻ" مون چيو "تو غلطي ڪئي آهي." چيائين تہ مسٽر عبدالمجيد منهنجا مخلصانہ خيالات آهن. اهي منهنجا ذاتي جذبات آهن."

اسان شيخ صاحب کان هيو سوال ڪيو تہ، "اوهان پنهنجيءَ زندگيءَ ۾ ڪهڙيءَ شخصيت کان سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿيا ۽ ڇو؟"

شيخ جواب ۾ ٻڌايو تہ، "جڏهن مان ننڍي هوندي مسلمان ٿي پنهنجي گهر مان نڪتو هوس تہ مان ڪجهہ ڏينهن لڪل هوس. هندن ڪراچيءَ ۾ ڪيس داخل ڪيو تہ، "اسان جو

ڇوڪرو اغوا ڪيو ويو آهي.“ انهيءَ ڪيس ۾ سڄيءَ سنڌ جا هندو وڪيل شامل هئا. مان مرحوم رئيس غلام محمد خان ڀرڳڙيءَ وٽ ويس. هن منهنجو ڪيس لڙيو ۽ منهنجو بچاءُ ڪيو. مون پنهنجو ابتدائي سياسي ڪم سندس بزرگانه رفاقت ۾ شروع ڪيو ۽ آخر تائين ساڻس گڏ رهيس. جڏهن رئيس غلام محمد ڀرڳڙيءَ دم ڏنو، تڏهن جيل ۾ هوس. رئيس غلام محمد ڀرڳڙي عظيم انسان هو.“

اسان شيخ صاحب کان سوال ڪيو ته، ”اوهان ڪانگريس ۽ خلافت ڪاميٽيءَ هوندي مسلم ليگ ۾ ڪيئن آيا، چيو ويندو آهي ته اوهان لاهور واري قرارداد پاڪستان کان ٻه پڻ سال اڳ پاڪستان جو ٺهراءُ پيش ڪيو هو. اها ڳالهه ڪيتري قدر صحيح آهي؟“

شيخ صاحب جواب ۾ فرمايو ته، ”ڪنهن اسٽيج تي ڪانگريس ڇڏي، مسلم ليگ ۾ شامل ٿيس. خواهش هئي ته مسلمانن جي مطالبن لاءِ وڌ کان وڌ مسلمانن جي حمايت حاصل ڪجي. ڪراچيءَ ۾ 12 نومبر 1938ع تي آل انڊيا خلافت ڪانفرنس منعقد ٿي. مون ان ۾ هڪ ٺهراءُ پيش ڪيو جيڪو هڪ ڪتاب ۾ ڏنل آهي، جيڪو لياقت علي خان ”مسلم ليگ رزوليوشنس“ جي نالي سان ڇپرايو هو. ان ٺهراءَ جو جيڪو Operative Part آهي ان ۾ ”هندو ۽ مسلمان ٻه قومون“ لفظ اچن ٿا. اهو پهريون دفعو هو، جو مسلمانن کي جدا قوم جو تصور ڏنو ويو. مون ڄاڻي واڻي اهي لفظ استعمال ڪيا هئا. منهنجو مطلب اهو هو ته انهن ٻن قومن جا جدا جدا وطن هجن، جن جي پاڻ ۾ ڪنفيڊريشن هجي. جناح صاحب ان وقت اهڙي ٺهراءُ جي فائدي ۾ نه هو. مون انهيءَ ٺهراءُ جي باري ۾ ٻئي ڪنهن سان به صلاح مشورو نه ڪيو هو.“

اسان شيخ صاحب کان پڇيو ته، ”سنڌ جي آئيندي بابت اوهان جي ڪهڙي راءِ آهي؟ اوهان جي خيال موجب سنڌ جي

مستقبل جو تحفظ ۽ بهتري ڪهڙين ڳالهين جي ڪري ٿي سگهندي ۽ سنڌ ڪي خدانخواسته مستقبل ۾ خطرو ڪٿان ۽ ڇا مان آهي؟"

شيخ صاحب جواب ۾ فرمايو ته، "سنڌ بين صوبن کان الڳ جدا رهي نه ٿي سگهي. سنڌ ۾ سنڌين ۽ مهاجرن جي وچ ۾ ويڇو چڱي ڳالهه نه آهي. باقي جيستائين مستقبل جو تعلق آهي، ته اهو سڀيءَ دنيا جو بدلبو رهي ٿو. جيڪڏهن سنڌ جا ماڻهو اهو محسوس ڪن ٿا ته "سنڌ ۾ نووارد مهاجرن ۽ پنجابين جي ذهني ساخت سنڌ لاءِ نقصانڪار آهي يا هو سنڌ لاءِ اقتصادي مسئلا پيدا ڪن ٿا، ته پوءِ سنڌ جي ماڻهن کي سنڌ جا دروازا اهڙن نووارد ماڻهن تي بند ڪري ڇڏڻ گهرجن." شيخ صاحب چيو ته "مهاجرن کي سنڌي سکڻ لاءِ اجا تائين ڪو موقعو ڪونه ملي سگهيو آهي." تنهن تي اسان شيخ صاحب کي چيو ته "سائين مهاجرن کي سنڌ ۾ پنجويهه سال گذري چڪا آهن، ڇا هنن کي سنڌي سکڻ لاءِ اهو عرصو ڪافي ڪونه هيو؟"

"منهنجو مطلب آهي ته اسان جي طرفان هنن کي سنڌي سيکارڻ لاءِ اهڙي ڪا خاص منظم ڪوشش ڪانه ڪئي وئي آهي."

"سائين اوهان جي خيال موجب سنڌين کي ڪهڙيءَ سياسي پارٽي ۾ شامل ٿيڻ گهرجي؟" اسان شيخ صاحب کان سوال ڪيو.

"سنڌي مسلمان پارٽيون ڪڏهن کان سمجهڻ لڳا آهن؟" شيخ صاحب سوال جي جواب ۾ سوال ڪندي فرمايو ته ، "سنڌ جي سياست تي وڏيري جو اثر رهيو آهي."

شيخ صاحب سان گفتگو هلي رهي هئي ته سندس نياڻي خديجه بيگم ڪمري ۾ داخل ٿي ۽ ڪلي چيائين "بس، اوهان بابي کي ٿڪائي وڌو آهي." شيخ صاحب جن جي نياڻي پنهنجي والد بزرگوار جي صحت ۽ آرام جو تمام

گھڻو خيال رکندي آهي. شيخ صاحب کيس پنهنجو "پرسنل گارڊ" ڪوٺيندا آهن. اسان آپا خديجہ کان معافي ورتي ۽ شيخ صاحب کان موڪلائڻ کان اڳ سندن مبارڪ هٿن مان چانهہ جو گرمر ڪوپ وني پيتو جنهن جو وڻندڙ ذائقو اجا تائين اسان جي زبان تي موجود آهي."

هن انٽرويوءَ ۾ شيخ صاحب ٻہ ٽي تمام اهم ڳالهيون ڪيون آهن. سندس اهي لفظ ڪيڏا نہ دل ڇهائيندڙ آهن تہ "اسان غريب ماڻهو آهيون. اسان وٽ خوشي ۽ غم گڏوگڏ رهن ٿا. اهڙو ڪو خوشيءَ جو وقت ئي ڪونہ ٿو سجهي جنهن ۾ ڪونہ ڪو غم نہ هجي."

ساڳيءَ ريت، سندس هيءَ ججمينٽ بہ ويهينءَ صديءَ جي سنڌ جي تاريخ تي مهر آهي تہ ، "سنڌي مسلمان پارٽيون ڪڏهن کان سمجهڻ لڳا آهن؟ سنڌ جي سياست تي تہ وڏيري جو اثر رهيو آهي."

شيخ صاحب سنڌ جي وچولي طبقي ۾ پيدا ٿيو. پنهنجن اصولن، ايمان جي قوت ۽ عقيدي جي زور سان اڳتي وڌيو. وڏيرڪي ماحول سان ٽڪر کاڌائين. هڪ تاريخي اليڪشن ۾ سوڀ حاصل ڪيائين. سنڌ جي سطح تان اُڀري، آل انڊيا قيادت ۾ شمار ٿيڻ لڳو. الهہ آباد جي يونٽي ڪانفرنس ۾ پنهنجيءَ شخصيت جي عظمت مڃايائين. تازو، سر سيد احمد خان جي قائم ڪيل ايجوڪيشن ڪانفرنس جي جانشين الطاف علي بريلويءَ (مرحوم) جي ياد گيرين جو ڪتاب ڇپيو آهي. هڪ هنڌ لکيو اٿس تہ ان زماني ۾ راولپنڊيءَ ۾ آل انڊيا ليول جي هڪ ٻي بہ ڪانفرنس ٿي هئي، جنهن ۾ ابوالڪلام ۽ سيد سليمان ندويءَ جي ليول جا عاليٰ اڳواڻ شريڪ ٿيا هئا. سنڌ جي نمائندگي شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ ڪئي هئي.

ايڏو وڏو ماڻهو بہ سنڌ جي سنگلاخ زمين تي پير کوڙي نہ سگهيو. سنڌ ۾مسلم ليگ جي پايي وجهندڙن مان هو، پر پاڪستان بنجڻ کانپوءِ، وڏيرن کيس ڌڪا ڏيئي پوئتي هٽائي ڇڏيو. پاڻ اڳتي وڌيا ۽ اڳئين کان اڳرا ٿي ويا. پير علي محمد راشديءَ پنهنجي ڪتاب "اهي ڏينهن اهي شينهن" ۾ هڪ هنڌ لکيو آهي تہ انگريزن جي ڏينهن ۾ گوري صاحب بهادر جو پٽيوالو وڏيرن جون جتيون لهرائي، ڪهن پيرين اگهاڙو صاحب جي اڳيان پيش ڪندو هو. پر

اڄڪلهہ اهي ئي وڏيرا ويهن ويهن هزار روپين جي قيمت جا ولائتي بوٽ پيرن ۾ پائڻ لڳا آهن. هڪ دوست کان پڇيم تہ ان بوٽ جي کهڙي خاص ڳالهہ آهي، جو ايڏي قيمت اٿس؟ چيائين تہ لنڊن جو اهو بوٽ ٺاهيندڙ پهريائين پير جو ايڪس ري ڪرائيندو آهي تہ جيئن بوٽ پير جي هڏن جي صحيح ماپ موجب تيار ڪري. ان تي هڪ ڳالهہ ياد آيم. پوئين دفعي جڏهن ڳوٺ ويس، تہ حيدرآباد مان صوفن جو مربو وٺي ويس. بابا سائينءَ کي وڻندو هو. سدائين برنيون صوفن جي مربي جون گهر ۾ رکيل هونديون هيون. هاڻي مربي جو اهو رواج ختم ٿي ويو آهي. پر مان اجا تائين ننڍپڻ جي اثر ڪري، صوفن جو مربو ڪڏهن ڪڏهن خريد ڪندو آهيان.

جڏهن ڳوٺ پهتس تہ هڪ غريب مائٽياڻي بہ ملڻ آئي. مون پيڻ کي چيو تہ مربي جي برنيءَ مان هڪ صوف ڪڍي هن مائيءَ کي ڏي. مائيءَ مربو وٺي، رئي جي پَلوَ سان ڍڪيو ۽ چيائين تہ ابا منهنجو ناني ڏاڍو بيمار آهي. تن ڏينهن کان ڪجهہ کونہ کاڌو اٿس. سو، ان کي وجي ٿي کارايان تہ من وٽيس ۾ وات جو ذائقو مٽجيس. مون پڇيس تہ ڇا ڪندو آهي؟ چيائين تہ هارپو ڪندو هو. پر گهڻي زماني کان سلهہ جي بيماريءَ ڪري بستري ۾ داخل آهي. مون چيس تہ نوابشاهہ جي وڏيءَ اسپتال ۾ وجي، ڦڦڙن جو ايڪسري ڦوٽو ڪڍائي. چيائين تہ اڙي ابا غريبن وٽ نوابشاهہ جي سفر، ڦڦڙن جي ڦوٽن ۽ علاج جا پئسا ڪٿان آيا؟

آزاديءَ ڪانپوءِ سنڌ ۾ تمام سنو شعر چيو ويو آهي. پر ان ۾ عبدالڪريم گدائيءَ جي هڪ سٽ مون کي سون ۽ چانديءَ جي ڍير ۾ ڪوهہ نور هيري وانگر چمڪندي نظر ايندي آهي:

"آزادي آئي پر ماڳ نہ موٽي مارئي"

پوين ڏينهن ۾، شيخ صاحب جو ساٿي شيخ صاحب جو لڪڻ هوندو هو. ڪيس اڪيلو ئي اڪيلو، حيدرآباد جي سڙڪن تي پيادل هلندو ڏسي، منهنجي دل پرچي ايندي هئي. هيءَ ساڳيو ئي ماڻهو هو، جنهن جي تعريف ۾ علي برادران جهڙين هستين "سولجر آف اسلام" جي عنوان سان مضمون لکيا هئا، ۽ جڏهن سکر جي جيل ۾ بند هو، تہ جيل جو طواف ڪندي، "شيخ عبدالمجيد سنڌي زنده باد" جا نعرا هنيا هئائون. سنڌ جيڏي ئي ڪيس وساري ڇڪي هئي.

سنڌ جي بي رحم معاشري ۾ هر با اصول ۽ ايماندار انسان جو گذران ڏاڍو ڏکيو آهي.

هڪ دفعي اهڙو ته ڏتڙ جي ويو، جو رحيم بخش سومري مون سان ڳالهه ڪئي ته پير حسام الدين راشديءَ کيس گهرائي رازداريءَ ۾ چيو ته شيخ صاحب کي وڃي ڪجهه مالي مدد ڏيئي اچو. رحيم بخش چيو ته مان ۽ حاجي مولا بخش سومرو گڏجي شيخ صاحب وٽ وياسون ۽ کيس ادب سان ڪجهه رقم پيش ڪئيسون. اکين ۾ پاڻي اچي ويس. چيائين ته "اوهان هيءَ تڪليف ڇو ڪئي؟"

چوندا آهن ته اڳياڙي ان جي سرهي، جنهن جي پڇاڙي سرهي. شيخ صاحب ديندار ۽ نيڪ انسان هو. قدرت سندس دعا ٻُڌي. سندس اولاد صالح ٿيو ۽ پنهنجن پيرن تي بيٺو. ڪنهن جي به محتاجي ڪانه ڏنائين.

شيخ صاحب جن هي جهان ڪڏهن ڇڏيو، سو مون کي ياد ڪونه آهي. سندس لائق وارثن عقل جو ڪم ڪري. سندس ابدي آرامگاهه لاءِ مڪليءَ جي ٽڪريءَ کي منتخب ڪيو. اتي سنڌ جي جليل القدر عالم مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي پيرانديءَ ۾ شيخ صاحب کي جاءِ ملي.

پوين ڏينهن ۾ پير حسام الدين راشدي پنهنجيءَ تربت لاءِ مڪلي ٽڪريءَ تي مختلف هنڌن جو معائنو ڪندو رهندو هو. آخرڪار سوچ ويچار ڪري، پنهنجي تربت لاءِ به شيخ صاحب جي پاسي جاءِ منتخب ڪيائين. سنڌ جا هي ٻئي جليل القدر فرزند هاڻي هڪٻئي جي پاسي ۾ ابدي آرام ۾ آهن.

حاجي مولا بخش سومرو

سنڌ ۾ سومرن جي بادشاهيءَ کان پوءِ ڪين تاريخ ۾ وري جيئرو ڪرڻ واري شخص جو نالو هو خانبهادر الله بخش سومرو. مون کي سندس زيارت نصيب ڪانہ ٿي. اجا ٻار هوس، جو خانبهادر شهادت جو جام پي، رب کي پيارو ٿي چڪو هو.

ابوالڪلام آزاد، ”انڊيا ونس فريڊم“ ۾ لکيو آهي تہ ”ٻيءَ مهاڀاريءَ لڙائيءَ وقت، انگريزي حڪومت جي نمائندي، سر اسٽئفورڊ ڪرپس، هندستان جي دوري ۾، مسلم ليگي ۽ ڪانگريسي اڳواڻن، ڏيهي رياستن جي والين کان علاوه خانبهادر الله بخش سومري، چيف منسٽر سنڌ سان پڻ ملاقات جو پروگرام رٿيو هو. خانبهادر دهليءَ ۾ قوم پرست مسلمانن جي ڪانفرنس جي صدارت ڪرڻ کان پوءِ هندستان ۾ غير معمولي اهميت حاصل ڪري ورتي هئي. نہ فقط هندستان ليڪن انگلنڊ جي اخبارن انهيءَ ڪانفرنس جي واکاڻ ڪئي هئي.“

خانبهادر الله بخش سومرو واقعي وڏو ماڻهو هو. سنڌ جي تاريخ نويس کي ناموريءَ جي محلات ۾، سندس ڪرسي، شايد دودي سومري، دولهہ دريا خان، مخدوم بلاول ۽ شاهہ عنايت شهيد سان گڏ وجهڻي پوندي.

بهرحال، قدرت مون کي اها سعادت نصيب ڪئي تہ شهيد الله بخش جي خاندان سان منهنجو قرب ۽ سڪ جو رستو قائم ٿيو. مرحوم پير حسام الدين راشديءَ جي رحيم بخش سومري سان گهري گهاٽي سنگت هئي، ان ڪري پير صاحب جي ڪري منهنجي بہ ساڻس واقفيت ٿي، جنهن اڳتي هلي ياڻپيءَ جو روپ ورتو. حاجي مولابخش سومرو، رحيم بخش خان جو چاچو بہ ٿئي ۽ سهرو بہ. سو، رحيم بخش جي توسط سان خود صاحب سان بہ منهنجو نياز منديءَ جو رستو قائم ٿيو. مون پنهنجيءَ زندگيءَ ۾ جيڪي غير معمولي ماڻهو ڏٺا آهن، تن ۾ حاجي صاحب وڏي حيثيت رکي ٿو.

رحيم بخش سراسر مکڻ ماکيءَ مان ٺهيل منو ماڻهو آهي، ان ڪري ڪنهن سان بہ نهڪر ڪري ڪونہ سگهندو آهي. هر ڪنهن کي دم دلاسو. ڪنهن جو ڪم ٿئي تہ پاڻ وڏو وس ڪندو. هو سوڀل ٻي ميار آهي. هڪ دفعي مون کي چيائين تہ ”اسان الله سان واعدا پورا ڪونہ ڪيا. جي ماڻهن سان نہ ڪياسين، تہ مڙئي خير آهي.“ سندس انهيءَ قلندرانہ طبيعت ڪري، سندس

ڳالهه تي ڪي ماڻهو پورو سارڻ پروسو ڪندا آهن. پر حاجي صاحب هيڪر واعدو ڪيو تہ پوءِ ان تي پختو بيهندو. مٿانئس ٻلي ڪرڻ جو نہ وهي وڃن، پر پنهنجيءَ ڳالهہ تان هٽندو ڪونہ. سچ ڳالهائڻ سندس ايمان جو جزو آهي.

موجوده دور ۾ ڊپلوميسي ايتري تہ وڌي ويئي آهي جو ڪوڙ کي ڪير بہ برو ڪونہ ٿو ڀانئي. بلڪ جو اهو ٻڌڻ ۾ اچي تہ فلاڻو ماڻهو سورهن آنا سچ ڳالهائي ٿو، تہ اها ڳالهہ ٻڌي البت عبرت وٺندي.

حاجي صاحب جي سچائيءَ جا مون ڪيئي ثبوت ڏٺا. هڪ دفعي پاڻ مارشل لا حڪومت ۾ وفاقي وزير هجي ۽ مان سنڌ يونيورسٽيءَ جو پرو وائيس چانسيلر هجان. خبر ناهي تہ ڪنهن جي پڙڪائڻ تي يا خود بخود وائيس چانسيلر کي چو اچي دل ۾ اهو خيال ويٺو تہ ڪا اٽڪل ڪري، پرووائيس چانسيلر جو عهدو ختم ڪرايان مون کي ان ڳالهہ جي ڪٽڪ پئجي ويئي، سو حاجي صاحب کي ٻڌايم تہ هيئن منهنجي وائيس چانسيلر جي نيت نيڪ نہ آهي. حاجي صاحب چيو تہ "مون کي نوٽ ناهي ڏي تہ ملڪ جي صدر کي ڏيان تہ ڳالهہ پڌري ٿي پوندي." مون حاجي صاحب کي گهربل نوٽ تہ ڏنو، پر دل ۾ چيم تہ حاجي صاحب ڪيڏو بہ سچو ۽ ڀلو ماڻهو چو نہ هجي، پر آخر ڪيس کهڙو لاچار پيو آهي، جو ملڪ جي صدر تائين مون جهڙي غريب جي ڳالهہ پهچائي. سو، ڳالهہ کي وساري ڇڏيم. ٻہ ٽي مهينا گذريا تہ ڪراچيءَ مان فون آئي تہ "حاجي صاحب سان اچي ملي وڃي." جڏهن ساڻس مليس تہ پنهنجي پرائيويٽ سيڪريٽريءَ کي چيائين تہ "رباني‌ءَ کي فائيل پڙهاءِ." فائيل ۾ مون وارو نوٽ رکيو هو، جنهن تي سنڌ جي مارشل لا ائڊمنسٽريٽر ۽ ان جي مٿان پاڪستان جي صدر جا سندس هٿ اکرن ۾ نوٽ لڳل هئا تہ "في الحال اسان کي پرووائيس چانسيلر جي عهدي کي خودبخود ختم ڪرڻ جو تہ ڪوبہ ارادو ڪونهي."

اهو ڏسي مون کي پير صاحب جا حاجي صاحب بابت چيل لفظ ياد آيا ۽ اعتبار آيم تہ اڃا هن جڳ ۾ سچا انسان پيا آهن.

ان واقعي کان ٻہ ٽي مهينا پوءِ، مان وائيس چانسيلر سان گڏ، سندس بنگلي ۾ ويٺو هوس، تہ موٽر ۾ ٻہ ماڻهو ريسٽ هائوس ۾ اچي لٿا ۽ وائيس چانسيلر کي نياپو آيو تہ اسلام آباد مان ٻہ عملدار ڪنهن اهم ڪم سان آيا آهن. هو گهٻرائجي، تڪڙو تڪڙو، ساڻن ملڻ ويو ۽ موٽي اچي مون کي

حاجي مولا بخش سومرو

شهيد الله بخش سومرو

چيائين تہ "مون توکي انهن عملدارن کي ڏسڻ شرط چيو هو تہ خير ڪونهي." ائين چئي هڪ ڪاغذ ڪڍي منهنجي اڳيان رکيائين. مهراڻ اخبار جي ايڊيٽر (مرحوم) سيد سردار علي شاهہ، سنڌ جي اٽويهن ويهن، ننڍين وڏين تنظيمن، جي عهديدارن جي صحيحن سان هڪ درخواست پاڪستان جي صدر کي موڪلي هئي تہ اوهان يونيورسٽيءَ ۾ هڪ اهڙي ماڻهوءَ کي وائيس چانسيلر جهڙي عهدي تي رکيو ويٺا آهيو، جنهن جا خود سنڌس لکيل ڪتابن ۾ دين ڌرم بابت نظريا اجهو هيءُ آهي... وغيره وغيره.

مون وائيس چانسيلر کي آئت ڏنو تہ، "اوهان گهٻرايو نہ. اها درخواست منهنجي حوالي ڪيو. مان پاڻيهي ان جو جواب ناهي صبح سان اوهان کي ڏيندس." وائيس چانسيلر درخواست منهنجي حوالي ڪري، پاڻ وڃي گهر آرامي ٿيو. مون دل ۾ سوچيو تہ سيد سردار علي شاهہ ڳالهہ تہ سچي ڪئي آهي، پر مون کي پنهنجي پراڻي ساٿيءَ جو بچاءُ ڪرڻو آهي. سو مان بہ سويرو ستس ۽ سويرو اٿيس.

اڃا آسمان ۾ پرهہ ڪا نہ ڦٽي هئي تہ وائيس چانسيلر جي خلاف اسلام آباد مان آيل درخواست ڪڍي، ان کي اکر اکر ڪري، غور سان پڙهيم ۽ پوءِ ان جو ستر صفحن ۾ جواب ويهي لکيم. سج ڪني ڪڍي تہ وائيس چانسيلر جي سيڪريٽريءَ کي ڪاغذ ڏيئي چيم تہ "جواب تيار آهي. ٽائيپ ڪري رک. جيئن ئي وائيس چانسيلر صبح سان گهران تيار ٿي ٻاهر نڪري تہ ڪيس پيش ڪر."

چوندا آهن تہ چڱائي ڪرڻ چڱو ڪم آهي سو، وائيس چانسيلر سان، صبح مرداني، اها ونگار وهي، مان پنهنجي گهر هليو ويس. اتان تيار ٿي پنهنجيءَ آفيس ۾ پهتس ۽ وائيس چانسيلر کي فون ڪيم. چيائين تہ "جواب بلڪل ٺيڪ آهي، پر ان ۾ ڪي ٿوريون درستيون ڪري، آخرين شڪل ڏيئي، توکي سڏيان ٿو." منجهند جو ٻي ٻجي مان جڏهن گهر موٽيس، تہ وائيس چانسيلر چيو تہ "بس جواب تہ ڪجهہ لفظن جي مٽا سٽا ڪانپوءِ تيار ٿي ويو. پر اسلام آباد مان آيل عملدار تمام تڪڙا هئا. سو جواب ڪڍي فوراً روانا ٿيا." مون کي اهو ٻڌي، البت حيرت لڳي، تہ مون هيتري محنت ڪئي، صبح سان پنهنجي ننڊ ڦٽائي، گهٽ ۾ گهٽ جواب جو آخرين مسودو مان بہ تہ ڏسان ها. خير، مون ڳالهہ وساري ڇڏي.

مهيني کن کان پوءِ حاجي صاحب ڪراچيءَ مان حيدرآباد آيو خانہ فرهنگ ايران ۾ ڪيس هڪ جلسي جي صدارت ڪرڻ هئي. مون کي يونيورسٽيءَ مان گهران اچي ساڻ ڪنيائين ۽ چيائين تہ ”توسان رستي تي پنهنجي منهن ڪجهہ ڳالهائڻو اٿم.“ جڏهن ڪار ۾ اڪيلا ٿياسين تہ چيائين تہ مهينو کن اڳ ڪراچيءَ مان اسلام آباد وڃي رهيو هوس تہ بہ ماڻهو هڪ سنڌي ۽ ٻيو غير سنڌ هوائي جهاز ۾ مون سان اچي مليا. پڇيو مانِ تہ ڪير آهيو؟ چيائون تہ اسلام آباد ۾ سرڪاري ملازمت ڪندا آهيون. سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسيلر خلاف هڪ درخواست صدر پاڪستان کي پهتي هئي، ان جي جاچ لاءِ حيدرآباد ويا هئاسون. حاجي صاحب پڇين تہ پوءِ جاچ ڪيوَ؟ چيائون تہ، ”بس اسان تہ وائيس چانسيلر کان جواب طلبي ڪئي، جنهن هڪ مفصل جواب لکت ۾ ڏنو آهي، جنهن ۾ پاڻ تي لڳل تهمتن جو جواب ڏنو اٿس ۽ آخر ۾ سفارش ڪئي اٿس تہ يونيورسٽيءَ ۾ خرابي جو اصل ڪارڻ پرو وائيس چانسيلر جو عهدو آهي، جنهن کي فوراً ختم ڪيو وڃي.“

اها ڳالهہ ٻڌي مون کي حاجي صاحب جي سچائيءَ جو ٻيو ثبوت مليو ۽ ساڳئي وقت اهو بہ سمجهہ ۾ آيو تہ وائيس چانسيلر مون کان درخواست جو جواب ڇو لڪايو هو.

مان وائيس چانسيلر جي اهڙن افعالن ڪري ڪڪ ٿي، استعيفا ڏيئي، سنڌي ادبي بورڊ ۾ موٽي هليو آيس. هڪ رات حاجي صاحب اچي منهنجو مهمان ٿيو. پاڻ تڏهن وفاقي وزارت کان آجو ٿي چڪو هو. ۽ سندس پٽ الاهي بخش خان سومرو وزير ٿيو هو ان رات دل کولي ڪچهري ڪئي سون. فرمائش ڪيائين تہ ڪريلن جي ڀاڄيءَ، چانورن ۽ ڪير کان سواءِ ٻيو ڪجهہ ڪونہ ڪائيندس. پنهنجي ڪٽ پاڻ ڪليل صحن ۾ وڇهايائين ۽ آهلي پيو. مان ڪرسي ڪٽي سندس پرسان ويٺس. ڏکڻ جي هوا پئي لڳي. زندگيءَ جا عيجب عجيب قصا ٻڌايائين. مرحوم حڪيم بصرالدين سيوهاڻيءَ جو ذڪر نڪتو. چون ٿا تہ اهو بزرگ علامہ آءِ. آءِ.قاضيءَ کان اڳ، ويهينءَ صديءَ جي آغاز ۾، سنڌ جي وڏي ۾ وڏي شخصيت هو. حاجي صاحب سندس معتقد هو. مون کي سندس پرهيز گاريءَ ۽ عظمت جا ڪيئي قصا ٻڌايائين. هڪ اهو تہ خيرپور جي وزير کي چڻيءَ جي بيماري ٿي پيئي، جنهن جو هندستان جي نالي حڪيم اجمل

خان کان علاج ڪرايائين. بيماري تہ ڇڏي ويس، پر ڇهري تي نشان رهجي ويس، جي آخرڪار حڪيم بصيرالدين جي علاج سان لٿس. خوش ٿي، حڪيم بصيرالدين کي هڪ عمدو چنسالي وارو ڪپڙ دوائن رکڻ لاءِ ڏنائين ۽ هزار ايڪڙ جاگير جو پروانو.

تن ڏينهن ۾ درياهہ تي پُليون ڪونہ هونديون هيون، سو حڪيم صاحب ٻيڙيءَ رستي درياهہ پار ڪيو. جڏهن ٻيڙي وچ سير ۾ آئي تہ ماڻهن کي حڪم ڪيائين تہ ڪپڙ درياهہ ۾ اڇليو. اهو ڪم پورو ڪري، جاگير جو پروانو ڦاڙي، پاڻيءَ ۾ لوڙهي ڇڏيائين. جڏهن سندس معتقدن پڇيو تہ، "هي ڇا ڪيوَ؟" تہ جواب ڏنائين تہ "بابا مون جهڙي فقير کي اهڙن عمدن ڪپڙن جي ڪهڙي ضرورت؟ ۽ جي اها جاگير ويهي سنڀاليان تہ پوءِ الله جو نالو ڪيڏيءَ مهل وٺندس. منهنجو تہ سچو وقت زمينداريءَ جي خفن ۾ گذري ويندو."

حاجي صاحب، حڪيم بصرالدين سيوهاڻيءَ جو ٻيو قصو هي ٻڌايو تہ نورمحمد مغل نالي سندس هڪ معتقد هوندو هو، جو سيوهڻ جي ڪورٽ ۾ سرشتيدار هوندو هو. ڪورٽ مان واندو ٿي، گهران ماني کائي، حڪيم صاحب جي حجري تي ايندو هو، جو هڪ ڪچيءَ ڪوٺيءَ ۾ هو. هڪ دفعي سج لٿي جي مهل هئي، جو حڪيم صاحب اندران هڪل ڪئي: "نورا." نور محمد مغل "حاضر سائين" چوندو، اندر ويو. حڪيم صاحب چيس تہ ڦلاڻيءَ مسجد ۾ هڪ شخص وېٺو آهي، جو ڪنهن مشڪل ۾ آهي. الله کي ٻيو ٻاڏائي. ڪيس مون وٽ وٺي اچ. نور محمد وڃي، انهيءَ مسافر کي وٺي آيو. مسافر حڪيم صاحب سان حالي احوالي ٿيو. نور محمد اٿي حسب دستور ٻاهر دروازي تي ويٺو. ڪجهہ دير ڪانپوءِ ٻيهر حڪيم صاحب جي هڪل ٿي "نورا". نورمحمد چيو تہ "حاضر سائين." حڪيم بصرالدين فرمايو تہ "اڄ رات جو هڪ شخص مون سان ملڻ ايندو. ڪيس ادب سان اندر ڪوٺيءَ ۾ وٺي اچج." نور محمد حڪم ٻڌي، چائنٺ تي ويٺو رهيو. اڌي رات ٿي تہ ڇا ڏسي تہ ها ٻيلي، اڇن سفيد ڪپڙن ۾ هڪ ڊگهو قداور شخص آهي، سو پيو اچي. ان زماني ۾ سيوهڻ ۾ بجلي ڪانہ هوندي هئي، سو نورمحمد ان شخص کي اوندهہ ۾ چٽو ڏسي، ڪونہ سگهيو. پر پاڻ ڪيس ڪجهہ چوي ئي چوي، ان کان اڳ ان شخص نہ ساڄي ڏٺو نہ کاٻي، نہ وري نورمحمد کي ڪجهہ چيائين. سڌو ئي سڌو

حڪيم بصرالدين جي ڪمري ۾ اندر هليو ويو. ڪا دير اندر هو. پوءِ ٻاهر نڪتو ۽ جيئن آيو هو، تيئن واپس هليو ويو. ڪجهه دير ڪانپوءِ، اهو پرديسي مسافر ٻه ٻاهر نڪتو ۽ پنهنجي منهن هليو ويو. جڏهن ٻئي هليا ويا ته حڪيم بصرالدين نورمحمد کي ٻه گهر وڃڻ جي اجازت ڏني.

ٻئي ڏينهن نورمحمد حسب دستور منجهند جو وري اچي حڪيم صاحب جي در تي ويٺو. حڪيم صاحب کيس ڏسي چيو ته، "نورا، رات جيڪو شخص آيو هو، ان کي سڃاتئي ته ڪير هو؟" نورمحمد ادب سان چيو ته "سائين، مون کي ڪهڙي خبر؟" ان تي حڪيم صاحب فرمايو ته "پرديسي مسافر جو جيڪو ڪم هو، سو منهنجي ڪرڻ کان زور هو. سو لاچار ٿي، قلندر شهباز جي روح کي تڪليف ڏنم."

آءٌ حاجي صاحب جي واتان اهو قصو ٻڌي حيرت ۾ پئجي ويس. رات لڙي چڪي هئي. ڪانئس اجازت ورتم. حاجي صاحب ٻه آرامي ٿيو. پر مان بستري تي ليٽڻ ڪانپوءِ ٻه ڪجهه دير تائين ان ڳالهه تي ويچار ڪندو رهيس.

ٻئي ڏينهن ساڻس ڪار ۾ گڏ ڪراچيءَ هليو ويس. رات جو پير حسام الدين راشديءَ وٽ ماني ڪائيندي، ساڻس اهو احوال ڪيم. ان جو خاص سبب اهو هو، ته پير صاحب عقيدي جي خيال کان روشن خيال ماڻهو هو ۽ اهڙين ڳالهين کي مڃڻ وارن ماڻهن مان ڪونه هو. مون سمجهيو ته ڳالهه ٻڌي، ٻه ٽي ٽهڪ ڏيندو، پر منهنجي حيرت جي حد نه رهي، جڏهن انتهائي سنجيدگيءَ سان مون کي چيائين ته، "اهو ممڪن آهي. روح هن دنيا ۾ اچن ٿا."

حاجي صاحب ٻئي هڪ موقعي تي ٻڌايو ته هڪ دفعي سر شاهنواز ڀٽو چونڊن ۾ بيٺو. اسان پاڻ ۾ گڏجي حڪيم بصرالدين صاحب وٽ دعا لاءِ وياسين ته سر ڀٽو چونڊن ۾ ڪٽي. دعا لاءِ هٿ کنيائين، پر اسان کي اتي ئي چيائين ته "دعا موٽي آئي. سر ڀٽو چونڊن ۾ هارائيندو." اهو ٻڌي اسان ڏاڍا ڏڪوئجي وياسين. اهو ڏسي چيائين ته، "چڱو وڃو. سر ڀٽو چونڊن ۾ ته ڪونه کٽندو، پر سندس گهٽتائي ٻه ڪانه ٿيندي." اها ڳالهه اسان کي سمجهه ۾ ڪانه آئي! بهرحال ڪانئس موڪلائي آياسين. چونڊون ٿيون. قدرت جو رنگ ڇئجي، جو هڪ طرف سر ڀٽو چونڊن ۾ ڪريو ۽ ٻئي طرف کيس سرڪاري آرڊر اچي مليو ته "توکي وائيسراءِ جي جهونا ڳڙهه ڪائونسل جو ميمبر مقرر ڪجي ٿو."

حاجي صاحب ٻڌايو تہ حڪيم بصرالدين عربي ۽ انگريزيءَ جو وڏو عالم هو. اهو ٻڌي شوق ٿـي پيـم تـہ سـندس ڪتـاب پڙهـان. سيوهڻ ۾ حڪيـم بصرالدين صاحب جي اولاد مان حڪيم محمد مراد سان وڃي مليس. پـاڻ قـرب ڪري، حڪيم بصرالدين جو هڪ عربي ڪتاب مون کي ڏنـائين. عربـي مـون کي ڪانہ اچي، سو مون اهو ڪتاب حيدرآباد ۾ عربي ۽ سنڌي ڄاڻندڙ هڪ بـوري بـزرگ کي ترجمي لاءِ آڇيو، تـہ مهراڻ رسالي ۾ ڇپـائيندس. پـر بـوري بزرگ جيڪا رقم گهري، ان جي ادا ڪرڻ جي مـون ۾ طـاقت ڪانـہ هئـي، چنانچ، حڪيم صاحب جي ڪتابن پڙهڻ جي حسرت دل ۾ ئي رهي. اوچتو مون کي ياد آيو تہ سنڌي ادبي بورڊ جي لائبريريءَ ۾ خدا جي وحدانيت تي انگريزيءَ ۾ ٽائيپ ٿيل هڪ مقـالو ڏنـو هئـم. اهـو مقـالو مـون لاءِ هميشـہ ڪشـش ۽ مونجهاري جو باعث رهيو هو، ڇو تہ متن مصنف جو نالو لکيل ڪونہ هو. فقط پيين سان انگريزيءَ ۾ ڪنڊ تي لکيل هو، "حاجي صاحب جي ڪاپي." مون کي اچي شڪ جاڳيو تہ اها پڪ ئي پڪ حڪيم بصيرالدين جي تحرير هئي، ۽ حاجي صـاحب مـان مراد حاجي مولابخش سومرو هو. اجـا جـو جـاچ لـڌم تـہ منهنجي گمان جي سورهن آنا تصديق ٿـي. پر ان وچ ۾ مـان سـنڌي ادبـي بـورڊ ڇڏي آيو هوس. ائيـن پـانيم تـہ حڪيـم صـاحب جي تحرير پڙهڻ جي سعادت منهنجي قسمت ۾ ڪانہ هئي.

مون حاجي صاحب تي هي مضمون لکي پورو ڪيو تہ سندس علالت جـو ٻڌم. ڪراچيءَ ويس. ڪمزور ٿي ويو هو. ڪاٺڻ پيـٺڻ ڇڏي ڏنـو هـئـائين. انهـيءَ هوندي بہ ناهوڪي ڪچهري ڪيائين. سال کن ڪان پوءِ سندس رحلـت جـي اوچتي خبر مليم. ڏاڍو ڏک ٿيم. حاجي صاحب جهڙا سچا انسـان هـاڻي ڪٿـي آهن! پاڪسـتان سـرڪار وٽ ادب، آرٽ، بهـادري ۽ ٻيـن اهـڙن ڪارنـامن لاءِ ستاره امتياز ۽ هلال پاڪستان جهڙا اعليٰ اعزاز آهن. سرڪار وٽ سچ ڳالهـائڻ لاءِ بہ ڪو اهڙو اعزاز هجـي هـا تـہ ملـڪ ۾ ان جـو پهريـون مسـتحق حـاجي مولابخش خان سومرو هجي ها.

نواب نور احمد خان لغاري

مان ستن اٺن ورهين جو پار هئس، جو تاجپوري نوابن جو نالو ڪن تي پيم. اسان جي ڳوٺ اڳرا کان ميل ڪن پري، محبت ديري جتوئيءَ جو ننڍو شهر آهي. اتي بابا سائينءَ جو هڪ دوست رهندو هو عبدالعليم شاهه. گاهي ماهي جڏهن ٻنهي ڄڻن جي ملاقات ٿيندي هئي، تہ چاچو عبدالعليم شاهه اڪثر ڪري تاجپوري نوابن جو ذڪر ڪيندو هو. اهڙيءَ ريت، مون پهريون دفعو نواب ولي محمد خان ۽ نواب گل محمد خان تاجپوريءَ جا نالا ٻڌا ۽ دل تي اهو تاثر ويٺم تہ سنڌ ۾ تاجپوري نوابن جو هڪ وڏو خاندان آهي، جو علم پرور ۽ مهمان نواز آهي.

ان ڳالهہ کي چاليهارو کن ورهيہ گذري ويا. سن 1974ع ڌاران مان سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽر هوس. سنڌ يونيورسٽي ڪيمپس تي، ڪراچيءَ کان اسلام آباد ويندڙ قومي شاهراهہ تي، بورڊ جي احاطي اندر، سيڪريٽريءَ جي بنگلي ۾ رهندو هوس. خانہ فرهنگ ايران جي ڊائريڪٽر آغا يوسف ڪيوان شڪوهيءَ سان گهري گهاٽي سنگت ٿي. اڪثر ڪري آفيس جي ڊيوٽي ڏيئي، لطيف آباد ۾ خانہ فرهنگ هليو ويندو هوس، جتي منجهند جي ماني، شڪوهيءَ وٽ کائي، سمهي پوندو هوس. شام جي چاءِ پي، شڪوهي ۽ مان ڄامشوري ايندا هئاسون. جتي منهنجي گهر جي اڳيان، ڪرسيون ڪڍي، کليل ميدان ۾ ڪچهري ڪندا هئاسون ۽ بعضي رات جي ماني بہ گڏ کائيندا هئاسون. اونهاري جي مند هوندي هئي، ٿڌڙي هوا گهلندي رهندي هئي، چنڊ اڀري ايندو هو. سامهون قومي شاهراهہ تي ڪراچيءَ کان اسلام آباد ويندڙ موٽرن، بسن ۽ ٽرڪن جي بتين جي جهرمر لڳي پيئي هوندي هئي. ڏاڍو لطف ايندو هو. اهي ڪچهريون عمر ڀر، نہ شڪوهيءَ کان وسري سگهنديون ۽ نہ مون کان.

هڪ دفعي ڪچهري ڪندي، شڪوهيءَ ٻڌايم تہ انجمن ايران پاڪستان دوستيءَ جي حيدرآباد برانچ ٺهي آهي، جنهن جو صدر ۽ سرپرست آهي، تاجپور جو نواب نور احمد خان لغاري. اهو هو نواب صاحب سان منهنجو پهريون پهريون غائبانہ تعارف. پهرين پهرين ملاقات ڪڏهن ۽ ڪٿي ٿي، سو هاڻي ياد ڪونهيم. پر ايترو ياد اٿم تہ خانہ فرهنگ حيدرآباد جي پايي وجهندڙ، سنڌ جي تاريخ جي ممتاز عالم ۽ منهنجي محسن، مرحوم پير حسام الدين راشديءَ هڪ دفعي کلي مون کي چيو تہ، "بابا، اهو نواب نور احمد خان لغاري ڪير آهي؟ ٻڌو اٿم تہ شڪوهيءَ وارن کي ڏاڍيون دعوتون ٿو ڪارائي. پاڻ کي تہ پڇي ئي ڪونہ ٿو!"

ستت ئي نواب صاحب اسان کي دعوت ڪارائي. پر ان ڪان اڳ خانه فرهنگ ۾ سندس زيارت نصيب ٿي. عمر پنجاهه پنجونجاهه ورهين جي پيٽي ۾. منهن مهانڊا سراسر معصوميت جي تصوير. اکين ۾ حياءُ. منهن تي مرڪ. گول چهرو. ننڍي ٺهندڙ ڏاڙهي. بدن هلڪو. لباس گهڻو ڪري سفيد رنگ جي سلوار قميص. سياري ۾ ان جي مٿان نيري يا ناسي رنگ جي انگريزي ڪوٽ پائيندو هو. ڳالهائڻ ٻولهائڻ آهستي ۽ نرم. تڪيو ڪلام: "سائين، جيءُ سائين." ٻين لفظن ۾ ائين چئجي ته سنڌ جي مثالي اشراف انسان جي تصوير ڪڍٽي هجي ته نواب نور احمد خان لغاريءَ جو تصور ڪجي.

حيدرآباد کان پندرهن ويهه ميل اوپر طرف، ميرپور خاص ويندڙ رستي تي، سندس آبائي ڳوٺ تاجپور هوندو هو ۽ ان سان لاڳيتو ڳجي وٽ ٻن اڍائن سون ايڪڙن ۾ سندس باغ هوندو هو. باغ جي اڳيان هڪ سهڻڙو بنگلو ٺهيل هوندو هو. جنهن جي اڳيان وڏي ڇپر هوندي هئي. ڇپر جي الهندي ڪناري سان گلن جي ٻارين ۽ بيدمشڪ جي ڊگهن وڻن جي قطار هوندي هئي. نواب صاحب جون اونهاري جون دعوتون انهيءَ چمن ۾، ۽ سياري جون دعوتون بنگلي اندر ٿينديون هيون. دعوتون گهڻو ڪري سندس ذاتي دوستن يا علمي ماڻهن جون ٿينديون هيون. سرڪاري ڪامورن جي به ڪا ٿهل ٽڪور ٿيندي هئي، يا نه، اهو مون کي معلوم ڪونهي. انهن دعوتن ۾ هونئن ته طرحين طرحين طعام پچي ايندا هئا. پر گُنديءَ ۾ پڪل ڪڪڙ ۽ پلاءُ جي کهڙي ڳالهه ڪجي! نواب صاحب جو ڪمدار گُندي وجهندو هو. ڪڏ ڪوٽي اندر ڳاري سان گُندي لنبندا هئا، جا ٻاهه تي پچي پچي اندران ڳاڙهي ٿي ويندي هئي. گُنديءَ جي تري ۾ رکندا هئا ٻاهه. پر رڳا ٽاندا. انهن جي مٿان نوڪدار شيخن ۾ ڪڪڙ مصالا ڏيئي ٽنگيندا هئا. هيٺان هڪ ٿانءَ ۾ چانور رکندا هئا. پوءِ گُنديءَ کي مٿان لنبي بند ڪري ڇڏيندا هئا. جهيٽيءَ ٻاهه جي توَ تي ڪڪڙ پيا پچندا، پيا پچندا. تان ته ڳري پٽ جهڙا نرم. پر سوڪ ٿي ويندا. ڪڪڙن مان مصالحي وارو ريشو ٽيپو ٽيپو ٿي، چانورن تي ڪرندو رهندو، جنهن ۾ چانور رسبا ۽ پچندا رهندا. مقرر وقت تي گُندي کولي، ڪڪڙ ۽ پلاءُ ٻاهر ڪڍندا. جا چئجي انهن جو ذائقو! ڪير ٿو چوي ته سنڌ کي رڌ پچاءَ ۾ ڪمال ڪونهي! جنهن شخص اهو پلاءُ ۽ ڪڪڙ هيڪر کاڌا هوندا، تنهن کان عمر ڀر نه وسرندا.

نواب نور احمد خان لغاري

اونهاري وارين دعوتن جي ہي خصوصيت اها هوندي هئي جو اها انبن جي مند هوندي هئي، ان ڪري نوڪر پڪل ڪڪڙن جا ٿالهن مٿان ٿالهہ پري آڻيندا، پلاءَ جا ٿالهہ پري آڻيندا، ۽ نواب صاحب جي باغ مان انبن جا ٿالهن مٿان ٿالهہ پري آڻيندا، ہيون پاڇيون، ڀوڳ، ڪباب، قيما، اوڦراٽا ۽ ميوا الڳ.

اڇهو مهينو ماسو گذريو ناهي تہ دوستن جون موٽرون پرچي نواب صاحب جي ڳجي واري باغ تي دعوتون کائڻ وينديون. پر انهيءَ مهمان نوازيءَ کان پوءِ بہ نواب صاحب کي اطمينان ڪونہ ٿيندو هو. تنهنڪري پنجين پندرهين ڏينهن پهريائين هيرآباد واري گهر ۾ ۽ پوءِ ڊاڪٽرس ڪالونيءَ واري بنگلي تي، خاص خاص دوستن کي "دال مانيءَ" تي سڏيندو هو. انهيءَ دال مانيءَ جون وري ہيون خصوصيتون هونديون هيون. مثلاً پلا پڪل، پلا تريل، پلا سجيل، پلي جو ڀوڳ، پلي جو پلاءُ، آنيون تريل، آنين جو ڀوڳ، پڪل گوشت جون رانون، مغز تريل، ڪباب، ميڪروني، ڪوفتا، قسم قسم جا ڀوڳ، پاڇيون، آچار، شربت، لسي، سائي چاءِ، ڪاري چاءِ، ٻاٽليون ۽ مٺاڻ جا نوان نوان نمونا. پر نواب صاحب جي مسلڪ موجب، دوستن جي اها خدمت بہ ڪافي ڪانہ هئي، ان ڪري ڪين تحفا ڏيڻ بہ ضروري سمجهندو هو. اعليٰ درجي جا ريڊيا، واچون، ريشمي چادرون، ولائتي سينٽ جون شيشيون، ربيع ۽ خريف جي فصلن موجب اناج جون ٻوريون، انبن جا ڪارا، ليمن جا ٽوڪرا وغيره.

صبح جو ڏينهن يارهين ڏاران ٽاچپور مان حيدرآباد پهچندو هو. رات هميشہ ٽاچپور ۾ رهندو هو. بهرحال جيئن ئي حيدرآباد پهچندو هو تہ ہين دوستن سان گڏ مون کي بہ فون ڪري سار سنڀال لهندو هو. سندس خاص خاص دوستن جو حلقو نہ تمام وڏو ۽ نہ تمام ننڍو هو. ہہ ڄڻا بهرحال سندس پڳ مٽ يار هئا. مان سندن نالا کڻڻ مناسب نٿو سمجهان. ڇو تہ دوستي رکڻ سَولي، دوستي نڀائڻ ڏکي. ڇون ٿا تہ اڳي سنڌ وارن وٽ دوستيءَ جون شاندار روايتون هونديون هيون. پڳ مٽ يار ڏک سک ۾ ساٿ ڏيندا هئا، بلڪ مٿي جيئري نڀائيندا هئا. اهي ڳالهيون هاڻي خواب خيال آهن. اڄڪلهہ دوستي گهڻو ڪري غرض ۽ مطلب جي آهي. برطانوي وزير اعظم سر ونسٽن چرچل چيو آهي:

We have no permanant friends
We have no permanant foes
We have only permanant interests.

(اسان جا ڪي بہ دائمي دوست ڪونهن
اسان جا ڪي بہ دائمي دشمن ڪونهن
اسان جا فقط دائمي مفاد ۽ مطلب آهن.)

نواب صاحب جي رحلت کان پوءِ انهن پڳ مَٽ يارن پاڻ ڪيئن ملهايو، اها نواب صاحب جي پوين کي خبر هوندي. بهرحال، مرحوم پاڻ جيسين حال حيات هو تہ سندن نالا ائين ڪڻندو هو، ڄڻ تہ منجهن سندس ساهہ پيل هجي. جڏهن پير حسام الدين راشديءَ سان لڳ لاڳاپو ٿيس تہ ڪيس بہ پنهنجي قرب ۾ اهڙو تہ ڪڙي ڇڏيائين، جو مون کي 'مفتون' جو ڪلام ياد اچي ويو:

"تنهنجي زلف جي بند ڪمند وڏا، زندان هزارين مان نہ رڳو."

پير صاحب جڏهن بہ حيدرآباد ايندو هو تہ پهريائين رٽز هوٽل ۽ پوءِ اورينٽ هوٽل ۾ ٽڪندو هو. نواب صاحب ڪانٽس هٿي هوٽلون ڇڏائي ڇڏيون ۽ ڊاڪٽرس ڪالونيءَ واري بنگلي ۾ هڪ ڪمرو سندس بلي ڪري ڇڏيائين.

پير صاحب جڏهن حيدرآباد ايندو هو تہ ڪا محفل مچندي هئي! سڀ کان اول مون کي، شڪوهيءَ کي ۽ مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب کي سڏ ٿيندو هو. ان کان پوءِ ٻيا احباب جويو صاحب، اسدالله شاهہ حسيني وغيره اچي گڏ ٿيندا هئا. نواب صاحب جي رشتيدارن مان نواب بهادر علي خان ۽ نواب عبدالعلي خان سدائين گڏ هوندا هئا.

ڪڏهن ڪڏهن پير صاحب کي حيدرآباد آئي وٽي پئجي ويندي هئي، تہ پوءِ اسان کي ڪچهريءَ لاءِ ڪراچيءَ سڏي وٺندو هو. اڪثر ڪري نواب صاحب، مان، عبدالعلي خان ۽ شڪوهي نواب صاحب جي موٽر ۾ ڪراچيءَ ويندا هئاسين.

نواب صاحب سنڌ جي سماجي زندگيءَ جي لحاظ کان وڏو زميندار هو. سندس وڏن وٽ تہ شايد ويهہ پنجويهہ هزار ايڪڙ زمين هئي، پر اها ڪجهہ تہ خاندان ۾ تقسيم ٿيندي رهي ۽ ڪجهہ ايوب خان وارن زرعي سڌارن ۾ سرڪار جي ور چڙهي ويئي. پر نواب صاحب کي بہ هزارين ايڪڙ زمين حصي ۾ آئي. حيدرآباد ۾ بہ بنگلا هئس ۽ ٽيون تاجپور ۾ نهرائي رهيو هو، جو مون بهرحال هميشہ زير تعمير ڏٺو.

هڪ دفعي شڪوهيءَ مون کي چيو تہ نواب صاحب جي پنهنجي رهڻي ڪهڻي تمام سادي آهي. اها ڳالهہ مون کي سمجهہ ۾ نہ آئي، ڇو تہ مون تہ

سندس رڳو اعليٰ درجي جون دعوتون ڏنيون هيون. پر اڳتي هلي مون کي بہ اهو احساس ٿيو تہ قدرت نواب صاحب کي "اميري" ۽ "غريبي" ٻئي سوغاتون عطا ڪيون هيون. صحيح معنيٰ ۾ هڪ سڪئي ستابي شخص هجڻ جي باوجود، هن پنهنجن نيڪ نام وڏڙن جي پيروي ڪندي، پنهنجيءَ طبيعت ۾ فقيريءَ جو انگ برقرار رکيو هو. رسول الله ﷺ جن ڏانهن هڪ حديث منسوب آهي تہ دعا گهري اٿن تہ "يا الله، هڪ ڏينهن مون کي روزي سان رک ۽ ٻئي ڏينهن مون کي پيٽ ڀري کائڻ جيتري روزي نصيب ڪر."

هيڪر رات جو مان حيدرآبد مان شڪوهيءَ سان گڏ اوچتو نواب صاحب سان ملڻ لاءِ تاجپور ويس. اسان کي زير تعمير بنگلي جي پٺيان هڪ ڪچيءَ جاءِ ۾ وٺي ويا. نواب صاحب هڪ ڪوٺيءَ ۾ واڻ جي کٽ تي آهليو پيو هو. پاسي ۾ هڪ پراڻيءَ ٽپائيءَ تي ننڍو ٽي.وي.سيٽ ۽ بہ ٽي ڪرسيون پيون هيون. اسان کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. ڀاڪر پائي مليو ۽ حال احوال ورتائين. سندس مٺيءَ مرڪ ۾ مقناطيسي ڪشش هوندي هئي. هڪڙي ئي ديدار سان دوستن جا ڏک دور ڪري ڇڏيندو هو. اسان اجا ڪچهري ڪري رهيا هئاسين جو نوڪر سندس رات جي ماني ڪٺي آيو. جيڏي چاهہ سان اعليٰ درجي جا طعام ڪارائيندو هو، اوڏيءَ ئي سڪ سان سرنهن جو ساڳ ۽ دال جي پيالي اڳتي وڌايائين، ٿينءَ رڪيبيءَ ۾ شايد چولا هئا.

ٻئي دفعي نواب صاحب مان سندس موٽر ۾ تاجپور وڃي رهيا هئاسين تہ رستي تي مون سنڌ جي هڪ وڏي ماڻهوءَ جو ذڪر ڪيو ۽ نواب صاحب کي ٻڌايو تہ سندس اثر بيشڪ گهٽو آهي، پر مالي لحاظ کان سندس ساليانی آمدني ڏهن ٻارهن لکن کان وڌيڪ ڪانهي. اها ڳالهہ ٻڌي نواب صاحب کلي چيو تہ، "بس! تہ سائين، پوءِ تہ پاڻ غريب ڪانئس گهٽو وڌيڪ خوش آهيون."

پئسو واقعي وڏي ڳالهہ آهي. ناهي تہ ماڻهو ويڳاڻو آهي. پر جي ضرورت کان زائد آهي تہ ماڻهو کي مٽي ۾ پاڻ پيدا ٿو ڪري. حيرت آهي تہ لکن سان هٿن ذوئڻ کان پوءِ بہ نواب صاحب جي فقيرانہ سڀاءَ ۾ فرق نہ آيو. آس پاس جي زميندارن سان سندس قديمي لاڳاپا هوندا هئا. خاص ڪري خان بهادر غلام حيدر وساڻ ۽ ٻيرانيءَ جي نواب ڄام ڪرم علي خان جو مون سان سڪ سان ذڪر ڪندو هو. هڪ دفعي مون کي ڄام ڪرم علي خان جي دعوت

تي سندس ڳوٺ بہ وٺي هليو. دعوت ڇا هئي، شاهي ضيافت هئي. مسئلي تي ڪافي سوچ ويچار ڪرڻ بعد، مون ائين محسوس ڪيو تہ نواب صاحب اميرن سان امير ۽ فقيرن سان فقير هوندو هو. سنڌ جو زميندار پنهنجي ڏاڍائيءَ جي ڪري مشهور آهي. هو خدا جي غريب مخلوق کي اڇوت سمجهندو آهي. پر نواب صاحب جي کهڙي ڳالهہ ڪجي! هو تہ انسان ذات جو اعليٰ نمونو هو. پاڻ ڪنهن کي گهٽ وڌ چوي، تنهن جو تہ تصور بہ نٿو ڪري سگهجي. البت سندس کي لڱ لاڳاپي وارا خود ڪيس ستائڻ لاءِ دڙڪن جون ڪوڙيون چٺيون لکندا هئا ۽ پئسا طلب ڪندا هئا. ڪيس خبر هوندي هئي تہ اهي ڪير آهن، تاهم ڪڏهن بہ انهن جي خلاف پنهنجيءَ زبان تي حرف نہ آندائين. پاڻ جو مکڻ ماکيءَ وانگر منو هو، تہ ڪنهن ٻئي کي بہ ڪوڙو ڪونہ ڪوٺيائين. بقول پٽائي، "هٿان حبيبن، ڪونہ ڏکويو ڪڏهين."

نواب صاحب جا وڏا فارسيءَ جا گوهر هوندا هئا. سندن خاندان جو پايو وجهندڙ نواب ولي محمد خان لغاري سنڌ جي تاريخ جو هيرو آهي. هو سنڌ جي ٽالپر خاندان جو مشير ۽ مکيہ وزير هوندو هو. منجهس ڪيئي خوبيون هيون. درويش صفت انسان هوندو هو. سندس پيڙهيءَ ۾ ڪيئي اڪابر، صوفي شاعر ۽ درويش پيدا ٿيا. اهو سلسلو هلندو هلندو، نواب نوراحمد خان لغاريءَ تائين پهتو هو. نواب صاحب عربي ۽ فارسي ڪو نہ ڄاڻندو هو، پر ستن پيڙهين جو سنڌي ڪلچر سندس ذات ۾ سمايل هو. گلابي گل هو، تاجي پيٽي سچو پٽ هو. سندس خاندان ۾ فقيريءَ جو ڏاڳو مون سندس هٿن تائين محفوظ ڏٺو. سندس وڏا جهوڪ شريف جي گاديءَ جا عقيدت مند هئا. سنڌ جي تصوف ۾ جهوڪ شريف جو وڏو مان ۽ مرتبو آهي. پر اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي تہ جهوڪ شريف تي رحمت جي جيڪا برسات وسي، ان کان آس پاس جا پٽ ۽ پٽر مستفيد نہ ٿين. چنانچہ نواب صاحب جي خاندان ۾ جيڪي درويش پيدا ٿيا، تن جا عقيدتمند سوَن نہ پر هزارن جي تعداد ۾ سنڌ ۽ هند ۾ پکڙيا. جهوڪ شريف وانگر، نواب صاحب جي "درويش در" جي معتقدن ۾ سنڌ جي هندن جو وڏو تعداد هوندو هو. هو مرشد کان رڳو ذڪر، فڪر ڪونہ وٺندا هئا، پر چون ٿا تہ ڪي تہ روزا بہ رکندا هئا، قرآن شريف جي تلاوت ڪندا هئا، مسجد ۾ نماز پڙهندا هئا، هونئن نالي ۾ هندو هوندا هئا. ائين بہ ڪونهي تہ رڳو جيئري

هن جهان ۾ سندس زندگي ائين هوندي هئي. وصيعت ڪندا هئا تہ مٽي پڇاڻان مرشد جي پيرن ۾ پورجو. درازن ۾ سچل جي پيرانديءَ ۾ نماڻي فقير جي قبر ان ڳالهہ جي ثابتي آهي. در حقيقت سنڌ ۾ اسلامي تصوف جهڙو ڪمال ڏيکاريو آهي، اهڙو ٻيو ورلي ڪٿي نظر ايندو.

مون مٿي عرض ڪيو آهي تہ نواب صاحب پاڻ عربي ۽ فارسيءَ ڪان اڻواقف هو، پر سندس خاندان ۾ وڏڙن جا عربي ۽ فارسي مخطوطا هوندا هئا. جي ڪڏهن ڪڏهن پير صاحب کي بہ ڏيکاريندو هو. انهيءَ زماني ۾ شاهہ ايران آسپاس وارن ملڪن ۾، خاص ڪري پاڪستان ۾، فارسي زبان کي وري زور وٺائڻ تي گهريو. سنڌ ۾ صديون اڳي، فارسي "گهوڙي چاڙهسي" جي حيثيت رکندي هئي. هاڻي وري پشاور، پنڊي، لاهور، ملتان، ڪوئيٽا ۽ ڪراچيءَ ۾ "خانہ فرهنگ" قائم ٿيا ۽ پير صاحب جي ڪوشش سان شاهہ ايران جي پيٽوئي، 'آغا پهل بود' وزير ثقافت جي حڪم تي حيدرآباد ۾ بہ خانہ فرهنگ قائم ٿيو انهيءَ تعلق ڪري، اسلام آباد مان ايراني حڪومت جي اهلڪارن جو حيدرآباد اچڻ جو سلسلو شروع ٿيو. آقاي تسبيحي نالي هڪ شخص پنڊيءَ ۾ داتا گنج بخش لئبريريءَ ۾ ڪئٽالاگر هوندو هو. ان لئبريريءَ ۾ فارسيءَ جا قلمي ڪتاب گڏ ڪيا ويندا هئا. آقاي تسبيحي فارسي قلمي ڪتابن ڏسڻ لاءِ حيدرآباد ايندو رهندو هو. هڪ دفعي مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب کيس سنڌ جو تاريخي ڪتبخانو ڏيکارڻ لاءِ پير صاحب جهنڊي وارن وٽ وٺي ويو. تسبيحي اهو ڪتبخانو ڏسي ڏاڍو خوش ٿي موٽيو. ان کان پوءِ مهيني ماسي حيدرآباد جو چڪر لڳائيندو هو ۽ سائين قاسمي صاحب جي علم ۽ فضل جي ڏاڍي تعريف ڪندو هو. هڪ دفعي تسبيحي حيدرآباد آيل هو ۽ اتفاق سان پير صاحب بہ حيدرآباد ۾ هو، جو هڪ شخص اچي ڳالهہ ڪئي تہ وٽس ڪي ناياب قلمي ڪتاب آهن، جن ۾ هڪ قرآن مجيد آهي جو ڳچيءَ ۾ پائڻ واري لاڪيٽ جيترو مس ٿيندو، پر اکر اهڙا چٽا اٿس، جو آسانيءَ سان پڙهي سگهجن ٿا. اها ڳالهہ هئي تہ عجيب، پر ناممڪن ڪونہ ٿي لڳي، ڇو تہ اسان ٻڌو هو تہ ڪاتبن قرآن شريف لکڻ ۾ ڪيئي ڪمال ڏيکاريا آهن. مثلاً چانور جي داڻي تي سڄيون سڄيون سورتون لکيون اٿن. جهانگير پنهنجي تزڪ ۾ هڪ هنڌ لکيو آهي تہ سندس هڪ شاهي ملازم پستي جي ڪوپي تي چار

خانا ٺاهي، انهن ۾ عاج سان چار جدا جدا شڪليون ٺاهيون. هڪ خاني ۾ ٻه پهلوان ڪشتي لڙي رهيا هئا. ٻه ماڻهو پاسي ۾ تماشو ڏسي رهيا هئا. ٻئي خاني ۾ هڪ ماڻهو تخت تي ويٺو هو. چوڌاري ملازم بيٺا هئا ۽ تخت تي هڪ وڻ ڇانوَ ڪري بيٺو هو. ٽئين خاني ۾ هڪ بازيگر هڪ ٽنگ تي بيٺو هو. سندس پرسان ڪاٺيءَ تي هڪ ٻڪري بيٺي هئي ۽ هڪ بازيگر دهل وڄائي رهيو هو. چوٿين خاني ۾ هڪ ماڻهو حضرت عيسيٰ جي پيرن تي مٿو رکي ويٺو هو. هڪ پير مرد ان سان ڳالهائي رهيو هو ۽ پرسان چار ماڻهو بيٺا هئا. اهو سڄو لقاءُ پستي جي هڪ ڪوپي تي ڏيکاريل هو.

بهرحال، ان شخص قرآن ڪريم جو اهو ننڍڙو نسخو آڻي ڏيکاريو. پر ٻي جيڪا ڳالهه ڪيائين سا ته پهرينءَ کان به وڌيڪ هئي. چوڻ لڳو ته وٽس ديوان حافظ جو هڪ اهڙو نسخو آهي، جو حافظ جي حياتيءَ ۾ لکيل آهي. اها ڳالهه اهڙي ئي حيرت انگيز هئي، جيئن ڪو شخص اها دعوا ڪري ته وٽس شاهه جي رسالي جو هڪ اهڙو نسخو آهي، جو ڀٽائي صاحب جي حياتيءَ ۾ لکيل آهي. تسبيحيءَ ان شخص کي نخسو آڻڻ لاءِ چيو ۽ ٻڌايائين ته ڳالهه صحيح نڪتي ته مان هيترن سون آمريڪي ڊالرن ۾ اهو نسخو وٺندس. پر اهو شخص گُس گساءُ ڪرڻ لڳو. آخر نواب صاحب جي زور ڀرڻ تي نسخو ڏيکارڻ لاءِ آماده ٿيو. اسان کي واعدو مليو ته فلاڻي ڏينهن نواب صاحب جي رهائشگاهه يا فاران هوٽل ۾، جتي تسبيحي ٽڪيل هو. انهيءَ نسخي جو ديدار ٿيندو. ڏاڍا خوش ٿياسين. مقرر ڏينهن تي اتي اچي گڏ ٿياسين. تسبيحيءَ ديوان حافظ جي سڄي تاريخ بيان ڪري ٻڌائي ۽ چيو ته "مون هاڻي ارادو بدلايو آهي، اهو نسخو داتا گنج بخش لائبرري بدران پنهنجي ذاتي ڪتبخاني لاءِ وٺندس." اهو ٻڌي پير صاحب کلي چيو ته "تسبيحيءَ جي نيت خراب ٿي آهي. هو اهو نسخو هتان سستو خريد ڪري، شاهه ايران کي هزارين ڊالرن ۾ وڪڻڻ گهري ٿو." اهو ٻڌي اسان پير صاحب کان پڇيو ته "شاهه ايران ان نسخي لاءِ ايڏي وڏي رقم ڏيندو؟" پير صاحب مڪمل اطمينان سان چيو ته "واهه جو ڏيندو." آخرڪار انتظار جون گهڙيون ختم ٿيون. اهو شخص مذڪوره نسخو رومال ۾ ويڙهي کڻي آيو. اسان چوڌاري گول دائرو ڪري ويٺاسين. پير صاحب رومال کولي نسخو ڪڍيو ۽ جلدي جلدي پنا ورايا. جي نيري رنگ جا هئا ۽ ڪاريءَ مس

سان ليڪل هئا. تسبيحيءَ اهو ڏسي دانهن ڪري چيو ته ”آغا، هي ته فورٽ وليم ڪاليج ڪلڪتي جو ڇاپي نسخو آهي!“ پير صاحب ۽ تسبيحي هڪبئي ڏانهن نهاري مشڪڻ لڳا. مون پير صاحب کان پڇيو ته ”جي فورٽ وليم ڪاليج جو ڇاپي نسخو آهي ته گهڻو لهي؟“ پير صاحب چيو ته ”پنجاهه ربيا به ڪونه لهي.“ اهو ٻڌي، اهو شخص هڪ هٿ ۾ نسخو ۽ ٻئي هٿ ۾ رومال ڪٽي روانو ٿيو.

آغا ڪيوان شڪوهيءَ حيدرآباد ۾ جيڪا ايران پاڪستان دوستيءَ جي انجمن ٺاهي هئي، تنهن جي طرفان نواب صاحب کي ايران جي دوري جي دعوت ملي. نواب صاحب ديرينو ماڻهو هو. تنهن ڪري تڪڙ ڪري، هائو يا نه ڪانه ڪيائين. ٿورين گهڻين ڏينهن، پير صاحب جي ڪوشش سان، مون کي به ايران جي دوري جي دعوت ملي. نواب صاحب اها ڳالهه ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چوڻ لڳو ته ”سائين هاڻي گڏجي ايران گهمنداسون ۽ اوهان کي عمري جو شوق آهي، سو به هلي پورو ڪري ايندا سون.“ پاڻ سال ۾ هڪ به دفعا مديني ويندو هو. مديني جي گورنر جو پاءُ سندس گهرو گهاٽو واقف ٿي ويو هو. ايران جي دوري لاءِ ايران سرڪار اوٽ موٽ جون ٽڪيٽون موڪليون هيون. اسان هڙان پئسا ڏيئي، انهن ۾ جدي جو اضافو ڪرايو. تن ڏينهن ۾ نواب صاحب طبيعت جي خرابي، خاص ڪري بلڊ پريشر جي شڪايت ڪندو هو. پر ڪجهه ته ڪيس اڳيئي ايران ڏسڻ جو شوق هو، ڪجهه منهنجي رفاقت تي آماده ٿيو. ائين اسان وڃي ايران نڪتاسين. هوائي اڏي تي ”هنر و مردم“ رسالي جي ايڊيٽر آغا خدابنده لو ۽ شڪوهيءَ اسان جو استقبال ڪيو ۽ اسان کي رودڪي هوٽل ۾ ٽڪاياٺون، جيڪا ننڍي هئي، پر منجهس هر قسم جي آسائش موجود هئي. ميزبانن هدايتون اهي ڏنيون ته ”جيڪي وٺيوَ سو ڪيو، رڳو بل صحيح ڪري ڇڏيو.“ نواب صاحب ۽ مون کي به ڪمرا آمهون سامهون مليا، جن ۾ ايراني روزانو ميون جا ٽوڪرا اسان جي استقبال لاءِ رکي ويندا هئا. نواب صاحب ۽ مون پهريان ٻه ٽي ڏينهن ايران شوق سان گهميو. رضا شاهه ڪبير جي رهائشگاهه، قاچاري بادشاهن جي گلستان محلات، مسجد سپهه سالار، ۽ ٻيون ڪيتريون ئي تاريخي جايون، نئين دور جون بازارون ۽ ڊپارٽمينٽل اسٽور ڏٺاسين. مون سڄو وقت سوٽ ڪوٽ پاتو، پر نواب صاحب ڇاٽي واٺي سلوار قميص پاتي. هوڏانهن ايرانين جو اهو حال هو جو مون جڏهن ميرا ڪپڙا ڏوئڻ

لاءِ ڏنا تہ ڊوبيءَ منهنجي سلوار بابت پڇيو تہ "آغا هي ڇاهي؟" مون چيس تہ "سلوار." تڏهن پنهنجيءَ پينٽ تي هٿ گهمائي چيائين تہ "سلوار تہ هيءَ آهي." مون سلوار بابت پڇيس تہ "پلا تنهنجي خيال موجب هيءَ ڇاهي؟" تڏهن چيائين تہ "بستري جي چادر." درحقيقت، شاهہ ايران جي ڪوشش سان ايران تيزيءَ سان ماڊرن نہ پر مغرب زده ٿي رهيو هو. چيائون ٿي تہ نئون فيشن هڪ ڏينهن پئرس ۾ شروع ٿيندو آهي تہ ٻئي ڏينهن تهران پهچندو آهي، لنڊن جو وارو ٽئين ڏينهن ايندو آهي. اسان سڄي تهران ۾ هڪ عورت بہ اهڙي ڪانہ ڏٺي جيڪا ايران جي اصلوڪي قومي لباس ۾ هجي، جيڪڏهن عمر ٽيهن ورهين جي اندر هئس تہ ٽائيٽ جينس پاتل هئس ۽ جي ٽيهن وريهن کان مٿي عمر جي هئي تہ اسڪرٽ پاتل هئس. بزارين ۾، گلين ۾، دڪانن تي، هوٽلن ۾، چوطرف نسواني حسن ۽ جسم جي نمائش هئي. جيڏانهن نگاهہ ڪر تہ چڻ پرين جا ٽولا. هڪبئي کان وڌيڪ بقول سنڌي شاعر:

"فوجان حسن ديان چڙهيان."

رضا شاهہ ڪبير جي رهائشگاهہ کي ميوزيم بنايو هئائون. اهو ڏيکاري ميوزيم جي سرپسرت (ڊئريڪٽر) وٽ چاءِ پيارڻ وٺي ويا. پر اسان جو اتان اٿڻ تي ارواح ئي نہ ٿئي. خاتون هجي بہ اهڙي ملوڪ. هڪ تہ سونهن بي حساب، ٻيو ڇا چئجي سندس اندازِ دلربائي. چئہ تہ رڳو ويٺو ڏسجيس. پر ان کان بہ وڌيڪ حسين عورت اسان شيراز ۾ ايران ايئر جي آفيس ۾ ڏٺي. اکين تي اعتبار ئي نہ پيو اچي. "رشڪِ بتانِ آذري" وارو محاورو مٿس سو فيصد صادق هو. ڪتابن ۾ سو اهڙيون سهڻيون تصويرون برابر ڏٺيون هيون سين. نواب صاحب چيو تہ "سائين، ڪيئن ٿا ڀانيو؟" مون عرض ڪيو تہ "سائين، ڪوهہ ڪاف جون پريون اڳي ٻڌيون هيون سين، اڄ اکين سان ڏٺيون سين."

تهران ۾ هڪ وڏگهراڻيءَ عورت اسان جي دعوت ڪئي. جڏهن سندس گهر پهتاسين تہ ويهڻ شرط پڇيائين تہ "آغا، وسڪي يا وائين؟" اسان جواب ۾ چيو تہ "خانم، ميوي جي رس." اهو ٻڌي ميزبان ائين محسوس ڪيو، تہ اسان ڪي پٿر جي دور جا انسان آهيون. جي ويهين صديءَ ۾ پلجي اچي ايران پهتا آهيون.

شيراز ۾ يونيورسٽيءَ وارن اسان جي ايمپائر اسٽيٽ بلڊنگ جهڙيءَ هڪ بلند و بالا هوٽل جي چوٽيءَ تي رات جي ماني‌ءَ جي دعوت ڪئي. سڄي هوٽل

رڪ ۽ شيشي سان ٺهيل هئي، ڇڻ تہ ڪا آمريڪا جي عمارت هئي. حد نگاهہ تائين دور دور شهر جون روشنيون هليون وڃون. گهڻ ۾ گهڻ پنجاهہ سڀ مهمان اسان جي اعزاز ۾ سڏايل هئا. پر سڀ جوان ۽ فيشن ايبل مرد ۽ عورتون. مانيءَ کان ڪلاڪ ڪن اڳ شراب ۽ ناچ جو دور هليو. شايد ان پوري بدمست گروهہ ۾ نواب صاحب ۽ مان بہ اڪيلا انسان هئاسين، جيڪي ميوي جي رس پي رهيا هئاسين. نہ تہ چو طرف شراب جي جامن جي ٽڪرائجڻ، عورتن ۽ مردن جي معنيٰ خيز ٽهڪن ۽ مغربي موسيقيءَ جو شور ۽ هنگامو هو.

مذهب سان بيگانگيءَ جي حالت اها، جو مسجدن ۾ نمازي نظر ڪونہ اچن. اصفهان ۾ گائيڊ اسان کي هڪ شاندار مسجد ڏيکاري، جا اڳين بادشاهن جي جوڙايل هئي. مسجد جا ٿنڀ ڇوڏهن فوٽ ڊگها، پاڙ کان چوٽيءَ تائين سڄي جا سڄا سنگ مرمر جي هڪ ئي ٽڪر جا ٺهيل. منجهس ڏهہ هزار ماڻهو هوند وڏي آرام سان نماز پڙهي سگهن. پر سڄي مسجد ويران. ڪُنڊ ۾ ڦاٽل ڪپڙن سان فقط هڪ ماڻهو نماز پڙهي رهيو هو. اسان جي ايراني گائيڊ جي حالت اها هئي تہ مسجد جي صحن ۾ پاڻ سگريٽ ڇڪي رهيو هو!

شيراز ۾ اسان کي حافظ ۽ سعديءَ جي مزارن تي وٺي ويا. حافظ جي مزار تي چڱي رونق هئي. ان کي حافظيہ ڪوٺين ٿا. لئبرريءَ ۾ ماڻهو ڪتابن جو مطالعو ڪري رهيا هئا. پر سعديءَ جي مزار تي عجب تماشو نظر آيو. اندر قبي ۾ (جيڪو جديد مغربي طرز جو ٺاهيو اٿن)، ٿاپر بار قبر جي مٿان ٽپا ڏيئي رهيا هئا. مون کان اهو منظر ڏٺو ڪونہ ٿيو. اڪيلو ٻاهر نڪري آيس. ٻيا سڀ ٻاهر نڪتا تہ اڪيلو وري اندر ويس. جڏهن دعا گهريم تہ حافظ ۽ سعديءَ جي تعليم ۽ ايران جي قديم ڪلچر کي ياد ڪري، منهنجون اکيون پرجي آيون ۽ ائين محسوس ڪيم تہ هي اجنبي ماحول گهڻي دير جٽاءُ ڪونہ ڪندو.

اسان تهران، اصفهان ۽ شيراز جا شهر ڏٺا. ليڪن مشهد شڪوهيءَ جي نالائقيءَ سببان رهجي ويو. بهرحال، 'تخت جمشيد' ڏيکارڻ وٺي هليا. هي يران جو اهو قديم تختگاهہ هو، جنهن کي سڪندر بادشاهہ، دارا کي شڪست ڏيڻ کانپوءِ ساڙي ٻاري ڇڏيو هو. شاهي دربار ۽ محلاتن جا پٿر مان ٺهيل فلڪ بوس منارا اجا تائين زمين تي ڪريا پيا آهن ۽ ماضيءَ جا داستان ياد ڏياري هيا آهن. 'تخت جمشيد' جي سامهون وڏي ميدان ۾ پلاسٽڪ جا گهر اڏيل

هئا. جنهن ۾ شاهه ايران، ايراني بادشاهت جي اڍائي هزار ورهين جو جشن ملهائڻ جي لاءِ دنيا جي بادشاهن، راڻين ۽ وزير اعظمن کي ٺڪايو هو. مون ماضيءَ جي عبرت جا اهي نشان وڏي چاهه سان ڏٺا. جڏهن گائيڊ تخت جمشيد ۾ ٻڌائي رهيو هو ته هتي دارا پنهنجي دربار ڪندو هو، هتي سندس حرمسراءِ هئي. هتان سڪندر بادشاهه حملو ڪيو هو، تڏهن گهڻا سال اڳ ٻڌل هڪ سنڌي ڪافيءَ جا ٻول منهنجن ڪنن ۾ ٻرڻ لڳا:

"تيا شاهه سڪندر، دارا
جن جوڙيا تخت هزارا
سڀ خان وڃائي ويا وارا
هيءَ دنيا آهي فاني
ڪنهن سان نه نڀائي، جاني."

ايران ۾ نواب صاحب جي طبيعت فقط پهريان ڪجهه ڏينهن بحال رهي. پوءِ سمورو وقت هو چئو ته پنهنجي طبيعت تي زور ڏئي پاڻ کي گهليندو رهيو. آغا خدابنده لو، اسان جو ميزبان، خود هڪ وڏو ڊاڪٽر هو. تنهن سندس چڪاسون ڪرايون ۽ مون کي چيو ته پاڪستان پهچڻ شرط کيس اسپتال ۾ داخل ڪرائج. اهو ٻڌي مون کي انتظار تي پيو. شيراز ۾ اڌ رات جو مان پنهنجي ڪمري مان نڪري، نواب صاحب جي ڪمري ۾ کيس ڏسڻ ويس، هو جاڳي رهيو هو. مون کيس سڪ سان عرض ڪيو ته " ڪهڙي خدمت ڪريان؟" چيائين ته "ويهي مٿي کي زور ڏي." ڳچ ڳچ رات تائين مان کيس زور ڏيندو رهيس. اهو منظر مون کان ڪڏهن به نه وسرندو.

اسان ايران ايئر وارن جي غلطيءَ سببان عمري تي وڃي نه سگهياسين. سندن لاپرواهيءَ ڪري، جدي ڏانهن هڪبئي پنيان ٽي جهاز نڪري ويا. لاچار نواب صاحب جي چوڻ تي دبئيءَ هليا وياسين، جتي الاهي هندو سندس مريد هئا. اتي نواب صاحب جي چهري ۾ ڪجهه سرهائي آئي ۽ ڪل يوڳ ۾ حصو وٺڻ لڳو. هندو مريدن سندس واهه ج خدمت ڪئي، سندن زالون مون کي نواب صاحب جو خليفو سمجهي سڳا وٺرائيندڻيون رهيون: ڪا مٽي جي سور لاءِ، ڪا سَنڌن جي سور لاءِ. هڪڙي مائيءَ ڊگهو سڳو وٺرايو. مون جڏهن ڪانئس سبب پڇيو ته رازداريءَ سان چوڻ لڳي ته، شاديءَ کي به ٽي سال ٿي ويا اٿم، پر ٻار

ٿئي ئي ڪونہ ٿو، اهو سڳو چيلهہ کي ٻڌندس تہ من ٻار ٿي پويم. اهو ٻڌي مون بہ ڪيس رازداريءَ سان مشورو ڏنو تہ، "ڪجهہ هٿ پير بہ لوڏجانءِ، رڳو سڳي جو آسرو نہ ڪجانءِ."

اسان غالباً ٽي ڏينهن دبئيءَ ۾ ٽڪياسون. چوٿين ڏينهن نواب صاحب چيو تہ "ادا اوهان وجو مديني. مان سڄو بندوبست ڪريان ٿو. مان وطن موٽان ٿو." مون محسوس ڪيو تہ اصل ڳالهہ اها آهي تہ مون کي مديني ۾ حاضري ڏيڻ جي اجا اجازت ڪانهي. جهازن ڇُٽي وڃڻ جا رڳو بهانا آهن. جلال الدين روميءَ چيو آهي تہ:

اين سبب را، آن سبب آرد پديد

سو نواب صاحب کي عرض ڪيم تہ اوهان کان سواءِ اڪيلو مان بہ ڪونہ ويندس. جي فيصلو پوئتي موٽڻ جو آهي تہ ماشاءَ الله گڏجي پوئتي موٽون ٿا. ائين اسان عمرو ادا ڪرڻ کان سواءِ، ايران گهمي واپس وطن پهتاسين.

پاڪستان پهچڻ کان پوءِ هفتو کن مس نواب صاحب ڳوٺ رهيو هوندو. فورن ڪراچيءَ جي انڪل سريا اسپتال ۾ داخلا ورتائين ۽ گرڙدي جي ماهر ڊاڪٽر جعفر نقويءَ جو علاج شروع ڪيائين. مان سندس مزاج پرسيءَ لاءِ ڪراچي پهتس. پاڻ منجهند جي ماني کائي رهيو هو تہ مٿان ڊاڪٽر رت جون چڪاسون ڪري رپورٽ کڻي آيو ۽ پڇيائين تہ مون سان مريض جي پاران ڪير ڳالهائيندو؟ پير صاحب مون ڏي اشارو ڪيو. مان ڊاڪٽر سان گڏ ٻاهر ورانڊي ۾ ويس. ڊاڪٽر چيو تہ "هت نواب صاحب جو علاج ڪونهي. جيڪڏهن اڄ ڪيس لنڊن وٺي وڃي سگهو ٿا تہ ڳالهہ سياڻي ٿي نہ وڃهو."

مان واپس ڪمري ۾ گهڙيس تہ نواب صاحب منهنجو چهرو لٿل ڏسي پڇيو تہ "سائين ڊاڪٽر ڇا چيو؟" مان ڳالهہ لڪائڻ لڳس. ان تي نواب صاحب فرمايو تہ "سائين، مون کان ڳالهہ لڪايو نہ. مان موت کان ڊڄان ڪونہ ٿو. ڳوٺ ويندس اتي سنگت ساٿ کان موڪلائيندس ۽ کٽ تي ويهي، موت کي چوندس تہ اچ، مان هلڻ لاءِ تيار آهيان. منهنجي پيءُ بہ ائين ڪيو هو، منهنجي ڏاڏي بہ ائين ڪيو هو، ۽ مان بہ ائين ڪندس."

چڱيلائيءَ ۾ اهي اکر چوڻ آسان آهن، پر جڏهن موت جو سايو سر تي اچي تڏهن اهڙي ڳالهہ چوڻ لاءِ شينهن جي دل کپي. مان قسم کڻي چئي سگهان

ٿو تہ مون پنهنجي زندگيءَ ۾ هڪ انسان اهڙو ضرور ڏٺو، جنهن کي موت جو ڊپ ڪونہ هو. نواب نور احمد خان لغاري پلن جو اولاد هو. هن دنيا ۾ سرهو آيو هو ۽ سرهو ويو. پر مون جهڙن گهٽن کي غمن ۾ گڏي ويو. فيض شايد اهڙن ئي محبوبن لاءِ چيو هو:

ويران هي ميڪده خم و ساغر اداس هين
تم کيا گئي کہ روٺه گئي دن بهار کي

حيدرآباد مان ڦريائين ڦريائين شڪوهي ايران بدلي ٿي ويو، سنت ئي پوءِ نواب صاحب هميشہ هميشہ لاءِ موڪلائيون ڪيون ۽ پوءِ اسد الله شاهه حسينيءَ هي جهان ڇڏيو، آخر ۾ پير صاحب الله کي پيارو ٿيو. پر انهن مکڻ ماکيءَ جهڙن منن ماڻهن جون محفلون، نقل،نظير ، کل ڀوڳ، ٺهڪ، زماني جا قصا ۽ داستان ڪيئن وسري سگهندا. جڏهن اهي ڏينهن ياد ايندا اٿم، تڏهن اکين ۾ڳوڙها تري ايندا آهن ۽ ٿڌو ساهه ڀري چوندو آهيان تہ "منهنجا مولا، اسان جون اهي محفلون ۽ مجلسون ڇو اجڙي ويون! منهنجيءَ مٽيءَ سنڌ جا اهي منہ ماڻهو ڪاڏي هليا ويا."

مولانا غلام محمد گرامي

”هستي اپني حباب ڪي سي هي“

قدرت سنڌ کي هن ڌرتيءَ تي بهشت جو هڪ نمونو ڪري خلقيو آهي. منجهس وهندڙ پاڻي آهي، جنهن جي پاسن کان وڏن وڏن ساون وڻن وارا باغ آهن. ۽ منجهس سرسبز کيت آهن، جن ۾ وسندڙ ڳوٺن ۾، کير ۽ ماکيءَ سان گڏ زندگيءَ جون بيون به ڪيتريون ئي نعمتون آهن. بهشت برين وانگر، سنڌ ۾ هر قسم جي مند موجود آهي، ڏکڻ ۾ گهميل آبهوا، وچولي ۾ خشڪ ۽ موافق ته اُتر ۾ سخت سرد ۽ گرم. سنڌ ۾ سمنڊ، درياءَ، ٿر ۽ بر آهن. ان جي اُيرندي ۾ ڪارا ڪارا رڻ آهن، رڳي رڄ ئي رڄ آهي، ته الهندي ۾ هماليه جبل کان به پراڻا پهاڙ آهن، جن جي سخت پٿريلي سيني مان گرم گرم پاڻيءَ جا چشما ڦاٽي نڪرن ٿا. سنڌ ۾ گجگاهه ٻيلا آهن، جن ۾ قسم قسم جا جانور رهن ٿا. ساڳئي وقت سنڌ دنيا جي خوبصورت ترين پرندن جو مسڪن به آهي طائران جنت وانگر، سنڌ ۾ چَتُنِ، چيهن، چانهن، هد هد، هيڙن، من موسڙن، ڪاٺ ڪٽن، ڪبوترن، ڳيرن ۽ پٽ ڳيرين جون لاتيون ۽ ٻاتيون آهن. مينهوڳيءَ جي مند ۾، ٿر جي پٽن تي جڏهن مور موج ۽ مستيءَ ۾ پنهنجا رنگبرنگي پر پکيڙي ناچ ڪندا آهن، تڏهن جنسي ائين محسوس ٿيندو آهي، ته بهشت آسمان مان ڪهي ڌرتيءَ تي آيو آهي. سنڌ نه رڳو انهن پر، اهڙن پکين جي به دلپسند وسندي آهي، جن جي من کي آشياني بدران آب ۾ قرار اچي. انهن مان کي ايامن کان سنڌ ۾ گهر ڪري ويٺا آهن ته ڪي سيلاني آهن ۽ مند مٽجڻ تي هر سال دور دراز علائقن مان اُڏامندا، ملڪن پنيان ملڪ پوئتي ڇڏيندا، سوَن هزارن ميلن جو مفاصلو طئي ڪندا، ايڏيءَ اُڪير سان اچي منڇر جي ڪنڌيءَ تي لهندا آهن، جو ڄڻ ته اصحاب جنت حوض ڪوثر تي پهتا آهن. سنڌ جي زمين زرخيز ۽ آسمان حسين آهي. ڏنڌ ۽ ڪوهيري کان سدائين پاڪ ۽ صاف. اڪثر شفاف نيرو، پر ڪڏهن ڪڏهن منجهس ڪڪرن جا ڪارونيارا! ڏينهن جو نيري سمنڊ وانگر اجهاڳ ۽ بي انت، پر رات جو اهڙو جنسار، جو پورب توڙي پڇم ۾ هر هنڌ تارن جا ڏيئا ٻيا ٻرن.

قدرت سنڌ کي اجهو ائين هن ڌرتيءَ تي بهشت جو نمونو ڪري خلقيو آهي. پر سنڌ جي رهاڪن جي زندگيءَ ۾ ايڏو تہ ڏک آهي، جو سنڌ جي سدا حيات شاعر شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ کي ائين چوڻو پيو تہ "ڀينر هن ڀنيور ۾ دوزخ جو دونهون." اُڻويهينءَ صديءَ جي هاڪاري انگريز سيلاني سر رچرڊبرٽن بہ ساڳئي قسم جي راءِ ظاهر ڪئي. هن سنڌ جي ظاهر ۽ باطن جي سير ڪرڻ بعد فتويٰ ڏني تہ "سنڌ هڪ ڏکويل ماتري آهي."

سنڌ جي ڏک، ۽ پيڙا جا هونئن تہ ڪيئي ڪارڻ آهن، پر مکيہ ٻہ آهن: پهريون ڪارڻ هي آهي تہ سنڌ ۾ جاگيرداري يا زمينداري نظام رائج آهي، جنهن موجب پيداوار جو مکيہ ذريعو زمين آهي. زمين فقط هڪ واحد شخص جي قبضي ۾ آهي، نوانوي ماڻهو سندس ٻيلي آهن. اهي جيڪا بہ محنت ڪن ٿا، ان جو مکيہ فائدو اهو هڪ شخص کڻي ٿو. سنڌ جي انهن نوانوي سيڪڙو پورهيتن جي حالت غلامن واري آهي. هو جسماني لحاظ کان تہ غلام نہ آهن، پر سندن ۽ غلامن جي زندگيءَ ۾ ڪو گهڻو فرق بہ ڪونهي. سنڌ جي ماڻهن جي پستيءَ ۽ بد حاليءَ جو ٻيو مکيہ ڪارڻ پيريءَ مريديءَ جو نظام آهي. ايران، ترڪي ۽ ٻيا اهي ملڪ، جن وٽان سنڌ ۾ پيريءَ مريديءَ جو طريقو صديون اڳ پهتو هو، سي ڪڏهوڪو انهيءَ ذهني ڪوڙڪيءَ مان پاڻ ڇڏائي ويا. چون ٿا تہ جديد ترڪيءَ جي باني، مصطفيٰ ڪمال جي مقبري تي ڪتبو لڳل آهي تہ "انسان جو حقيقي مرشد سائنس ۽ ٽيڪنالاجي آهي." بدقسمتيءَ سان سنڌ جي مسڪين ماڻهوءَ جو ذهن اڃا تائين پِيرنجي مُٺ ۾ آهي. رچرڊ برٽن لکيو آهي تہ، "ايشيا ۾ ڪوبہ علائقو ائين پيرن جي چنبي ۾ نہ آهي جيئن سنڌ."

جنهن معاشري ۾ ماڻهوءَ جو جسم ۽ ذهن ٻئي غلام هوندا، انهيءَ معاشري ۾ ڀلا ڪهڙي ترقي ۽ سڌارو ٿيندو؟ اهوئي سبب آهي، ويهينءَ صديءَ ۾، جڏهن انسان، سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي رهبريءَ هيٺ، چنڊ تي وڃي قدم رکيو آهي، تڏهن سنڌ هن ڌرتيءَ تي هڪ اونداهي ٻيٽ وانگر بيٺي آهي، جنهن جا رهاڪو وڃايل واٽ وارن مسافرن وانگر پريشان ۽ سرگردان آهن.

'غلام محمد گراميءَ' ويهين صديءَ جي اوائل ۾، انهيءَ سنڌي معاشري ۾ اکيون کوليون. هو ميهڙ ۾ هڪ غريب گهر ۾ پيدا ٿيو. مڪتبن ۾ پڙهيو، مُلن ۽ مولوين کان تربيت ورتائين. جڏهن وڏو ٿيو تہ غم روزگار جي لذت سان

آشنا ٿيو. قدرت کيس روشن دماغ ۽ حساس دل جي نعمتن سان نوازيو هو. جيڪي شخص گرامي صاحب جي قريب رهي چڪا آهن، تن کي معلوم آهي تہ هو صاحب فڪر هو. "انسان جو هن ڌرتيءَ تي وجود"، انسان جو هن ڪائنات ۾ مقام"، "انساني زندگيءَ جو مقصد" سندس سوچ ويچار جا مکيہ موضوع هئا. کيس انهن عنوانن تي ڳالهہ ٻڌڻ ۽ ڳالهہ ڪرڻ جو شوق هو.

منهنجي گرامي صاحب سان واقفيت بہ هڪ اهڙيءَ ئي مجلس ۾ ٿي. ويهہ پنجويهہ ورهيہ اڳ جي ڳالهہ آهي، آءٌ سنہ 1953ع ڌاران نوشهري فيروز جي مدرسي هاءِ اسڪول مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪري، حيدرآباد جي ڦليليءَ واري گورنمينٽ ڪاليج ۾ داخل ٿيو هوس. تنوير عباسي منهنجو هم ڪلاسي هو. حيدرآباد جي صدر ۾ سندس گهر هو، جتي روزانو رات جو اسان ڪاليج جا ڪتاب گڏ پڙهندا هئاسين ۽ جڏهن ٿڪبا هئاسين، تڏهن سندس گهر جي پرسان "ڪراچي هوٽل" تي چانهہ پيئڻ ويندا هئاسين. تن ڏينهن ۾ ڪراچي هوٽل حيدرآباد جي پڙهيل لکيل ماڻهن جي بيٺڪ هوندي هئي. رات جو دي دير تائين هتي هُتي چانهن جي ميزن جي چوڌاري ماڻهن جا ٽولا ڪچهريون ڪندا رهندا هئا.

گرامي صاحب ۽ سندس دوستن جو هڪ گروهہ بہ ڪراچي هوٽل جي هڪ ڪُنڊ ۾، گول پٿر جي ميز جي چوڌاري، روزانو پنهنجو ديرو دمائيندو هو. گرامي صاحب، مرحوم سرائي اميد علي، چاچو ايوب، يوسف سرحدي، ڏنل شاهہ ۽ شيخ عليَ محمد انهيءَ گروپ جا مکيہ ميمبر هوندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن ڪراچي هوٽل جو (مرحوم) مالڪ ۽ ڪي ٻيا شخص بہ ان ڪچهريءَ ۾ اچي شريڪ ٿيندا هئا. اتي هڪ اهڙي ڪچهريءَ ۾ منهنجي ۽ تنوير جي گرامي صاحب سان واقفيت ٿي. انهيءَ زماني ۾ شايد گرامي صاحب ٽريننگ ڪاليج ۾ استاد هوندو هو، جتي ڊاڪٽر جعفري پرنسپل هو ۽ جويو صاحب وائيس پرنسپال. جويو صاحب بعد ۾ جڏهن سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري ٿيو، تہ گرامي صاحب کي بہ پاڻ سان وٺي ويو. 1957ع ۾ آءٌ بورڊ ۾ اسسٽنٽ سيڪريٽري مقرر ٿيس تہ گرامي صاحب سہ ماهي "مهراڻ" رسالي جو مئنيجنگ ايڊيٽر هو. اسان جي مهيني ماسي ملاقات ٿيندي رهندي هئي. بورڊ جي مکيہ آفيس ڪراچيءَ ۾ هئي. 1962ع ۾ جويو صاحب اسان کي ڇڏي، سرڪاري نوڪريءَ ۾ پنهنجي اصلوڪي تعليم کاتي ۾ واپس هليو ويو ۽ بورڊ جي

آفيس ڪراچيءَ مان حيدرآباد ڪچي آئي. پوءِ تہ گرامي صاحب ۽ مان رات ڏينهن گڏ هئاسين. بورڊ ۾ تڪڙيون تڪڙيون انتظامي تبديليون ٿيون. نوان نوان سيڪريٽري آيا. اول مرحوم عثمان علي انصاري اعزازي سيڪريٽري ٿي آيو. ان کان پوءِ جناب شاهہ محمد شاهہ آيو. تنهن کان پوءِ ڪجهہ وقت مرحوم ميران محمد شاهہ هو. ٻيهر جويو صاحب آيو. جنهن کان وري ڊاڪٽر اسدالله شاهہ حسينيءَ چارج ورتي. اهو سڄو وقت 1962ع کان وٺي ويندي 1972ع تائين بورڊ ۾ سيڪريٽرين جي تبادلي ۽ ٻين سببن ڪري، گهڻائي اندروني انقلاب آيا. جن ڪي مون ۽ گرامي صاحب گڏجي منهن ڏنو.

انهيءَ ئي زماني ۾ سنڌ جي سياسي آسمان تي ڪارا ڪڪر ڇانيل هئا. ون يونٽ قائم ٿي چڪو هو ۽ ملڪ تي ايوب خان قابض هو. سنڌي ڪلچر، سنڌي ٻولي، سنڌ ادب، سنڌي تهذيب ۽ سنڌي ثقافت جي نالي سان جيڪا بہ شيءِ منسوب آهي، سا سرڪار جي نظر ۾ معيوب هئي. هوڏانهن اسان هڪ اهڙي اداري سان وابستہ هئاسين، جنهن جو ڪم ئي هو سنڌ ۽ سنڌي ڪلچر جو پرچار ڪرڻ. ان ڪري اسان کي نهايت ڏکيا ڏينهن ڏسڻا پيا. اهڙو وقت بہ آيو، جو سرڪار جو هڪ حڪم نڪتو تہ جيڪي ماڻهو لفافن ۽ ڪارڊن جي ائڊريس ۾ "سنڌ" لفظ لکندا، سي قانوني طرح سزا جا مستحق ٿيندا. اهڙي دور ۾ سنڌ جي تاريخ ۽ تمدن جا ڪتاب ڇپائڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم هو. پر سنڌي ادبي بورڊ جو تہ ڪم ئي اهو هو. سو، اسان سخت اٽاوا ڏينهن ڏٺا.

چوندا آهن تہ مصيبت سدائين ٻارين ٻچين ايندي آهي. سو بدقسمتيءَ سان عين انهيءَ وقت سنڌ ۾ اديبن ۽ شاعرن اندر ون يونٽ پسند ٽولو ساماڻو، جنهن اهو ڪم پنهنجي مٿي تي کنيو، تہ سرڪار جو مخبر ٿي، انهن سنڌي اديبن ۽ شاعرن خلاف پڪاري، جيڪي ون يونٽ جي خلاف ڳالهائين، ۽ سنڌ دوستيءَ جو دم ڀرين. ون يونٽ پسند اديبن سنڌ دوست اديبن خلاف جلسا جلوس ڪيا ۽ اخبارن ۾ صفحن جا صفحا ڪارا ڪيا.

ڪين اندر ۾ ڪُسڪندو تہ هوندو، تہ هي ڪم ڪڌو آهي. سو سنڌ جي ماڻهن کي نڱڻ لاءِ مذهب جي اوٽ ورتائون ۽ نعرو هنيائون تہ اسلام خطري ۾ آهي. حالانڪ خود سندن ذاتي زندگي اسلامي تعليم موجب ڪانہ هئي. منجهانئن گهڻا ٽٽا تہ رڳو نالي جا مسلمان هئا. پر چوندا آهن تہ سياست ۽ ڊپلوميسي نڱيءَ جو ٻيو نالو آهي.

مولانا گراميءَ جي خلاف سچيءَ سنڌ ۾ مهم شروع ڪئي ويئي. سندس خلاف فتوائون ڏنيون ويون تہ ڪافر ۽ مُلحد آهي. ستت هڪ سياسي جماعت ٺهراءُ پاس ڪيو تہ ”سنڌي ادبي بورڊ ۾ مولانا گراميءَ جهڙن ڪافرن ۽ مُلحدن جو گروھ آهي، جيڪو ون يونٽ جو دشمن آهي، تنهن ڪري حڪومت ان جي خلاف قدم کڻي.“ اڳتي هلي انهيءَ معاملي وڏيڪ سنگين صورت اختيار ڪئي. سنڌ جي هڪ بزرگ شخص اهو ڏسي چيو تہ: ”سنڌ جا سياستدان پاڻ ۾ وڙهيا تہ ون يونٽ قائم ٿيو. هاڻي اديب وڙهيا آهن، شل خدا خير ڪري!“

اهو جهاد ايوب خان جي زوال تائين هلندو رهيو. تان جو حق جي فتح ٿي ۽ ون يونٽ ٽٽو. تڏهن مس مس وڃي گرامي صاحب ۽ اسان جي ون يونٽ پسند سنڌي اديبن مان جند ڇُٽي. حق ۽ ناحق جي انهيءَ جهاد ۾ گرامي صاحب ۽ اسان کلهو کلهي سان ملائي گڏ وڙهياسين. جيڪي دوست ۽ ساٿي مشڪلاتن ۾ هڪٻئي سان گڏ رهندا آهن، تن کان هڪٻئي جون ڳالهيون ڪونہ وسرنديون آهن. چنانچ ڏک جي هر گهڙي اڄ بہ منهنجين اکين جي سامهون آهي تہ هن مجلس ۾هيئن گڏ هئاسين، هن هنڌ هيئن گڏجي ڪم ڪيوسين، ۽ هن معاملي کي هيئن منهن ڏنوسين. ون يونٽ جي پوين ڏينهن ۾ سنڌي اديبن جو وري پيو هڪ ٽولو ساماڻو، جنهن سنڌيت بدران جنسيات جي ڳالھ ڪئي. اڳتي هلي اجا بہ هڪ ٽيون ٽولو ساماڻو جنهن وري سنڌيت بدران انانيت جي ڳالھ ڪئي. جڏهن ڏٺائون تہ اهي سڀ ڳالهيون هلي نٿيون سگهن، تڏهن ڇولا مٽائي وڏا سنڌ دوست بنجي ويا ۽ حقيقي سنڌ دوست اديبن کي رجعت پسند ڪوٺڻ لڳا. سندن رنگَ ڏسي، پلاري پٺاڻيءَ جو بيت ياد ايندو هو:

اڄو پاڻي لڙ ٿيو ڪالوڙيو ڪنگن
ايندي لهج مرن تنهن سر مٿي هنجڙا

جڏهن ون يونٽ جو دور گذري ويو، تڏهن گرامي صاحب ۽ مان پراڻيون يادگيريون تازيون ڪندا هئاسين. جڏهن ڊاڪٽر حسيني بورڊ ۾ سيڪريٽري ٿي آيو، تڏهن تہ اسان جون ڊگهيون ڪچهريون ٿينديون هيون. ڊاڪٽر حسيني جي وڃڻ کان پوءِ جڏهن مان سيڪريٽري ٿيس، تڏهن بہ اهو سلسلو قائم رهيو. اسان پهرن جا پهر روح رهاڻ ڪندا هئاسون. انهن ڪچهرين جي ڳالهين مان مون اهو تجزيو ڪيو تہ گرامي صاحب بنيادي طرح سخت مذهبي

ماڻهو هو. تصوف ۽ روحانيت سان سندس روح واسيل هو. ان کان علاوه هو صحيح معنيٰ ۾ سنڌ جو عاشق هو، ۽ سنڌ جي عظمت جو ثناخوان هو. پراڻي جڳ جا مذهبي ماڻهو، جن انگريزن جي خلاف آزاديءَ جي تحريڪ ۾ حصو ورتو هو، خاص ڪري مولانا ابوالڪلام آزاد ۽ مولانا عبيدالله سنڌي، سي گرامي صاحب جي دل کي ويجها هئا. مولانا سنڌيءَ سان تہ هن کي بيحد عقيدت ۽ محبت هوندي هئي ۽ پاڻ کي روحاني طرح مولانا سنڌيءَ جي مکتبِ فکر سان ملحق سمجهندو هو ۽ نشست برخاست ۽ آداب اطوار ۾ مولانا سنڌي ۽ مولانا آزاد جو طور طريقو اختيار ڪندو هو.

گرامي صاحب پنهنجيءَ نجي زندگي ۾ بيحد دلچسپ ماڻهو هو. خوش مزاج، ڪچهريءَ جو ڪوڏيو ۽ مجلس جو مور. جنهن مجلس ۾ هوندو هو، اتي رنگ لايو ويٺو هوندو هو. وڏو زيرڪ ۽ ڏاهو ماڻهو هو. سندس طبيعت جي خلاف ڪا ڳالهہ هوندي هئي تہ ڪوشش ڪندو هو تہ ان کي کل خوشيءَ ۾ درگذر ڪري ڇڏي. بنيادي طرح سان جيڪا ڳالهہ سندس پوري زندگيءَ ۽ شخصيت تي حاوي رهي، سا هيءَ هئي تہ هو مسڪين ماڻهو هو، ان ڪري هن جون تمنائون، حسرتون ۽ اُميدون سڀ مسڪينيءَ ۽ مجبوريءَ جي طابع هونديون هيون. ان ڪري آءٌ گرامي صاحب جو اهو وڏي ۾ وڏو ڪمال ٿو سمجهان تہ هن بي انتها مسڪينيءَ جي باوجود پنهنجي سڄي ڄمار هڪ شاناڻي نهج ۽ طريقي سان گذاري. هن علم سان محبت ڪئي، ادب سان دل لاتي ۽ جيئن هڪ سچي پچي عالم جي شايان شان هوندو آهي، تيئن انهن ڳالهين ۾ ڀرپور دلچسپي ورتي. هر ماڻهوءَ کي سٺي لٽي پائڻ ۽ عيش آرام جي تمنا ٿئي ٿي. لازمي طرح، گرامي صاحب کي پڻ هوندي، مگر مون کي ذاتي طرح معلوم آهي تہ گرامي صاحب غريب وٽ ڪڏهن ايترو پئسو ڪونہ ٿيو، جو سياري ۾ ڪو گرم ڪپڙو وٺي يا رڳو هڪ نئون ڪوٽ سبائي سگهي. هر سال جڏهن سيارو ايندو هو، تہ پاڻ حيدرآباد جي بزار مان ولائتي نيلامي ڪوٽ خريد ڪري وقت ٽپائيندو هو. گهر ۾ سندس رهڻ جو جدا ڪمرو هوندو هو، ان ۾ هڪ پراڻو مَٽ رکيو هوندو هو. اهو ايترو پراڻو هو، جيتري گرامي صاحب جي عمر. پاڻ سڄي عمر ان مَٽ مان پاڻي پيتائين. مون ڪڏهن کو نہ ڏٺو، تہ هن سانوڻ جي مند ۾ اهو مَٽ اڇلائي، نئون ڪورو مَٽ وٺي، ٿڌي پاڻيءَ جي لذت ورتي

غلام محمد گرامي

هجي. جنهن جاءِ ۾ سندس رهائش هئي، سا ڪيس حالن جي مخدوم صاحب جي مهربانيءَ سان ملي هئي. سڄيءَ عمر ۾ ڪيس ڪڏهن بہ اها سگهہ ڪانہ ٿي سگهي، جو پنهنجي ڪمري ۾ ڪتابن رکڻ لاءِ ڪي چڱا ڪبٽ خريد ڪري سگهي. پٿين تي ڪوڪا هڻائي، ڪاٺ جا تختا رکي، انهن جي مٿان ڪتاب، رسالا ۽ اخبارون ڍڳ ڪندو ويندو هو. هو صحيح معنيٰ ۾ مسڪين ماڻهو هو ۽ مسڪيني حال ۾ پوري زندگي گذاريائين. ريڊيو تان تقريرن جي معاوضي طور يا ڪڏهن ڪنهن ڪتاب لکڻ مان يا ڪنهن دوست احباب وٽان، جيڪڏهن ڪيس چار پئسا ملندا هئا، تہ اهي ٻچن جي ضرورت تي صرف ڪندو هو، يا وري ڪتابن ۽ رسالن جي خريداريءَ تي. ڪيس راڳ جو ڏاڍو شوق هوندو هو. مون سان جيڪي سندس ڪچهريون ٿينديون هيون، تن ۾ ڪلاڪن جا ڪلاڪ راڳ جي موضوع تي ڳالهائيندو هو. سنڌ جي اڳوڻن گوين ۽ ڀڳتن جي گائڪيءَ جي باري ۾ پهرن جا پهر ڳالهائيندو هو. ڪيس راڳ سان گڏ ڪاڏي جو شوق بہ هوندو هو. انهيءَ باري ۾ سندس يار دوست ڪيس گهڻو پٽائيندا هئا. سندس ڪاڏي ڪائڻ جا ڪيئي نقل نظير آهن، پر سڀ کان عمدا جناب مخدوم صاحب جن کان ٻڌي سگهبا، يا مرحوم نواب احمد لغاري ٻڌائيندو هو.

غريب ماڻهوءَ جي زندگيءَ پَٽ ڪوهہ ۾ گذري ٿي. پر جيڏي پَٽ ڪوهہ سنڌي اديب کي ڪرڻي پوي ٿي، اوتري آءٌ پانيان ٿو تہ مشڪل سان ٻين ٻولين جي اديبن کي ڪرڻي پوندي هوندي. پر انهيءَ ساريءَ پٽ ڪوهہ جي باوجود گرامي صاحب هر ڪنهن سان ياري نڀائي، ۽ سڀ کان وڌيڪ سنڌي علم ۽ ادب سان نڀائي. جنهن ڏينهن پاڻ وفات ڪيائين، ان جي گذريل رات آڌيءَ تائين رسالي "مهراڻ" جا پروف پڙهيائين، جي ناشاد سان گڏ پنهنجيءَ جاءِ تي ڏنا هئائين. پوءِ پنهنجن دوستن سان گڏ وڃي هڪ هوٽل تي ويٺو، جتي ڪباب جي چهر ۽ ڪچهري هلندي رهي. رات جو دير دير سان دستور موجب پنهنجي گهر پهتو ۽ ڪمري ۾ وڃي سمهي رهيو. صبح جو سنڌي ادبي بورڊ جي اسٽاف جا ماڻهو دستور موجب گاڏي ڪاهي وٽس ويا، جن سان گڏ آفيس هلڻ لاءِ تيار ٿي ويٺو. پر ارادو بدلائي ساڻن شڪايت ڪيائين تہ پيٽ ۾ تورو سور آهي، سو اوهان هلو تہ آءٌ پٺيان اچان ٿو. پنهنجي پٽيوالي کي البت روڪي ڇڏيائين.

اسٽاف جا ماڻهو هليا ويا. پٽيوالي کي پنهنجيءَ ڪنهن تقرير جي چيڪ وٺڻ لاءِ ريڊيو تي موڪليائين. پاڻ سوڊا جي بوتل پي ۽ ننڊ جي دوا ڪائي ليٽي پيو. ڪجهه دير کان پوءِ پٽيوالو اچي ڏسي تہ ڪمري جي اڳيان صحن ۾ گرامي صاحب پٽ تي ڪريو پيو آهي! ڪيس ڪٽي ڪٽ تي سمهاريائين ۽ ڊوڙي وڃي پاڙي مان ڊاڪٽر کي وٺي آيو. جنهن چيو تہ شيءِ مالڪن کي پهچي ويئي.

ان کان ہہ ڏاهاڙا اڳ منهنجي سائنس بورڊ جي آفيس اڳيان ملاقات ٿي هئي. منهنجي سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پرووائيس چانسيلر مقرر ٿيڻ بابت پهرن جا پهر مون سان گفتگو ڪندو رهندو هو: ”تون يونيورسٽيءَ ۾ وڃين ٿو. هتي بورڊ ۾ پنيان ڪم ڪيئن هلندو، وغيره وغيره.“ يونيورسٽيءَ ۾ گهٽي ڪم سبب آءٌ صبح جو سوير اوڏانهن هليو ويندو هوس ۽ ٻي اڍائي بجي بورڊ ۾ موٽي ايندو هوس، ان ڪري پوين ڏينهن ۾ اسان کي دلجمعيءَ سان ڪچهري ڪرڻ جو موقعو نہ مليو. جنهن ڏينهن گرامي صاحب هي جهان ڇڏيو، انهيءَ جي اڳئين ڏهاڙي تي صبح جو آءٌ بورڊ جي آفيس ۾ ٿورو ڪم ڪار لاهي، يونيورسٽي وڃڻ وارو هئس تہ ايتري ۾ شهر مان بورڊ جي اسٽاف گاڏي آئي ۽ سڀ کان اول گرامي صاحب هيٺ لٿو. ياڪر پائي چيائين: ”ادا، ڪاڏي ٿو وڃين؟“ مون چيو ”يونيورسٽيءَ ٿو وڃان.“ ڏک مان چيائين ”گهڻا ڏينهن ٿي ويا آهن. پاڻ ڪچهري ئي ڪانہ ڪئي آ. توکي يونيورسٽيءَ جي پَٽ ڪوهہ لڳي پئي آهي. اتي تو وٽ منهنجو اچڻ ڪونہ ٿو ٿئي.“ مون چيو ”آءٌ اڄ يارهين ساڍي يارهين ڌاران ڪم ختم ڪري موٽي اچان ٿو، پوءِ پاڻ ڪچهري ڪريون ٿا.“ قسمت ۾ اها ڪچهري لکيل ڪانہ هئي. ٻئي ڏينهن فون تي مون کي اطلاع مليو تہ جوڳي جوءِ ڇڏي ويا.

خبر ٻڌي زمين پيرن هيٺان نڪري ويئي! انهيءَ مهل مان يونيورسٽيءَ واري آفيس ۾ ويٺو هوس اُداس اُداس، زخمي دل ۽ پنل اکڙين سان سارو ڏينهن گذاري، شام جو گرامي صاحب جي رهائش گاهہ تي پهتس تہ دوستن کي هڪ مسئلي ۾ منجهيل ڏٺم. عام رايو هو تہ گرامي صاحب کي سنڌ جي هردلعزيز بادشاهہ غلام شاهہ ڪلهوڙي جي اوسي پاسي ۾ قبر جي جاءِ ملي. پر محڪمہ آثار قديمہ وارن کي ان ڳالهہ تي اعتراض هو. مان اها صورتحال ڏسي شيخ علي محمد صاحب کي ساڻ ڪري حيدرآباد جي ڊپٽي ڪمشنر وٽ هليو ويس.

هن اسان جي ڳالهه ٻڌي، هر طرح جي مدد جو يقين ڏياريو ۽ چيو ته اوهان همت ڪري، ميان غلام شاهه جي مقبري جي اوسي پاسي مناسب هنڌ تي گرامي صاحب جي آخرين ارام گاهه جو انتظام ڪيو. ڪنهن جي به پرواهه نه ڪيو. مان وينو آهيان. چنانچه اسان آثار قديمه وارن کي نظر انداز ڪري، گرامي صاحب لاءِ غلام شاهه جي پاسي ۾ جاءِ ڳولي ورتي، جتي هو هاڻي ابدي آرام ۾ آهي. مهينو ماسو گذريو ته سندس نينگر شبير پير پري آيو ته، "چاچا مون کي پوليس يا آبڪاريءَ ۾ سب انسپيڪٽري وٺي ڏي." اها ڳالهه منهنجي وس ۾ ڪانه هئي. ادبي بورڊ ڇڏي، "ايڪيڊمي آف ليٽرس اسلام آباد" ۾ آيس ته پهريون ڪم اهو ڪيم ته گرامي صاحب جي اهليه محترمه لاءِ ماهوار ادبي پينشن منظور ڪرايم اها هاڻي غمزده خاندان کي توري گهٽي ڪم ايندي هوندي. پر گرامي صاحب جو فرزند شبير غالباً اڃا تائين بيروزگار وينو آهي. سنڌ ۾ اڄڪلهه وڏي لهر آهي. پر دعا آهي ته خدا اهو ڏينهن به آڻي، جڏهن سنڌ پنهنجن محسنن کي سڃاڻڻ ۽ ياد ڪرڻ جي پاڻ ۾ شناس پيدا ڪري ۽ گرامي صاحب جهڙن گوهرن جي ٻچڙن جي سار سنڀال لهي.

مولانا عبدالواحد سنڌي

مولوي صاحب ذات جو انڌڙ هو ۽ غريب گهر جو ٻار هو. پنهنجي عاقل جي پاسي جو ويٺل هو. پر الائي ڪيئن، نندي هوندي، ڏڪي ڏوڙي دهليءَ وڃي پهتو. "هنوز دهلي دور است" وارو محاورو، سندس معاملي ۾ بي معنيٰ ثابت ٿيو. بخت ڀلو هئس سو دهليءَ ۾ ڏڳن جي ور چڙهڻ بدران ڊاڪٽر ذاڪر حسين جهڙي نيڪ انسان جو پاڇو پيس. سڄي عمر سندس ٿڌيءَ ڇانوَ هيٺ گذاريائين.

چون ٿا ته ڪنهن سنگتراش کان پڇيائون ته پٿر مان تو هيڏو سهڻو صنم ڪيئن پيدا ڪيو؟

جواب ڏنائين ته اهو ته اڳيئي منجهس موجود هو. مون رڳو متر ڪي سان غير ضروري پٿر هٽايا ته اندران ازخود نڪري نروار ٿيو.

ڊاڪٽر ذاڪر حسين به مولوي صاحب جي مٽي تي پاڄهه جو هٿ رکي، تهذيب ۽ تاديب وسيلي، سون کان سچو انسان سندس اندر مان ڪڍي ٻاهر آندو. پوءِ زماني جون ٿڏيون ڪوسيون هوائون، جهُڪون ۽ جهولا ۽ زماني جا لوڏا توڙي ملڪن جا ورهاڱا، مولوي صاحب جي قلب تي ڪس چاڙهي ڪونه سگهيا. مرڻ گهڙي تائين ابهم ٻار وانگر معصوم رهيو.

مون کي پاڻ ئي ڳولي لڌائين. سنڌي ادبي سنگت ڪراچيءَ منهنجي افساني کي پهريون نمبر انعام ڏنو. اهو ٻڌي مولوي صاحب مون کي مينارام هاسٽل ۾ ڳولي لڌو ۽ نئين زندگيءَ لاءِ افسانو گهريائين. اول ته ساڻس ملي اعتبار ئي ڪونه آيو ته عبدالواحد "سنڌي" هن شخص جو نالو آهي. ڪاڏي سنڌي ۽ ڪاڏي شيرواني ۽ پاجامو! پوءِ پتو پيم ته سندس اندر ۾ جيڪو سنڌي هو، سو گهڻن انهن اڪابرن ۽ دانشورن کان وڌيڪ ايمان وارو انسان هو، جيڪي فئشن خاطر يا ڦوڪو ڪيائڻ مهل اجرڪ ويڙهيندا آهن.

مولوي صاحب مون کان رڳو نئين زندگيءَ لاءِ افسانا ڪونه ورتا، پر سنڌ سرڪار جي نوڪري ڇڏارائي، پاڻ وٽ نئين زندگيءَ جي آفيس ۾ ملازمت وٺي ڏني. پوڻا ٻه سال گڏجي ڪم ڪيوسون. جڏهن سنڌي ادبي بورڊ وارن ڇڪيو ۽ ڪانئس موڪل گهريم ته اجازت ته ڏنائين، پر دل مان ڪونه ڪڍيائين، بلڪ دل ۾ منهنجي لاءِ هڪ مستقل گهرڙو ناهي، ان جي ٻاهران منهنجي نالي جي تختي هڻي ڇڏيائين. ٻين سان اديبانه تعلق رکيائين، مون کي پنهنجو محرمِ راز منتخب ڪيائين.

سندس دل تي هڪ بار اِهو هو تہ سندس نياڻيون سنڌي گهرن ۾ وڃن. ڊاڪٽر ذاڪر حسين ڪيس دهليءَ ۾ رهي پڙهائي روزگار سان ڪونہ لاتو هو. سندس شادي ڪرائي، گهرڙو بہ آباد ڪري ڏنو هئائينس. ڊاڪٽر ذاڪر حسين جهڙن انسانن جون ڪيميا اثر نظرون، جڏهن ڪنهن خوشنصيب تي پونديون هيون تہ ڇڻ مٿس هماءُ پکيءَ جو پاڇو پيو.

کهين جا بار ڪي اعليٰ شخصيتون کڻنديون آهن. تاريخ جي هر دور ۾، هر ڊاڪٽر ذاڪر حسين، پنهنجي قول ڪان وڌيڪ پنهنجي فعل سان، ڏکويل انسانذات جي خدمت ڪندو آهي. پر، گاسليٽي ڪامريڊ تہ غريب ڪي مٺن لفظن ۾ موهي، ماڳهين سندس جهڳو ڊيري ڪندا آهن. شاهہ ڀٽائيءَ اهڙن ئي ٺپتائي ماڻهن لاءِ چيو آهي:

اندر ڪارو ڪانءُ
ٻاهر ٻولي هنج جي.

سو، مون ڳالهہ تي ڪئي تہ دهليءَ ۾ ڊاڪٽر ذاڪر حسين مولوي صاحب جي شادي بہ ڪرائي هئي. مائي صاحبہ مانِ مولوي صاحب ڪي پٽڙا بہ تيا ۽ نياڻيون بہ. پٽ تہ دهليءَ ۽ ڪراچيءَ ۾ ڇاوا نپنا، سو سنڌي رنگ ۾ رنگجي ڪونہ سگهيا، پر نياڻين جي وڏي ڳڻتي هئس. پير صاحب (سائين حسام الدين راشدي) ۽ مون سان اهو سور سليائين. سندس صلاح سان مون هڪ سنڌي ترقي پسند اديب سان ڳالهہ ڇيڙي. ڪيس پنهنجي پڪاڻ ماروٽ لاءِ سگهّ ڪپندو هو. مولوي صاحب جون نياڻيون ايم.اي. ۽ ايم.ايس. سي پاس ڪري ويٺيون هيون، شڪل شباهت ۾ بلڪل نيڪ ناڪ. مون واري يارَ ۽ سنڌ جي انهيءَ عظيم ترقي پسند دانشورَ مولوي صاحب جو نالو ٻڌڻ شرط چيو، "لوئر مڊل ڪلاس."

مان تہ اهي اکر ٻڌي اصل وسامي ويس. هي اهيئي ماڻهو هئا، جيڪي مساوات ۽ سماجي انصاف جون ڳالهيون ڪندا هئا ۽ پنهنجن تحريرن وسيلي خدا جي خلق کي وڏا وڏا واعظ ڪندا هئا.

مولوي صاحب سنڌ ۾ مهاجر ٿي موٽيو هو. پاڪستان نئون نئون ٿيو هو. سرڪار نامدار، مهاجرن ۽ مقامي ماڻهن ۾ مفاهمت پيدا ڪرڻ ۽ خيرسگاليءَ جي جذبن کي وڌائڻ لاءِ، هڪ بليٽن جاري ڪئي هئي ۽ ان کي

نوزائيده ملڪ جي نسبت سان "نئين زندگي" نالو ڏنو هو. مولوي صاحب کي روزگار کپندو هو. دهليءَ جي ڪنهن واقفڪار کيس ان بليٽن جو ايڊيٽر مقرر ڪرايو. ظاهر آهي ته دهليءَ ۾ عمر ير مولوي صاحب جو سنڌي ڳالهائڻ، لکڻ ۽ پڙهڻ سان ڪو واسطو ئي ڪونه پيو هو. پر پڻائيءَ چيو آهي ته:

"سڪندين کي سيد چوي، ڪين جهليندو جهنگ"

مولوي صاحب رات ڏينهن محنت ڪري ان بليٽن کي سنڌي زبان جو شاهڪار ادبي رسالو بنائي ڇڏيو.

مون رسالي جي آفيس ۾ ملازمت دوران ان حقيقت جو مشاهدو ڪيو ته اها ڪا سولي ڳالهه ڪانه هئي. پر، اعليٰ آفيسر مولوي صاحب جي اخلاق کان متاثر تي، سندس جائز ناجائز مطالبي اڳيان نهڪر ڪونه ڪندا هئا ۽ هيٺئين درجي وارن ملازمن مان ڪم ڪڍڻ لاءِ مولوي صاحب پيو طريقو اختيار ڪندو هو. مثلاً رسالو ڇپجي آيو. پيو ڪو ايڊيٽر هجي ته چوندو ته "سرڪاري رسالو آهي، اڄ نه ويو ته سڀاڻي خريدارن ڏي ويندو." مولوي صاحب کي قرار ڪٿان ٿو اچي! بائينڊنگ سيڪشن ۾ ويندو ۽ سمورن بائينڊرن کي سموسا کارائيندو ۽ چاءِ جا ٻه ٻه ڪوپ پياريندو. نتيجو اهو ته ڊي. ايف. پي ڪاتي جا ٻيا اردو، فارسي، انگريزي، عربي رسالا اتي ئي ڍير تيا پيا هوندا، پر "نئين زندگي" رسالو ڇپجڻ کان ٽن ڏينهن اندر خريدارن کي پهچي ويندو.

مولوي صاحب ۽ مان "ماه نو" ۽ "نئين زندگي" جي جنهن آفيس واري ڪمري ۾ گڏجي ڪم ڪندا هئاسين، اتي "ماه نو" جا ٻه ڪاتب به اسان سان گڏ وهندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن مولوي صاحب کي مضمونن جا عنوان رسالي لاءِ ڪتابت ڪري ڏيندا هئا. پر اڃا مولوي صاحب کين ڪو ڪم مس چوندو هو ته جواب ۾ فوراً چوندا هئس ته، "حاضر، پر گهراءِ بدايوني پيڙا." آفيس جي ڪئنٽين تي ڪاڏي جي سڀ کان سٺي ۽ مهانگي شيءِ هوندي هئي بدايون جا کيرپيڙا. مولوي صاحب ٺهڪ ڏيئي مون کي چوندو هو، "زوراور، ڏيو آرڊر. آخر هنن چندبن مان ڪم ته ڪڍڻو آهي."

انهن ٻنهي ڪاتبن ۾ هڪڙو ڏاڙهيءَ ڪوڙُ هوندو هو ۽ ٻيو ڊگهيءَ ڏاڙهيءَ وارو. ڏاڙهيءَ ڪوڙ جو چوڻ هو ته "جيڪڏهن سرمد جو ابيچند سان عشق جائز هو، ته پوءِ ايران ۽ سنڌ جي انهيءَ تاريخي روايت کي تازو ڪرڻ لاءِ،

مولوي صاحب ساڻس عشق جو نٽو ڪري؟" مولوي صاحب اها ڳالهه ٻڌي کيس بجا ڏيندو هو. ڏاڙهيءَ وارو ڪاتب ترڪي ٽوپي پائيندو هو، ۽ ڪياڙي ڪنهندي، مون سان پنهنجي منهن، زالن جي ازدواجي حقن جو ذڪر ڪندو هو. جڏهن مون چيس ته مان شادي شده ناهيان، تڏهن ٻئي ڪنهن سان صلاح ڪيائين. ان ڪانپوءِ پنهنجي بيگم صاحبه جي ازدواجي حقن جي حفاظت جي جذبي هيٺ، ڪراچيءَ جي ايمپريس مارڪيٽ مان گوشت جي دوڪانن تان ڪڪڙن جون منڍيون ۽ چنبا ميڙي، پنهنجي گهر کڻي ويندو هو. سندس بيگم صاحبه انهن کي ڌوئي، صاف ڪري، پاڻيءَ جي ديڳڙيءَ ۾ وجهي، هلڪيءَ باهه تي چاڙهي ڇڏيندي هئي. صبح تائين سڄو پاڻي ڪڇي ويندو هو. ڪاتب صاحب ناشتي بدران، ڪڪڙن جي منڍين ۽ چنبن جي مُک مان پريل پيالو پي، آفيس، ايندو هو ۽ اتي مولوي صاحب کان موقعي ملڻ شرط بدايوني پيڙا ڪڍندو هو. مولوي صاحب جا پيڙا ته هضم ڪري ويو، پر ڪڪڙن جي منڍين ۽ چنبن ڪيرائي وڌس. اسپتال ۾ داخل ٿيو. ٽن مهينن کان پوءِ ٻاهر نڪتو. ڳري ڪندا تي ويو. ڊاڪٽرن لوڻ ۽ گيهه جي استعمال تي بندش وڌس. مون سان رازداريءَ ۾ ڳالهه ڪيائين ته "اها پرهيز ته ڏکي ڳالهه ڪانهي. اصل مسئلو آهي بيگم جي ازداجي حقن جي حفاظت." مون ۽ مولوي صاحب گهڻو ئي سمجهايس. پر نه مڙيو. وري ڪو نسخو آزمايائين. ان مان جيڪا طاقت حاصل ڪيائين، سا پاڻ سان کڻي عدم جي راهه اختيار ڪيائين. شايد کيس پنهنجي پتيءَ جي حورن جي حقن جي به ڳڻتي هئي.

مان سنڌ ادبي بورڊ ۾ اچڻ کان سنت پوءِ ڪجهه عرصو، مولوي صاحب جي پاڙي ۾، "شو مارڪيٽ" وٽ ڪرايي جي گهر ۾ ٽڪيس. مولوي صاحب پرسان راڻي باغ وٽ رهندو هو. سو، صبح جو مون وٽ ايندو هو ۽ ڪچهري ڪري، پوءِ آفيس ويندو هو. هڪ دفعي ڪچهري ڪندي، مون کان صلاح ورتائين ته "نئين زندگيءَ کي وڌيڪ مشهور بنائڻ لاءِ سنڌي اديبائن جا فوٽو رسالي ۾ ڇاپجن ته ڪيئن ٿيندو؟" مون چيس ته "تمام سٺو ڪم ٿيندو." پاڻ چيائين ته، "هونئن ڀلا جيسين سنڌي زالون اڳتي ڪونه وڌينديون، تيسين ڪم ڪيئن هلندو؟" مون چيو ته، "اصل ڪونه هلندو. آباديءَ جو اڌ حصو مفلوج رهندو. سنڌ کي ترقي وٺائڻي آهي، ته زندگيءَ ۾ اديبائن جا فوٽو ضرور شايع ڪجن."

پير حسام الدين راشدي اسان سڀني جو بزرگ هوندو هو. مولوي صاحب کي ڏاڍو پڻائيندو هو. ملڻ شرط پهريون ڪم اهو ڪندو هو تہ مولوي صاحب جي ٿيلهي جي تلاشي وٺندو هو. جيڪو نئون رسالو يا رسالي ۾ تبصري لاءِ ڪو نئون ڪتاب مولوي صاحب وٽ پهچندو هو، سو ڪڍي وٺندو هو.

حسب عادت هڪ دفعي پير صاحب مولوي صاحب جي ٿيلهي جي تلاشي ورتي تہ اندران نوجوان زالن جا ڪيترائي فوٽو نڪتا. پير صاحب دانهن ڪري چيو تہ "اڙي مولوي هي ڇاهي؟"

مولوي صاحب چيس تہ، "ڇاهي وري ڇاهي! سرڪار جي پاليسي آهي تہ عورتن کي اڳتي ڪيو."

پير صاحب ڳالهہ ٻڌي کل ۾ ويڙهجي ويو. مولوي صاحب کي گهٽوئي ٽوڪيائين، پر مولوي صاحب منهنجي مشوري موجب نئينءَ سرڪاري پاليسيءَ تي ڪاربند رهيو.

هڪ دفعي شو مارڪيٽ واريءَ جاءِ ۾ انهيءَ پاليسيءَ جو جائزو وٺندي، مون کيس عرض ڪيو تہ، "هاڻ تہ فلاڻيءَ اديبہ جي ڪا تصوير ڇاپيو. مان تہ رات ڏينهن بلهي شاهہ جي ڪافي ڳائيندو ٿو وتان

"درسن بن اکيان، ترس ڳيان"

چيائين تہ، "زوراور، ڇا ڪيان. موڪلي ئي نٿي. ڏاڍا خط لکيا تمانس. پر چوي ٿي تہ ننڍي لاءِ جي تصوير ڪڍي ڇاپيو، جڏهن پاڻ اجا ماءُ جي هنج ۾ هئي."

ڳالهہ ٻڌي مون ٿڌو ساهہ ڀريو. مولوي صاحب دم دلاسو ڏنو. ڏاهن جو چوڻ بہ ياد آيو تہ، "جيئرن جو جهان آخر اميد تي ئي قائم آهي."

ڀٽائي صاحب فرمايو آهي تہ:

"ماڻهو گهرز مال، آءٌ سپ ڏينهن گهران سپرين"

مولوي صاحب ۾ مان انهيءَ اصول تي ڪاربند رهياسين. فرق رڳو اهو هو تہ هن پنهنجي زندگي "نئين زندگي" لاءِ وقف ڪري ڇڏي هئي. گهر جي سار سنڀال، ٻارن جي تعليم ۾ ٻي اهڙي ڪشٽ سندس گهر واريءَ جي ذميواري هئي. پاڻ پهرينءَ تاريخ پگهار وجي سندس ترئءَ تي رکندو هو.

مولوي صاحب صبح جو گهران تيار ٿي نڪرندو هو تہ وري منهن اونداهيءَ مهل گهر ۾ منهن ڏيکاريندو هو. صبح جو ڏاري جي ڀت سان ناشتو

ڪندو هو. پوءِ ڍوتل پاجامو ۽ قميص پائي، مٿان شيرواني ڍڪيندو هو. پيرن ۾ انگريزي بوٽ، ڪڏهن جورابن سان، ڪڏهن بنا جورابن جي. مٿي ۾ جناح ڪئپ. مون ڪيس نئون لباس ڪڏهن ڪونه ڏٺو. يا ته سبائڻ جي طاقت ڪانه هئس يا شوق ڪونه هئس.

مولوي صاحب تي مولوي هجڻ جو محض الزام هو. اصل ۾ اهو رڳو دهليءَ جو محاورو هو. "ڏاڙهي مڇون چٽ، پرون شاهه بچايا." قد جو ڊگهو، بت جو پورو پنو. سندس صحت جو راز پنڌ ڪرڻ ۾ هو. رڪشا ۾ اصل ڪونه چڙهندو هو. پري پنڌ هوندو هو ته بس ۾ وهندو هو. نه ته گهڻو زور ڪڙين تي. پري کان روڊ تي ڪو ڊگهو ماڻهو لڏندو لمندو نظر ايندو هو، ۽ سندس هٿ ۾ چمڙي جو ٿيلهو به هوندو هو، ته يانئبو هو ته پڪ ئي پڪ مولوي صاحب اچي رهيو آهي. ٿيلهو به ٿيلهن جهڙو هوندو هو. مون ان کي هميشه عمر عيار جي زنبيل سان تشبيه ڏني. هڪ دفعي پير صاحب صدر ۾ هڪ ڪيمسٽ جي دڪان تي اهو ٿيلهو انگريزي ڪانٽي تي تورايو. پورا پنجويهه پائونڊ ٿيو. اهو ٿيلهو هميشه ٿلهو ٿيندو رهندو هو، ڇو ته مولوي صاحب کي نڪ سامهون جيڪو به سنڌي ڳالهائڻ وارو نظر ايندو هو، ان کان نئين زندگيءَ لاءِ مضمون گهرندو هو. اديب مضمون ۽ افسانا ته ساڻ کڻي ڪونه گهمندا هئا، پر شاعر مٿس اها مهرباني ڪندا هئا ته روڊ جي پاسي سان ئي مولوي صاحب کان ڪاڳر وٺي، به ٽي شعر لکي ڏيندا هئس. مولوي صاحب اهو مواد ٿيلهي ۾ جمع ڪندو ويندو هو. خاص خاص اديبن جي رهائش گاهن تي حاضري ڏيڻ ۽ مضمون يا افساني لاءِ ڏهه ڏهه دفعا پنڌ ڪرڻ ڪانپوءِ يارهون پيرو پنڌ ڪرڻ مضمون يا افسانو حاصل ڪرڻ سندس شيوو هوندو هو. پر جيڪڏهن ڪو شخص معذرت ڪندي چوندو هوس ته مان ته اديب ڪونه آهيان ته يڪدم ٿيلهي مان نئين زندگيءَ جو پرچو ڪڍي ڪيس ڏيندو هو ۽ چوندو هو، "زوراور، ته پوءِ لکو نه! هونئن پلا ڪم ڪيئن هلندو."

مان جنهن دور جو ذڪر ڪري رهيو آهيان سو سنه 1955، 1956 ۽ 1957 تي مشتمل آهي. ان زماني ۾ سنڌ جي آسمان تي ون يونٽ جي ڪارن ڪڪرن جا ڪارونيار هئا. قدرت جا عجب رنگ آهن. عين اونداهيءَ ۽ ڪاري ڪارونيار ۾ بجلي چمڪندي آهي. تڏهن ته شاهه پٽائيءَ فرمايو هو:

"نير منهنجو نينهن، اجاري اڄو ڪيو"

اهوئي دور سنڌي تخليقي ادب لاءِ سڀ کان سڀاڳو ثابت ٿيو. سنڌ ۾ نئين جاڳرتا اچي ويئي. سنڌي اديبن ۽ شاعرن لکڻ سان حد ڪري ڇڏي. سندن تحريرن کي شايع ڪرڻ ۾ ٻن رسالن پاڻ موکيو: هڪ مهراڻ ٻيو نئين زندگي، پهرئين رسالي جو سهرو محترم محمد ابراهيم جويي جي سر تي سونهين ٿو ۽ ٻئي رسالي لاءِ مبارڪباد جو مستحق مولوي صاحب آهي.

پنهنجي پنهنجي نوع جا ٻيا بہ رسالا شايع ٿيا. هاڻي نالا وسري ويا آهن، پر ڪي ياد آهن: فردوس، روحِ اديب، بادل ۽ شاعر. پر مهراڻ ۽ نئين زندگيءَ انهيءَ ڏکئي دور ۾ جيڪا خدمت ڪئي، سا سنڌي ادبي تاريخ جو "سونهري باب" آهي.

مهراڻ ۾ منتخب ادب شايع ٿيندو هو. ان مان سنڌ جي گهوگهاري وارن سڳداسي چانورن جي خوشبوءِ ايندي هئي.

نئين زندگي فقيراڻي گودڙي هئي. خواجہ اجمير جي درگاهہ جي ديڳ هئي. چانور آيا تہ هڻ ديڳ ۾، دال آئي تہ هڻ ديڳ ۾. ڳوشت آيو تہ بہ هڻ ديڳ ۾. طعام تيار ٿيو. ديڳ لٿي تہ لنگر چالو ٿيو. غريب پيٽ پرڻ لاءِ کائي، امير ثواب خاطر کائي.

سادگي ۽ ڪسر نفسي مولوي صاحب جي مٿي جو تاج هئي. ننڍي کان ننڍي اديب کي وڏي کان وڏو سمجهندو هو. سندس اڳيان پاڻ کي ننڍو ڪندو هو. پر جنهن عالم ۽ اديب سان سندس ٻنيهہ دليون هيون ۽ جنهن لاءِ ڪيس از حد احترام هو، سو هئو شمس العلماءِ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو. مولوي صاحب سندس علم ۽ اخلاق جي تعريف ڪندي ڊاپندو ئي ڪونہ هو.

مولوي صاحب کي ڪاوڙ ايندي ئي ڪانہ هئي. نہ وري بيمار ٿيندو هو يعني جسماني ۽ روحاني طرح فٽ هو. سٺ سالن جو واهجو هو، پر ٽيهن ورهين واري کان وڌيڪ ڏيک ڏيندو هو، اجا سنڌي ادب جي ڪا خذمت ڪري ها، پر سرڪار جا قانون عمل ۾ آيا. هڪ ڏينهن مولوي صاحب کي عمر جي مقرر حد تي پهچڻ ڪري رٽائر ڪيو ويو. رٽائر ڇا ڪيائين، ڄڻ تہ سندس زندگيءَ جو سڄ ڪارن ڪڪرن هيٺ اچي ويو، ڇو تہ سندس ساهہ نئين زندگيءَ ۾ هو. ان جو وڇوڙو سهي ڪونہ سگهيو. پاڻ کي گهر ۾ بند ڪيائين. ڪميٽيءَ دنيا

ڪيس تمام ترت وساري ڇڏيو. پاڻ بہ دنيا کي پٺي ڏيئي ڇڏيائين. زندگيءَ جا باقي بچيل سال، مهينا ۽ ڏينهن گوشي نشينيءَ ۾ گذاريائين.

غالباً 1984ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ، سنڌالاجي ۽ اڪيڊمي آف ليٽرس جي سهڪار سان حيدرآباد ۾ سنڌي ادبي سيمينار ٿيو. مون علي احمد بروهيءَ سان صلاح ڪئي تہ مولوي صاحب کي گهران ڪڍي، اسٽيج تي وهارجي، سندس خدمتن جو اعتراف ڪجي ۽ کيس ڏهاڪو هزارن رپين جي ٿيلهي بہ پيش ڪجي. بروهيءَ کي ڳالهہ وڻي ۽ مون کي همتايائين. پر سنڌ جهڙي بي قدري سماج ۾ ڏهہ هزار رپيا ڪوڙا ڪير ڪري.

خير، حسين شاهہ راشدي مولوي صاحب کي ڪراچيءَ مان بستري مان ڪڍي، موٽر ۾ وهاري حيدرآباد پهتو. نياز همايونيءَ ڳالهين ٻولهين ۾ سندس دل ورتي. اسٽيج تي مرڪزي ۽ صوبائي وزيرن کيس اجرڪ ۽ گلن جا هار پاتا. جڏهن کيس تاثرات بيان ڪرڻ لاءِ چيو ويو تہ طبيعت جي حجاب ۽ جذبات جي شدت ڪري ڳالهائي ڪونہ سگهيو. مون ڏي اشارو ڪري چيائين تہ "رسالو مان ٿوروئي ڪيندو هوس. هو ويٺو آهي." مون تہ پنهنجن اکين جي ڳوڙهن کي ضابطي ۾ رکيو، پر پاڻ پنهنجن اکين جاڳوڙها روڪي نہ سگهيو. اهو پبلڪ ۾ سندس آخرين ديدار هو. جڏهن هي جهان ڇڏيائين تہ مان اسلام آباد هوس. سندس هڪ عزيز، منظور انڌڙ، قرب ڪري فون تي مون کي اسلام آباد اهو اطلاع ڏنو. اسلام آباد ڪرن ۽ مينهن جو ملڪ آهي. ان مهل بہ وڏڦڙو وسي رهيو هو. اداس اکين ۽ زخميل دل سان ڏکوئيندڙ خبر ٻڌي، گهر ۾ پنهنجي ڪمري جي دريءَ وٽ وڃي ويٺس. سندس پٽ ۽ نياٽيون ڪڏهوڪو اڏامڪ پکين وانگر، پر ڪري، پرديس اڏامي ويا هئا. پنهنجي پاڻ ۾ جهاتي پاتم ۽ پاڻ کي ئي مولوي صاحب جي تعزيت ڏنم. هڪ هڪ ڪري، ماضيءَ جا ڪي نظارا اکين اڳيان آيم.

هڪ دفعي مان ۽ مولوي صاحب شاهہ ڀٽائيءَ جي ميلي تي وياسين. رات جو دير سان جڏهن واندا ٿياسين تہ بس جي اڏي تي آياسين. خيرپور جي ممتاز ڪاليج جو پرنسپال ۽ اردو زبان جو ممتاز اديب، پروفيسر قرارحسين ۽ انهيءَ ڪاليج جو استاد ۽ سنڌي زبان جو ممتاز اديب عطا محمد حامي بہ گڏ هجن. سڀ هالن ۾ حامي صاحب جي هڪ "منڙي دوست" وٽ ٽڪيل هجون.

مولانا عبدالواحد سنڌي

- وفاقي ۽ صوبائي تعليمي وزير کيس اجرڪ پارائي رهيا آهن -

اهو حامي صاحب جو پنهنجن دوستن لاءِ پيارو محاورو هوندو هو. هيڏي هوڏي سواريءَ لاءِ واجهايوسون. گهـُـر خير. آخر پنڌ پياسون. چانڊوڪي هئي. پنڌ تڪايو ته ڪونه، ورندو مزو آيو. چارئي ڄڻا، ڳالهيون ڪندا، ڪل پوڻ ٻي اچي هالين پهتاسين. اڌ رات وارو اهو پيادل سفر سچي عمر ڪير به وساري نه سگهيو. حامي صاحب ۽ مولوي صاحب ته عمر جو سفر به پورو ڪري وڃي آرامي ٿيا. ڇڻ ته ڪالهوڪو ڏينهن آهي!

ٻئي دفعي مولوي صاحب هالين ويو ته اڪيلو ويو. ڪيس نئين زندگيءَ لاءِ مخدوم نوح جي درگاهه جون تصويرون ڪڍائڻيون هيون. مان ساڻس گڏ ڪونه ويس. سرڪاري فوٽوگرافر ساڻ هيس. موٽيو ته حال احوال ڏيندو ڪل ٻر ويڙهجي وڃي. چوي ته "زوراور، مون چندي فوٽو گرافر کي جهليو ته اوليائن جي درگاهن مٿان نه چڙهه. پر چيائين ته ڇت تان به ٻه ٽي تصويرون وٺان. اجان تو مٿي چڙهي ۽ ٽي ونيس ڪڪر. ڏينين هٽي سجائي وڌس."

تازو ڪنهن چندي، مخدوم نوح جي درگاهه کي باهه ڏني. ان کي ته ڪنهن به ڏينيوءَ ڪونه ڏنگيو. سونهن شايد مولوي صاحب جي نگاهه ٻر هئي!

شو مارڪيٽ ٻر رهندو هوس ته ڪنهن دوست "رم" جو شيشو تحفي طور ڏنو. ڪمري ٻر لڪائي رکيم. مولوي صاحب جڏهن صبح جو راڻي باغ وٽ پنهنجي گهر کان ايندو هو ته ٻئي ڄڻا، صبح مرداني، گلاس گلاس پي، مست ٿي، آفيس ويندا هئاسين. اتڻ مهل مولوي صاحب کلي چوندو هو، "زوراور، مٿان ڪنهن کي خبر پئي."

حسين شاهه صلاح ڪئي ته مولوي صاحب کي "ڪئبري ڊانس" ڏيکاريون. ٽڪيٽن جو بندوبست پاڻ ڪيائين. ٽئي گڏجي وياسين ايڪسيلشر نائيٽ ڪلب ٻر، جيڪا تڏهن ولائتي ڊانسرن لاءِ مشهور هئي. ترڪيءَ جي ڪا ڊانسر هئي. حسين شاهه اک جو اشارو ڪيس. لڏندي لمندي، نچندي آئي ۽ اچي مولوي صاحب جي هنج ٻر ويٺي. پوءِ ته مولوي صاحب جا رنگ ڏسڻ وٽان هجن! جڏهن ڊانسر اٿي ويئي، تڏهن حسين شاهه کي کلي چيائين "زوراور، مارائين تو مون کي." مون چيو، "سائين ڇا ٿيو؟" چيائين ته "ڇا وري ڇا، شيراڻيءَ جي ڪيسي مان سڙو جو نوٽ ڪڍي وئي."

جڏهن مان ڪراچيءَ مان حيدرآباد آيس تہ مون وٽ ڏينهن جا ڏينهن اچي ٽڪندو هو. شام جو سول لائينس جي ٽئين نمبر بنگلي ۾ ڇپر تي ڪرسيون ڪڍي وهندا هئاسين. ننڍ پڻ جا ذڪر ڪيندو هو. چوندو هو تہ ڏاڏا غريب هوندا هئاسين. اسان جي ڳوٺ ۾ اٺن جا وڳ هوندا هئا. جڏهن جهنگ ڏانهن ويندا هئا، تہ سندن گورن ڪي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيندو هوس. ڏاڍي دل هئم تہ مان بہ ڪو اٺ جو گورو وٺان. پر قسمت ڪي ٻيو ڪجهہ منظور هو. دهليءَ وڃي نڪتس.

منظور انڌڙ فون تي ڳالهہ ڪئي تہ رحلت ڪان اڳ بہ مولوي صاحب ڳوٺ ڪي گهڻو ساريندو هو. ڪراچيءَ جي ڪُنَ ۾ اپاڻڪو ٿي پيو هو. چو طرف ماڻگر مچ! چوندو هو تہ مون ڪي ڪو وطن وٺي هلي.

منظور انڌڙ شايد سمجهي ڪونہ سگهيو تہ مولوي صاحب ڪهڙي وطن وڃڻ لاءِ تانگهي رهيو هو. ڪيس خبر ڪانہ هئي تہ جاميءَ چيو آهي تہ، ”اي دل، هن مجازي محلات ۾ آخر ڪيستائين؟“

منظور انڌڙ ڪان اهي ڳالهيون ٻڌي، ڏکن ۾ ويڙهجي ويس. مولوي صاحب ڪي ٻنل اکين سان، سڪ مان ساري، ڏاڍا سڏڙا ڪيم. پر، ٻاهر سخت مينهن ۽ طوفان هو. شايد واءَ منهنجن واڪن ڪي اڏائي ڇڏيو. ڪٿان جواب ڪونہ مليو.

سنڌ جي شاعر ڪنهن اهڙيءَ ئي ڏکوئيندڙ ڪيفيت ۾ چيو هو:

ماءُ ڏني مون ماٽ مڙهين ۾
جوڳي جيڪس ويا جبروت

بيڙو فقير ڪنير

سنڌ ۾، عيسوي ويهينءَ صديءَ جي پوئين اڌ جي علمي ۽ ادبي مشاهيرن جو جيڪو بہ تذڪرو لکبو، سو تيسين نا مڪمل رهندو، جيسين ان ۾ بيڙي فقير جو ذڪر نہ ايندو.

مان گذريل ويهہ پنجويهہ ورهيہ سنڌي ادبي دنيا سان وابستہ رهڻ جي باوجود، سنڌس دوستيءَ جو دم تہ هڻي ڪونہ ٿو سگهان پر ايترو ضرور چئي سگهان ٿو تہ مون کي بہ سنڌس نياز منديءَ جو شرف حاصل هو.

سنڌ ۾ ڪيتريون ئي ذاتيون ماڻهن جي ڌنڌن ۽ ڪسب موجب آهن، مثلاً واڍا، ڪٽي، موچي، حجم، لوهر وغيره. ان لحاظ کان بيڙو فقير ذات جو ڪنير هو، پر ڪنيرن ۾ ان قبيلي سان تعلق رکندو هو، جيڪي پيار ۽ محبت جا ڪوري گرَ تيندا آهن. تاجي پيڻي سنڌي هو. خالق اڪبر سنڌس جسم ۽ روح پنهي کي سنڌ جي سڳند سان واسيو هو.

منهن ۾ نيمڪ، اکين ۾ حجاب، چپن تي مرڪ، نگاهن ۾ ساڃهہ، اٿڻ ويهڻ ۾ حد درجي جي فضيلت، دل ۾ سخاوت، لباس خالص سنڌي سلوار قميص ۽ مٿي سان پٽڪو، سو بہ سورنهن آنا سنڌي پيرِ تي ٻڌل. ٻين لفظن ۾، ائين چئجي تہ "تن صفا، من صفا" قولِ محمد مصطفيٰ. اهو حليو خيال ۾ رکبو، تہ بيڙي فقير جي شبيہ تصور ۾ ايندي.

تماڪ نوشيءَ جي هيرَ هئس، پر ڪڏهن بہ سگريٽ سنڌس آڱرين ۾ ڪونہ ڏٺم. هميشہ سنڌي ٻنَ جي بيڙي ڇڪيندو هو. مون کي ياد آهي تہ هڪ دفعي ڪو سنڌي وڏو ماڻهو هو يا ڪو منهنجو غير ملڪي دوست هو، تنهن بيڙي فقير جون لاتعداد تصويرون ڪڍيون. مون جڏهن ڪانئس سبب پڇيو تہ چيائين تہ "هن کان وڌيڪ چٽن سنڌي مهاندن وارو ماڻهو مون اڄ ڏينهن تائين ڪونہ ڏٺو آهي."

سنڌ جو ڪوبہ شهر يا اهم هنڌ ۽ ماڳ هجي، بيڙي فقير ضرور گهميو هوندو ۽ انهيءَ سڄي تر جي علمي ادبي شخصيتن جي ڪيس خبر چار هوندي. سنڌ جا سگهڙ تہ خير سنڌس گهر جا ڀاتي هئا.

غالباً 1953-1954ع ڌاران سنڌي ادبي بورڊ سنڌي لوڪ ادب کي گڏ ڪرڻ ۽ شايع ڪرڻ جي اسڪيم ٺاهي. ان اسڪيم جو ڊئريڪٽر هو، سنڌ جو ممتاز عالم، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ.

هونئن تہ بورڊ جي ڪيترن ئي ڪتابن لکڻ جو ڪم سندس حوالي هو، پر پن مکيہ اسڪيمن جو پاڻ ڊئريڪٽر هو. هڪ لوڪ ادب واري اسڪيم ۽ ٻي سنڌي لغات ناهڻ واري اسڪيم. هڪڙيءَ اسڪيم جو ڪم اجا ڪنهن سبب سان مس ڊرو ٿيندو هو، تہ ٻيءَ اسڪيم جي ڪم کي تيز ڪري ڇڏيندو هو. واندو نہ وهندو هو. انهن ٻنهي اسڪيمن جي سلسلي ۾ علمي ادبي مواد ۽ ماڻهن جي تلاش ۾ سڄي سنڌ جهاڳي وجي متي چڙهيو. ان معاملي ۾ سنڌ ايڏو وڏو ماڻهو نہ اڳي ڏٺو نہ پوءِ.

هڪ دفعي اسان سنڌ گهمڻ جي خيال کان اهو هنڌ ڏسڻ وياسين، جتي سنڌو درياهہ سمنڊ ۾ داخل ٿئي ٿو. ميزبانيءَ جا فرائض حسب دستور جمال ابڙي جي بلي هئا. اول ڪارو ڇاڻ گهميوسين. اتي رات رهياسين. صبح جو ڪاري ڇاڻ کان درياهہ جي هڪ شاخ ڏيئي، پهريائين ٻيڙيءَ رستي سفر ڪيوسون ۽ پوءِ لانچ ۾ چڙهياسين. سڌو وڃي ڪيٽي بندر پهتاسين، جيڪڏهن يلجان نٿو تہ منهنجا پيارا يار تنوير عباسي ۽ رشيد ڀٽي بہ گڏ هئا.

مون پنهنجي سڄيءَ عمر ۾ جيڪي بہ سهڻا نظارا ڏٺا آهن، تن ۾ هڪ نظارو ڪيٽي بندر جي شام هئي. ان علائقي ۾ درياهہ شاخن ۾ ورهائجي وڃي ٿو. شام جو شفق جا پاڇولا جڏهن پاڻيءَ ۾ پون ٿا، تہ قادر جي قدرت جو جمال پنهنجي عروج تي اچي ٿو.

ڪيٽي بندر ۾ اسان سيٺ نور محمد جي اوطاق ۾ ٽڪياسين. رات جو مانيءَ کانپوءِ جيڪا محفل ٿي، ان ۾ ڳالهہ ٻڌايائون تہ اوهان جي آرين پارين فقط بہ ماڻهو اڳي هٿ آيا آهن: هڪ پير علي محمد راشدي، جو ڪو زمانو ٿيو تہ سياسي سبب سان هٿ آيو هو. ٻيو ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، جيڪو اوهان وانگر ادبي ذوق وارو ماڻهو هو ۽ سگهڙن جا پيرا ڪڍندو هٿ پهتو هو.

پر رڳو ڪيٽي بندر نہ، اسان جتي بہ وياسين، اتي ٻڌايائون تہ ڊاڪٽر بلوچ صاحب هٿ بہ دعا جا پير گهمائي ويو آهي.

ڊاڪٽر صاحب رڳو لوڪ ادب جو مواد گڏ ڪونہ ڪيو، پر ڳوٺن ۾ ادبي سگهڙن کي آياريو ۽ اُڀاريو. گويا ٻهراڙيءَ جي ليول تي ادبي سجاڳي آندائين، يا هيئن چئجي تہ هڪ تحريڪ پيدا ڪيائين. هنڌ هنڌ لوڪ ادب جون ڪچهريون ٿيڻ لڳيون. سگهڙ تہ اڳي بہ موجود هئا، پر ڪين تنظيم ۽ تحريڪ جي لڙهيءَ ۾

بيڙو فقير ڪنير

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

پوئڻ جو ڪارنامو سنڌ جي لائق ۽ فائق عالم ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ سرانجام ڏنو. سنت سگهڙن جي آواز ۽ آلاپ جي ريڊيئي تائين رسائي ٿي.

ان زماني ۾ ٽي.وي. ڪانه هئي. ريڊيئي سگهڙن جي ڳالهه کي وڏي هٿي ڏني. لوڪ ادب سان گڏ سنڌ جي لوڪ سنگيت يا موسيقيءَ ۾ به جڻ نئين جان پئجي ويئي. اهڙيءَ ريت، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جيڪا Discovery of Sindh ڪئي، ان جي طفيل، پيڙو فقير منظرِ عام تي آيو.

سمنڊ جي ڪناري تي هڪ نظارو عام جام ڏسڻ ۾ ايندو آهي. ويران پنيان ويرون ڪناري ڏانهن ڏوڪينديون ايڊيون آهن. پاڻيءَ کي پياسيءَ ڌرتيءَ جي تلاش آهي يا پياسي ڌرتيءَ جي پڪار پاڻيءَ کي قرار وٺڻ نٿي ڏئي، سو ته خدا کي معلوم، پر قدرتي نظارن ۾، "محبت ۽ ميلاپ" جو اهو هڪ عجيب منظر آهي ۽ ان ڳالهه جو مظهر آهي ته ڪائنات جو نظام "محبت ۽ ڪشش" تي ٻڌل آهي.

ڪڏهن ڪڏهن اهي ويرون ڪناري سان اچي لڳنديون آهن ته پنهنجيءَ هنج ۾ قسم قسم جا جيت، ننڍڙا پٿر ۽ ڪوڏ به کڻي ايندون آهن. چون ٿا ته خالق جي ڪائنات ۾ ڪي اهڙا سياڳا هنڌ به آهن، جتي ان ريت سمنڊ جون ويرون، سپون ۽ سچا موتي آڻي، ڪناري تي اُڇليندون آهن.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ سنڌ ۾ جيڪا ثقافتي تحريڪ آندي، ان اهڙي ئي نموني ۾ پيڙي فقير جهڙو املهه ماڻڪ پنهنجيءَ هنج ۾ آندو.

سن ۽ سال مون کي ياد ڪونهي. پر مون سان سندس شناسائي تڏهن ٿي جڏهن ادبي بورڊ جون آفيسون 1962ع ۾ ڪراچيءَ مان حيدرآباد کڄي آيون.

پهريائين دعا سلام، پوءِ مسڪراهٽ، ان ڪانپوءِ هڪٻئي سان ياڪر پائي ملڻ. ائين هڪٻئي کي ويجها ايندا وياسون.

سندس به دوست هئا، يا هيئن چئجي ته مربي ۽ محسن هئا، جن جي تعريف ڪندي ڊاپندو ئي ڪونه هو: هڪ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ۽ ٻيو محمد اسماعيل نون، جيڪو نوڪريءَ جي لحاظ کان ڊپٽي ڪمشنرهو، پر دل جي خيال کان وڏو ادب پرور انسان هو. پيڙو فقير انهن ٻن بزرگن سان سدائين گڏ گهمندو هو.

هڪڙي دفعي ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ غالباً ولايت ويو هو، سو، نون صاحب جي مون کي فون آئي. چيائين ته "رباني بدين جي پاسي فلاڻي هنڌ تي

سگهڙن جي ڪچهري رکيل آهي. هونئن ته ڊاڪٽر بلوچ ۽ مان گڏ ويندا آهيون پر هو ٻاهر ويل آهي. سندس جاءِ تي تون منهنجي رفاقت ڪر." مون چيو، "حاضر، اهو ته منهنجي لاءِ اعزاز آهي." ٻئي ڏينهن جڏهن مقرر هنڌ تي ملياسين ته جيپ ۾ ساڻس گڏ بيڙو فقير به ويٺل هو. ٻيا به هڪ به دوست هئا، سفر گڏ ڪيوسون. ڪچهريون ڪندا، بدين پهتاسون. رات جو دير دير تائين. انهيءَ سفر وسيلي بيڙي فقير ۽ منهنجي ياريءَ جو آغاز ٿيو.

بيو به هڪ اهڙو سفر ياد اٿم. حيدرآباد ۾ ڊاڪٽر بلوچ صاحب هڪ ڏينهن فون ڪئي ته "رباني، جي بورڊ جي جيپ جو بندوبست تون ڪرين، ته توکي چڪراچ مان ڏياري اچان."

مون چيو، "حاضر، بسم الله".

سانجهيءَ جي نماز کانپوءِ حيدآباد مان نڪتاسين. پايان ٿو ته بيڙو فقير به گڏ هو. ٽنڊي قيصر جي پاسي غالباً شيخ ريهاڻ نالي ڪو ڳوٺ هو. ڊاڪٽر صاحب اتي هليو. اسان جو ميزبان شايد رٽايرڊ ايس. پي شيخ عبداللطيف هو يا وري انهيءَ شخص جو پاءُ هو.[1] منجهس سنڌي چڱن مڙسن واريون سڀ خوبيون هيون. خالص سنڌي نموني جي ماني کارايائين ۽ پوءِ سگهڙن جي ڪچهري شروع ٿي، جنهن جي خاص مقصد خاطر ڊاڪٽر صاحب مونکي به ساڻ وٺي ويو هو. سنڌي راڳ به ٿيو. ٻه سڱون ورهين جا ورهيه دل تي رهيون. هڪ سٽ ۾ شاعر چيو هو ته مون قبرستان ۾ گلاب جي گلن جهڙن محبوبن جي دلين تي مٽيءَ جا دڙا ڏٺا.

ٻيءَ ڪافيءَ جي هڪ اڌ سٽ اڃا ياد اٿم:

مين جتان دي ڏاچي نه هان
جا وڻ وڻ وات گهتيندي.

مرحوم نون ۽ ڊاڪٽر صاحب سان اهي ٻئي سفر عمر پر نه وسرندا. سنڌ کي پنهنجو خاص ڪلچر آهي. ان جو عڪس مون انهن سفرن ۾ ڏٺو.

---

[1] سال ٻه پوءِ، هڪ نيڪ بخت نوجوان نينگري مون وٽ ادبي بورڊ ۾ آئي ته مان ايس. پي عبداللطيف جي ڌيءُ عائشه آهيان. مون کي ايران سينٽر ۾ نوڪري وٺي ڏيو. مون سندس خانداني پس منظر کي خيال ۾ رکي، اها نوڪري سندس لائق نه سمجهي. پنجن ستن سالن کان پوءِ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پرووائيس چانسيلر هوس ته وري اچي ملي، انهن ڏينهن ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي اسڪول ۾ ماستريائي هئي. اها نوڪري شريف ڇوڪريءَ لاءِ مناسب هئي.

ان کان پوءِ، مهيني ماسي، ڀيڙو فقير حيدرآباد ۾ ادبي بورڊ واريءَ آفيس ۾، مون وٽ قرب جا پير ڀري ايندو هو. ڪا رهاڻ ڪندو هو! روح جي سچي ڪس ڪوري ڪيندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ڪيس ڇيڙائڻ لاءِ مان ساڻس چرچو ڪندو هوس ته "ڀيڙا فقير، سڄو لوڪ ادب ڀروچن جي قصن سان ڀريو پيو آهي. تو ڊاڪٽر صاحب سان گڏجي سازش ڪئي آهي، ۽ هٽي سماڻن جو ڪم لاهي ڇڏيو اٿئي." ان مهل سندس ڪلڻ ڏسڻ وٽان هو. الله سائينءَ اوليائن ڪي معجزن جا انعام ڏنا هئا ۽ ڀيڙي فقير جهڙن مٺن ماڻهن کي مٺي مرڪ عطا ڪئي هئي.

سفر ٻن قسمن جا ٿيندا آهن: هڪڙا جسماني ٻيا روحاني. جسماني ان طرح ته ماڻهو پنهنجو جسم کڻي، هن جهان جو پسار ڪندو آهي، گهمندو آهي. ٻيو روحاني، سو ان طرح ته ماڻهو پنهنجي ئي اندر ۾ ٽٻي هڻي، اندرئين جهان جو سئر ڪندو آهي. ڀيڙي فقير سنڌ جو جسماني سفر به ڪيو ۽ روحاني سفر به ڪيو. تورا اهڙا ماڻهو هوندا، جيڪي سنڌ جي روح جو ڀيڙي فقير وانگر سفر ڪري آيا هوندا. سندس زبان مان جيڪي موتي ۽ ماڻڪ نڪرندا هئا، سي انهن سفرن جو مٺو ميوو هئا.

پوين ڏينهن ۾ حيدرآباد جي شهر ۾ قليليءَ جي ڪناري تي اڇي خيما کوڙيائين. گويا حافظ شيرازيءَ جي سنت ادا ڪيائين:

"ڪناري آب، رڪناباد، گلگشتِ مصلارا"

اتي "ڪچهريون" شروع ڪيائين. ڪچهريون ڇا هيون، ڇڻ ته ڇڳي موچاري امير ماڻهوءَ جو وهاڻ آهي. ڇٽڪار تي ويندا، گلم وڇائجي ويندا، بجليءَ جون راڊون لڳي ونديون، خلقون اچي گڏ ٿينديون، پوءِ شروع ٿيندي سگهڙن جي ڪچهري. ڳجهارتن، ۽ مولودن ڪان وٺي سنڌي سنگيت تائين! آخر ۾ ماني ڪارائيندو. دال ڀت نه، ٻوڙ، پلاءَ، قورما، ٿنڌي آدم واريون گوشت جون پڪل رانون ۽ ميواتون وغيره وغيره.

خبر ناهي ته ڪنهن شوق جاڳايس، سو، "ڪچهري" نالي هڪ هفتيوار اخبار جاري ڪيائين. پر غالباً تيسين هلي سگهي، جيسين ڀيڙي فقير جي دم ۾ دم هو. پاڻ سان گڏ پنهنجي سڄي ڪائنات ويڙهيون ڪنيون هليو ويو.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي ڪري پير حسام الدين راشديءَ سان به لاڳاپو ٿيس.

پير صاحب سندس وڏي عزت ڪندو هو. هيڪر پير صاحب، ڊاڪٽر بلوچ صاحب، بيڙو فقير ۽ مان گڏجي وياسين هالين پراڻين. اتي درياهه جي بند سان گڏ، هڪ هنڌ ڪلهوڙن يا ميرن مان ڪنهن جو قبو هو. اهڙو سهڻو قبو مون سنڌ ۾ ڪونه ڏٺو آهي. پٿين تي اندران تاج محل وانگر پٿر جي گلن جي جاري لڳل هئس.

پير صاحب تصويرون ڪڍيون ته بيڙو فقير ڪاڏي غائب ٿي ويو. ڪجهه دير ڪانپوءِ ظاهر ٿيو. پنج ڇهه ماڻهو پويان. انهن جي مٿن تي ديڳڙا. اسان لاءِ جهنگ ۾ خبر ناهي ته ڪٿان ٻوڙ پلاءَ رڌائي ڪٺي آيو. غريب جي دل ڪيڏي نه وڏي ٿئي ٿي! اسان جي مانيءَ جو انتظام ته ڊاڪٽر بلوچ صاحب اڳيئي ڪٺي ڪيو هو. سو، پير صاحب سندس قرب ڏسي محض سندس دل رکڻ لاءِ ٻه ٽي گرهه ڪنيا. ان سفر ۾ مون کي هڪ سوکڙي ڏيڻ جو واعدو ڪيائين، چيائين ته "توکي هڪ پيالي ڏيندس، جيڪا فقط پنجن تولن مٽيءَ مان ٺهيل هوندي."

اهو واعدو ته پورو ڪري ڪونه سگهيو، پر ان کان بهتر ٻي هڪ سوکڙي ڏنائين. هڪ دفعي گڏ وينا هئاسين. مون کيس چيو ته بيڙا فقير ڪو سنڌي بيت ته ٻڌاءِ، جنهن ۾ عقل جي ڳالهه هجي. ٿوري دير سوچي، هڪ بيت ڏنائين. سگهڙن جي نموني تي، "داناءَ" لفظ کي "دانهه" ڪري پڙهيائين:

دانهہَ مثل درياهه جي
تَوَ ســـــان ڪين ٽپن

جيئن تاج محل جي ديوارين تي سنگمرمر جا گل اُڪريل آهن، تيئن بيڙي فقير جو ٻڌايل اهو بيت اڄ به منهنجيءَ دل تي نقش ٿيل آهي:

دانهہَ مثل درياهه جي
تَوَ ســـان ڪين ٽپن.

مولوي حافظ عبدالحميد پٽي

دادو ضلعي ۾، ڦڪن جي ڳوٺ کان ٿورو پر پرو، ميان يار محمد ڪلهوڙي جو قبو آهي. قبي ۾ اندر گهڙبو ۽ مزار وٽ پهچبو تہ متانئس ڏنڊا لڙڪندا نظر ايندا. مجاور روايت بيان ڪندو آهي تہ ميان سنڌ ڏنڊن جي زور تي ورتي هئي، ان ڪري اڄ بہ سندس مزار تي ڏنڊا نشانيءَ طور رکيا ويا آهن.

ان روايت جون ٻہ معنائون نڪرن ٿيون: پهرين هيءَ تہ سنڌ سوڙي سان ٻڌل آهي ۽ ٻي هيءَ تہ سنڌ وٺڻ اهڙو تہ آسان ڪم آهي جو ان لاءِ ڪاٺيءَ جو هڪ ڏنڊو ئي ڪافي آهي.

تاريخي طور پهرين معنيٰ پوئينءَ کان شايد وڌيڪ صحيح هجي، ڇو تہ مون مرحوم حنيف صديقيءَ وٽ ميان نور محمد ڪلهوڙي جي ڪهاڙي بہ ڏٺي هئي. ڪنڌ ڪپڻ لاءِ ڪو تکو هٿيار کپي، پوءِ ترار نہ تہ ڪهاڙي ئي سهي.

سنڌ جو تاريخ نويس اها شاهدي ڏيندو تہ مغلن کان سنڌ جو قبضو ڇڏائڻ لاءِ خود ڪلهوڙن فقيرن کي ڪا گهٽي ترار هٿٽي ڪاڻ پيئي هب‍ي، ۽ نہ وري ڪين سيڪت ڏيڻ لاءِ نادرشاهہ کي ايران ۽ افغانستان مان ڪا فوج ظفر موج آڻڻي پيئي هئي. گهوڙي سوارن جي هڪڙي ئي ڪٽڪ سان سڄي سنڌ کي تاراج ڪري، عمر ڪوٽ ۾ وڃي، ميان نور محمد کي ڳچيءَ کان جهليو هئائين. ڪجهہ سالن بعد، مدد خان پٺاڻ، سندس ئي نقش قدم تي هلندو، سنڌ پهتو هو ۽ نادر شاهہ کان بہ گهٽ گهوڙي سوارن جي ڪٽڪ سان سڄيءَ سنڌ کي ڦريندو، سٽيندو، ڪُٽيندو وڃي متي چڙهيو هو.

شايد انهن ۽ ان قسم جي ٻين تاريخي واقعن کان متاثر ٿي، مشهور انگريز مورخ رچرڊ برٽن سنڌي ماڻهوءَ جي ڪردار تي راءِ زني ڪندي، خنجر جي نوڪ، زهر مان ٻوڙي، هي جملو لکيو هو تہ ”سنڌي ڪوڙو، گيدي ۽ گدلو آهي.“ برٽن جنهن وقت سنڌي ماڻهوءَ بابت اها ججمينٽ پاس ڪري رهيو هو، ان وقت دودي ۽ دريا خان جو تاريخي ڪردار شايد سندس ذهن ۾ ڪونہ هو.

شايد ڪابہ قوم پيدائشي طور نہ بهادر ٿئي ٿي نہ بزدل. بهادريءَ ۽ بزدليءَ جا اسباب بہ گهڻي قدر تاريخي ۽ جاگرافيائي حالتن تي منحصر هوندا آهن، ڇو تہ خود فرد جي عمل جو دارو مدار بہ وڏيءَ حد تائين مادي حقيقتن جي تابع هوندو آهي.

ڀهراڙيءَ ۾ جڏهن ڪا زمين سنو فصل ڪانہ ڏيندي آهي، تڏهن هاري ٻڌائيندو آهي تہ "زمين کي ويساهين ڪانہ ٿي ملي. سال بسال ڪاهڻ ڪري، طاقت ڇڏي ويئي آهي." سنڌي ماڻهن جو بہ ساڳيو حال آهي.

اسلامي تاريخ جي ٽئين نمبر خليفي حضرت عثمان رضہ جي زماني ۾، سنڌ بابت انٽيليجنس رپورٽ طلب ڪئي ويئي هئي. ان وقت جي آءِ.بي. جي عملدار اطلاع موڪليو تہ "سنڌ جو پاڻي ڪارو، ڪجور ردي ۽ چور بهادر آهن."

اڄ چوڏهن سؤ ورهيہ گذرڻ ڪانپوءِ بہ سنڌ ۾ چورن ۽ ڌاڙيلن جو ڌهڪاءُ آهي. ڇو؟ ڇاڪاڻ تہ سنڌي معاشرو ايامن کان وٺي تلاءَ جي پاڻيءَ وانگر جامد آهي. پنج هزار ورهيہ اڳ جيڪا بيل گاڏي موهن جي دڙي ۾ هلندي هئي، ساڳي بيل گاڏي اڄ بہ اسان جي ڳوٺن ۾ رائج آهي.

سنڌي معاشري جو جمود ڪي قدر انگريزن جي ڏينهن ۾ ٽُٽو. ريل ۽ فون ڪجهہ چرپر پيدا ڪئي. پر انگريزن هڪ وڏو ظلم بہ ڪيو، سو هيءُ تہ پنهنجيءَ بادشاهيءَ جا ڇاڙتا پيدا ڪرڻ لاءِ خصوصاً 1857ع واري بلوي کان پوءِ سنڌ ۾ وڏيون وڏيون جاگيرون عطا ڪيائين. اهي تودي جاگيردار "شهنشاهہ تون اسان جي ڪي، سلامت رک خداوندا" جا ترانا ڳائيندا هئا ۽ غريبن جو رت چوسيندا هئا.

سنڌ ۾ پيداوار جو مکيہ ذريعو زمين آهي. پاڪستان ٺهڻ کان ڪجهہ سال پوءِ، هڪ سروي رپورٽ ذريعي معلوم ٿيو تہ "لکين ماڻهن کي زمين جو هڪ جريب بہ ڪونهي. ٻئي طرف مٺ جيترا ماڻهو آهن، جن وٽ لکين جريب زمين آهي."

گويا سنڌ جي آبادي ٻن طبقن ۾ ورهايل آهي: هڪ مٿيون طبقو، جنهن ۾ ڳاڻ ڳڻيا گهڻگ زميندار آهن. هنن لاءِ هيءَ ڌرتي جيئري ئي جنت آهي. سنڌي معاشري ۾ ان طبقي جو جبر صدين کان وٺي اڄ ڏينهن تائين قائم آهي. مجال آهي جو رئيس جي حڪم کان سواءِ سندس تر ۾ وڻ جو ڪو پن بہ لڏي سگهي.

چون ٿا تہ ٺٽي ضلعي ۾، شاهہ عنايت جهوڪ واري خدا جي خلق کي مغلن ۽ ڪلهوڙن جي ظلم کان بچائڻ لاءِ سنڌي عوامي تحريڪ هلائي هئي، جنهن ۾ گهڻي قدر عام ماڻهو شامل ٿيا. اهو ڏسي حاڪمن جي چرچ تي مقامي زميندارن شاهہ عنايت جي سري، ڪلهن تان ڪيرائي ڇڏي پوءِ کهاڙيءَ سان نہ تہ ڪات سان ئي سهي!

ان قسم جا ڪارناما سنڌ جي زميندار طبقي جو عام شغل آهن. سنڌ جي تاريخ جي صفحن تي، غريبن، مظلومن ۽ سندن واهرو مجاهدن جي رت جا ڇنڊا آهن.

سنڌي معاشري جو مظلوم يعني هيڻاهون طبقو، هارين، نارين، ڪمين ڪاسبين، ۽ عام پورهيت ماڻهن تي مشتمل آهي. ان طبقي ۾ لکين پيٽ بکيا ۽ انگ اگهاڙا، اپاھجا انسان آهن، جيڪي جيئري ئي جهنم ۾ داخل آهن. ڀٽائيءَ جو هي بيت سندن حال جو ترجمان آهي:

"جيئڻ ڪاڻ جيڏيون، وڏا وس ڪيام"

سنڌ جو اهو هيڻيون طبقو تقريباً جانورن جي ليول تي زندگي گذاري ٿو. هر قسم جي ظلم ۽ ڏاڍ جو نشانو آهي. زندگيءَ جي بنيادي سهولتن ۽ آسائشن کان محروم آهي. سڀ کان افسوس جي ڳالهه اها آهي ته خود پنهنجن حقن کان محروميءَ جي شعور کان ئي عاري آهي. انهن ئي طبقن جي وچ ۾ نالي ماتر سنڌ جو وچولو طبقو آهي، جنهن ۾ وقت گذرڻ سان ۽ تعليم جي وڌڻ سان ۽ روزگار جي تورن گهٽن نون ذريعن پيدا ٿيڻ سان هاڻي تورو گهڻو ساهه پيو آهي.

اهو طبقو پنهنجي بقاءَ سان گڏ، هنين طبقي جي حقن لاءِ به جدوجهد ڪري ٿو. ان طبقي مان ماضيءَ ۾ برک ديني رهنما، عالم اديب، شاعر، دانشور، سياسي ڪارڪن ۽ قومي ورڪر پيدا ٿيا، جن سنڌ جي تقدير کي بدلائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. انهن مجاهدن ۾، نسبتاً هڪ غير معروف نالو. مرحوم مولوي صاحب حافظ عبدالحميد ڀٽي آهي، جو سنڌ جي ممتاز اديب ۽ دانشور رشيد ڀٽيءَ جو والد بزرگوار هو. موصوف ويهينءَ صديءَ جي آغاز ۾ سنڌ جي وچولي طبقي ۾ ديني گهراڻي ۾، قديم تخت گاهه اروڙ ۾ پيدا ٿيو. جڏهن وڏو ٿيو. تڏهن پنهنجن ديني عقيدن موجب زندگي گذارڻ ۽ سنڌ جي بي رحم معاشري ۾ پنهنجا ۽ پنهنجي خاندان جا پير پختا ڪرڻ لاءِ ڀرپور جدوجهد ڪيائين. منو سؤ ورهين جي ڪامياب زندگي گذاريائين. هن جهان ۾ اچو اجرو آيو هو ۽ اچو اجرو موٽي ويو. پنهنجن پوين لاءِ روشن مثال ۽ قابل فخر ڪارناما يادگار ڇڏي ويو. الله ۽ رسول جون شال مٿس رحمتون هجن!

مرحوم مولوي صاحب جي ملاقات جو پهريون پيرو شرف مون کي ڪيئن ۽ ڪٿي حاصل ٿيو، اهو هاڻي ياد ڪونهي. پر رشيد ڀٽيءَ سان پهريون پيرو ڪڏهن ۽ ڪٿي مليس، اهو چٽو پٽو ياد اٿم. غالباً سال 1954ع هو. مان حيدرآباد ۾ انٽر سائنس جو امتحان ڏيڻ کان پوءِ مرحوم حفيظ شيخ جي صلاح تي، ڪراچيءَ هليو ويس ته اتي آرٽس ۾ داخلا وٺان، نوڪري ڪريان ۽ پنهنجي

تعليم جاري رکيان. حفيظ جي ئي مدد سان ميٺا رام هاسٽل ۾ رهائش جو عارضي انتظام ٿيو. سنت اتي نورالدين سرڪيءَ سان واقفيت ٿي، جو تڏهن سنڌي ادبي سنگت جو سرگرم ڪارڪن هو. هيڪر ساڍس گڏ سنڌ مدرسي واريءَ هاسٽل ۾، ادبي سنگت جي اجلاس لاءِ ويس. سرڪي ۽ مان سڌو رشيد ڀٽيءَ جي ڪمري تي وياسين. هو ڳنجيءَ ۽ گوڏ ۾ ننڊ پيو هو. اٿاريو سونس. منهن تي پاٽيءَ جو ڇنڊو هڻي، ڪٽ تي سڌو ٿي ويٺو. مون سندس چهري کي جاچيو ته آمريڪي افسانہ نويس او هينري ياد آيو. هن هڪ افسانو لکيو آهي Christ & the Devil ان افساني ۾ هڪ آرٽسٽ ٻن چهرن جي تلاش ۾ آهي: هڪ اهڙو معصوم چهڙو حضرت عيسيٰ ۽ ٻيو اهڙو ڀيانڪ چهڙو خود شيطان. مون کي رشيد ڀٽيءَ جي چهري ۾ او هينري جي آرٽسٽ کي گهربل معصوم چهرو نظر آيو. منهن مهانديءَ ۾ صفا گول گپو. اکيون اهڙيون نرم، اهڙيون پاڪ ۽ پوتر، جهڙيون ٻليءَ جي پونگڙي جون. جڏهن خوش ٿي نهاري تہ ڄڻ ڪنواري ڇوڪري ٿي مسڪرائي، پر جڏهن دل کولي ٽهڪ ڏئي تہ ڄڻ ڌرتيءَ جو زلزلو آيو.

انهيءَ ملاقات کان پوءِ اسان جون ٽڪڙيون ٽڪڙيون گڏجاڻيون ٿيون، جن جي نتيجي ۾ رشيد ڀٽيءَ سان واقفيت آهستي آهستي سنگت ۾ تبديل ٿي. جڏهن هڪ ٻئي جي ويجهو آياسين تڏهن پتو پيو تہ منهنجو يار ڪنهن گهرو پرابلم ۾ ورتل آهي. مولوي صاحب مرحوم ٻہ شاديون ڪيون هيون، جنهن جو نتيجو اهو ٿي نڪتو جو اهڙين حالتن ۾ نڪرندو آهي، يعني ٻنهي زالن جا ٻار ڏچي ۾. رشيد جو هڪ مائٽ هوندو هو ماستر صاحب مرحوم. عجيب انسان هو. (هاڻي ڪيس مرحوم لکندي ڏاڍو عجب ٿو لڳي) نياز همايوني ڪيس ٽيٽر ڪوٺيندو هو، ڇو تہ ڏند اڀاترا هئس. ماستر صاحب جو مهيني ماسي ڪراچيءَ چڪر لڳندو هو. ان جو خاص سبب هو رشيد ڀٽيءَ جو گهرو پرابلم. آخر اهڙو وقت آيو جو ماستر صاحب هڪ دفعي سڪر مان سهي سنبري رشيد ڀٽيءَ کان ڪراچي ڇڏائڻ آيو. اها ڳالهہ اسان سڀني کي ڏاڍي ڏکي لڳي، پر هئاسين لاچار! ماستر صاحب دڙڪو ڏنو تہ رشيد ڀٽي گهر کان پري رهندو تہ مولوي صاحب ڪيس ملڪيت مان حصو پتي ڪونہ ڏيندو. اهو هو ڀڙيون ڀڙيون ٿاٽ، جو مولوي صاحب جي باري ۾ منهنجي ذهن تي ويٺو.

مولوي صاحب جي رشيد پٽيءَ سان مبينہ رنجش جو ڪارڻ رڳو گهرو حالتون ڪونہ هيون. مولوي صاحب کي ٻڌايو ويو هو تہ رشيد ڪراچيءَ ۾ ڪارن ڪافرن جي ور چڙهي ويو آهي ۽ دين ڌرم بابت وائي تبائي بڪي ٿو.

ڳالهہ ۾ تورو گهڻو سچ هو. رڳو رشيد ڪي نہ پر اسان سڀني کي ٻرڪو جاستي اچي ويو هو. ترقي پسنديءَ جو پهريون مطلب اهو ٿي سُجهيو تہ مذهب جي پيرويءَ کان آجو ٿجي جو اها هڪ دقيانوسي ڳالهہ آهي. ٻيو تہ سڀ کان اعليٰ ۽ اتم ڳالهہ اها آهي تہ زندگيءَ جي مڙني نعمتن کان منهن موڙي، مزورن ۽ ڪلارڪن جون انجمنون ٺاهجن. پر جي ائين بہ نہ ڪري سگهجي تہ پوءِ انهن بابت قصا ۽ ڪهاڻيون لکجن. درحقيقت جوانيءَ جو زمانو ڏاڍو پرجوش ٿئي ٿو. ماڻهو، جذبات جي رو ۾ وهي، الائي ڪهڙا ڪهڙا ڪم ڪري ٿو. بعضي تہ ڪيس ٿي ٿا وڃن. مرحوم حسن ناصر جو قضيو مون کان ڪڏهن ڪونہ وسرندو. گلاب جي گل جهڙو خوبصورت ۽ ڪيهر شينهن جهڙو باهمت نوجوان، نادان دوستن جي سنگت ۾، موت جي منهن ۾ هليو ويو. پوليس وارن کي تہ اهڙو شڪار الله ڏياري، لاش ئي گم ڪري ڇڏيائون وارثن کي ڪو ٻيو مئل ماڻهو ڏيکاريائون، جن لاش وٺڻ کان ئي انڪار ڪيو. ڪامريڊن جي لڏي ۾، مون کي هڪ ئي سيبتو ماڻهو مليو. سوڀو گيانچنداڻي. ڪيس ڏسي ڪتابن ۾ گوتم ٻڌ ۽ گانڌيءَ بابت لکيل احوال ياد ايندو هو. پر سنڌي مائرن سوڀي جهڙا سدورا پٽ ڪل گهٽا ڄڻيا آهن!

انهن ڪامريڊن جي مقابلي ۾ ٻئي طرف جيڪو ٽولو هو، تن ۾ اڪثر منهن ۾ مومن پر اندر ۾ ابليس هئا. هو مذهبي ڪفن چور هئا. دين جي نالي تي دنيا جا مطلب سڌا ڪندا هئا. وٽن ڪفر جي فتوائن جي فيڪٽري سدائين چالو هوندي هئي سندن مڪروه صورت ڏسي پلارو پٽائي ياد ايندو هو!

مُلان مرئي ماءُ، پِتو ڦاٽئي پيٽ ۾،
سچاڻي الله، ٽپي ڏنئي ڏوڙ ۾.

زندگيءَ جي انهيءَ چوراهي تي ٽپتاين ۽ ٺڳن کان بچائڻ لاءِ اسان جي واهر واسطي ٽيون گروپ بہ موجود هو، اهي هئا اسان جا والدين. ماءُ ۽ پيءُ کان مٺي اولاد جو خيرخواهہ ٻيو ڪوبہ ڪونہ ٿو ٿئي، پر اسان جي مٿن نگاهہ ئي ڪانہ ٿي پيئي، ڇو تہ گهر جو پير چلهہ جو مارنگ ٿيندو آهي. مولوي

صاحب ۽ رشيد پنهور جي معاملي ۾ بہ اها صورت حال واقع هئي. غالباً مون کي مولوي صاحب جو پهريون پهريون ديدار تڏهن نصيب ٿيو جڏهن رشيد سان ملڻ لاءِ سکر ويس. ان پيري رشيد مون کي سکر شهر خوب گهمايو. ڪوبہ اهم هنڌ ۽ ماڳ ۽ ڪابہ تاريخي جاءِ، آدم شاهہ ڪلهوڙي جي مقبري کان سواءِ ڪانہ ڇڏيائين. اسان نيرن پاڻي ڪري، گهمڻ گهتڻ نڪرندا هئاسين تہ عين ان مهل مولوي صاحب لڪڻ هٿ ۾ ڪنيون، گهر يا پريس مان ٻاهر نڪرندو هو ۽ نوڪر ڪي جيپ گراج مان ڪڍڻ لاءِ چوندو هو. ڪيس سڏ تہ هوندي هئي تہ مهمان تڪيل آهي، پر هو اڪثر مانٺ ڪري جيپ ۾ چڙهي هليو ويندو هو. پنج ست ماڻهو ساڻس سدائين گڏ هوندا هوندا.

ستت پنهور وٽ منهنجو اچڻ وڃڻ تڪڙو تڪڙو ٿيڻ لڳو ۽ مان اڪثر مولوي صاحب جي منهن پوڻ لڳس. هيڪر ڪنهن طرح پريس ۾ هليو ويس ۽ اتي ڪٽنگ مشين ۽ ٽائيپ جا ڪيس ڏسي رهيو هوس، جو مولوي صاحب اندران پنهنجي ڪمري مان نڪتو. نهايت خنده پيشاني سان ڪيڪاريائين ۽ ايڏيءَ تعظيم و تڪريم سان مليو جو سندس پيٺو پولو دل ۽ دماغ تان لهي ويو. ان کان پوءِ جڏهن بہ سکر ويندو هوس تہ اڪثر ساڻس ملاقات ڪندو هوس. بعضي اسان جي هلڪي سلڪي ڪچهري بہ ٿي ويندي هئي. مرحوم مولوي صاحب سراسر مکڻ ماکي هو! ملائڪ ماڻهو هو! ڪڻڪ رنگو، گول چهرو، اکين ۾ شرافت، چاپٽين ڏاڙهي، جنهن ۾ اڇا ۽ ڪارا گڏ هئا. بت ۾ البت پريل، ٻگورو مڙس. جڏهن وک کڻي هلي تہ ائين پيائنجي تہ لڳائي ٿو. اڪثر لڪڻ هٿ ۾، لباس قميص ۽ سلوار، بعضي ڊگهو چولو ۽ گوڏ بہ ڪندو هو. مٿي ۾ مون ڪيس اڪثر جناح ڪئپ ڏٺي. پيو دل تي اهو تاثر اٿم تہ نيروٽي پوتڙو يا بوچڻ بت تي ويڙهيندو هو.

هفتيوار "المنار" اخبار، جنهن جو پاڻ مالڪ ۽ ايڊيٽر هو، بوقت ضرورت، لٺ باني وانگر بہ استعمال ڪندو هو. ان ۾ "شذرات" جو ڪالم لکندو هو. سندس اخبار نويسيءَ جو قصو مون سڀ کان اول مرحوم پير حسام الدين راشديءَ کان ٻڌو. پاڪستان ٺهڻ کان اڳ مرحوم پير صاحب ۽ مرحوم مولوي صاحب گڏجي اخبار ڪڍندا هئا. ان ئي زماني ۾ مرحوم پير صاحب جا پهريان پهريان ادبي ڪتاب مرحوم مولوي صاحب جي سنگت ۽ ساٿ ۾ ڇپيا.



مولوي حافظ عبدالحميد يتي

تن ڏينهن ۾ پير صاحب اچا اسڪالر ڪونہ بنيو هو، پر نو آموز لکندڙ هو. "فداي الراشدي" تخلص ڪندو هو. جڏهن اسان سندس سنگت ۾ آياسين، تڏهن سنڌ جو مجيل مورخ هو. چنانچ اسان تي ائين ئي شفقت ڪندو هو، جيئن بزرگ ننڍن تي ڪندا آهن. ڪچهريءَ ۾ جڏهن پٽي موجود هوندو هو تڏهن پير صاحب سڪر ۾ اخبار نويسيءَ ۽ مرحوم مولوي صاحب جي سنگت جا قصا ڪيندو هو. هيڪر رشيد پٽيءَ کي فرمائش ڪيائين تہ مون کي پنهنجا پراڻا ڪتاب آڻي ڏي. پٽيءَ کي سڀ ڪتاب تہ هٿ ڪونہ آيا پر جيڪي مليس سي آڻي پير صاحب کي ڏنائين. مولوي صاحب جي پريس ۾ ڇپيل اڪثر ڪتاب مذهبي نوعيت جا هئا. انهن ٽاٽڻ ۽ آثارن جي آڌار تي مون مولوي صاحب جو جيڪو ذهن ۾ نقشو تيار ڪيو، سو هن ريت هو.

مولوي صاحب بنيادي طرح مذهبي ماڻهو هو. مذهب سان محبت مولوي صاحب کي وڏن کان ورثي ۾ ملي هئي. الور جي پاسي سندن ڏاڏنگ ۾ هڪ درگاهہ اڄ تائين موجود آهي. غالباً اهو ساڳيو بزرگ آهي، جنهن لاءِ رشيد پٽيءَ پنهنجي هڪ مضمون ۾ لکيو آهي تہ وٽس جن پڙهندا هئا. (مان ان ڳالهہ لکڻ تي کيس ڇيڙائيندو هوس). الور مولوي صاحب جو اباڻو ڳوٺ آهي. چنانچ اتي کيس وڏن کان ورثي ۾ ٿورو گهڻو شايد ٻنيءَ جو ٻارو بہ مليو. ابتدا ۾ اها ڪا ايڏي وڏي ملڪيت ڪانہ هئي، جنهن جي آڌار تي ماڻهو سکر جهڙي گجندڙ شهر ۾ گهر ٻڌي وهي، پر مولوي صاحب شهر جي واءُ لڳڻ کان پوءِ بہ پنهنجي ٻني ٻاري کي وساريو ڪونہ، بلڪ اُن کي صحيح معنيٰ ۾ ڊيولپ (Develope) ڪيو. ازانسواءِ پنهنجي پريس قائم ڪيائين، هفتيوار اخبار ڪڍي پنهنجو اثر رسوخ وڌايائين. ضرورتمند ماڻهن سان گڏجي مختلف آفيسن ۾ سندن ڪمن ڪارين سان وڃڻ سندس روز مره جو نيم هو. ان طرح هو صحيح معنيٰ ۾ عام ماڻهن جي مسئلن کان واقف رهندو هو ۽ عوامي ليول تي عام ماڻهن جو هڏ ڏوکي، ساٿي ۽ مددگار رهندو هو. موٽ ۾ خدا جي اها خلق رڳو سندس مڙهيءَ جيپ ۾ پيٽرول ڪانہ وجهرائيندي هئي، پر اوليءَ سوليءَ کيس ڪم بہ ايندي هئي. شهر جي هندو واپارين سان پائيچارو ڪري روهڙيءَ ۾ سارين ڇڙڻ جو ڪارخانو هنيائين. قدرت کيس قناعت جي نعمت سان نوازيو هو. سو، رڳو پاڻ وچولي درجي جي هڪ خوشحال ماڻهوءَ جي حياتي ڪانہ گذاريائين، پر پنهنجن پوين لاءِ بہ گهڻو ڪجهہ ڇڏي ويو. جاگيراڻي محلي ۾ ان جي آسپاس ڪافي پڪين جاين ۾ رهندڙ ماڻهو مولوي صاحب جا ڪرائيدار آهن. اهي

سڀ جايون هاٿي مولوي صاحب جي خاندان جي ملڪيت آهن، ۽ انهن جي قيمت لکن ۾ تہ ضرور هوندي. سنڌ جي حساب سان وچولي طبقي ۾ اشراف ماڻهو ان کي چٽبو آهي، جيڪو پنهنجيءَ سهنجيءَ وارو هجي، اوڙي پاڙي ۾ عزت هجيس، غريب غربي کي اوکيءَ مهل سڏ ۾ سڏ ڏئي، رڳو پاڻ سٽيو ٽڪر نہ کائي پر مهمان لاءِ بہ دسترخوان ڪشادو ڪري، الله ۽ رسول جو نالو وٺندو هجي، ان معيار تي پرکبو تہ مرحوم مولوي صاحب هڪ آئيڊيل سنڌي نظر ايندو.

پاڪستان ٺهيو تہ پان وڌيو. چگن پلن پنهنجن ٻارن کي سنڌي اسڪولن ۾ موڪلڻ بدران اردو سيکاري يا انگريزي پڙهڻ لاءِ ڪانوينٽ اسڪول ۾ ويهاريو، چڻ تہ شاهہ، سچل، مخدوم معين، مخدوم نوح ۽ لنواريءَ جي لعل محمد زمان جي ٻولي غير مهذب هئي. پر مولوي صاحب ان غير سنڌي ڪلچر کان ڪوهين دور رهيو. سڄي ڄمار رهيو سکر جي وچ ۾، پر پنهنجي ڪنڌ وسايائين جا خالص سنڌي ماحول جي ڏِڪَ ڏيندي هئي. سندس گهر مان جيڪا ماني پچي ايندي هئي، سا رڳو پنڊين ۾ رکيل کانہ هوندي هئي، پر ان ۾ ساءُ ۽ سڳنڌ بہ خالص سنڌي ٻوڙ ۽ مانيءَ جو هوندو هو. گويا ماڊرن اڪر جي هوا ڪڏهن بہ مولوي صاحب جي جيٺري سندس گهر جي ماحول کي گرد آلود نہ ڪيو.

گهر جي ٻنپ اڳيان، نڪ سامهون روزگار جو هڪ ذريعو يعني پريس هنيائين تہ دل جي پاسي يعني کاٻي طرف الله جو گهر اڏيائين، يعني جي پير گهر مان نڪري تہ رزق حلال جي ڳولا ۾ يا وري الله جي گهر ڏانهن کڄي. خير ناهي تہ سونهاري سنڌ اهڙا اصحابي انسان اڃا ڪيترو زمانو ڏسي سگهندي! رمضان شريف جي مهيني ۾ انهيءَ مسجد ۾ خاص رونق اچي ويندي هئي. بجليءَ جون سفيد راڊون نوراني سمون پيدا ڪري ڇڏينديون هيون. تر جا مولودي اچي گڏ ٿيندا هئا. اهڙيءَ ريت مولوي صاحب جسماني لذت جي طالبن لاءِ روحاني غذا جا اسباب بہ مهيا ڪري ڏيندو هو. پر تڏهن منهنجي اک پٽيل کانہ هئي، گهڻو پوءِ جڏهن مون ۾ ماڻهپو موٽي آيو ۽ قدرت انهيءَ مسجد شريف ۾ سجدي ڏيڻ جي سعادت نصيب ڪئي، تڏهن جوڳي جوءِ ڇڏي چڪا هئا.

مولوي صاحب هڪ سجاڳ ذهن وانگر وقت جي حالتن ۽ سياست ۾ پوري دلچسپي رکندو هو، پر ان ميدان خار زار ۾ سوچي سمجهي وک کڻڻ جو قائل هو. بنيادي طرح قوم پرست ۽ محب وطن ماڻهو هو. غالباً جوانيءَ ۾

خلافت تحريڪ سان وابسته رهيو هو، جنهن جا اثرات سڄي عمر سندس ذهن تي رهيا. هونئن مقامي ليول تي پيرزادا پارٽيءَ سان دعا سلام رکندو هو.

جڏهن رشيد ڀٽيءَ تي ڪامريڊي سياست جو پاڇو پيو ۽ جيل ياترا نصيب ٿي ته مون مولوي صاحب کي اداس ڏٺو. منهنجي خيال موجب ان جو سبب اهو ڪونه هو ته سندس پيٽ ڄائو پٽ جيل ۾ بند هو، پر ان ڪري جو هن کي جن خيالن جي پرچار جي الزام هيٺ پڪڙيو ويو هو، سي مولوي کي پسند ڪونه هئا. ان ئي سبب ڪري هو رشيد ڀٽيءَ جي اڪثر سنگتين کان به شاڪي رهندو هو، جي ڪيس مٿي ڦريل ماڻهو لڳندا هئا. زندگيءَ جي پوين ڏينهن ۾ پاڻ ان صورتحال سان سمجهوتو ڪري چڪو هو. هوڏانهن رشيد ڀٽي به زماني جا ڏنگ سهي، پڪو پختو ٿي چڪو هو. منجهس به ڪي قدر مرحوم مولوي صاحب واريون خصلتون ظاهر ٿيڻ لڳيون هيون. وڏڙن جي تعظيم ۽ تڪريم ڪرڻ، ڪفايت ۽ قناعت ڪرڻ، وک سوچي سمجهي کڻڻ، سنڌ سان محبت ڪرڻ پر گاسليٽي ڪامريڊن کان پاڻ بچائڻ، ڪري ڪوٽي کي سجائڻ، پراڻا لاٿاپا نڀائڻ، گهر جي وڏي جي حيثيت ۾ زماني جا فرض ادا ڪرڻ وغيره وغيره. پوءِ، پيءُ ۽ پٽ هڪ ٻئي جو ادب ڪندا هئا. هاڻي رشيد ڀٽي مولوي صاحب جو پڳدار پٽ هو ۽ مولوي صاحب کي مٿس ناز هو.

ڀٽائي صاحب رحمت الله عليه لاءِ روايت آهي ته جڏهن سندس والد بزرگوار شاه حبيب جي وفات جو وقت ويجهي آيو، تڏهن پيءُ کان پريرو هو. چنانچ شاه حبيب ڪيس سڪ سان ساري هڪ بيت چوائي موڪليو:

"جيڪي مٺي ڪنداءِ، سو جانب ڪريو جيئري"

ڀٽائي صاحب بيت ٻڌي جواب موڪليو:

"متان ٿئين ملول، حد ٻنهي جي هيڪڙي."

مولوي صاحب هي جهان دل جي عارضي سببان ڇڏيو. هو علاج لاءِ ڪجهه ڏينهن واسطي اسپتال ۾ داخل ٿيو. اهو سمورو وقت سندس پڳدار پٽ رشيد ڀٽي ۽ ٻيا هردم سندس حضور ۾ حاضر هوندا هئا. "اسان وينا ڳوڙها ڳاڙيندا هئاسين، پر پاڻ مرڪي اسان کي رنن وانگر رئڻ جا طعنا ڏيندو هو." رشيد ڀٽيءَ مولوي صاحب جي وفات تي سندس ياد ۾ سڪ سان هڪ مضمون ۾ لکيو آهي.

اهي ڳوڙها رشيد ڀٽيءَ طرفان پنهنجي پياري پيءُ جي حضور ۾ ادب، سڪ ۽ پيار جو نذرانو هئا. هي اهو ساڳيوئي ڪامريڊ رشيد ڀٽي هو، جنهن

کي مرحوم مولوي صاحب چوائي موڪليو هو: "پنهنجي وڪالت جي آفيس جي ٻاهران نالي جي تختيءَ تي تو پنهنجو نالو رشيد پنهور لکيو آهي. رشيد الله جي صفت آهي، عبدالرشيد لک." انهيءَ تي رشيد پنهور مذاق ۾ جواب ڏنو هو، "بابا، الله پنهور ٿوروئي آهي." پر اهو رشيد پنهور بيو هو. تڏهن "آتش جوان تها" وارو معاملو هو هاڻي "Steel was tempered". ان ڳالهه جو ثبوت اهو مضمون آهي، جو رشيد پنهور پنهنجي پياري پيءُ جي سڪ ۾ لکيو آهي. مضمون ڪراچي جي "پيغام" رسالي ۾ ڇپيو آهي.

آمريڪي رسالي "لائف" ۾ جواهر لعل نهروءَ جي موت تي هڪ مضمون شايع ٿيو هو. گهڻن سالن جي ڳالهه آهي، پر مون کي اڃا ياد آهي ته مضمون جي شروعات هنن لفظن سان ٿئي ٿي ته "گلاب، گينديءَ ۽ نرگس جي گلن سان ڍڪيل، جواهر لعل جو جنازو، هڪ مٿانهين هنڌ تي عام ماڻهن جي آخري ديدار لاءِ رکيو هو. ماڻهن جي هڪ ڊگهي قطار ڪمري جي هڪ دروازي کان داخل ٿي، پنهنجي محبوب ليڊر کي هٿ ٻڌي آخري سلام ڪري ٻئي دروازي مان ٻاهر نڪري رهي هئي. جنازي جي ڀرسان هڪ انسان ويٺو هو. جواهر لعل جي ڌيءَ اندرا گانڌي. جڏهن گلاب جي ڪا پنکڙي هيٺ ڪري ٿي پيئي، ته اندران اها پنکڙي کڻي، ادب سان، پنهنجي پياري پيءُ جي منهن جي ڀرسان ٿي رکي."

رشيد پنهور، پنهنجي مضمون ۾ سمورو وقت، لفظن جي گلابن جون پنکڙيون ادب سان کڻي، مرحوم مولوي صاحب جي قدمن ۾ رکندو رهيو آهي. مضمون پڙهڻ وٽان آهي. ان ۾ رشيد پنهور پنهنجن وڏن بزرگن جو ذڪر ڪيو آهي، جي قديم سنڌ جي تاريخي شهر اُچ شريف مان لڏي، ٻئي تاريخي شهر اروڙ ۾ اچي ويٺا هئا. هو دين جا مبلغ هئا، غريبن جا همدرد هئا، نيڪ انسان هئا. مرحوم مولوي حافظ عبدالحميد پنهور انهن وڏڙن جي ٿي پر ورتي ۽ پاڻ کي انهن جو لائق جاءِ نشين ثابت ڪيو. هو زندگيءَ جي آخرين لمحي تائين هڪ بهادر انسان وانگر پنهنجن اصولن تي قائم رهيو.

رشيد پنهور هيڪر مون کي ٻڌايو هو: "بابي موڪلائڻ مهل اسان کي هڪ ئي وصيت ڪئي هئي: "مڙس ٿي رهجو، پنهنجي ڳالهه مڃائجو."

غالباً سنڌ جي بي رحم معاشري ۾ عزت ۽ آبروءَ سان زندگي گذارڻ جو اهوئي سونهري اصول آهي، جو مرحوم مولوي صاحب پنهنجي اولاد کي قول ۽ فعل سان سيکاري ويو.

رشيد ڀٽي

ديـــدن كـيــا در ســـن
پلا سائين، پيچ پنيءَ برسن

رشيد ڀٽيءَ سان ياراڻيءَ کي ٽيهن ورهين کان مٿي عرصو ٿيو. غالباً اسان جي پهرين ملاقات 1954ع ڌاران ٿي هئي. اهڙي پياري يار جي جدائي ايڏو تہ ڏکوئيندڙ واقعو آهي جو ان تي اظهار خيال ڪرڻ تہ ڇا، رڳو سوچڻ بہ سولو نہ آهي، انڪري خالد ۽ طارق جي فرمائش جي باوجود مان سندس چاليهي لاءِ رٿيل ڪتابڙي لاءِ بہ ٿي اکر لکي موڪلڻ ۾ بہ ڪيترا ڏينهن قاصر رهيس. سچي ڳالهہ اها آهي تہ زخم اجا تازو آهي ۽ دل قلم جو ساٿ ڏيڻ کان گهبرائي ٿي.

جڏهن ڪنڌ ورائي، ٽيهہ ورهيہ پوئتي نهاريان ٿو تہ تنوير تي نظر پوي ٿي. تن ڏينهن ۾ سندس تخلص "مغموم" هوندو هو. پيو چهرو جيڪو سامهون اچي ٿو، سو ڀٽيءَ جو آهي. ڪنهن مهل گنجيءَ ۽ گوڏ ۾ سنڌ مدرسي واريءَ هاسٽل ۾ ستو پيو آهي، ڪنهن مهل ٻئي ڄڻا صدر (ڪراچي) سمبوسا کائڻ ۽ افسانا لکڻ لاءِ گڏ وڃي رهيا آهيون، ڪنهن مهل ادبي سنگت جي ميٽنگ ۾ ويٺا آهيون. ستت، يارن جو حلقو وسيع ٿيندو وڃي ٿو: رشيد آخوند، ڪريم بخش خالد، شيخ حفيظ، دادا مرتيرام، نبي بخش دائود پوٽو، خواجہ سليم، اياز قادري، نورالدين سرڪي، عبدالغفور انصاري، مقبول سومرو، پوهيو ۽ اسان جو سائين جويو صاحب.

انهن مان ڪي جيئري جدا ٿي ويا، مثلاً نورالدين سرڪي، مقبول سومرو ۽ مقبول صديقي تہ ڪن کي موت اسان کان جدا ڪيو، جيئن شيخ حفيظ، عبدالغور انصاري، نبي بخش دائود پوٽو ۽ شمس سومرو.

پر اسان ٽي ڄڻا تنوير، ڀٽي ۽ مان سدائين گڏيا رهياسين. دل جي تار ڪنهن نہ ڪنهن ريت ڳنڍي رهي. هونئن بہ وقت وڏي ڳالهہ آهي. وقت گذرڻ سان، تنوير، ڀٽي ۽ منهنجي ياري عمر جي اهڙي حصي ۾ پهچي چڪي هئي، جو هاڻي هڪٻئي سان ڇنڻ جي اسان مان ڪنهن کي بہ طاقت ڪانہ هئي.

ڀٽي ٻين لاءِ سنڌ جو نامور اديب هو، ڪهاڻيڪار هو، مزاحيہ نگار هو، سنڌ جو محب وطن هو، سچ جو سپاهي هو، مظلوم جو حمايتي هو، پر مون سان سندس هڪ ٻي نسبت هئي. ڀٽي منهنجو يار هو. ورهيہ ٿيا جو "هم لوگ"

فلم ۾ هڪ جملو ٻڌو هئم. دل تي نقش ٿي ويو: ”اپن ڪو يار ڪي ياري سي مطلب هي.“

جڏهن ڀٽي مون وٽ مهمان ٿي ايندو هو تہ عيد ٿي ويندي هئي. مون ڪان وڌيڪ خوشي منهنجي ننڍي ڀاءُ شبير کي ٿيندي هئي، جو تہ مون وانگر ڀٽي سندس بہ وڏو ڀاءُ هو.

ساڳيءَ ريت جڏهن مان ڀٽيءَ وٽ سکر مهمان ٿي ويندو هوس تہ سندس والد بزرگوار مولوي صاحب جي منهن تي سرهائي اچي ويندي هئي.

ڀٽيءَ جون هڪ نہ هزارين ڳالهيون ياد اٿم. سوال آهي تہ ڪنهن ڪنهن جو ذڪر ڪريان؟ ڇڙو هوندو هو، تہ ڪيئن رهندو هو؟ ڪراچيءَ ۾ سندس رهائش ڪيئن هئي؟ سندس ادبي زندگيءَ جو آغاز ڪيئن ٿيو؟ سنڌي ادبي سنگت سان وابستہ ڪڏهن ٿيو؟ جيئي سنڌ تحريڪ سان ڪڏهن ڳنڍيو. سائين جي.ايم.سيد ڪان ڇو مايوس ٿي، پليجي سان پيچ پاتائين، ڪراچي ڇڏي، سکر ڇو موٽيو؟ شادي ڪهڙين حالتن هيٺ ٿيس؟ سکر جي فتح الله عثمانيءَ ڪان وٺي لاهور جي ملڪ صاحب تائين، ڪنهن ڪنهن سان ڪيترو تعلق هوس، ڪاڏي ۾ ڇا وٽندو هوس. مون کي ڪهڙيون ڪهڙيون فرمائشون ڪندو هو، شيام ڪمار کي گڏجي ڪيئن ڇيڙائيندا هئاسون، مون کي سکر ڪيڏيءَ سڪ سان گهمايائين، اروڙ سان ڪيڏي دل هئس. اهي سڀ ڳالهيون منهنجي دل تي نقش آهن، ڇو تہ ڀٽي منهنجي لاءِ ڪليل ڪتاب هوندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ٻئي ڄڻا گڏجي ڪنهن ٻئي شهر ڏانهن گهمڻ ويندا هئاسين. ڪڏهن ڪڏهن وري ٽولو ٺاهي سنڌ جا تاريخي هنڌ ۽ ماڳ گهمڻ ويندا هئاسين. انهن سفرن جا انتظام اڪثر ڪري جمال ابڙي جي بلي هوندا هئا. اهي سفرناما لکجن تہ هڪ بيمثال ڪتاب تيار ٿي پوي.

انهن سفرن دوران جڏهن ڪچهري ذور وٺندي هئي، مثلاً راڳ رنگ جي محفل اوج تي ايندي هئي تہ مان لکي لکي، ڀٽيءَ کي ڀنيءَ تي زور سان مڪ هٽي، ڀچي اچي پنهنجي جاءِ تي آرام سان ويهي رهندو هوس. ڀٽي ٿيڏيءَ اک سان مون ڏي ڏسندو رهندو هو. رات جو ماني ٽکي ڪائي بسترن ۾ ليٽندا هئاسون تہ ڀٽي شينهن وانگر ٽپو ڏيئي اچي مٿان پوندو هو، ۽ دسي مڪن جو وسڪارو لائي ڏيندو هو. جويو صاحب اهو لقاءُ ڏسي چوندو هو ”گابا هوندا آهن



رشيد ينثي

تنوير عباسي

نہ گابا. اهي بہ ائين پيا هڪٻئي کي تونا هڻندا آهن" اهو ٻڌي، جمال ابڙو اڇي ٽهڪن ۾ پوندو هو. پيءُ ۽ مان ان ڳالهہ تي جويي صاحب کي "گابن وارو ماڻهو" ڪوٺيندا هئاسين.

پيءُ ۽ مان اڪثر ڪري ڪلندا رهنداهئاسين. پر هن نيري آسمان کي ڪنهن جو بہ گهڻو کلڻ ڪونہ وڻندو آهي. مون کي اهي ڏينهن بہ ياد آهن، جڏهن اسان هڪٻئي جي ڪلهن ۾ ٻانهون وجهي رنو هو. انهن ڳالهين کي ورهيہ ٿيا. پوءِ اسان ٻئي ڇڏا زماني جا ڏنگ سهي سهي، پڪا پختا ٿي وياسين. مان ڪڏهن ڪڏهن دوستن جي بيوفائين جي ڪري ڪانئڻ مايوس ٿي ويندو هوس. پر پيءُ سنگت ساٿ مان ڪڏهن بہ اميد نہ لاٿي. هن کي شينهن جيڏي دل هئي.

هڪ دفعي ڪراچيءَ آيو. مولوي صاحب جي ڪنهن ڪيس جي هاءِ ڪورٽ ۾ اپيل داخل ڪرڻي هئي. اسان کي وڪيل سان ملڻو هو. ان نيڪ بخت جو گهر پڇائي پڇائي رات ٿي ويئي. سنڌ مسلم سوسائٽيءَ مان رلندا رلندا وڃي نرسريءَ وٽ پهتاسين. اتي واندھ بہ ٿي ويئي ۽ ٿڪجي بہ پياسين. اونداهيءَ ۾ دروازن جا بورڊ پڙهندا پڙهندا اڳتي هلندا رهياسين، تان جو هڪ گهر تي شڪ پيو تہ غالباً اهو ئي وڪيل صاحب جو گهر آهي. ٻاهران بورڊ پڙهيوسين. لکيل هئس: Beware of dogs "ڪتن جو خيال ڪريو." اسان اڃا سوچي رهيا هئاسين تہ ايتري ۾ هڪ خوفناڪ ڪتو، جيڪو رڇ کان ننڍو ڪونہ هو، پوئنڪندو، اسان تي الر ڪري آيو. اسان وڏيءَ مشڪل سان جان بچائي آياسين.

سنڌ جي تحريڪ سان وابستہ ٿيڻ کان پوءِ، اسان کي سمورو وقت اهڙن ڪتن سان منهن ڏيڻو پيو. پيءُ انهن ڪتن کي مڙس ٿي منهن ڏنو. جڏهن مچون رکيائين تڏهن انهن کي مروڙي مٿي رکيائين. ڪنهن بہ ڪتي کان هيسجي، ڪنڌ هيٺ ڪري ڪونہ نهاريائين. سندس هڪ خاص سهڻي صفت اها هئي، تہ هو سورهيہ هو.

مون جڏهن سندس وفات جي خبر ٻڌي، تڏهن هڪ پراڻو واقعو ياد آيم. ڪنڌياري کان ڳوٺ بگيءَ ۾ وڃي رهيو هوس. بگيءَ واري ڳالهيون ڪندي

هڪ سنڌي ڀاڪو ٻڌايو تہ، "سائين، ڀائر ڪوٺ جون ٻانهيون هوندا آهن." مون ائين محسوس ڪيو تہ منهنجي گهرَ جي ڪوٺ جي ٻانهن ٽٽي پيئي آهي.

جڏهن سڪر پهتس، تہ سڀ يار فتاح ملڪ وٽ اچي گڏ ٿيا. اتي فتاح ملڪ ۽ حميد سنڌيءَ جي دل جي ڪيفيت بہ مون ڀاڻ وانگر ساڳي ڏٺي.

قدرت جي انسان تي اها وڏي نعمت آهي، تہ جيڪي زندگيءَ ۾ سندس يار هجن، سي موت کان پوءِ بہ ساڻس ڀاڻ نڀائين. ڀٽي ان معنيٰ ۾ قدرت جو نوازيل روحُ هو.

پوين ڏينهن ۾ مون کي فرمائش ڪيائين، تہ مولوي صاحب تي مضمون لکي ڏي. مون سندس حڪم جي تعميل ڪئي. مون ڪانئس راءِ تہ ڪانہ ورتي، پر تنوير ۽ حسين شاهہ کي مضمون وٽيو. هاٽي سوچان ٿو تہ پوين ڏينهن ۾ سندس ڪيتريون ئي ڳالهيون اهڙيون سجهن ٿيون، جيڪي بامعنيٰ لڳن ٿيون. ڄڻ تہ هو ڪنهن سفرَ جو سانباهو ڪري رهيو هو.

دوستي درياهہ جي موج وانگر آهي. ڪڏهن چوٽ تي، ڪڏهن موٽ تي. ٻہ ٽي سال اڳ، اسان زماني جي ڪنهن سبب سان هڪٻئي ڏانهن ٿڌا ٿي وياسين. ڪانئس اها ڳالهہ برداشت ٿي نہ سگهي. سنت پنهنجو هڪ چڀيل ڪتاب موڪليائين ۽ ان تي لکيائين: "پنهنجي پياري ربانيءَ لاءِ، جو بي سبب رسي ويو آهي." سندس طعنو پڙهي، ڪلي ويٺس. جڏهن سڪر پهتس تہ سندس گهر، ڀاڄائيءَ سڪينہ کي فون ڪير تہ "ٻوڙ ڪهڙو چاڙهيو اٿوَ؟ لالي کي ٽفن باڪس ۾ ماني وجهي، درياهہ واريءَ هوٽل تي جلدي موڪليو، بک لڳي آهي."

شام ٿي تہ ڀٽي ڪلندو هوٽل جي ڪمري ۾ داخل ٿيو. ورهين جا ڏک لحظي ۾ لهي ويا.

پيهر ساڻس ڪچهريءَ جو موقعو گذريل اهل قلم ڪانفرنس جي موقعي تي مليو. فتاح کي وٺي اچي پهتو. سڪ جو ٻڌ پري، منهنجو مان رکيائين.

ڪانفرنس مان واندو ٿيو، تہ فتاح کي ڪوهہ مريءَ، ايبٽ آباد ۽ پشاور هلڻ لاءِ زور ڀريائين. مون ان کي سراسر چريائپ سمجهيو ۽ فتاح کي بہ ڳالهہ

ائين لڳي. پر سندس اندر ۾ ڪو ٻيو ٻولي رهيو هو. ڇڻ تہ ڪيس خبر هئي تہ هن دنيا جا هي سرسبز جبل، واديون ۽ چشما پوين پيرو ڏسي رهيو آهيان.

ان ڪان اڳ ڪيس ڪراچيءَ جي اسپتال ۾ ڏسڻ ويو هئس. اهو تہ ٻڌو هئم تہ سخت بيمار ٿي پيو آهي. پر جڏهن ڪيس ڏٺم تہ ٻت مان سيسراٽ نڪري ويا. اهو پڻي ئي ڪونہ رهيو هو.

پر چا چئجي سندس دل جي طاقت. بيماريءَ ڪي ڪنگهيائين بہ ڪونہ. ائين ئي مليو، جيئن سدائين ملندو هو. گهٽي دير ڪونہ ويٺاسين. اسپتال جو ماحول اسان جهڙن يارن جي ڪچهريءَ لاءِ موزون ڪونہ هو. جڏهن سندس ڪمري مان ٻاهر نڪتس تہ ڳٽتي ٿي پيم. حسين شاه گڏ هو. ٻئي ڄڻا ڊاڪٽر وٽ وياسين. ان صاف ٻڌايو تہ حياتي ان جي وس آهي، جيڪو حياتي ڏئي ٿو.

ساڻس ٻي ملاقات بہ حسين شاه سان گڏ ٿي. اسان ٻئي ڄڻا زماني جي سانگ سان سکر ۾ درياه واريءَ هوٽل ۾ ٽڪيل هئاسين. حسين شاه کي انگريزي ماني وڻندي آهي، پر مون ڇاتي واٽي پڻيءَ کي فون ڪئي تہ ماني تو وٽ کائينداسون. مڇيءَ جو ٻوڙ ضرور هجي.

مون کي ڊپ آهي تہ شايد ان ڏينهن سک سان، مارڪيٽ مان ٻوڙ وٺڻ بہ پاڻ ئي ويو. منجهند جو ميز تي، مڇيءَ ۽ ڪکڙ جا ٻوڙ، بيهہ تريل، پلاءُ ۽ سلاد غرض تہ سڀڪجهہ موجود هو.

پڻيءَ ۽ مون ورهين جا ورهيہ گڏجي ماني کاڌي هئي، پر ان مانيءَ جو سواد ئي عجيب هو، ڇڻ تہ اها Last Supper هئي.

پوين ڏينهن ۾ اسان اڪثر ڪري، اسلام آباد مان فون تي ڳالهائيندا رهندا هئاسين. فرمائش ڪيائين تہ "ڪو ڪتاب موڪل تہ ويهي گهر ۾ترجمو ڪريان. ويني ڪان ورونهہ پلي."

مون ڪيس ارنيسٽ هيمنگوي جو ڪتاب Snows of Kilminjaro ڏياري موڪليو. ان ڪتاب جي آخرين باب تائين پهتو هو، جو سندس زندگيءَ جو آخرين ڏينهن اچي پهتو.

اڳئين ڏينهن تي جڏهن فون تي ڳالهايائين تہ لهڪاريل هو. آواز غير

معمولي طور منو، ڇڻ تہ اڏامندڙ پکيءَ جي پوئين لات ہڏي رهيو هوس. ٻئي ڏينهن حميد سنڌيءَ فون ڪئي تہ، ”ادا، ڇورا ڇنا ٿي وياسين.“

ڀٽي روح ۾ جسم جي رڳ رڳ ۾ وسيل آهي. سندس يادگيريون منهنجي ٿي زندگيءَ جو اهم باب آهن. پر لکڻ جي طاقت ڪنهن ۾ آهي! قلم کڻ تہ اکيون ڀرجي اچن ٿيون. سندس قبر تي گلاب جا گل بيشڪ سڪي ويا هجن، پر منهنجي دل جا زخم اڃا تازا آهن.

صديق سالڪ

سنہ 1984ع جي ڳالهہ آهي. مون کي حيدرآباد کان اسلام آباد آئي مهينو ہ گذريا هوندا. ايڪيڊمي آف ليٽرس ۾، ڊئريڪٽر ايڊمنسٽريشن جي عهدي جي چارج ورتي هئم. خاطر غزنوي مون سان گڏ ڊئريڪٽر ليٽرس مقرر ٿيو هو. ڪنهن دوست چيو تہ، ”هلو تہ هلي چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر جي آفيس ۾ برگيڊيئر صديق سالڪ سان ملي اچون.“

مون سالڪ جو نالو تہ ٻڌو هو، پر سندس باري ۾ گهٽي خبر ڪانہ هئم. دل تي ايترو دٻو هئم، تہ اردو زبان جو سٺو اديب آهي. پر فوج ۾ آهي ۽ چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر جي آفيس ۾ ڪنهن اهم عهدي تي آهي، اهو تفصيل معلوم ڪونہ هئم. اسلام آباد ۾ پاڻ کي ائين محسوس ٿي ڪيم، جيئن ٻنيهن ڏندن جي وچ ۾ زبان. سوچيم تہ صلاح تہ سٺي آهي. هن ”اجنبي شهر“ ۾، ڪو لڳ لاڳاپو، ڪجهہ اٿي ويٺي ضروري آهي.

خاطر غزنوي، مان، پروفيسر پريشان خٽڪ، جو پشاور مان مهمان ٿي آيو هو ۽ ٻيا ہ ٽي دوست موٽرن ۾ سوار ٿياسين. رواني ٿيڻ کان اڳ، اسان مان سالڪ جي ڪنهن واقفڪار، ڪيس فون تي اهو اطلاع ڏنو. چيائين تہ ”هليا اچو.“ اڌ ڪلاڪ ۾ موٽرون اسلام آباد مان راولپنڊيءَ پهتيون. اسان هڪ محل نما عمارت جي دروازي تي وڃي بيناسين، جتي باوردي فوجي سپاهي بندوقن سميت تيار بيٺا هئا. دروازي مان اندر گهڙياسين تہ احساس ٿيو تہ چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر جي هيڊ ڪواٽر ۾ آيا آهيون. هڪ ٻئي پٺيان، نوان نوان فوجي سپاهي، مختلف ڪمرن ڊاڪٽين مان اسانجي رهبري ڪندا، اڳتي وٺي هليا ۽ آخرڪار هڪ ڪمري جي اڳيان هلي بيهارياٿون، جنهن جي ٻاهران ورانڊي ۾ ٻہ غاليچا وڇايل هئا. دروازو کليو، اسان هڪ هڪ ٿي اندر داخل ٿياسين. سرخ غاليچن، اعليٰ درجي جي فرنيچر، ۽ ريشمي پردن سان آراستہ پيراستہ ڪمري ۾، ميز جي پٺيان هڪ باوقار شخص، فوجي يونيفارم ۾، ڪرسيءَ تي ويٺو هو. اسان کي ڏسي اٿي بيٺو. سڀني سان گرمجوشيءَ سان هٿ ملايائين ۽ ڪرسين تي وهڻ لاءِ چيائين. سندس عمر پنجاهہ جي لڳ ڀڳ ٿي لڳي، قدر جو ڊگهو، ڪٽڪ رنگو، گول چهري، سهڻن وصفن ۽ چٽن مهاندن وارو هو. سندس شخصيت مان رعب جهلڪي رهيو هو پر اڪين مان نرمي. اڳيان ميز تي ڪجهہ ڪاغذ ٽڙيل پکڙيل هئس، انهن کي سميٽي،

ڪرسيءَ تي ٽيڪ ڏيئي، آرام سان ٽي وينو ۽ گهنٽي وڄايائين. هڪ باوردي ملازم سفيد يونيفارم ۽ سرخ ڪمرپٽي سان، ڪمري جو دروازو ادب سان آهستي کولي، اندر داخل ٿيو.

”چاءِ ۽ سمبوسا“ سالڪ کيس اشارو ڏنو. ۽ اسان کي مرڪي چيائين، ”هن ماحول ۾ اديبن سان ملاقات وڏي نعمت آهي.“

اتي اسان به پاڻ کي ذهني طرح آزاد سمجهيو. ۽ ڪرسين ۾ سولا ٿي ويٺاسين. مان ڪاڏيءَ جو ڪڙتو ۽ ڪاڏيءَ جي سلوار پائي ويو هوس. خاڪي يونيفارم جي ماحول ۾ اهو تضاد ڏاڍو دلچسپ ٿي لڳو. سالڪ تعارف لاءِ چيو. مون مختصر لفظن ۾ پنهنجي واقفيت ڪرائي. خاطر غزنويءَ، پروفيسر پريشان خٽڪ ۽ ڪن ٻين دوستن سان سندس اڳيئي واقفيت هئي. سنت ادبي ڳالهه ٻولهه نڪتي. هاڻي چٽيءَ طرح ياد ڪونهيم، پر پاڻ تو ته ”اديب ۽ آزادي“ موضوع هو. ڪن اظهارِ خيال جي آزاديءَ جي حمايت ۾ ڳالهايو. ڪن پاڻ ڳالهائڻ بدران سالڪ جا خيال ٻڌڻ کي ترجيح ڏني. مون رک رکاءُ ڇڏي، آزاديءَ سان ڳالهايو ۽ ائين محسوس ڪيو ته کيس منهنجون ڪريون ۽ صاف ڳالهيون ناگوار ته ڪونه لڳيون، بلڪ جاڻ تان وڻيون. درحقيقت هن اسان سڀني کي نهايت تحمل ۽ توجهه سان ٻڌو. تجلا ڏيندڙ سونهري ٻلن ۽ بڪلن واري استري ٿيل ڪڙڪ خاڪي يونيفارم ۾ جيڪو اديب هو، سو ڏاڍو ڪو انسان دوست هو. پاڻ به دل کولي ڳالهايائين ۽ اديبن جي اظهارِ خيال جي آزاديءَ جي پرڀهه حمايت ڪيائين. ڪلاڪ اڌ ڪچهري ڪري جڏهن ڪانئس اجازت گهريسون ته اسان سان گڏ ڪمري مان ٻاهر نڪتو. ڏاڪڻيون لهي هيٺ آيو ۽ موٽرن وٽ موڪلائي، واپس ويو.

اها هئي صديق سالڪ سان منهنجي پهرين ملاقات.

ٻي ملاقات ڪٿي ٿي، ڪڏهن ٿي، سو هاڻي ياد ڪونهيم. پر پاڻ تو ته ڳاهي بگاهي ميل ملاقات ٿيندي رهي. سالڪ جو سڀاءُ مون کي وڻيو. بيحد خود دار ليڪن مٺو ماڻهو. سال ڪن جي عرصي اندر، هڪٻئي کي ڪافي ويجهڙا ٿي وياسين، پر ايترا به نه، جو مان بنا حجاب جي کيس ڪو ڪم چئي سگهان. هو رڳو مون سان نه پر هر ڪنهن سان سوچي سمجهي وک کڻندو هو ۽ زبان مان لفظ ڪڍڻ کان اڳ ان جي معنيٰ ۽ مطلب کي خيال ۾ رکندو هو.

هڪ ڏينهن ايوان صدر مان، ڇئين بجي شام جو فون ڪيائين ”ڇا ٿو ڪرين؟“ مون چيو ”آفيس جو ڪم وينو ڪريان.“ چيائين ته ”واندو هجين ته هليو اچ ته چاءِ پيون.“ مان وٽس پهتس ته سبز چاءِ ۽ سئنڊوچز گهرايائين. ڪتابن جون ڳالهيون نڪتيون. مون کيس ٻڌايو ته سياڻي لاهور ۾ هڪ ادبي اداري ۾ ميٽنگ آهي. اوڏانهن ڏينهن اڌ لاءِ وڃي رهيو آهيان. چيائين ته ”امرجنسي نالي هڪ نئون ناول لکيو اٿم. ان جو مسودو احمد نديم قاسميءَ کي پڙهڻ لاءِ ڏنو هئم. جڏهن مونين ته وٽانئس ڪنيو اچجانءِ.“

لاهور ۾ قاسميءَ مسودو لفافي ۾ بند ڪري، هڪ خط سان گڏ ڏنو. مون امانت آڻي سالڪ کي ڏني. خط پڙهيائين ۽ ڪتاب جو مسودو مون کي ڏيئي چيائين ته ”هفتي ٻن ۾ پڙهي، تون به پنهنجي راءِ ڏجانءِ.“

مون کيس پنهنجي راءِ تفصيل سان ڏني. ڏاڍو متاثر ٿيو. منهنجيءَ راءِ جي روشنيءَ ۾ ناول ۾ توري گهڻي اصلاح ڪيائين ۽ ڪتاب جي پيش لفظ ۾ احمد نديم قاسميءَ ۽ وحيد قريشيءَ سان گڏ منهنجو شڪريو به ادا ڪيائين.

سالڪ اردو زبان جو اديب هو، پر مان صوبائي زبان جو. تنهنڪري سيني زبانن جي اديبن جي حمايت ڪندو هوس. هڪ ڏينهن فون ڪيائين ته پنهنجي نئين ڪتاب جي رونمائيءَ جو جلسو ڪراچيءَ ۾ رکڻ گهران ٿو. ارادو اٿم ته ان ۾ ملڪ جي چئن ئي زبانن جي اديبن کي به ڪتاب تي ڳالهائڻ لاءِ چوان. سنڌي اديبن مان فلاڻي اديب جو نالو مليو اٿم. تنهنجي ڪهڙي صلاح آهي؟“

مون چيس ته سنڌ ۾ ٻه اهم ادبي ادارا آهن: هڪ سنڌي ادبي بورڊ ۽ ٻيو سنڌالاجي. انهن ٻن مان ڪنهن جو سربراهه جيڪڏهن تنهنجي ڪتاب تي ڳالهائي ته سٺي ڳالهه ٿيندي. جڏهن ڪراچيءَ مان جلسو ڪري موٽيو، تڏهن ڏاڍو خوش هو. چيائين ته جلسي ۾ جيترن به اديبن ڳالهايو، تن ۾ سنڌالاجيءَ جي ڊئريڪٽر، مهتاب راشديءَ سيني کان سٺو ڳالهايو.

سالڪ 1971ع واريءَ جنگ ۾، اوڀر پاڪستان ۾ هو ۽ جنگي قيديءَ جي حيثيت ۾، هندستان ويو هو. ڪڏهن ڪڏهن ان دور جو ذڪر ڪيندو هو. هڪ دفعي مون کيس ٻڌايو ته تن ڏينهن ۾، مان حيدرآباد ۾، سنڌي ادبي بورڊ واريءَ آفيس ”امين منزل“ ۾، پنهنجي ننڍي ڀاءُ غلام شبير سان گڏ رهندو هوس. جنگ جي ڪري، بليڪ آئوٽ هوندو هو. رات جو ڪنهن مهل هندستان جو

جهاز ايندو هو تہ اوچتو سائرن وڄندا هئا ۽ اسان ٻئي پائر بسترا کڻي وڃي ڈاڪڻ ۾ ويهندا هئاسون. سياري جي رات هوندي هئي. روزانو رات جو هڪ ٻہ دفعا اھا جٺ ٿيندي هئي. جڏهن جنگ ختم ٿي رهي هئي تڏهن هندستاني ريڊيئي تي "جنرل ماڻڪ شا ڪا پيغام، امير عبدالله نيازي اور رائو فرمان علي ڪي نام" ٻڌندا هئاسين. جنهن بعد ۾ هندستاني فوجن اڳيان هٿيار ڦٽي ڪيا هئا.

هڪ دفعي مان حيدرآباد مان بورڊ جي ڪم سان راولپنڊيءَ آيس. سرڪاري ڪم لاهي، سوات گهمڻ هليو ويس. اتي گهر لاءِ تازا صوف خريد ڪيم. راولپنڊيءَ مان موٽڻ مهل جهاز ۾ صوفن جي ٽوڪري پنهنجن پيرن وٽ رکي، پنهنجيءَ سيٽ تي ويٺس تہ ڪو شخص آيو. پاسي واريءَ ڪرسيءَ تي ويٺو ۽ منهنجن پيرن وٽان صوفن جي ٽوڪري هٽائي، پنهنجي بريف ڪيس رکي، آرام سان پنهنجيءَ سيٽ تي ويهي رهيو. مون ڏانهس ڏسڻ يا ڳالهائڻ کانسواءِ سندس بريف ڪيس هٽائي، پنهنجي صوفن جي ٽوڪري رکي، ٽنگون ڊگهيون ڪري ڇڏيون. ان تي ڪنڌ ورائي، مون کي اسلام عليڪم چيائين. مون سلام ورائي ڏانهس نهاريو ۽ پانيم تہ سندس تصوير اخبارن ۾ ڏٺي اٿم. چيائين تہ منهنجو نالو عبدالله نيازي آهي. مون چيو تہ اوهان جو چهرو مانوس تہ لڳي ٿو پر مان اوهان کي ڪونہ سڃاڻان. چيائين تہ مون کي جنرل نيازي ڪوٺيندا آهن. اتي مون کي اڳوڻا ڏينهن ياد آيا. مون ساڻس اوپر پاڪستان جي ڳالهہ ڪئي، تہ همراهہ جذباتي ٿي ويو. چيائين تہ سڄو ڏوهہ انهن جو آهي، جن مغربي محاذ تي جنگ بند ڪئي. مون کي ڪهڙي خبر تہ مغربي محاذ تي جنگ ڪنهن بند ڪئي هئي؟ بهرحال، صبر سان کيس لاهور تائين ٻڌندو رهيس. پر محسوس ڪيم تہ همراهہ هوش کان وڌيڪ جوش ۾ آهي. پڇيائين تہ حيدرآباد ۾ ڇا ڪندو آهين ۽ ڪٿي رهندو آهين؟ مون کيس صحيح صحيح جواب ڏنو. چيائين تہ ڪنهن ڏينهن اتي توسان ملڻ ايندس. مون دل ۾ چيو تہ ياالاهي خيرا بهرحال، آيو تہ ڪونہ، البت عيد تي هڪ عجيب ڪارڊ موڪليائين، جنهن ۾ هڪ چيتو هڪ ٽڪريءَ تان ٻيءَ ٽڪريءَ تي ٽپو ڏيئي رهيو هو. چيتي جي هيٺان لکيل هو امير عبدالله خان نيازي "ٽائيگر."

سالڪ ڳالهہ ٻڌي کلڻ لڳو ۽ چيائين تہ "تو منهنجا ڪتاب Witness to Surrender ۽ همہ ياران دوزخ ڪونہ پڙهيا آهن؟" مون چيو تہ "نہ". چيائين تہ

صدیق سالک

"پڙهي ڏس. انهيءَ ٽائيگر جو انهن ڪتابن ۾ ڪافي احوال اٿيئي." پٺي ڏينهن پٺي ڪتاب موڪلي ڏنائين. انگريزي ڪتاب تہ ڪو دوست ڪڻي ويو. البت اردو ڪتاب پڙهيم ۽ ڏاڍو وڻيم. في الحقيقت اهوئي ڪتاب منهنجي ۽ سالڪ جي سنگت جو سبب بڻيو. مان چڻ تہ سندس روح مان گهمي آيس. سالڪ وڏو اهل دل انسان هو.

سچو ماڻهو هو. زماني جا ڏنگ سهي سهي، عاجز اچي چڪو هو. مونکي اهڙن مظلومن سان محبت ٿيندي آهي. شايد سندن روح ۾، پنهنجي ئي روح جو عڪس ڏسندو آهيان. غريب سان وڏي ويڌن اها هئي تہ ايوان صدر ۾ اهم عهدي تي فائز هئڻ ڪري، ماڻهو ڪيس ذاتي مفاد حاصل ڪرڻ جو ذريعو سمجهي پنهنجا جائز ۽ ناجائز ڪم چوندا هئا. اهائي ڳالهہ ڪيس سڀ کان گهڻو ڏکوئيندي هئي. خاص ڪري جڏهن اديب ۽ اهل قلم بہ ڪيس ائين استعمال ڪرڻجي ڪوشش ڪندا هئا، تہ ڏاڍو پريشان ٿيندو هو. هڪ دفعي ڪنهن اديب جو نالو کڻڻ ڪانسواءِ ڳالهہ ڪيائين تہ مون کي چيائين تہ تون رڳو ڪنهن ڏينهن ايوان صدر مان فون ڪر. سالڪ پڇيس تہ ان مان توکي فائدو؟ چيائينس تہ ان هڪ فون مان پنجاهہ هزار رپيا ڪمائيندس. سالڪ پڇيس تہ سو ڪيئن؟ چيائينس تہ منهنجي سيٺ جا سرڪار ۾ الاهي ڪم آهن. ڪيس چوندس تہ ايوان صدر ۾ منهنجي هلندي پڄندي آهي. تنهنجي فون ان دعوا جي تصديق ڪندي. منهنجو سيٺ مون کي خوش ڪرڻ لاءِ چاليهہ پنجاهہ هزار رپيا تہ ان مهل ئي منهنجي کيسي ۾ وجهندو.

مون سالڪ کي چيو تہ مون کي توتي رحم ٿو اچي. الله تنهنجي مدد ڪندو.

مون ايوان صدر ۾ بہ سالڪ کي سک سان ڪونہ ڏٺو. ننڍي هوندي جون ٻڌل ڳالهيون ياد آيم تہ سچي خوشي حاڪمن نہ، فقيرن وٽ آهي. هڪ ڏينهن رازداريءَ ۾ ايوان صدر ڏانهن اشارو ڪري چيائين تہ "هن سفيد پڃري white cage ۾ اچي ڦاٿو آهيان. سوچيان ٿو تہ صدر جي پريس سيڪريٽريءَ جي عهدي تان استعيفا ڏيان." مون کيس ائين ڪرڻ کان منع ڪئي ۽ سندس اڳوڻي آفيسر سان مشورو ڪرڻ لاءِ چيو. مون کي اها خبر هئي تہ پاڻ سندس چوڻ اکڻ ۾ آهي. هن ڳالهہ ٻڌي چيس تہ "تو پنهنجن ٻارن کي ناز ۽ نعمت تي هيرايو آهي. پاڻ تہ ڏک سک سان دال ماني کائي ويندين، پر ٻارن جو ڏک ڏسي

سگهندين؟" ساڳي صلاح ٻين کان دوستن سان به ڪيائين. انهن جو مشورو قبول ڪيائين يا نه، سو ته چئي نٿو سگهجي، پر پنهنجي اڳوڻي آفيسر جي جواب ۾- چِتو ڪري وڌس. ڏاڍو مونجهاري ۾ هو. هڪ دفعي ايوان صدر ۾ وينا هئاسين. پنهنجي دل جي ڪيفيت بيان ڪرڻ لاءِ هڪ ٽوٽڪو ٻڌايائين:

"هڪ جهوپڙيءَ ۾ ٻه درويش رهندا هئا. رات ڏينهن علم جي تحصيل ۾ مشغول هوندا هئا. ڪنهن ريت بادشاهه کي اها خبر پيئي ته فلاڻي هنڌ ٻه وڏا عالم رهن ٿا. بادشاهه کين پيغام ڏياري موڪليو ته مون وٽ اچو ته اوهان کي وڏا عهدا ڏيان. هڪ درويش ويو، ٻيو ڪونه ويو. جيڪو ويو، سو بادشاهه جو مقرب ۽ مشير مقرر ٿيو. ناز نعمت سان رهڻ لڳو. اعليٰ درجي جا ويس وڳا، طعام ۽ مشروبات سندس روزمره جي زندگيءَ جو معمول ٿي ويا. هڪ ڏينهن کيس پنهنجي يار جي يادگيري آئي. سونن سنجن واري گهوڙي تي سوار ٿي، ريشم ۽ ڪيمخواب جي قبا ڍڪي، پنهنجيءَ پراڻيءَ ڪکائينءَ جهوپڙيءَ ۾ ويو. ٻيو درويش اهوئي تڏي تي ويٺو هو ۽ ڪنهن ڪتاب جي مطالعي ۾ مشغول هو. يار کي ڏسي، ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ياڪر پائي گڏ وهاريائينس. ايتري ۾ منجهند جي ماني‍ءَ جي مهل ٿي ۽ دستور موجب دال جي پيالي آئي. يار کي چيائين ته کاءُ. هن شڪريو ادا ڪري چيس ته جيڪڏهن توکي بادشاهه جي خوشنودي حاصل ڪرڻ جو هنر اچي وڃي ته پوءِ توکي دال تي گذران ڪرڻ جو ضرور ڪونه رهندو.

ٻئي درويش جواب ڏنس ته پر جيڪڏهن توکي دال تي گذران ڪرڻ جو هنر اچي وڃي، ته پوءِ توکي به بادشاهه جي خوشنودي حاصل ڪرڻ جي ضرورت ڪانه رهندي.

ٽوٽڪو سٺو هو. پر مون ان تي تبصرو ڪونه ڪيو ڇو ته دنيا ۾ دال جي پياليءَ تي گذر ڪرڻ وارا درويش هاڻي ڪونه رهيا آهن. مون محسوس ڪيو ته سالڪ جو اصل مسئلو اهو آهي ته هو پنهنجي اندر ۾ گُهٽَ محسوس ڪري رهيو آهي. وقت جي حاڪم اڳيان کيس هر وقت هائو ڪرڻي پوي ٿي.

هوڏانهن اديب بنيادي طرح آزادي پسند ۽ باغي ٿئي ٿو. پابندي ۽ غلامي هن جي روح لاءِ وڏي ۾ وڏو عذاب آهي. سو، مون کيس صلاح ڏني ته "هفتي ۾ ڏينهن ٻه موڪل ڪري، ڪوهه مريءَ هليو ويندو ڪر. مري اسلام آباد کان فقط ٽيهه ميل آهي. اتي توکي آرام سان ٽڪڻ لاءِ گهٽيئي جايون آهن. تنهنجي ذهن جو ٿڪ لهي پوندو." پر، منهنجي اها صلاح کيس صحيح نظر نه آئي. ڪميٽيءَ دنيا مان ڪڪ ٿي، آهستي آهستي، پاڻ کي ذهني طرح گوشه نشين بنائي ڇڏيائين. بس، ڪتابَ ۽ پاڻ. شراب کي سڄي عمر هٿ ڪونه لاتائين. ساڳيءَ ريت سگريٽ کان به سڄي عمر پاڻ پليائين. جيئن جيئن دنيا کان ڪٽبو ويو، تيئن تيئن مون سان سندس قرب وڌندو ويو. آخر ڪو وقت اهڙو به آيو، جو جيڪڏهن مان کيس فون ڪرڻ ۾ ڏينهن ٻه وٺي وجهان ته سندس دانهن ٻڌان، "او بيوفا، مون توکي اڳي به چتاءُ ڏنو آهي ۽ وري به ٻڌايان ٿو ته مون سان بيوفائي ڪندين ته مان نئون دوست ڪندس." سندس گهر واريءَ منهنجي گهر واريءَ کي ٻڌايو ته وڏين وڏين سرڪاري دعوتن مان رات جو دير سان موٽي ايندو هو ته به اچڻ شرط پڇا ڪندو هو ته "آگري جي فون آئي هئي؟" مون کان پڇي، وري وچي ڏيئن مان هرهڪ کان جدا جدا پڇندو ته "چاچا آگري جي فون آئي هئي؟" جيڪڏهن جتان ڪٿان جواب نهڪر ۾ ملندو هوس ته اداس ٿي ويندو هو!"

مان کيس روز روز فون ڪرڻ کان انڪري دانسته گريز ڪندو هوس، ته متان ائين سمجهي ته منهنجي به منجهس ڪا غرض آهي. هڪ دفعي ساڻس اهڙو اظهار به ڪيم. ٻڌي ڏکوئجي چيائين ته "تون ائين ڇو ٿو سوچين!"

زماني ۾ ٿڌي ڪوسي هر انسان جي متي تي آهي. انسان سڄڻ سان ٺي سور سليندو آهي. سو، مون مختلف موقعن تي کيس نوڪريءَ جو هڪ اڌ ڪم چيو، پر ڪري ڪونه سگهيو. البت هڪ احسان اهڙو ڪيائين، جو زندگيءَ ڀر ياد رهندو.

چا ٿيو ته مان ڪنهن ڪم سان ڪراچيءَ ويس. اتان ڳوٺ جو قصد ڪري، حيدرآباد پهتس. پنجين بجي شام جو حيدرآباد مان نڪتس. انهن ڏينهن جي لڙ چڙ واري ماحول کي خيال ۾ رکي، ڊرائيور کي چيم ته گاڏي تيز هلاءِ، ته سج بيٺي نڪري هلون. ڊرائيور سو ڪلو ميٽر ڪلاڪ، پوءِ سواسو ڪلو ميٽر رفتار سان هلڻ لڳو. سانجهيءَ جي نماز موري جي ٻاهران پيٽرول پمپ تي پڙهي، ڊرائيور کي چيم ته ڳوٺ باقي چاليهه ميل پري آهي. همت ڪر ته منهن اونداهيءَ کان اڳي ڳوٺ پهچي وڃون. هن ڪار جي رفتار هيڪاري تيز

ڪري چڙي. سواسو ڪلو ميٽر مان وڌائي اول سو ٿيھ پوءِ سو چاليھ ڪلو ميٽر ڪري ڇڏيائين. مان ساڻس گڏ اڳينءَ سيٽ تي ويٺو هوس، پر پوءِ بہ ڪيس منع ڪانہ ڪيم. ڪار سؤ چاليھ ڪلوميٽر رفتار سان وڃي رهي هئي، جو اوچتو ڪاٻي پاسي کان سامهون هڪ ٽرڪ بيٺل نظر آئي. ٻئي پاسي کان وري سامهون ٻي ٽرڪ اچي رهي هئي، انڪري ڪٿان بہ گاڏي ڪڍڻ جي ڪابہ وٿي ڪانہ هئي. سوچڻ جو وقت ايترو تيز رفتار ۾ ڪٿي تو ملي! اسان جي ڪار واڇ مينهن ڪندي، سامهون واريءَ بيٺل ٽرڪ جي هيٺان هلي ويئي. ڊرائيور بعد ۾ ٻڌايو تہ هن بيٺل ٽرڪ جون بتيون وساٽل هئڻ ڪري، ان کي پري کان تہ ڪونہ ڏٺو هو. پر جڏهن ڪار مٿان وڃي پهتي تہ ٽرڪ تي اوچتو سندس نگاهہ پيئي ۽ بريڪ هنيائين، پر گاڏيءَ جي تيز رفتار ان کي اڳتي گهليندي ويئي. مون کي ايترو سو ياد آهي تہ اوچتو ونڊ اسڪرين جي شيشي جا ذرڙا چر چر ڪندا، هيٺ ڪرڻ لڳا. ڪار جي انجڻ ٽرڪ جي هيٺان هلي وڃڻ ڪري، ڪاغذ جي دٻي وانگر چپجي ڪر ڪنا تي ويئي. ”سائين بچيا تہ آهيو؟“ ڊرائيور جا اکر منهنجي ڪن تي پيا تہ سمجهيم تہ واقعي بچي ويو آهيان!

”هائو، پر در اچي کول تہ مان ٻاهر نڪران“ مون ڪيس جواب ۾ چيو. مٿي مان گرم گرم رت جا ڦڙا ڳلن تان وهندا، اچي هيٺ ڪريا. ڊرائيور ڪار جو دروازو کوليو. مون ٻاهر نڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر نڪري نہ سگهيس. ڊرائيور مدد ڪئي. ٻاهر نڪتس تہ ڏٺم تہ ڪاٻي ٻانهن هيٺ لڙڪي رهي آهي. بيهي نہ سگهيس، هيٺ ڪري پيس. مارڻ واري کان بچائڻ وارو ويجهو آهي. ڪا دعا ڪم آئي هوندي، ڪو خير جو ڪم رب کي قبول پيو هوندو، نہ تہ هڪ سو چاليھ ڪلو ميٽر رفتار سان پهاڙ جيڏيءَ ٽرڪ سان ٽڪرائجڻ ڪانپوءِ بہ ماڻهو بچي وڃي تہ معجزو ٿيو![1]

---

[1] هڪ دفعي پير حسام الدين راشديءَ سان گڏ اسلام آباد امير خسروءَ جي سيمينار تي آيس. فيض احمد فيض سيمينار جي مندوبين جي اعزاز ۾ لوڪ ورثي وارن کان موسيقيءَ جي محفل ڪرائي. ان ۾ عالم لوهار هڪ پنجابي گيت ڳايو، جنهن جو هڪ شعر هو تہ ”دلبر تون هن دنيا ۾ ائين آهين، جيئن جنڊ جي ٻن پڙن ۾ شيشي جو ٽڪر.“ اهڙو شعر، سو بہ عالم لوهار جي آواز ۾، اصل دل ۾ ڪپي ويو. ٻن ٽن سالن ڪانپوءِ ايران جي دوري تي ويس. اتي دوري جي اختتام تي، اسان جي اعزاز ۾ وڏي شاهي ضيافت ڪيائون. ۽ ايران جا لوڪ ناچ ڏيکاريائون ۽ گيت ٻڌايائون. انهن ۾ هڪ لوڪ گيت جو شعر ٻڌي منهنجا تہ وار ڪانڊارجي ويا. اهو شعر عالم لوهار واري پنجابي شعر جو جواب هو. هن ريت هو:

گر نگهدار تو آنست ڪہ من مي دانم
شيشہ را در بغل سنگ نگح مي دارد.

پيو معجزو اهو ٿيو تہ اتي جو اتي، پنيان هڪ ٽرڪ آئي جنهن جي ڊرائيور کنهن بہ پس و پيش ڪرڻ کانسواءِ امالڪ مون کي کڻي پنهنجيءَ گاڏيءَ ۾ وهاريو. پاڻيءَ جو جمن پري پياريائين تہ ڪجهہ سامت ۾ آيس. ٽافي ڪدي چوسڻ لاءِ ڏنائين. غريبن کي الله ڪيڏي نہ ٻاجهہ پري دل ڏني آهي!

ڏيڍ ميل پنڌ تي منهنجي منزل يعني ڪنڊياري جو شهر هو. اتان قومي شاهراهہ ڇڏي اتر طرف ست ميل پري پنهنجي ڳوٺ آڳرين وڃڻو هوم. ٽرڪ ڊرائيور قرب ڪري ڪنڊياريَ جي اسپتال ۾ اچي لاٿو. اونداهي ٿي ويئي هئي پر ٻہ ڊاڪٽر اسپتال ۾ موجود هئا: هڪ ڊاڪٽر راڄپر ۽ ٻيو ڊاڪٽر بروهي. ٻنهي قربن سان ڪمال ڪري ڇڏيو. مٽي کي صاف ڪري، پٽي ٻڌائون. ٻانهن کي بہ ڪا پٽي ٻڌائون. سي ڪان وڏي ڳالهہ تہ دلداري ڏنائون.

ڪانئن پڇيا ڪير تہ ٽيليفون آهي، تہ فون آڻي ڏنائون. حيدرآباد فون ڪيم. ڀاءُ شبير لاءِ پيغام ڇڏيم تہ سالڪ کي ڄاڻ ڪر. هتِ جهنگ ۾ تہ نہ اوهي نہ واهي! حيدرآباد يا ڪراچيءَ الائي ڪڏهن پهچندس. تيسين پڳل ٻانهن ۽ مٽي جو زخم الائي ڪهڙو خلم ڪندا.

شبير جو چوڻ آهي تہ هن فون ڪئي ۽ سالڪ ڪيس بروقت ملي ويو. سالڪ بعد ۾ ٻڌايو تہ فون پهچڻ شرط هوش اڏامي ويو. زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو. ڪراچيءَ ۾ صدر جي ڊاڪٽر کي حڪم ڏنم تہ هيئن غلام رباني آگرو ڪار جي حادثي ۾ زخمي ٿي، ڪنڊياري جي اسپتال ۾ پهتو آهي. هڪدم ڪيس حيدرآباد جي سول اسپتال ۾ پهچايو وڃي ۽ سندس علاج جو خاص خيال رکيو وڃي."

مان ڪنڊياري جي اسپتال ۾ اداس ليٽيو پيو هئس تہ مانئٽ اچي پهتا. ڊاڪٽر عبدالقيوم آگرو ۽ حاجي سيف الله آگرو. زوريءَ اسپتال مان گهر وٺي هليا. خذمت چاڪريءَ ۾ حد ڪري ڇڏيائون. اها رات زندگيءَ پر وسري نہ سگهندي. اڌ رات جو سمو هو. غالباً هڪ ڏيڍ ٿيو هوندو تہ چيائون تہ چيف منسٽر سنڌ، غوث علي شاهہ فون تي ڳالهائيندو. شايد اسلام آباد جي ٽيليفون سندس بہ ننڊ ڦٽائي وڌي هئي. سٽت سندس آواز ٻڌم: "ڀائو، ڇا ٿيو؟" مون احوال عرض ڪيو. چيائين تہ "مون ڊي.سي. نوابشاهہ کي حڪم ڏنو آهي تہ اوهان کي فوراً ايمبولنس موڪلي ۽ ڪراچيءَ جي سول اسپتال ۾ بہ ضروري احڪام ڏيئي ڇڏيا اٿم."

پر، نوابشاھ جي ڊي.سيءَ. کي شايد ننڊ گهٽ ايندي هئي، سو وري سمهي پيو. چيف منسٽر جي حڪم جي باوجود، مون کي نوابشاھ مان ته ايمبولنس ڪانه پهتي، البت، سالڪ وارو حڪم ڪم آيو. رات جو چئين بجي ڌاران، دروازو کڙڪيو. هڪ نوجوان، ڊاڪٽر نندڙاڪڙين اکڙين سان ٻاهر بيٺو هو ته ”حيدرآباد جي سول اسپتال مان، اسلام آباد جي حڪم موجب، ايمبولنس کاهي، آگري صاحب کي وٺڻ آيو آهيان.“ مائٽن ڪان موڪلائي، ساٿس گڏ، ايمبولنس ۾ سوار ٿيس. رات اکين ۾ ڪاٽي، صبح جو نوين بجي وڃي لياقت ميڊيڪل اسپتال ۾ داخل ٿيس. اتي ٿيون معجزو ڊاڪٽر اسلم گهلوءَ ڪري ڏيکاريو. ڊاڪٽر مون ٻه گهٽا ڏنا. پر جهڙس منو ماٺهو ۽ پلو ڊاڪٽر مون ڪونه ڏٺو. ٻانهن اهڙي سٺي ٻڌائين، جو هاڻي مان ڪنهن کي قسم کڻي ٻڌايان ته هن ٻانهن جو هيئن حادثو ٿيو هو، ته اصل ڪونه مڃيندو.

حيدرآباد واريءَ اسپتال ۾ سالڪ جي گاهي ماهي مون کي به فون ايندي رهندي هئي ۽ ڊاڪٽرن ڪان پنهنجي ليکي به منهنجو حال احوال وٺندو رهندو هو. سنڌ جي يارن ته اهڙيون قربداريون ڪري ڇڏيون، جو حادثي ته ڇا، بلڪ زندگيءَ جي پنجاھ ورهين جا ٿڪ لهي ويا. اسپتال جي منتظم ڊاڪٽر ظفر صديقيءَ، پرائيويٽ وارڊ ۾، هڪ نه پر ٻه ڪمرا مون لاءِ رزرو ڪيا ۽ انهن ۾ ٽيليفون به هٽائي ڏني. پر دوستن ۽ ملاقاتين جو تعداد ايڏو جو ٻن ڪمرن ۾ به نه ماپي سگهن. خاص ڪري، شام جي مهل ته ڪيترا ويچارا ڪمرن ۾ جاءِ نه هئڻ ڪري، ٻاهر ميدان ۾ چڪر ڏيندا وتن. حيدرآباد ضلعي ڪائونسل جي نوجوان چيئرمن پير خالد جان سرهنديءَ ڪان وٺي سنڌي ادبي بورڊ جي غريب پٽيوالي الله بخش تائين، هر ڪنهن قربن سان حد ڪري ڇڏي.

مون کي سور ڪري رات جو ننڊ ڪانه ايندي هئي. سڀيئون سڀيون راتيون پاسا ورائيندي گذرنديون هيون. ڀلا ڀڳل ٻانهن تي جو ڪلهي ڪان ڪرائيءَ تائين پلستر چڙهيل هجي ته قرار ڪيئن اچي؟ هڪ رات ته سڄي لڇيندي گذري. اجا منهن اونداهي هئي، جو الله بخش ۽ مان سول اسپتال جي مکيه دروازي وٽ، ڪاٺ جي ڪئبن واريءَ ننڍڙيءَ غريباڻيءَ هوٽلڙيءَ مان چاءِ پيئڻ وياسين. اسپتال مان ٻاهر نڪتاسين ته آسمان ۾ اجا تارا بيٺا هئا. پر، ستت، اوير ڪان پرھ ڦٽڻ لڳي. ڪاٺ جي ڪئبن مٿان پير جو ٻروٽو هو. ان ۾

- حسين شاهه ۽ مان حيدرآباد جي اسپتال ۾ -

- ٽورا نہ ٽورا، مون تي مارونڙن جا -

ڊاڪٽر هيلينا

- انگريزي ادبيات جي ماهر ۽ آمريڪي ثقافتي اتاشي -

- اسپتال ۾ منهنجي داخلا جو ٻڌائين ته حيدرآباد ۾ پنهنجي ماتحت آفيسر کي منهنجي مزاج پرسيءَ لاءِ موڪليائين. اسلام آباد پهتس ته صحتيابيءَ جي خوشخبري ٻڌي، فوراً دعوت جو سڏموڪليائين -

ڊاڪٽر هيلينا پاڪستان ۾ پنهنجيءَ ملازمت، جو ڏيعاد پورو ڪري، گذريل سال آمريڪا رواني ٿي -

پڪيئتا رات جو آرام ڪري جاڳيا هئا. سندن "چون" "چون" اسان ڪي ڏاڍو مزو ڏنو. زندگيءَ ۾ ڪيڏو نہ حسن لڪو پيو آهي! ميرڙيءَ قميص ۽ ميرڙي پاجامي ۾ غريب هوٽل وارو بہ ان مهل جاڳيو هو. صبح مرداني جي پهرين ڀٽي سمجهي، ڏاڍي پيار سان، جلدي جلديءَ ۾ چاءِ جا گرم گرم بہ ڪوپ ٺاهي ڏنائين. ڪو لطف آيو. سڄيءَ رات جي اوجاڳي ڌر تڪ لهي ويو. اهو صبح بہ زندگيءَ ڀر ياد رهندو.

منهنجي مانيءَ جو بندوبست شبير ڀي حوالي هو. پاڻ مون کان ننڍو آهي. پر مانيءَ مان گرهہ پڇي، ٻوٽيہ ۰ ڳولي، ائين ويهي سڪ سان کارائي، جو چڙ تہ مان ابهم ٻار هئس ۽ پاڻ وڏو ياءُ هو. سندس اڻاهہ پيار ڏسي، مان مشڪل سان اکين جا ڳوڙها لڪائي سگهندو هوس.

هاڻي نالا ياد ڪونہ اٿم پر بيشمار دوستن، زالن ۽ مردن اسپتال ۾ شاندار دعوتون ڪيون. ڪن تہ سڄا سڄا ڇيلا پچرايا. مون کي ڳوري ماني ڪاڻي ڪانہ هئي پر دوستن جي دل رکندو هوس. ڪڏهن ڪڏهن سوچيندو آهيان تہ سندن احسان ڪيئن لاهي سگهندس! سنڌي ادبي بورڊ جو هڪ غريب ملازم علي نواز پٽي صبح جو سوير ناشتي لاءِ روز ٻن ڇئن ميلن جي پنڌ تان اوقراڻا ۽ آنا ترائي ڪٽي اچي، رات جو کير جون ٻ ڙريون پيرائي اچي. مون مٿس ڪوبہ احسان ڪونہ ڪيو هو. هڪ طرف اهڙن غريب يارن قرب ڪيا تہ ٻئي طرف سائين مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جهڙن معزز شخصيتن شفقتون ڪيون. سائين هالن مان قرب جا پير پري حيدرآباد ڪهي آيو. يادگار ڪچهري ڪيائين.

جڏهن هرڪو موڪلائي وڃي ۽ هئہ مئہ ٽري وڃي، تہ حسين شاهہ راشدي اچي چارج سنڀالي. سيرانديءَ کان ڪرسي وجهي وينو هجي. اسان جون هِتان، هُتان جون ڳالهيون ڪٽڻ ئي ڪونہ. سندس اهو احسان ياد رهندو. اسپتال جو زمانو تہ ساٽ ڏنائين، پر اسپتال ڇڏيم تہ پاڻ ڪراچيءَ ڪار ۾ وٺي آيو. مون کي ياد آهي تہ جڏهن اسلام آباد اينڊي ڪراچي ايئرپورٽ تي دوستن کان موڪلايم تہ حيدرآباد جي دوستن جي اکين ۾ ڳوڙها ڏٺم. البت، گاسليٽي ڪامريڊ ڪڏهن بہ ۽ ڪٿي بہ نظر ڪونہ آيا.

اسلام آباد پهتس تہ سالڪ اچي پاڪر پاتو. پلاسٽر ۾ ويڙهيل ٻانهن ڏسي چوڻ لڳو، "تون تہ ڪافي زخمي ٿي پيو آهين. مون سمجهيو تہ توکي هلڪي

سلڪي چوٽ آئي هوندي." وقت گذرندي دير ڪانہ ٿي لڳي. پڳل هڏ جڙي ويو. زخم جو نشان بہ مٽجي ويو. پر سالڪ جو احسان دل تي نقش ٿي ويو.

منهنجو پنهنجو تجربو اهو آهي تہ پئسي وارو ماڻهو ماڻهپي ڪان محروم ٿئي ٿو. جيڪڏهن ڪنهن بہ انسان ۾ اشرافت جو انگ نظر اچي تہ پڪ پائنجي تہ هن زندگيءَ ۾ غريبيءَ جا ڏينهن ڏٺا آهن.

سالڪ پئسي جي لحاظ ڪان وڏو ماڻهو تہ ڪونہ هو. پر پنهنجيءَ سنهنجيءَ وارو هو. سندس رهائش سکين ستابن ماڻهن واري هئي. گهر جي فرش کي نرم نرم غاليچن سان ڍڪيو هئائين. هر ڪمري ۾ ايئر ڪنڊيشنر هنيا هئائين ۽ درين ۽ دروازن تي ريشمي پردا. مهانگي موٽر ورتي هئائين. پنهنجن ٻارن کي انگريزي طرز جي زندگيءَ تي هيرا هئائين. جڏهن ٻاهرين ملڪن جي دوري تي ويندو هو تہ پنهنجي گهر کي سينگارڻ لاءِ نت نيون شيون وٺي ايندو هو. شايد دنيا جي مڙني مکيہ ملڪن جا ڪيئي دورا ڪيا هئائين. ٻائيتاليهہ دفعا تہ سعودي عرب ويو هو. سندس اميراڻا نٽ ٺانگر ڏسي مون کي بعضي بعضي ڪانئس خوف ٿيندو هو. پر هڪ دفعي سندس انٽرويو پڙهيم تہ سڀ پيو پولا لهي ويا. هو مون ڪان بہ وڌيڪ غريب گهر ۾ ڄائو نپنو هو. انٽرويو ۾ ٻڌايو هئائين:

"مان پنجاب جي گجرات ضلعي ۾ منگليہ نالي ڳوٺ ۾ ڄائس. ڳوٺ ۾ نہ پڪا رستا هئا، نہ ميلن تائين ڪا اسپتال يا اسڪول. مان ڪڙميءَ جي گهر ۾ ڄائس. چوڻ ڪاڻ تہ بابي کي ٿورڙي زمين بہ هئي ۽ ڳوناڻا ڪيس چوڌري بہ ڪوٺيندا هئا، پر اها زمين اُني تي آباد ٿيندي هئي. مينهن وسيو تہ واهہ نہ تہ فاقہ ڪشيءَ تي نوبت پهچندي هئي. اسان جو گهر وچولي طبقي ڪان بہ هيٺاهون هو، سو ننڍي هوندي ڪان پنهنجي گهر ۽ آسپاس جي غربت جو ذهن تي اثر ويهي ويو.

پنجن ورهين جو هوس جو سڄ ايرڻ ڪان اڳ اٿندو هوس. مولوي صاحب ڪان قرآن جو سبق وٺي گهر اچي رکي، سکي ماني کائي اسڪول ويندو هوس. اسڪول جو پنڌ

اگھاڙين پيرن ڪندو هوس. اسڪول ڳوٺ کان ٽي چار ميل پري هوندو هو. پٽ تي ويهي پڙهندا هئاسون. جو اسڪول ۾ بينچون ڪونہ هونديون هيون. ائين تعليم ورتم.

مئٽرڪ پرائيويٽ طريقي سان پاس ڪيم، پر پهريون نمبر ڪنيم. مائٽن منهنجو شوق ڏسي، غربت جي باوجود پڙهايو. ڪاليج ۾ بي. اي ۽ ايم. اي ڪرڻ کانپوءِ يونيورسٽيءَ مان ڊپلوما بہ ورتم.

زندگيءَ ۾ اهو مشاهدو ڪيو اٿم تہ دنيا ۾ جن بہ ماڻهن تورو گهڻو نالو پيدا ڪيو آهي، اهي سڀ غريب گهرن جا ٻار هئا. جيڪي انگريزي محاوري موجب، وات ۾ سونن چمچن سان ڄمندا آهن، سي سڌرندا تہ ڪونہ آهن، البت ڪرندا جلد آهن."

سالڪ کي وڏي هوندي جڏهن قدرت نوازيو ۽ ايوان اقتدار تائين سندس پهچ ٿي، تہ هن پنهنجي اباڻي ڳوٺ کي ڪونہ وساريو. روڊ پڪا ڪرايائين. ڳوٺ ۾ اسپتال وجهايائين، ڇوڪرن سان گڏ ڇوڪرين جو اسڪول، ٽيڪنيڪل اسڪول، بئنڪ ۽ ٽيليفون وجهايائين. بلڪ جانورن جي اسپتال بہ قائم ڪرايائين. اهي ڳالهيون مون کي پاڻ ٻڌايون هئائين ۽ چيو هئائين تہ "مارشل لا مان بين جيڪي بہ فائدا ورتا هجن، مون تہ هڪ ئي فائدو ورتو، سو هيءَ تہ پنهنجن غريب ڳوناڻن جي خدمت ڪيم."

سالڪ ۽ مان هڪٻئي کي ننڍا وڏا تحفا ڏيندا هئاسون. ڪڏهن کهڙا تہ ڪڏهن کهڙا. هڪ دفعي انوکو تحفو موڪليائين. سندس پيا تحفا تہ سري ويا اٿم، پر اهو ياد اٿم. سير اڌ جيترو ڳڙ ۽ سير اڌ جيترا مگ! نياپو موڪليائين تہ "اهي ڳوٺ مان منهنجيءَ ٻنيءَ تان آيا آهن. توسان ونڊ ورڇي اٿم." سندس ٻنيءَ ٽڪر، منهنجي ڳوناڻي ٻنيءَ ٽڪر کان بہ گهٽ هو.

هيڪر مان سندس ڳوٺ ويس. سندس سهرو فوت ٿي ويو هو. سو، سندس پڳ مٽ يار سيد ضمير جعفري ۽ مان کيس تعزيت ڏيڻ وياسون. ڪاريان تائين موٽر ۾ نيشنل هاءِ وي تي سفر ڪيو سون. ان کان پوءِ سندس ڳوٺ مڙياسين. ۽ ڪچڙيءَ منجهند جو وڃي پهتاسين. ڏاڍو خوش ٿيو. ٽپهريءَ

تائين ڪچهري ڪري ڪائنس موڪلايوسون. پنجاب ۾ اهو پهريون ڳوٺ هو، جو مون ڏٺو. سنڌ جي ڳوٺن ۽ ان ۾ ڪو خاص فرق ڪونہ هو. ماڻهن جون عادتون ۽ اٿي ويٺي سنڌ جي ٻهراڙين واري، ساڳيا مينهن ۽ ڳائي مال جا وڳ ۽ پاڻ جا ڍير.

اسلام آباد ۾ سرديءَ جي مند تہ سخت ٿئي ٿي. پر اونهاري ۾ گرمي بہ چڱو چٽڪو ڏيندي آهي. "اسلام آباد هوٽل" وارا گرميءَ جي مند ۾ پنهنجيءَ چؤ ماڙ بلڊنگ جي کليل ڇت کي خوب سينگاريندا آهن. چوڌاري رنگبرنگي بجليءَ جي بلبن جون جهالرون. پاسي کان ڪاڏي جون ميزون، انهن جي پرسان سيخ ڪباب، چڪن تڪا، شاشليڪ ۽ تازا نان پچندا رهندا آهن. وچ واري پٽ ۾، هتِ هُتِ ويهڻ لاءِ ڪرسيون ۽ ميزون وجهندا آهن. سالڪ ۽ مون کي اهم شخصيتن وارو آڌر ڀاءُ ڏيندا هئا. ڏسڻ شرط ڊوڙندا ايندا هئا. سالڪ ۽ مون ڪنڊ ۾ هڪ ميز منتخب ڪري ڇڏي هئي. اتان ڪوهہ مريءَ جي بتين جي جهرمر بہ ڏسڻ ۾ ايندي هئي. اسان ٻئي ٽئين ڏينهن ڪچهريءَ ڪرڻ لاءِ اسلام آباد هوٽل ۾ ماني کائڻ ويندا هئاسين. پهريائين تازي ليمي جو شربت، پوءِ چڪن سوپ ۽ ان جي مٿان، ڪباب، تڪا ۽ ڪلفي. آخر ۾ سبز چاءِ جو دور. ڪچهريءَ ۾ جڏهن سڀ موضوع ختم ٿي ويندا هئا تہ سالڪ چوندو هو، "آئو زلف يار کي ٻاتين ڪرين." جيئن رستي ويندي ڪا موٽر لنگهي وڃي، تيئن هلندي چلندي، پاسي مان ڪا سهڻي عورت لنگهندي هئي ۽ مان سالڪ کي چوندو هوس "هو مهانڊو تہ ڏس". تہ يڪدم پاڻ چوندو هو "اهو ٿيو تنهنجو عشق نمبر ايڪيهہ." اهڙيءَ ريت منهنجا ڪيئي عشق مقرر ڪري ڇڏيائين. هڪ دفعي مون کيس چيو تہ "اڄ مغربي جرمنيءَ جي سفير سان ملڻ ويس. اُف! سندس سيڪريٽريءَ جي کهڙي ڳالهہ ڪريان. ڪا سهڻي آهي. باهہ جو ٽڪر آهي، باهہ جو ٽڪرا" چيائين تہ "اهو ٿيو، تنهنجو عشق نمبر ٻاويهہ." هڪ ڏينهن کيس هڪ آمريڪي خاتونءَ جي دعوت ۾ سڏيم. کيس ڏسي ڪن ۾ سرپاٽ ڪيائين "اهو ٿيو تنهنجو عشق نمبر ٽيويهہ." هيڪر ڊاڪٽر شمل پاڪستان جي دوري تي آئي. مون سان گڏ سالڪ جي آفيس ۾ ڪو ليٽر ٽائيپ ڪرڻ هلي. واندي ٿي تہ سالڪ چاءِ گهرائي. چاءِ پيئندي سالڪ چيس تہ "مون ٻڌو آهي تہ اوهان جي سفير جي سيڪريٽري ڏاڍي سهڻي آهي؟" ڊاڪٽر شمل

اول تہ منجهي پيئي. پوءِ سوچي جواب ۾ چيائينس تہ، ”هائو، پر مان نٿي پانيان تہ سفير کي ان ڳالهہ ۾ ڪا بہ دلچسپي آهي.“ سالڪ چيس تہ، ”سفير کي هجي نہ هجي، پر ٻين ماڻهن کي تہ آهي. اهو ٻڌي مون کان ڪل نڪري ويئي. چاءِ پيئندي اڙي پيس. ڊاڪٽر شمل وائڙي ٿي ويئي. سالڪ کي رونشو لڳو، سو مون ڏي ڏسي مسڪرائڻ لڳو.

هڪ دفعي ڪيس چيم تہ ”سالڪ اڄ ميٽنگ ۾ هڪ خاتون ملي. پنجابي ۽ سنڌي اهڙي تہ سٺي پئي ڳالهائي، جو مان تہ منجهي پيس تہ اصل ۾ ڪير آهي؟“ چيائين تہ ”اهہ ٻڌاءِ تہ خوبصورت هئي؟“ مون چيو، ”نيڪ هئي.“ چيائين، ”پوءِ جي تون ساڻس عشق نہ ڪرين تہ مان پنجابي ڳالهائڻ ڪري، ڪيس پنهنجو عشق نمبر ايڪٽيهہ قرار ڏيان.“ سندس ٽيهون نمبر عشق هڪ آمريڪي حسينہ هئي، جا واقعي ساڻس عشق ڪرڻ لاءِ تيار هئي، پر سالڪ ۾ همت ڪانہ هئي. مون ملتان ۾ ڏٺي هئي. سالڪ چيو تہ ”مون ساڻس ڳالهہ ڪئي تہ روز شام جو ڇهہ ميل پنڌ ڪندو آهيان تہ چوڻ لڳي تہ مون کي بہ پاڻ سان گڏ وٺي هل. پر مون کي همت نٿي ٿئي.“ سندس اُنٽيهون نمبر عشق اردوءَ جي هڪ شاعره هئي، پر پاڻ ان عشق تان هٿ کڻي ڇڏيو هئائين، ڇو تہ ملڪ جي اديبن جي اڌرڪ برادري ان خاتونءَ تي عاشق هئي.

اسلام آباد هوٽل ۾ ماني کائي، سالڪ جي موٽر ۾ چڙهي، اسان رات جو ڏهين ساڍي ڏهين بجي ڌاران امام بريءَ جي مزار طرف، گهمڻ ويندا هئاسين. هڪ دفعي سنسان رستي تي سٺر ڪري رهيا هئاسين تہ رستي جي ٻنهي پاسن کان ڪي شڪي ماڻهو اوچتو جهنگ مان ٻاهر نڪري آيا ۽ رستي تي اچي بيٺا. سالڪ ۽ مان منجهي پياسين پر ڪار تيز ڪري نڪري آياسين. ان ڪانپوءِ بہ رات جو سٺر تہ ڪونہ ڇڏيوسون، البت سڃو، سنسان رستو ڇڏي، ڪوهہ مريءَ وارو رستو منتخب ڪيوسون. ان سان ڏهہ ٻارهن ميل نڪري ويندا هئاسين. سالڪ موسيقي Light Music ٻڌندو هو. ڪار ۾ وٺس ڪئسيٽون رکيل هونديون هيون. هڪ وڄهي ڇڏيندو هو. رات جو سناٽو، ٿڌي ٿڌي هوا ۽ هلڪي هلڪي موسيقي. اسان ٻنهي کان زندگيءَ جا ڏک سور وسري ويندا هئا. جڏهن موٽي گهر پهچندا هئاسين تہ رات جا ٻارهن ٻارهن ٻيا وڄندا هئا. سالڪ ٻڌايو تہ سندس ننڍيءَ نياڻيءَ جو چوڻ آهي تہ ”ابو ويو آهي چاچا آگري وٽ. هاڻي رات جو ٻارهين کان اڳي ڪونہ ايندو.“

اسلام آباد ريڊيو اسٽيشن تي بهجت نالي هڪ خاتونءَ کي خبر هئي تہ مون کي صوفين جو راڳ وڻندو آهي. سو، پٺاڻي خان جي آواز ۾ مون کي بلهي شاهہ ۽ خواجہ غلام فريد جي ڪلامن جي هڪ ڪئسيٽ تحفي طور ڏنائين. مون ان جي ڪاپي ڪرائي سالڪ کي ڏني. ڏاڍي وڻيس. بهجت ٻئي دفعي ملي تہ چيائين تہ "تو لاءِ ٻي ڪئسيٽ بہ هٿ ڪئي اٿم. خواجہ غلام فريد جي ڪافي." ريڊيو اسٽيشن جي وي. آءِ. پي روم ۾ اها ڪئسيٽ بهجت سان گڏ ٻڌم. وڻيم. رات جو سالڪ سان گڏ، ماني ڪائي، سئر تي ويس. سالڪ ڪئسيٽ وڏي تہ مون کي بهجت واري ڳالهہ ياد آئي. چيائين تہ ڪافي ڪهڙي آهي؟ مون کيس ٻڌايو تہ ڪافيءَ جا ٻول ڏاڍا عجيب آهن:

سرخ گلابان دي موسم وچ

ڦلان دي رنگ ڪالي

سالڪ ڪافيءَ جا ٻول ٻڌي، ڇرڪي ويو! ڳالهہ مٽائڻ لاءِ چيائين، "تو وارو ڪتاب ڪاٿي پهتو؟" مون چيو، "اڃا تہ لکي رهيو آهيان." چيائين تہ "اڄڪلهہ ڪنهن تي تو لکين؟" مون چيو "پير حسام الدين راشديءَ تي." چيائين تہ، "مون تي بہ لکندين؟" مون ڏانهس حيرت مان نهاري چيو تہ "سالڪ، مون توکي اڳي بہ ٻڌايو آهي تہ ڪتاب ۾ اڪثر اهڙن ماڻهن جو ذڪر آهي، جيڪي هي جهان ڇڏي ويا آهن." اهو ٻڌي غمگين ٿي ويو. مون سندس غم غلط ڪرڻ لاءِ چيو تہ "جي زندهہ دوستن، احبابن ۽ ڪرم فرمائن تي بہ لکيم تہ توتي بہ لکندس. پر تو وارو نئون ڪتاب ڪاٿي پهتو؟" چيائين تہ "پورو ٿي ويو."

آسمان ۽ زمين جي وچ ۾ قدرت جي هن ڪارخاني ۾ الائي تہ ڪهڙا ڪهڙا راز آهن! لفظن کي بظاهر تہ معنيٰ ٿئي ٿي پر ان معنيٰ ۾ شايد ڪڏهن ڪڏهن ڪو مخفي راز بہ ٿئي ٿو. سو، ڪي لفظ پيشن گوئي ثابت ٿين ٿا. مون کي خبر ڪانہ هئي تہ سالڪ ۽ منهنجيءَ گفتگوءَ کي بہ سنت ئي هن ڪائنات ۾ ڪا خوفناڪ شڪل ملڻ واري آهي.

هفتو ڏيڍ گذريو هوندو، جو حسين شاهہ راشديءَ ڪراچيءَ مان فون ڪئي تہ مان ڏينهن ٻن لاءِ اسلام آباد اچان ٿو. مون سالڪ سان ڳالهہ ڪئي. ٻئي راتيون ٽنهي ڄڻن گڏجي ماني ڪاڌي ۽ ڪچهري ڪئي. حسين شاهہ ڪراچيءَ موٽي ويو تہ سالڪ چيو "ڏينهن بہ پاڻ بہ ڪو تہ ملنداسون، ڇو جو

مون کي ٻاهر وڃڻو آهي." اهو ته اڳي مون کي ڪيترائي دفعا ٻڌايو هئائين ته صدر جڏهن به ٻاهر ويندو آهي ته ڪيس پاڻ سان گڏ وٺي ويندو آهي. پر ڪيس بهاولپور به وڃڻو هو، اهو ڪونه ٻڌايو هئائين. ائين به ٿي ڏينهن گذري ويا.

ٽينءَ رات، ٽي. وي‍ءَ. جي خبرن ۾ بهاولپور واري هوائي جهاز جي حادثي ۾ سالڪ جو نالو به ڪنيو ويو، ته منهنجن پيرن هيٺان زمين نڪري وئي!

ڪجهه ڏينهن اڳ، هن مون کي چيو هو ته "مان ايوان صدر مان پريس سيڪريٽريءَ جي عهدي تان استعيفا ڏيڻ گهران ٿو." مون ڪيس چتاءُ ڏنو ته "دنيا مطلب جي آهي اهڙي عهدي کان سواءِ توکي ڪير ليکيندو؟" پر سالڪ چيو ته."مون کي ڪابه پرواهه ڪانهي. رزق رب جي هٿ ۾ آهي."

غريب مون سان ڏاڍيون دانهون ڪندو هو ته "ادا. صبح جو سوير تيار ٿي، صدر سان سفر تي وڃان ٿو. رات جو دير سان موٽان ٿو، ته ٻچا ننڊ ۾ ڏسان ٿو. ڪي ساڻن ڳالهائڻ به نصيب ڪونه ٿو ٿئي. هاڻي تڪجي پيو آهيان."

سالڪ جو جنازو ٻئي ڏينهن بهاولپور مان اسلام آباد پهتو. شام جو ڇهين بجي کان قبرستان ۾ ماڻهو گڏ ٿيڻ لڳا هئا. ستين بجي تائين هزار کن جمع ٿي ويا هئا. اڪثريت اديبن، صحافين ۽ سندس دوستن جي هئي.

ستين بجي، سفيد ورديءَ ۾، فوجي موٽر سائيڪل سوارن جي پٺيان وڏي ڪاري فوجي گاڏي آهستي آهستي قبرستان ۾ داخل ٿي. ان مان تابوت لاٿو ويو. هزارين ماڻهن ۾ پير رکڻ جي گنجائش ڪٿي هئي. چوطرف سالڪ جي دوستن جا سڏڪا ٻڌڻ ۾ ٿي آيا ۽ سندس پٽ جون اوڇنگارون! مان پري کان پنهنجي يار جو تابوت ڏسندو رهيس. گلن جي چادر ساڻ ته ڪٽي ويو هوس، پر اها هٿ ۾ ئي رهي. پٺيوالي چيو ته، "سائين هلو." مون چيو ته "ممڪن آهي؟" چيائين ته "ڪوشش ته ڪريون ٿا". خبر ناهي ته ايڏي وڏي هجوم ۾ ماڻهو ڪيئن هيڏي هوڏي هٽيا ۽ ڪيئن مون کي واٽ ملي. سڌو سالڪ جي قبر تي وڃي بيٺس. تابوت قبر ۾ لٿو ته سپاهين بيهه گل تي "الوداع" جو افسرده نغمو وڄايو. چوڌاري سناٽو ڇانئجي ويو. ان سناٽي ۾ سالڪ جي آفيس وارن سندس تابوت تي پهرين گلن جي چادر چاڙهي. ٻي چادر اديبن پاران مون چاڙهي. جڏهن چادر چاڙهي، سنئون ٿي بيٺس ته منهنجن ڪنن ۾ غلام فريد جي ڪافيءَ جا ٻول ٻرڻ لڳا:

سرخ گلابان دي موسم وچ
ڦلان دي رنگ ڪالي

سالڪ جي موت مون کي موڳو ڪري وڌو. ڪي ڏينهن تہ اها حالت هئي تہ:

ڪڪر منجهہ ڪپار

جهڙ نيٽئون نہ لهي.

مهيني کن کانپوءِ ڪو مهمان آيو. ڪيس ماني کارائڻ لاءِ اسلام آباد هوٽل وٺي ويس. ساڳيءَ ڇت تي وچي ويناسين. پر مون ٽيبل مٽائي.

بيرو آيو. ڪيس چيم "اول ليمي جو تازو شربت کٽي اچ." پر، هو اتي ئي بيٺو رهيو. مون حيران ٿي ڏانهس نهاريو تہ سندس اکين ۾ ڳوڙها ڏٺم. پريل گلي سان چوڻ لڳو، "اڄ اوهان کي اڪيلو ڏسي سالڪ صاحب ياد آيو."

مون ڏک ۾ ڪنڌ هيٺ پاسي ڦيرائي ڇڏيو، تہ مهمان منهنجين اکين جا ڳوڙها نہ ڏسي. ڇڱيءَ ڇڱيءَ دير تائين منهنجون آليون اکيون ٻيري آسمان ۾ سالڪ کي ڳولينديون رهيون.

سالڪ جي چاليهي تي مان سندس پٽ سرمد ۽ ڌيءُ صحيفہ کي ساڻ ڪري سندس قبر تي ويس. ڌيڻس جو ڪو اڳئين ڏينهن تي ڄم جو ڏينهن هو. ان ڏينهن تي هر سال سالڪ ڪيس ڪو يادگار تحفو وٺي ڏيندو هو.

هن ٻيري پاڻ پيءُ جي قبر تي اڪيلي ويئي هئي ۽ "برٿ ڊي ڪارڊ" لکي، "سر جي تيليءَ ۾ قبر" جي سيرانديءَ کان ٻڌي آئي هئي. مون اهو ڪارڊ پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي: "تون دنيا ۾ سڀ کان پيارو پيءُ هئين. بابا، اڄوڪو جنم جو ڏينهن ڏاڍو ڏک ۾ گذريو...!"

مان ان کان وڌيڪ پڙهي نہ سگهيس. ان ڏينهن برسات وسي هئي. سالڪ جي قبر آلي هئي. منهنجين اکين جا ڳوڙها سندس آليءَ قبر ۾ آسانيءَ سان جذب ٿي ويا.

مون ان ڏينهن کانپوءِ سالڪ جي قبر تي حاضري ڪانہ ڏني آهي. سچي ڳالهہ اها آهي تہ منهنجي قبر تي حاضري ڏيڻ جي پاڻ ۾ طاقت ڪانہ ٿو پايان. ڪڏهن ڪڏهن ڪيس ياد ڪري اکيون ٻرجي اينديون اٿم تہ پنهنجو پاڻ کي تسلي ڏيڻ لاءِ حافظ جو هڪ شعر پڙهندو رهيان ۽ چوندو آهيان "سالڪ قبر ۾ ٿورئي آهي. هو تہ منهنجي سيني ۾ آهي."

بعد از وفات تربت ما، در زمين مجوي

در سينهاءِ مردم عارف مزار ماست

ايچ. ٽي. لئمبرڪ

سنہ 1953ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ ايچ.ٽي.لئمبرڪ کي سنڌ جي تاريخ جا پهريان ٻہ جلد لکڻ جو ڪم سونپيو. انهيءَ سبب سان، لئمبرڪ جو بورڊ سان پورا پنجويهہ ورهيہ تعلق رهيو. تن ڏينهن ۾ هو انڊين سول سروس مان رٽائر ڪري، آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ جي اوريل ڪاليج ۾ فيلو مقرر ٿيو هو، ۽ پنهنجو واندڪائيءَ جو وقت، سنڌ جي تاريخ تي تحقيق ۽ تصنيف ۾ صرف ڪندو هو. هن بورڊ جي آڇ خوشيءَ سان قبول ڪئي ۽ اطلاع ڏنائين تہ سنڌ تي سندس اهم ڪتاب سر چارلس نيپئر ۽ سنڌ آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس مان ڇپجي پڌرو ٿيڻ وارو آهي.

جنهن زماني ۾ لئمبرڪ سنڌ ۾ آءِ.سي.ايس. عملدار هوندو هو، تنهن زماني ۾ بہ هو هتان جي تاريخ، جاگرافي ۽ آثار قديمہ ۾ وڏي دلچسپي وٺندو هو. هوندي تہ پاڻ انهن انگريز عملدارن مان هو، جن کي صحيح معنيٰ ۾ "برطانوي بادشاهت جا معمار" ڪوٺيو ويو آهي. پر ڪن نفسياتي سببن جي ڪري، کيس سنڌ لاءِ محبت هئي. سندس خاندان جي تاريخ مان معلوم ٿئي ٿو تہ 1843ع ۾، جڏهن انگريزن سنڌ فتح ڪئي، تڏهن لئمبرڪ جي ڪن وڏن سنڌ ۾ نوڪريون ڪيون هيون. سندس نانو 1889ع کان 1946ع تائين، سنڌ ۾ ڪيترن ئي اهم انتظامي عهدن تي فائز رهيو هو. انهيءَ پس منظر ۾ ڏسبو، تہ ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي ويندي، تہ لئمبرڪ کي ڇاجي ڪري سنڌ سان محبت هئي.

مرحوم آغا عبدالنبي، جيڪو 1940ع جي ڏهاڪي واري مارشل لا دوران، لئمبرڪ جي هٿ هيٺ، نائب ائڊمنسٽريٽر هو، سو سندس قابليت ۽ دوراندیشيءَ جون نهايت دلچسپ ۽ حيرت انگيز ڳالهيون ٻڌائيندو هو. مون آغا صاحب کي ڪيترائي دفعا صلاح ڏني تہ سنڌ جي انهيءَ اهم تاريخي دؤر جي واقعن بابت پنهنجون يادگيريون قلمبند ڪري، پر ڪن نامعلوم سببن ڪري، هو ان ڳالهہ تي آمادہ ٿي نہ سگهيو.

سنڌ ۾ نوڪري ڪندي لئمبرڪ سنڌي زبان تي بہ چڱي مهارت حاصل ڪئي هئي، جنهن جي ڪري بہ سنڌ ۽ ان جي رهاڪن کي سمجهڻ ۾، کيس آساني ٿي هوندي. هڪڙي پيري مرحوم ميران محمد شاهہ مون کي چيو تہ "لئمبرڪ کي بورڊ جي آفيس مان انگريزيءَ بدران سنڌيءَ ۾ خط پٽ ڇو نٿو لکين؟" مون شاهہ صاحب کان پڇيو تہ "لئمبرڪ سنڌي ڄاڻي؟" انهي تي

ٻڌايائين تہ مارشل لا واري زماني ۾ ڪيس ڪن ماڻهن مان دشمنيءَ جو انديشو هو، تنهن ڪري لئمبرڪ سان وڃي مليو هو، جيڪو ان وقت مارشل لا ائڊمنسٽريٽر هو. بقول شاهہ صاحب، لئمبرڪ سندس ڳالهہ ٻڌي، نيٺ سنڌيءَ ۾ ڪڙڪو ڪري چيو هو:

"شاهہ صاحب؟ جيڪڏهن توهان سان ڪا ڳڙ ٻڙ ڪندا، تہ مان سندن جڻ ٻچو چٽ ڪري ڇڏيندس!"

شاهہ صاحب جي ڳالهہ ٻڌي، حالي منهنجي دل تي تہ لئمبرڪ کي سنڌيءَ ۾ خط لکان، پر مسئلي تي ٻيهر ويچار ڪرڻ کان پوءِ، مون خيال لاهي ڇڏيو ۽ ساڻس انگريزيءَ ۾ ئي خط و ڪتابت ڪندو رهيس.

لئمبرڪ بلوچي زبان بہ رواني ۽ فصاحت سان ڳالهائيندو هو. جيڪب آباد ضلعي جي زميندار مرحوم نواب خان کوسي مون کي ان سلسلي ۾ هڪ واقعو ٻڌايو. چيائين تہ "جنهن زماني ۾ لئمبرڪ صاحب جيڪب آباد جو ڊپٽي ڪمشنر هوندو هو، تنهن زماني ۾ هيڪر منهنجي دعوت تي شڪار تي آيو. لئمبرڪ صاحب سٺو توپچي هو. سندس ڏڪ ورلي گسندو هو." نواب خان چيو تہ "شڪار ڪري اسان پوئتي موٽياسين. رمضان جو مهينو هو. مون روزي کولڻ لاءِ خارڪون ساڻ ڪنيون هيون، جي کائيندو، ککڙيون اڇلائيندو. لئمبرڪ صاحب سان ڪچهري ڪندو ٿي آيس. هو اُٺ تي چڙهيل هو ۽ مان گهوڙي تي هئس. لئمبرڪ صاحب ڪنهن مهل ککڙيءَ جو ڪڙڪو ٻڌي پانيو تہ مان پير ڪائي رهيو هوس، سو نيٺ بلوچيءَ ۾ چيائين: "نواب خان تئو ڪنران ورغئي چي؟"

نواب خان چيو تہ "جيڪب آباد ضلعي جا عام بلوچ بہ سنڌي زبان جي اثر ڪري، پير کي بلوچيءَ ۾ پير ڪوئيندا آهن، پر، لئمبرڪ جو اهو ڪمال هو، جو بلوچي ڳالهائيندي، هن پير لاءِ ٺيٺ بلوچي لفظ "ڪنران" استعمال ڪيو.

لئمبرڪ جي بورڊ سان خط و ڪتابت جا فائيل جاچڻ سان مون کي معلوم ٿيو تہ هن بورڊ ڏانهن پنهنجن پنهي ڪتابن جي ڇپائيءَ جي سلسلي ۾ هڪ سؤ اسي خط لکيا هئا. انهن خطن ۾ هو ڪتابن جي ڇپائيءَ بابت تفصيل سان هدايتون ڏيندو هو، ۽ هر هڪ هدايت جي تعميل بابت فوراً جواب جي تقاضا ڪندو هو. جيڪڏهن اسان جي طرفان سندس خط جي جواب موڪلڻ ۾ دير ٿي ويندي هئي، تہ بي صبرو ٿي پوندو هو ۽ صوبائي توڙي مرڪزي

حڪومت ۾، سنڌي وزيرن ڏانهن شڪايتون لکي موڪليندو هو. ٻه ڀيرا مرحوم محمد ايوب کهڙي (تڏهوڪي بورڊ جي صدر ۽ مرڪزي وزير دفاع) کي ۽ هڪ ڀيرو مرحوم ذوالفقار علي ڀٽي (تڏهوڪي مرڪزي وزير قدرتي وسائل) کي دانهن ڏني هئائين.

هڪ دفعي بورڊ جي هڪ سيڪريٽريءَ ڏاڍي بس جيڪو جواب موڪليو، ان جي زبان ڪجهه کهري هئي. لئمبرڪ فوراً تڙي ڪڍيس ته "مهربان مان توکان ڪن معجزن جي اميد نٿو رکان!" ان کان پوءِ انهيءَ سيڪريٽريءَ سندس فائيل منهنجي حوالي ڪري ڇيو ته "آئينده اوهان ڪيس منهن ڏيو."

حقيقت اها آهي ته لئمبرڪ سان گڏجي ڪم ڪرڻ سولي ڳالهه نه هئي. هو سنڌ ۾ حڪومت ڪري ويو هو. سو سندس خطن مان به حڪمرانه انداز جهلڪندو هو. مون کي يا وري سنڌ يونيورسٽيءَ پريس جي مئنيجر مرحوم اعجاز صديقيءَ کي ئي خبر هئي ته سندس ڪتابن جي ڇپائيءَ ۾ اسان ٻنهي کي ڪيڏي نه محنت ڪرڻي پيئي هئي! ويتر مشڪل مسئلو اهو هو ته هُن ڪتابن ۾ يوناني، لاطيني ۽ سنسڪرت جا ڪي لفظ استعمال ڪيا هئا، جن جي ڇپائيءَ لاءِ سنڌ يونيورسٽي پريس (جتي سندس ٻئي ڪتاب ڇپجي رهيا هئا) ڪو به انتظام ڪونه هو. بهرحال، جڏهن اسان سور سهي، سندس ڪتابن جي ڇپائيءَ جو ڪم سهڻي نموني ۾ پورو ڪيو، تڏهن ڏاڍو خوش ٿيو ۽ دل جي سچائيءَ سان اسان کي دعائون ڏنائين.

خوشقسمتيءَ سان سندس ٻنهي ڪتابن جي سڄيءَ دنيا ۾ ساراهه ٿي، سو ڪيس ڏاڍي خوشي ٿي. 26 جولاءِ 1977ع تي هڪ خط ۾ لکي موڪليائين:

> "توهان کي اهو ٻڌي خوشي ٿيندي ته ڪئمبرج ۾ آثار قديمه جي ماهر، ڊاڪٽر ايف.آر. آلچن، جنهن پنهنجي زال سان گڏ، (جيڪا پڻ آثار قديمه جي ماهر آهي تازو روهڙيءَ جي ٽڪرين ۾ پٿر جي دؤر ۽ ان کان پوءِ جي آثارن تي تحقيق ڪئي آهي، "ائنٽي ڪئريز" نالي رسالي ۾ منهنجي ڪتاب "سنڌ مسلمانن جي فتح کان اڳ" تي تبصرو ڪيو آهي. هن منهنجن راين تي تفصيل سان راءِ زني ڪندي انهن کي ساراهيو آهي ۽ آخر ۾ ڇيو آهي، ته سنڌ جي تهذيب جو

مطانعو ڪندڙ شاگردن لاءِ هي ڪتاب لازمي قرار ڏنا وڃن.

"منهنجي خيال ۾ سنڌي ادبي بورڊ کي ان ڳالهه تي فخر ڪرڻ گهرجي، تہ سندن ڇپايل ڪتاب جي هڪ مشهور ماهر، هڪ معروف علمي رسالي ۾، اهڙن لفظن ۾ تعريف ڪئي آهي."

ڊاڪٽر آلچن جي انهيءَ تحسين تي خوشي محسوس ڪرڻ لاءِ لئمبرڪ کي هڪ خاص سبب پڻ هو، جنهن کي سمجهڻ لاءِ ڳالهہ جو پس منظر ڄاڻڻ ضروري آهي، جو هيٺئن آهي:

لئمبرڪ، سنڌ جي تاريخ جي پهرئين جلد ۾، سنڌو ماٿريءَ جي قديم تهذيب يعني موهن جي دڙي واريءَ تهذيب جي زوال تي بحث ڪيو آهي ۽ ان باري ۾ پنهنجو نظريو پيش ڪيو آهي. پر انهيءَ جلد شايع ٿيڻ بعد، هن پنهنجي ٻئي جلد جي ڇپائي ڪيترائي ورهيہ روڪائي ڇڏي، توڻي جو ان جو مسودو اسان وٽ ڇپائيءَ لاءِ تيار رکيو هو. سنڌس پهريون جلد سنہ 1964ع ۾ شايع ٿيو ۽ ٻيو نون سالن کانپوءِ سنہ 1973ع ۾ شايع ٿيو.

مئي 1966ع ۾ آثار قديمہ جي هڪ آمريڪي ماهر ڊاڪٽر جي.ايف.ڊيلز "سائنٽفڪ آمريڪن" نالي هڪ رسالي ۾ مضمون لکيو، جنهن ۾ هن سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب جي زوال بابت هڪ نئون نظريو پيش ڪيو. پر لئمبرڪ جي ڪتاب جو ڪو حوالو ئي ڪونہ ڏنائين. لئمبرڪ ڊيلز جي ڏنل نظريي تي تنقيد ڪئي، پر اها "سائنٽفڪ آمريڪن" رسالي ۾ نہ ڇپي. انهيءَ تي لئمبرڪ، سر ڪلاڊي انگلس ڏانهن خط لکيو، جيڪو دريائن ۽ خاص ڪري سنڌو درياءَ جو مشهور ڄاڻو ۽ ڊائريڪٽر آف هئڊرالڪس هو. هن ڊيلز واري نظريي تي لئمبرڪ جي تنقيد کي صحيح قرار ڏنو.

حقيقت ۾ ڊيلز پنهنجو نظريو آر. ايچ. ريڪس نالي هڪ شخص کان ورتو هو، جنهن کان پاڻ کي دريائن جي علم جو ماهر پئي ڪوٺايو. سر ڪلاڊي انگلس پڇا ڳاڇا تي لئمبرڪ کي اهو بہ ٻڌايو تہ مون ريڪس نالي ڪنهن بہ ماهر جو نالو نہ ٻڌو آهي. (ريڪس وري پنهنجي مضمون ۾ سر انگلس جي مستند ڪتاب جو ذڪر ڪونہ ڪيو هو.)

ان سلسلي ۾ وڌيڪ تحقيقات ڪندي، لئمبرڪ کي خبر پئي تہ سندو تهذيب جي دنيا ڀر مشهور عالم، سر مارٽيمر وهيلر پڻ ريڪس جي نظريي جي

پرپور تائيد ڪئي آهي. نه رڳو ايترو، پر لئمبرڪ کي ويتر عجب لڳو، جڏهن خبر پيس ته وي. سي. رابرٽسن، جنهن سندس لکيل سنڌ جي تاريخ جي پهرئين جلد تي "جاگرافيڪل جنرل" ۾ تبصرو ڪيو هو، تنهن پڻ سندس نظريي جي پيٽ ۾ ريڪس جي نظريي کي قبول ڪيو آهي.

ساڳيءَ ريت، اوائلي پٿر واري دور جي هڪ مشهور ماهر ايم.آر. شانيءَ، دهليءَ مان نڪرندڙ اخبار اسٽيٽسمن جي 7 فيبروري 1967ع واري پرچي ۾ وڏو مضمون لکيو، جنهن ۾ ريڪس ۽ ڊيلر جي نظريي جي حمايت ڪيائين.

ڊيلر، ريڪس، سر مار ٽيمر وهيلر ۽ شانيءَ مان ڪنهن به لئمبرڪ جي سنڌو ماٿريءَ واري نظريي کي رَدَ ڪرڻ جي ڪوشش ڪانه ڪئي. نه رڳو ايترو پر هنن پنهنجن مضمونن ۾ لئمبرڪ جي ڪتاب جو ماڳهين ڪو ذڪر ئي ڪونه ڪيو. اهڙيءَ صورتحال ۾ لئمبرڪ مناسب سمجهيو ته ريڪس جي ڪتاب جي ڇپجڻ تائين، جنهن جو "مقدمو" سرمارٽيمر وهيلر لکيو هو، پنهنجي لکيل سنڌ جي تاريخ جي ٻئي جلد جي ڇپائي روڪائي ڇڏي، ته جيئن ريڪس ۽ وهيلر جي خيالن جي روشنيءَ ۾ پنهنجي نظريي کي موثر نموني ۾ پيش ڪري سگهي ۽ هن ائين ئي ڪيو.

سو، جڏهن سندس ٻيو جلد "سنڌ، اسلامي فتح کان اڳ" شايع ٿيو ۽ ڊاڪٽر آلچن جهڙي آثار قديمه جي هڪ مشهور ماهر، سنڌو تهذيب جي زوال بابت سندس خيالن جي پٺڀرائي ڪئي، تڏهن لئمبرڪ کي بجا طور خوشي ٿي ۽ سنڌي ادبي بورڊ کي پڻ مبارڪباد ڏنائين.

لئمبرڪ ذميدار ۽ ايماندار مصنف هو، تنهنڪري "سنڌو تهذيب" جهڙي هر موضوع بابت ڪن نتيجن تي پهچڻ واسطي هن ڪافي سوچ ويچار پئي ڪئي، ورنه ڪنهن عام مصنف وانگر هو به پنهنجي ڪتاب جي ٽڪڙيءَ ٽپائيءَ لاءِ اُبهرائي ڪري ها. مون کي ياد آهي ته جڏهن سندس لکيل سنڌ جي تاريخ جو پهريون جلد شايع ٿيڻ لاءِ تيار هو ۽ مون جلد- پوش لاءِ ڪيس پنهنجي تصوير موڪلڻ واسطي خط لکيو هو، تڏهن هن ترت جواب ڏنو هو:

> "مون کي پنهنجي ڪابه مناسب تصويرنٽي ملي ۽ آءٌ ڪنهن نئين تصوير ڪڍائڻ جي ڪري ڪتاب جي اشاعت ۾ دير پوڻ نه ڏيندس."

سال 1968ع ۾ سندس گهر واري گذاري ويئي. هن سندس وڏو ساٿ ڏنو هو ۽ ڪتابن لکڻ ۾ پڻ مدد ڪئي هئي. مسودن کي ٽائيپ ڪرڻ جو سمورو ڪم به هوءَ ئي ڪندي هئي. سندس وفات کان پوءِ لئمبرڪ مون کي خط ۾ لکيو ته: "زال جي وفات ڪري مون کي ڪمَ ۾ ڏاڍي ڏکيائي ٿي آهي. مان ٽائيپ سکڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان."

1973ع ۾ خود سندس صحت ۾ به ڪمزوريءَ جا آثار نظر اچڻ لڳا. انهن ڏينهن ۾ سندس هڪ ڪامياب آپريشن به ٿيو هو، پر هاڻي پنهنجي صحت کي برقرار رکڻ جي لاءِ کيس وڏي خبرداري ڪرڻي ٿي پئي.

1974ع ۾ مون کانئس پڇيو ته "سنڌ صدين کان سيمينار" ۾ پاڻ شريڪ ٿيندو يا نه؟ تڏهن هن جواب ۾ "ٿڌيءَ موسم" جو عذر ڏنو. پر اصل ڳالهه اها نه هئي، تنهنڪري مون کيس ياد ڏياريو ته سنڌ ۾ فيبروريءَ جو مهينو (جنهن ۾ پهريائين مذڪور سيمينار رٿيل هو) ٿڌو نه هوندو آهي، بلڪ فيبروريءَ جي وچ کان ته بهار جي مند شروع ٿيندي آهي. تڏهن فوراً جواب ۾ لکيائين ته:

"مون پنهنجي خط مورخه 17 سيپٽمبر ۾ ٿڌيءَ مند جو جيڪو اصلاح استعمال ڪيو آهي، ان مان منهنجي مراد اهو عام تاثر آهي، جيڪو انگلنڊ جي رهاڪن کي پاڪستان ۾ نومبر کان وٺي مارچ تائين، مند ۽ موسم متعلق ذهن تي ويٺل هوندي آهي.

گذريل ٻن سالن کان منهنجي صحت هينئر گهڻو بهتر آهي، جن دوران مون کي سنڌ ۾ اچڻ لاءِ ڪيترين ئي دعوتون مليل هيون.

خاطريءَ سان چئي نٿو سگهان ته سنڌ سيمينار ۾ شريڪ ٿي سگهندس يا نه. ان ڳالهه جو دارومدار ڪن معاملن تي منحصر آهي. ڏسجي ته اهي ڪهڙي صورت اختيار ڪن ٿا."

سندس خط مورخه 1 آڪٽوبر 1974ع مان مٿيون حوالو چٽيءَ طرح ٻڌائي ٿو ته حياتيءَ جي آخري ڏينهن ۾ سندس صحت ڏينهون ڏينهن ڪري رهي هئي.

جيستائين کيس سنڌ مان ملندڙ دعوتن جو تعلق آهي، ته اها ويچار جوڳي ڳالهه آهي ته لئمبرڪ جهڙو ماڻهو ست سمنڊ پار ڪري، سنڌ ۾ رڳو دعوتون کائڻ ٿي آيو؟ اها به ويچار جوڳي ڳالهه آهي ته اهي دعوتون کيس ڪٿان مليون هيون ۽ ڪنهن ڏنيون هيون؟ اصل معاملو ته ڪو ٻيو هو، جنهن

جي ڪجھ ڪٽڪ اتفاقي طور منهنجي ڪن تي بہ پئجي ويئي. مان ان مسئلي بابت لب ڪشائيءَ جي پوزيشن ۾ نہ هئس. انهن ڏينهن ۾ افواهہ بہ گهٽائي ڦهليل هئا، جن ۾ هڪڙو اهو بہ هو تہ ٽي.ويءَ. لاءِ سندس ڪتاب The Terrorist جي فلم ٺاهڻ جون تياريون ٿي رهيون هيون. خود لئمبرڪ جي هڪ خط ۾ اهڙو اعتراف هو.

مون کي سندس اهو ڪتاب پڙهڻ جو شوق هو. پر ڪٿان بہ مليو ڪونہ ٿي. سو، مون ڪيس رڳو ايترو لکيو تہ "هت اوهان جي ڪتاب جو چوپول آهي، پر ملي ئي ڪونہ ٿو." خط ملڻ تي، ڪتاب جي ڪاپي موڪلڻ بدران، مورڳو چڙي پيو ۽ لکيائين تہ "اتي دڪانن تي وڪري لاءِ ڪتاب مهيا ڪرڻ واسطي ڪو مان ٻڌل آهيان ڇا؟"

1976ع ۾ آءٌ سنڌي ادبي بورڊ ڇڏي، سنڌيونيورسٽيءَ جي پرو وائيس چانسيلر جي عهدي تي مقرر ٿيس، تنهنڪري منهنجو ساڻس ڪوبہ رابطو نہ رهيو. پر ٻن سالن کان پوءِ اتي اوچتو هڪڙي ڏينهن مون کي سندس خط اچي مليو، جيڪو پاڻ 13 مئي 1978ع تي لکيو هئائين. انهيءَ خط لکڻ لاءِ ڪيس هڪ خاص سبب هو. ڳالهہ هن ريت آهي:

يونيورسٽيءَ ۾ وڃڻ کان اڳ مون بورڊ کان لئمبرڪ لاءِ ڪجهہ رقم منظور ڪرائي هئي. دراصل لئمبرڪ جيتريءَ رقم جي عيوض تاريخ جا ٻئي جلد "سنڌ، هڪ عام تعارف" ۽ "سنڌ مسلمانن جي فتح کان اڳ" بورڊ کي لکي ڏنا هئا. سا تہ ڪيس بر وقت ملي چڪي هئي، پر سندس ٻنهي جلد جو ٻهريون ڇاپو وڪامي ويو ۽ بزار ۾ ڪتاب جي گهر کي خيال ۾ رکي، بورڊ ڪتاب جي ٻئي ڇاپي جي تياري ڪئي. لئمبرڪ مطالبو ڪيو تہ ڪيس پڻ معاوضي جي رقم وڌائي ڏني وڃي، ڇو تہ سندس چوڻ هو تہ بورڊ جو ڪتاب تي پئسا ڪمائي رهيو آهي تہ ڪجهہ نفعو ڪيس بہ ملڻ گهرجي. ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ جيڪو معاهدو ٿيل هو، ان موجب بورڊ سندس معاوضو وڌائڻ لاءِ هرگز پابند نہ هو ۽ ڪيس معاهدي موجب، نفعي يا نقصان ۾ بورڊ سان ڀاڱي ڀائيوار ٿيڻ جو بہ ڪو حق ڪونہ هو. طئي ٿيل رقم بر وقت ڪيس ملي چڪي هئي، ليڪن بورڊ سوچيو تہ لئمبرڪ جهڙو عالم جيڪڏهن گهر ڪري، تہ سندس چيو موٽائڻ نہ گهرجي. چنانچ بورڊ ڪيس ٻن هزارن رپين جي وڌيڪ رقم

ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ۽ ڪيس اهڙي فيصلي کان آگاهہ ڪيو. ستت ان کان پوءِ منهنجي يونيورسٽيءَ ۾ مقرري ٿي ۽ مان اوڏانهن هليو ويس. پنيان جي مون کي خبر ڪانہ رهي.

بورڊ لئمبرڪ لاءِ پئسا تہ منظور ڪيا، پر مشڪلات اها هئي تہ لئمبرڪ پئسا انگلنڊ جي سڪي يعني پائونڊن جي صورت ۾ گهريا هئا. پاڪستاني رپيا سندس لاءِ بيڪار هئا. سرڪاري طرح پائونڊن جو حاصل ڪرڻ ايڏو تہ پيچيدهہ ۽ ڏکيو ڪم هو، جو بورڊ جي ڪافي ڪوشش جي باوجود پائونڊ منظور ٿي ملن، سا ڏکي ڳالهہ ٿي لڳي.

مون کي ياد آهي تہ ڪجهہ سال اڳ جڏهن لئمبرڪ کي سندس پنهي جلدن جي ڇپائي متعلق خط و ڪتاب تي ٽپال جو خرچ پائونڊن ۾ ادا ڪرڻو هو، تڏهن بہ بورڊ کي ساڳي صورتحال درپيش آئي هئي. پر مون مڙئي معاملي کي نبيريو هو. جڏهن هر هنڌان مون کي پائونڊن ملڻ ۾ ناڪامي ٿي هئي تہ مرحوم ممتاز حسن جو ڪنهن زماني ۾ مرڪزي حڪومت جو مالي سيڪريٽري ۽ ان وقت نيشنل بئنڪ جو مئنيجنگ ڊائريڪٽر هو ۽ بورڊ تي مهربان هو، سو بہ اها مشڪلات دور ڪري نہ سگهيو هو، تڏهن مون وجي علامہ آءِ.آءِ. قاضيءَ کي عرض ڪيو هو. مون کي خبر هئي تہ علامہ صاحب جا ڪجهہ پئسا لنڊن جي بئنڪ ۾ رکيل هئا. علامہ صاحب مون کان رپيا وٺي بنا دير مون کي اوترن پائونڊن جو چيڪ ڏنو هو. جو لئمبرڪ کي موڪلي، پنهنجي ۽ بورڊ جي ڪاريت بچائي ورتي هئم.

لئمبرڪ ڪجهہ عرصو تہ پئسن جو انتظار ڪيو، پر اڳتي هلي هن ڏٺو تہ بورڊ وٽان پئسا تہ ڪونہ پهتا پر خط پٽ جو جواب بہ هاڻي مشڪل ملي ٿو، سو مان ڪيس ياد آيس ۽ مجبور ٿي مون ڏانهن يونيورسٽيءَ ۾ متي ذڪر ڪيل خط لکيائين. سندس خط جو لهجو ڏاڍو دل ڀڃائيندڙ هو. شايد پيريءَ ۾ هو مالي تنگدستيءَ جو بہ شڪار هو. خط جي آخر ۾، دل کي ڇهندڙ لفظن ۾ لکيو هئائين: ”پيارا رباني، منهنجي واهر ڪر.“

خط پڙهي مون کي ڏاڍو ڏک ٿيو. اهي ڏينهن ياد آيا جڏهن بورڊ ۾ اسان وڏي ادب ۽ احترام سان سندس خطن جا فوراً جواب موڪليندا هئاسين. يونيورسٽيءَ ۾ ويني، مان ڪجهہ بہ ڪري نٿي سگهيس، سواءِ ان جي تہ سنڌي

ادبي بورڊ جي اختياريءَ وارن کي ان معاملي ۾ تکڙي قدم کڻڻ جي لاءِ منٿ ڪريان. مون ائين ڪيو ۽ لئمبرڪ ڏانهن فوراً محبت ڀريو جوابي خط لکيو.

1979ع جي آخر ۾ جڏهن آءٌ يونيورسٽي ڇڏي بورڊ ۾ پنهنجي اصلوڪي عهدي تي موٽي آيس، تڏهن مون لئمبرڪ جو فائيل ڏٺو ته خبر پيم ته اهي ٻه هزار رپيا ڪيس آخر تائين ڪونه موڪليا ويا هئا. اهو ڏسي ڪيس خط لکيم. پر وٺانئس ڪوبه جواب ڪونه مليو. لئمبرڪ مان اهڙي توقع نه هئي! مون کي شڪ پيو ته ڪا ڳالهه آهي. مون سمجهيو ته بيمار آهي، تنهنڪري لنڊن ۾ پنهنجي هڪ دوست، شايدرفعه کي خط لکيم ته ان باري ۾ خبر لهي ڏي. ڪجهه عرصي کان پوءِ هن جو به جواب آيو ته ڪيس به وٺانئس ڪو جواب ڪونه ٿو ملي. مان منجهي پيس. آخرڪار بورڊ جي ڪتابن جي هڪ خريدار کي لکيم ته تون لئمبرڪ کي ڪجهه نه ڪجهه رقم پهچائي ڏي. پر لنڊن مان ان باري ۾ وڌيڪ ڪو اطلاع مون تائين پهچي، تنهن کان اڳ ڊان" اخبار ۾ ڊاڪٽر حميده کهڙي جو تعزيتي بيان ڇپيو ته سنڌ جو ڀيڙو تاريخ نويس، ايچ. ٽي. لئمبرڪ هي جهان ڇڏي ويو!

چوٽي آهي ته "ماڻهو جيستائين ياد آهي، تيستائين موت ڪيس نٿو ماري." لئمبرڪ به پنهنجن ڪتابن جي ڪري ڪو زمانو ياد رهندو. هڪ اديب جي حيثيت ۾ هو با اُصول ۽ ايماندر هو. هڪ ڀيري پنهنجي لکيل ڀهرئين جلد "سنڌ هڪ عام جائزو" ۾ ڏنل هڪ نقشو پنهجي هڪ مضمون ۾ ڏيڻ لاءِ اسان کان اجازت گهريائين، جيڪو ڪنهن آمريڪي رسالي لاءِ لکيو هئائين. انهيءَ تي اسان کي حيرت لڳي، سو اسان کانئس پڇيو ته "اهڙيءَ معمولي ڳالهه جي لاءِ به اسان جي اجازت ضروري هئي ڇا؟"

جواب ۾لکيائين: "پر ڪتاب جا سيئي حق ۽ واسطا ته سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ آهن."

لئمبرڪ جيڪي ڪتاب لکيا آهن، سي مشرق ۽ مغرب جي مشهور ناشرن شايع ڪيا آهن. انهن کي سنڌ جي تاريخ جا شاگرد آسانيءَ سان حاصل ڪري پڙهي سگهن ٿا. پر ڪتاب کان سواءِ، هن ڪيترائي مضمون پڻ لکيا هئا، جيڪي پراڻن علمي رسالن ۾ڇپيل آهن. اهي رسالا هاڻي اڻلڀ آهن. ڪجهه عرصو اڳ ڊاڪٽر حميده کهڙي جي صدارت هيٺ "سنڌ هسٽاريڪل

سوسائٽي" ٻيهر قائم ٿي هئي، جنهن جو ڪنهن زماني ۾ لئمبرڪ صدر هو. مون سوسائٽيءَ کي اپيل ڪئي تہ لئمبرڪ جا سڀئي مضمون گڏ ڪري، هڪ ئي جلد ۾ ٻيهر شايع ڪري، ۽ اهڙيءَ ريت پنهنجي هڪ اڳواٽي صدر لاءِ، احترام ۽ عقيدت جو شانائتي نموني ۾ اظهار ڪري. پر، هسٽاريڪل سوسائٽي چند شروعاتي ميٽنگ ڪانپوءِ شايد ختم ٿي ويئي، انڪري موجوده دور ۾ لئمبرڪ ۽ سنڌ جي تاريخ جي اها خدمت، سنڌي ادبي بورڊ يا سنڌالاجيءَ جهڙو ڪو شانائتوادارو ئي سر انجام ڏيئي سگهي ٿو.

محمد امين خان کوسو

قدرت جون انسان تي جيڪي عنايتون آهن، تن ۾ هڪ هيءَ بہ آهي تہ انسان کي حافظي ۽ ويسر ٻنهي نعمتن سان نوازيو ويو آهي. جيڪڏهن ماڻهوءَ کي حافظو نہ هجي تہ سندس جيئڻ جنجال ٿي پوي. ساڳئيءَ ريت جيڪڏهن ڪيس ويسر جي نعمت نصيب نہ هجي، تڏهن بہ سندس زندگي زهر سان ڀرجي وڃي، ڇو تہ انسان پنهنجا ڏک ڏاکڙا ۽ غم وساري ئي نہ سگهي. سچو وقت ڪيس سور ستائيندا رهن. ڪنهن شاعر چيو آهي:

يادِ ماضي عذاب هي يا رب
ڇهين لي مجهه سي ميرا حافظ

محمد امين خان جڏهن هي جهان ڇڏيو تہ مان ڪي ڏينهن ڏکرڻ ۾ هئس. سندس ڳالهيون وري وري ياد ٿي آيون ۽ اکين جا نيسارا بند ئي نہ ٿئي ٿيا.

ساڻس ملاقات بہ عجب انداز سان ٿي. سنڌي ادبي بورڊ جي ڪم سان لاهور ويو هوس ۽ "لاهور هوٽل" ۾ ٽڪيو هوس. نما شام جي مهل هئي. مان بہ شهر مان ڪم لاهي موٽيس، تہ هوٽل جي دروازي تي هڪ شخص کي بيٺل ڏٺم. ڪيس ڊگهي پناڻڪي سلوار، قميص، صدري ۽ پناڻڪو چپل پاتل هو. بدن ۾ سنهو، قد ۾ ڊگهو، ساڻيڪو ورهين جو ٿي لڳو. سفيد اڇي ڏاڙهي دن تي پئي پيس. ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ سان سنڌيءَ ۾ ڳالهائي رهيو هو.

مون اڳتي وڌي ڪيس هٿ ڏنو ۽ چيو تہ "توهان محمد امين خان کوسا تہ نہ آهيو؟"

"آهيان. پر تون ڪير آهين؟"

"مان رباني آهيان."

"تو مون کي ڪيئن سڃاتو؟"

"مون پير حسام الدين راشديءَ ۽ شاهہ صاحب جي.ايم.سيد کان اوهان جون الاهي ڳالهيون ٻڌيون آهن. سنڌ اسيمبليءَ ۾ گذدر جي نيڪ ٺاءِ ۾ اوهان هٿ وڌو هو نہ؟"

هو ٺهڪ ڏيئي کلڻ لڳو.

"پر پاڻ اڳ ۾ مليا تہ ڪونہ آهيون؟"

"نہ" مون جواب ڏنو.

"تو منهنجي تصوير بہ ڪانہ ڏٺي آهي؟"

”نہ“

”پوءِ تہ تو سچاڻڻ سان ڪمال ڪري ڇڏيو.“

”ڪا بہ ڪمال جي ڳالھہ ڪانھي. مون ٻڌو آهي تہ مولانا عبدالله سنڌي هڪ دفعي ريل ۾ لاهور اچي رهيو هو. مولانا مودوديءَ سوچيو تہ لاهور ۾ اسٽيشن تي الاهي خلق ڪيس ملڻ ايندي. سو، هڪ اسٽيشن اڳ ۾ وڃي ريل جو انتظار ڪرڻ لڳو. ريل آئي تہ پاڻ گارڊ ڪان مولانا سنڌيءَ جي گاڏي جو پڇي، اندر گهڙيو تہ مولانا سنڌيءَ چيس: ”اسلام عليڪم مودودي صاحب“ اهو ٻڌي وائڙو ٿي ويو. ”وعليڪم سلام“ چئي مولانا سنڌيءَ سان مليو ۽ چيائينس تہ ”حضرت اوهان مون کي ڪيئن سڃاتو؟“

مولاناسنڌيءَ چيس تہ تنهنجا مضمون پڙهيا اٿم. توکي ڏسڻ سان محسوس ڪيم تہ اهو شخص تون آهين.“

”پر مان تہ مولانا سنڌيءَ جو معتقد آهيان.“

”مان بہ“ مون وراڻيو.

”تہ پوءِ اڄ کان وٺي منهنجو يار آهين.“

ان ڏينهن کان وٺي محمد امين خان کوسي سان منهنجي ياري ٿي ويئي. ياري بہ اهڙي جو هڪ دفعي خط ۾ لکيائين تہ ”اڄ توکي ساري اکين مان ڳوڙها وهي آيا. وڏيڪ پاڻ ڄاڻ.“

محمد امين خان نل جي پاسي جو ويٺل هو. پر سندس اها عادت هوندي هئي تہ سال ۾ هڪ بہ دفعو ڪراچيءَ، هڪ اڌ دفعو لاهور يا هڪ اڌ دفعو راولپنڊيءَ چڪر تي ويندو هو. ڪجھہ زماني جو ڪم ڪجھہ ونڊر وروڻهہ. مان تن ڏينهن ۾ حيدرآباد ۾ هوندو هوس. چنانچ، محمد امين خان ڪراچيءَ پهتو ناهي، تہ مون کي تار ايندي تہ ”يڪدم اچ.“ ٽڪندو سدائين هوٽل ۾ هو ۽ سواريءَ لاءِ هڪ ٽئڪسي سڄي ڏينهن لاءِ ياڙي تي ٻولي ڇڏيندو هو. پوءِ پاڻ ڪيڏانهن وڃي تہ ڇا، نہ وڃي تہ ڇا. موٽر سڄو ڏينهن هوٽل جي در تي بيٺي هوندي. هوٽل جو ڪمرو ايئرڪنڊيشنڊ وٺندو ۽ ڪوشش ڪري ڪنڊ پاسي سان. ڪمري جي ٽيبل تي تازو ۽ خشڪ ميوو پليٽن ۾ سينگاري رکندو. هڪ تہ ڏسڻ سان اکين کي فرحت، ٻيو تہ سڄي ڪمري ۾ قدرتي خوشبوءِ. ڪراچيءَ ۾ انهن ڏينهن ۾ ”نيشنل سٽي“ هوٽل ۾ ٽڪندو هو. ڪمري ۾ ٻہ پلنگ هوندا هئا. هڪ تي پاڻ ٻئي تي مان. سڄو وقت ڳالهيون اڳين زمانن جون.

محمد امين خان کوسو – پير حسام الدين راشدي

محمد امين خان هونئن تہ شاھ صاحب جي.ايم. سيد، پير حسام الدين راشديءَ ۽ شيخ عبدالمجيد سنڌي سان محبت ڪندو هو، پر سندس عشق ٻن ڇڙن سان هو: هڪ مولانا عبدالله سنڌيءَ سان ۽ ٻيو خانبهادر شهيد الله بخش سومري سان.

مولانا سنڌيءَ ڪنهن دفعي ڪيس چيو هو تہ "اسان جو خان اڄ نماز جي امامت ڪندو.". محمد امين خان اهو سرٽيفڪيٽ هڪ هزار دفعا مون کي وري وري ٻڌايو. هڪ ڏينهن وڃان تہ چڙيو وينو آهي. چوڻ لڳو، "تون هن کي سمجهائين نٿو؟" مون چيو "ڪنهن کي؟" چيائين، "مولانا قاسميءَ کي." مون چيو، "خير؟"

چيائين تہ "اڄ وٽس ويس تہ لڳو مولانا سنڌيءَ سان پنهنجي محبت بيان ڪرڻ. هاڻي پلا ڪو پڇيس تہ بابا، مولانا سنڌي منهنجو، مان مولانا سنڌيءَ جو. اجا جيئرو جاڳندو وينو آهيان. تون ڪير ٿيندو آهين مولانا سنڌيءَ جي محبت جو دعويدار؟"

مس مس مون ڪيس ٿڌو ڪيو.

خانبهادر شهيد الله بخش سومري کي جيترو محمد امين خان ياد ڪندو هو اوترو سندس اولاد بہ ڪيس ڪونہ ڪندو هوندو. چوندو هو،

"سنڌ جي مستقبل جو دستاويز الله بخش جي رت سان لکيل آهي. جيسين اهو نہ پڙهيو ويو آهي، تيسين ٻيون سڀ ڳالهيون اجايون آهن."

هڪ دفعي خانبهادر الله بخش جي هڪ عزيز کي سکر جي ڊپٽي ڪمشنر وٽ نوڪري ڏيارڻ ويو. ڊي.سي.غير سنڌي هو. نخرا ڪرڻ لڳو. محمد امين خان دٻ ڪڍيس: "تون ان شخص جي عزيز کي نوڪري ڏيڻ کان آنا ڪاني ڪري رهيو آهين، جنهن تو جهڙن سوين ڇوڪرن کي روزگار سان لاتو!" ڊي.سيءَ. اوڏيءَ مهل ئي آرڊر ڏنس.

محمد امين خان ماڻهن کي خطاب ڏيندو هو. شاھ صاحب جي.ايم.سيد کي "سيدِ اعظم"، پير حسام الدين صاحب کي "داناي راز" مولانا قاسمي صاحب کي "علم جو سمنڊ" مون کي، "رباني منهنجو ليڊر" خطاب ڏنائين. پير علي محمد راشديءَ کي تمام ڏکيو خطاب ڏنائين. هڪ ڏينهن وٽس وڃان تہ منجهيو سنجهيو وينو آهي. مون چيو، "خير تہ آهي؟" چيائين تہ "راشديءَ کي

فون ڪيم. ملاقات جو وقت مقرر ڪيو سون. پر چيائين تہ خالي هٿين نہ اچجانءِ. نذرانو ڪنيو اچجانءِ."

مون چيو تہ "تو ڪيس خطاب تہ سٺو ڏنو آهي؟

چيائين تہ "اها جدا ڳالهہ آهي. پر ساڻس تعلقات تہ پراڻا آهن." شام جو مليو تہ چيائين تہ بہ چار هزار رپيا نذرانو ڏيئي آيس.

مرحوم راشدي صاحب کي شابس هجي، جو محمد امين خان جي وفات تي، جنگ اخبار ۾ نهايت سهڻو مضمون لکيائين ۽ ڪيس سڪ سان ياد ڪيائين.

محمد امين خان پاڻ کي بہ هڪ خطاب ڏنو هو: "سنڌ پرستيءَ جو امام." ان تي هڪ غير سنڌيءَ ڏاڍو بحث ڪيس، پر پاڻ خطاب بدلايائين ڪونہ. سنڌ سان محبت سندس رت ۾ سمايل هئي. ون يونٽ جي ڏينهن ۾ هيڪر لاهور هجي ۽ لاهور هوٽل ۾ ٽڪيل. ون يونٽ جي گورنر کان ملاقات جو ٽائيم ورتائين. جڏهن سيڪريٽريءَ جي ڪمري ۾ انتظار ڪري ٿڪو، تڏهن سيڪريٽريءَ کي چيائين تہ: "شير آيو آهي، ڪئي سان ملڻ."

هو اها ڳالهہ ٻڌي وائڙو ٿي ويو ۽ وڃي گورنر کي دانهن ڏنائين. هن هڪدم اندر گهرايس. محمد امين خان ڪجهہ چوي ئي چوي، ان کان اڳ چيائينس تہ "سنڌ جو مسئلو ڪيئن حل ٿيندو؟"

محمد امين خان چيس تہ، "جي.ايم.سيد جي معرفت"

هن پڇيس تہ، "جي. ايم. سيد ڪيئن راضي ٿيندو؟"

محمد امين خان چيس "منهنجي معرفت"

هن چيس، "اوهان ڪيئن راضي ٿيندا؟"

محمد امين خان چيس تہ، "اقتدار ۾ پاڳي پائيوار ڪريو."

گورنر اقتدار ۾ پاڳي پائيوار تہ ڪونہ ڪيس، پر زمين جي ڍل جي بقايا معاف ڪيائينس.

لاهور جو ئي ٻيو واقعو آهي. پاڻ بہ لاهور هوٽل ۾ ٽڪيل هو ۽ مان بہ شام جو وڃان تہ هڪ نوجوان ويٺو آهي. ڳالهين ڪندي مون کان ون يونٽ بابت سوال ڪيائين. مون ٺڪو جواب ڏنس. هن وٺي بحث شروع ڪيو. پوءِ تہ مون جيڪا ساڻس تعدي ڪئي، سا عمر ڀر ياد رکندو. مزي جي ڳالهہ اها تہ محمد امين خان هوندي تہ سڄو وقت خاموش، پر رکي رکي وچ بحث ۾ چوي تہ "مان نہ ون يونٽ جو موافق نہ مخالف".

آخر ان نوجوان موڪلايو ۽ مون کي ٻڌايائين تہ "مان سياڻي پنهنجي بزرگ کي وٺي ايندس. اوهان ان سان بحث ڪجو."

جڏهن هو هليو ويو تہ محمد امين خان مون کي ٻڌايو: "سياڻا، مون کان پڇين تہ ها؟ ائين ئي بحث ۾ شروع ٿي وئين."

"ڇو؟" مون ڪانئس پڇيو.

اهو نوجوان سي.آءِ.ڊيءَ وارن جو ماڻهو هو. مان هوٽل ۾ وائي تبائي ڪندو رهندو آهيان، سو مون تي نظر ڪرڻ ايندو آهي." مون چيو، "تو مون کي اڳواٽ ٻڌايو ڇو نہ؟"

چيائين، تہ "مان تہ بار بار چوندو رهيس تہ نہ مان ون يونٽ جو موافق نہ مخالف، پوءِ بہ تو ڪونہ سمجهيو." ائين چئي اچي ٽهڪن ڇٽڪيو.

هيڪر ڪراچيءَ ۾ هڪ هوٽل ۾ ٻئي ڄڻا گڏ هجون. چيائين تہ رات ڪاڏي نہ وڃجانءِ، مون الانا ۽ سندس گهر واريءَ جي دعوت ڪئي آهي.

رات جو مرحوم الانا صاحب پنهنجيءَ گهر واريءَ سان آيو. واهہ جي ڪچهري ٿي. تن ڏينهن ۾ قائد اعظم تي ڪتاب لکي رهيو هو. پر مس فاطمہ جناح سان اختلاف ٿي پيا هئس. قائد اعظم جي ننڍپڻ جا ڪيئي قصا ٻڌايائين. چيائين تہ "جڏهن ڄائو هو تہ سندس والده هڪ باس باسي هئي. سو ڪراچيءَ مان ڪانياواڙ جي پاسي، پانلي رياست ۾، سندس آبائي ڳوٺڙي ۾، مقامي پير جي مزار تي جهنڊ لهرائڻ لاءِ ڪٺي ويس. مائي صاحبہ اڍائي سون ميلن جي سفر مان بہ سو ميل ٻيڙيءَ ۾ ڪيا ۽ پنجاهہ ميل ٻيل گاڏيءَ ۾. ڪنهن ٿي ڄاتو، تہ مائي صاحبہ جي ڪڇ ۾ جيڪو معصوم ٻڙو آهي، سو وڏي ٿيندي، هندستان جو ملڪ ٻڻ حصن ۾ ورهائيندو."

محمد امين خان جي پوين ڏينهن ۾ بہ الانا صاحب ئي ڪيس ويجهو هو. مون کي تڏهن خبر پئي جڏهن جوڳي جوءِ ڇڏي چڪا هئا. الانا صاحب ٻڌايم تہ ڳڙدن جي خرابيءَ ڪري ڳوٺان ڪٺائي آيس ۽ ڪراچي جي انڪل سريا اسپتال ۾ داخل ڪيائونس. ڊاڪٽرن دستوري ڪاروائي ڪئي. گلوڪوس جون بوتلون چاڙهيائونس. پوءِ اچي سين سان ورتائونس. ٽنب ٽنبان. غريب جڏهن اهي عذاب سهي ٿڪو، تڏهن هڪ ڏينهن موقعو ڏسي اسپتال ڇڏي ويو. پر ملڪ الموت اڳيئي سندس لاڏاڻي جو انتظام ڪري ڇڏيو هو.

هيڪر مون متس زور آندو تہ حياتيءَ جو احوال قلمبند ڪر. مس مس وڃي ڳالهہ مڃيائين. پر چيائين تہ لکڻ لاءِ ماڻهو موڪل. مون مهراڻ جي نائب ايڊيٽر ناشاد ڪي وٽس موڪليو. چيائينس تہ "ڇوڪرا پڇي وڃ. مان عاشق صفت ۽ معشوق مزاج ماڻهو آهيان."

محمد امين خان جي وفات سان سنڌ جي تاريخ جو هڪ باب پورو ٿيو. سندس تعلقات رڳو سنڌ ۾ ڪونہ هئا. بلوچستان ۾ بہ هئا. مرحوم پٽي، بلوچ سردارن سان گفتگو لاءِ ڪيس اڳتي ڪيو هو. سنڌ ۾ شروعاتي هاري ۽ مزدور تحريڪن جو محمد امين خان هڪ امام هو. علي ڳڙهہ ۾ پڙهي آيو هو. جيئن سنڌ پهتو تہ انگريزن جي خلاف قوميت جو جهنڊو بلند ڪيائين. ان سبب سان متس خوني حملو ٿيو، جنهن ۾ سخت زخمي ٿيو. حياتي هئس، سو بچي ويو. خان بهادر الله بخش سومري جي ساٿس ڏاڍي دل هوندي هئي. محمد امين خان سنڌ جي تاريخ جا ڪيئي اهم راز سيني ۾ ساڻ کنيو ويو.

سندس وفات کان پوءِ هڪ دفعي، ادبي بورڊ جي آفيس ۾ ويٺو هوس، تہ سندس پاءُ موٽر اچي آفيس جي در تي جهلي. چيائين تہ "ڪراچيءَ کان حيدرآباد وڃي رهيو هوس تہ اوچتو محمد امين خان جو آواز ٻڌم: "ربانيءَ سان ملندو وڃ."

مون آفيس جي ڪمري جي دري کولي. رستي تي نٽهڻ اس ڪانسواءِ ڪجهہ ڪونہ هو. دري بند ڪيم تہ محمد امين خان جو ٽهڪ ٻڌم "رباني منهنجو ليڊر".

گذريل زمانہ ياد آيا ۽ اکيون آليون ٿي ويون.

مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ

سنہ 52-1953 جي ڳالهہ آهي. مان مئٽرڪ جو امتحان ڏيئي، حيدرآباد جي ڦليلي ڪاليج ۾، وڌيڪ تعليم لاءِ داخل ٿيس. اسان کي انگريزي نصاب ۾ هڪ ڪتاب پڙهائيندا هئا، جنهن جو نالو هو Struggle of the Modern Man ان ۾ هڪ سبق هو، جنهن جو عنوان هو Tolerance سَهَپَ.

سبق جو سبق اهو هو تہ انسانذات، روز اول کان وٺي اڄ ڏينهن تائين، جيڪا بہ ترقي ڪئي آهي، ان جو راز "سهپ" ۾ سمايل آهي. سهپ انساني تهذيب جو روح آهي. جنهن انسان ۾ سهپ ڪانهي، ان ۾ ماڻهپو ڪونهي ۽ جنهن ۾ گهٽي ڪان گهٽي آهي، سو صحيح معنيٰ ۾ مهذب انسان آهي.

جنهن انسان کي ڪابہ طاقت ڪانهي، مسڪين ۽ مجبور آهي، تنهن ۾ سهپ جو مادو آهي، تہ اهو سندس ڪمزوريءَ ۽ مجبوريءَ ڪري آهي. پر، جيڪڏهن قسمت ڪنهن انسان کي نوازيو آهي، ڪيس مٿاهين منصب تي وهاريو آهي، ماڻهن ۾ سندس مڃتا آهي، مالي لحاظ کان خوشحال آهي ۽ پوءِ بہ منجهس سهپ جو مادو آهي تہ اهو سندس عظمت ۽ تهذيب جو دليل آهي. زندگيءَ ۾ مون کي ڪيترائي اهڙا ماڻهو مليا، جيڪي، بظاهر مهذب هئا، وڏيون وڏيون ڳالهيون ڪندا هئا، ڳوڙها خيال ۽ ويچار ظاهر ڪندا هئا، مذهب، سائنس، سياست ۽ فلسفي تي فر فر ڳالهائيندا هئا، پر، جڏهن آزمائش جي ڪا گهڙي آئي، تہ انتهائي خود غرض بلڪ ڪم ظرف ثابت ٿيندا هئا. ڊگرين ۽ ڪتابن جي مطالعي مٿن جيڪا قلعي چاڙهي هئي، سا هڪڙي ئي رهڙي سان لهي ويندي هئي.

پر، پنج آڱريون برابر ڪونهن. قدرت جي گلستان ۾ هرقسم جا گل ۽ ڪنڊا موجود آهن. هڪ اهڙو ماڻهو بہ ڏٺم، جو جڳ کان جدا هو، جنهن ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ اعليٰ تعليم ڪانہ ورتي هئي، مغربي ۽ مشرقي فيلسوفن جا مقولا بہ ياد ڪونہ هئس، سنڌ جي مروج معيار موجب، آسودن خاندانن مان بہ هو، ماڻهن ۾ سندس عزت ۽ تعظيم بہ گهٽي هئي، پر منجهس ايڏي تہ سهپ هئي، جو سوچيندو هوس تہ هن شخص کي، سڄيءَ عمر ۾ ڪڏهن ڪاوڙ بہ آئي آهي يا نہ؟

مخدوم صاحب جي پهريون پيرو زيارت سنہ 1954ع ۾ نصيب ٿي. مرحوم مولانا غلام محمد گراميءَ سان ساڻس گهٽي هوندي هئي. مرحوم هڪ

دفعي مون کي بہ پاڻ سان گڏ وٺي هليو. ان زماني ۾ مخدوم صاحب ...درآباد جي عامل ڪالونيءَ ۾ رهندو هو. مانيءَ کان پوءِ مجلس ۽ مشاعري جو پروگرام هو. رات جو دير دير تائين رونق رهي. اهو مخدوم صاحب جي ڀرپور جوانيءَ جو زمانو هو. گلاب جي گل وانگر خوبصورت هو.

ڇٽن سالن کان پوءِ، خانبهادر کهڙي جي رهائشگاهہ تي سندس ٻيو ديدار نصيب ٿيو. مان بورڊ ۾ نئون نئون ملازم ٿيو هوس، خانبهادر کهڙو ان جو صدر هو، ۽ مخدوم صاحب ميمبر. ميٽنگ پوري ٿي، تہ کهڙو صاحب ٻاهر نڪتو. ڪنهن چيو تہ هالن جي مخدوم صاحب کي رخصت ڪرڻ ويو آهي. مون ان شخص کي چيو تہ، "سفيد لباس ۾ اهو نحيف ۽ ناتوان شخص مخدوم صاحب هو؟" چيائين تہ "هائو". مون کي اعتبار ئي ڪونہ آيو. ڇو تہ گلاب جو گل ڪو ڪومائجي ويو هو! ماڳهين سڃاڻپ کان ٻاهر هو. پڇا ڳاڇا تي پتو پيو تہ مخدوم صاحب ڪافي عرصي کان ذيابيطس جي عارضي ڪري، عليل آهي.

ٻن ڇٽن سالن کان پوءِ وري ساڻس ملاقات ٿي. ڏٺم تہ سندس بدن جي سگهہ ۽ چهري جي رونق موٽي آئي هئي. تندرست ۽ توانو ٿي لڳو. پڇا ڳاڇا تي پتو پيو تہ مخدوم صاحب پنهنجي علاج جو حد درجي خيال رکيو هو. ايتريقدر جو سندس ڊاڪٽر ڪرنل نجيب ماڻهن کي ٻڌايو هو تہ "مون مخدوم صاحب جهڙو باضابطہ (Disciplined) شخص زندگيءَ ۾ ڪو ورلي ڏٺو هوندو." ذيابيطس ۾ خاص ڳالهہ کاڌي جي پرهيز آهي. هڪ ماڻهوءَ ڳالهہ ڪئي تہ مخدوم صاحب ايڏي تہ پرهيز ڪئي، جو جوئر جا داڻا تارازيءَ ۾ تورائي، انهن جو اٽو ڳوهرائي، ماني پچرائي کائيندو هو. نہ گرهہ گهٽ، نہ وڌ. اها ڳالهہ مخدوم صاحب جي صبر ۽ برداشت جي قوت جي نشاندهي ڪري ٿي.

مخدوم صاحب سنڌ جي پيرن جي طبقي جي صف اول ۾ شمار ٿئي ٿو. انهيءَ طبقي ۾ هاڻي صبر ۽ برداشت جي قوت ڪانہ رهي آهي. صبر ۽ سهپ ئي انساني اخلاق جو معيار آهي. افسوس آهي تہ سنڌ جون اهي خانقاهون جتان ڪنهن زماني ۾ نور جا چشما ڦٽي نڪرندا هئا، سي هاڻي ويرانا آهن. سجاده نشين پئسي ۽ سياسي اقتدار جا بکيا ٿي پيا آهن. ڪي تہ خدا جي خلق جا ڳوڙها اگهڻ بدران ان کي ڏنگين ٿا. پاڻ کي برهمڻ ۽ عام ماڻهن کي اڇوت سمجهڻ ٿا. سندن ڪرتوت ڏسي ڏندين آڱريون اچيو وڃن. سنڌ جي هڪ ڊپٽي

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

ڪمشنر سال ڪن اڳ مون سان اتر سنڌ جي هڪ متبرڪ درگاهہ جو ذڪر ڪندي چيو تہ، "پيرَ تہ پري ٿيا، خود بيبين جو اهو حال آهي، جو ويهين ويهين رپئين حويليءَ مان هيروئن جون پڙيون پيون وڪڻن. مجبور ٿي اسان کي حويليءَ جي در تي خانگي ڪپڙن ۾ پوليس بيهارڻي پئي، تڏهن وڃي اهو آزار بند ٿيو."

اهـا ڳالهـہ ٻـڌي، مـون کـي تـہ الهـہ بخـش سمـي جـو ڪتـاب "سـير ڪوهستان" ياد اچي ويو. ان ۾ پيرن تي ڏاڍو سخت مضمون لکيو اٿس. ڪين سنڌ جي تباهيءَ جو ڪارڻ قرار ڏنو اٿس. ساڳي ڳالهہ انگريز اديب رچرڊ برٽن بہ ڪئي آهي.

ليڪن انهن ئي پيرن جي طبقي ۾ اڄ بہ مخدوم صاحب جهـڙا اعلـيٰ انسان موجود آهن. ڪين ڪانيءَ ڪرامت جي دعوا تہ ڪانهي. پر پنهنجي بلند اخلاق جي سونهن سببان ماڻهن جي دلين کي موهـي ڇڏيو اٿـن ۽ پنهنجـن نيڪ نام بزرگن جي وقار تي حرف اچڻ نہ ڏنو اٿن.

هڪ دفعي مخدوم صاحب مون سان ڳالهہ ڪئي تہ جڏهن پٽـو صاحب ملڪ جو صدر ۽ چيف مارشـل لا ائڊمنسـٽريٽر هـو، تـڏهن ڪانئس پڇيـائين تـہ، "مخدوم صاحب، توهان کي ڇا گهرجي؟" مخدوم صـاحب جواب ۾ چيـس تـہ، "ڪجهہ نـہ. الله سائينءَ اسان جي خاندان جي جيڪا عزت ڪئي آهي، فقط اها برقرار رکجو."

مخدوم صاحب جو ملتان جي مخدوم صاحب سان پراڻو خانداني تعلق آهي. لاهور جي گورنر هائوس ۾ هـڪ دفعي مخدوم سجاد حسين قريشـيءَ تڏهوڪي گورنر پنجاب، مون کان پڇيو تہ "رباني، ٻڌو اٿم تـہ مخدوم صاحب هالن مان ڪوهہ مريءَ آبهوا بدلائڻ لاءِ اچي رهيو آهي؟" مون هائوڪار ڪئي، تہ مون کي بہ وٺائڻ اهڙو ئي اطلاع مليوآهي. تـڏهن چيـائين تـہ "ڪيس چئـہ تـہ سڌو ڪوهہ مريءَ نہ وڃي. اول مون وٽ لاهور ۾ لهي. ڏو- پهرو ڪري پوءِ اڳتي وڃي. سندن سفر لاءِ منهنجي ريلوائي سيلون حاضر آهي، ۽ جي هوائي جهاز گهرجي تہ اهو موڪلي ڏيان." مون مخدوم صـاحب سـان ڳالهـہ ڪئي، پـر پـاڻ انهن ڳالهين کان بي نياز هو.

مون مخدوم صاحب کي سنڌي ادبي بورڊ ۾ ڏهہ پندرهـن ورهيـہ ويجهڙو ڏٺو. سندس شـوق ۽ شغل بہ هونـدا هئا : هـڪ ڪتـاب ۽ ٻيـو راڳ جوانـي جي

زماني ۾ ٻه، جڏهن سنڌ جا ڪي پير، اٺ ۽ گهوڙا ۽ ڪي وري ڪتا ۽ سوئر پاليندا آهن، اتي مخدوم صاحب اديبن ۽ شاعرن جي پرورش ڪندو هو. رسالا ۽ ڪتاب ڇپائيندو هو. اڳتي هلي، سنڌ جي ممتاز اداري سنڌي ادبي بورڊ جو صدر مقرر ٿيو. بورڊ جي ميٽنگ ۾ ايندو هو ته ٽي. اي بل ڪو نه وٺندو هو. مخدوم نوح وارو قرآن ڪريم جو تاريخي نسخو بنا ڪنهن اجوري جي بورڊ کي ڇپڻ لاءِ ڏنائين، پر پين ڇگن پلن بيشل ماڻهن ۽ خود بورڊ جي ميمبرن وانگر بورڊ کان معاوضو نه ورتائين. ورندو، پيڪيجز لميٽيڊ لاهور وارن کان بورڊ کي ان ڪم لاءِ ڪجهه مالي امداد وٺي ڏنائين. ان زماني ۾ حيدرآباد ۾ وٽس ٻه گهر هئا، هڪ گاڏي کاتي ۾ ٻيو سول لائينس ۾. بورڊ کي آفيس لاءِ جاءِ گهربي هئي. مخدوم صاحب سول لائينس وارو بنگلو بورڊ کي ڏنو. اڳتي هلي، بورڊ کي معلوم ٿيو ته مخدوم صاحب کي اهو بنگلو وڪڻڻ جو ارادو آهي. بورڊ کيس عرض ڪيو ته بنگلو اسان کي ئي وڪڻو. جنهن قيمت تي پاڻ ٻه چار سال اڳ ورتو هئائين، ان ئي قيمت تي بورڊ کي ڏنائين. اڳتي هلي سندس سياسي مخالفن انهيءَ ڳالهه تي ٻه اعتراض واريو ۽ سندس احسان کي سندس ئي خلاف استعمال ڪيو. مخدوم صاحب ماٺ ڪري بورڊ کي پئسا موٽائي ڏنا ۽ گهر واپس ورتو. پنهنجن مخالفن کي ڪڏهن زبان سان ٻه برو پلو ڪونه چيائين. ويهين صديءَ ۾ شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ واري جي صبر جي روايتن کي تازو ڪري ڇڏيائين.

مون ڪنهن شخص کي چيو ته "مخدوم صاحب ايڏو صبر ڪنهن کان سکيو آهي؟" هن جواب ڏنو ته وڏن کان ورثي ۾ مليو اٿس. سندس والد بزرگوار مخدوم غلام محمد صاحب وڏو صابر شاڪر شخص هو. محمد فقير کٽياڻ سان محبت هوندي هئس. فقير صاحب قلندر شخص هوندو هو. جڏهن مخدوم صاحب سان هالين ملڻ ايندو هو ته "سر بازارمي رقصم" انداز سان ايندو هو. هالن جي پريءَ بازار مان جهمريون وجهندو، ڳائيندو، وڄائيندو، نچندو ايندو هو.

شاهه صاحب جي.ايم. سيد ڳالهه ڪئي ته هڪ دفعي فقير صاحب مخدوم صاحب سان ملڻ آيو. هڪ ڪمري ۾ وهڻ لاءِ غاليچو وڇايل هو. ٻئي ڄڻا ان جي ٻن ڪنڊن ۾ آمهون سامهون وڃي ويٺا. نه فقير صاحب کو اکر

چيو. نہ مخدوم صاحب ئي ڪجهہ فرمايو. ڪجهہ دير ڪان پوءِ فقير صاحب موڪلائي ويو. ڪنهن شخص حيرانيءَ جو اظهار ڪندي چيو تہ "هيءَ ڪهڙي قسم جي ملاقات هئي؟" هئي جواب ڏنس تہ "الله وارن جون ڪچهريون ائين ئي ٿينديون آهن."

چون ٿا تہ مخدوم صاحب جو جد امجد، مخدوم نوح عليہ الرحمة الله خود عجب انسان هوندو هو. سنڌ جي مجيل متبرڪ هستي هو. دنيا جي لذتن کان پاڻ پلي چڪو هو. سدائين سچ جي تلاش ۾ هوندو هو. رات جو دير دير تائين مسجد ۾ عبادت ڪري گهر ايندو هو. تڏهن زندگي سادي هوندي هئي. گهر وارا هڪ جانڊي ڪاري هينان ڪير جو وٽو ۽ جوئر جي ماني رکي سمهي پوندا هئا. هڪ دفعي صبح جو ڏسن، تہ ڪاري هينان ڪير تہ ڪونهي، پر ماني ائين جو ائين رکي آهي. پيچا تي مخدوم نوح چيو تہ "مون تہ ماني کاڌي هئي." جاچ تي پتو پيو تہ ٻانهيءَ مانيءَ جي پاسي ۾ مال لاءِ ڪڻ جو ٽڪر بہ رکيو هو. مخدوم صاحب انهيءَ کي ماني سمجهي، ڪير سان ڪائي ڇڏيو. ڪيس ڪڻ ۽ مانيءَ جي ذائقي ۾ ڪو فرق محسوس ڪونہ ٿيو. سونهاريءَ سنڌ اهڙا الله وارا بہ ڏنا.

مخدوم نوح جي صبر ۽ پرهيزگاريءَ جي هاڪ سندس ئي حياتيءَ ۾ پري پري پهتي. اڪبر بادشاهہ سنڌ فتح ڪرڻ لاءِ جڏهن لشڪر چاڙهي موڪليو، تڏهن سپهہ سالار خان خانان کي تاڪيد ڪيائين تہ "ٺٽي تي حملو ڪرڻ کان اڳ هالن ۾ مخدوم نوح جي درگاهہ تي حاضري ڏجانءِ، جو اصل حڪومت الله وارن جي آهي."

مخدوم نوح جي حياتيءَ جي احوال جي ڪتاب لکيل ۾ آهي تہ هڪ دفعي ڪينجهر جا ڪي مهاڻا مخدوم صاحب وٽ ميڙ ڪري ويا تہ اسان سان گڏجي ٺٽي هلو ۽ سنڌ جي حاڪم کان اسان کي ڍل ۽ محصول معاف ڪرائي ڏيو. مخدوم نوح سندن ڳالهہ قبول ڪئي. سفر ٻيڙيءَ رستي ٿيو. جڏهن ٺٽي جي ٻاهران پهتا تہ مغرب جي مهل هئي. مخدوم نوح چيو تہ " اڳو پوءِ سانجهيءَ جي نماز پڙهي پوءِ شهر ۾ داخل ٿيون." ٻيڙيءَ ڪناري سان لنگر هنيو. مخدوم نوح هيٺ لهي وضو ڪرڻ لڳو. سندس ڏيان تہ ڪنهن ٻئي هنڌ هو. وضو ڪندي، درياهہ جي ڪناري تي بيٺل ڳاهہ جڏهن هٿن کي لڳس تہ ماڇهن کي چيائين "ابا، اسان جي مسجد ۾ هيءُ ڳاهہ ڪنهن پوکيو آهي؟"

چون ٿا تہ هڪ دفعي دعويٰ ڪيائين تہ هنن ٻن اکين سان الله کي ڏٺو اٿم. جڏهن مخدوم جعفر بوبڪائيءَ کي اها خبر پيئي تڏهن چوائي موڪليائينس تہ "اهي اکيون ڪي ٻيون هونديون، جن الله کي ڏٺو هوندو. هاڻي هيئن ڪيو جو اهي اکيون ٻوٽيو ۽ پوءِ ٻڌايو تہ اجا الله نظر اچي ٿو؟" مخدوم نوح جواب ۾ چيو تہ، "هائو، نظر اچي ٿو." تڏهن مخدوم جعفر چيس تہ، "پوءِ تہ منهنجو چوڻ صحيح آهي، تہ اهي ڪي ٻيون اکيون آهن، جي الله کي ڏسن پسن ٿيون." چون ٿا تہ اهو ٻڌي مخدوم نوح چيو تہ "جي نہ هجي جعفر، تہ نوح ٿئي ڪافر."[1]

مخدوم نوح فقط عربي ۽ فارسيءَ جو عالم ڪونہ هو[2] پر سنڌي زبان جو بہ وڏو شاعر هو. افسوس آهي تہ سندس شعر اڄ ناپيد آهي. ڪي ٿورڙا بيت وڃي بچيا آهن، جي سندس شاعرانہ عظمت تي شاهد آهن. هي بيت ڀٽائي صاحب ڏانهن منسوب ڪيو ويو آهي، پر درحقيقت مخدوم نوح جو آهي:

پيئي جا پرڀات، سا ماڪَ مَ ڀانيو ماڻهان
روئي چڙهي رات، ڏسي ڏکوين کي.

مٺو فقير نالي هڪ شخص هوندو هو، جو سندس حاضريءَ جو ماڻهو هو ۽ ڪيس ڪافيون ڳائي ٻڌائيندو هو. مخدوم نوح ڪيس مخاطب ٿي، هڪ بيت چيو:

مٺا، مٺائيءَ جون ڪر ڪي ڳالهڙيون
ڪيئن ٿا گذرن ڏينهڙا، ڪيئن ٿيون گذرن راتڙيون

اباڪر نالي سندس هڪ خليفو هوندو هو، جنهن سان ڏاڍي محبت هوندي هئس. چون ٿا تہ جڏهن مخدوم نوح جي لاڏاڻي جو وقت آيو، تڏهن اباڪر کي سڪ سان ساري چيائين:

---

[1] سنڌي زبان جو هڪ مشهور شعر آهي، جو مان سمجهندو هوس تہ محمد زمان لنواريءَ واري جو آهي. پر برادرم انور هالائيءَ ٻڌايو تہ مخدوم نوح جو آهي. شعر آهي تہ:

"اپٽيان تہ انڌيون، پوريون پرين پسن
آهي اکڙين، عجب ٻـر پسڻ جي."

هن شعر ۾ مٿئين واقعي جي رچ ۾ ڪجهہ تسلسل معلوم ٿئي ٿو.

[2] مخدوم نوح جو قرآن جو فارسي ترجمو سندس قرآن دانيءَ جو وڏو ثبوت آهي. سڄي قرآن ۾ هر هنڌ بسم الله الرحمان الرحيم جي نئين نئين معنيٰ ڪئي اٿس. عام مترجم "حروف مقطعات" جو ترجمو ڪونہ ڪندا آهن، پر مخدوم صاحب ڪيو آهي. مثلا: "الم" جو ترجمو ڪيو اٿس "منم خداي ڪہ مي دانم."

ابـابـڪر آءُ، سـامين سفر سنـياهيو
متان تئي پوياءُ، سارئين سنياسين کي

ابابڪر اهو ٻڌي مرشد کي چوائي موڪليو:

اڃـــان تو اڃـــان، ڪجو ڪو جتنءُ
متان تئي پوياءُ، ساريان سنياسين کي

هنن بيتن ۾ اکرن جي گهڻ وڌائي تي سگهي ٿي چو ته مخدوم نوح جو ڪلام محفوظ رهي ڪونه سگهيو. فقط سندس معتقدن کي ڪي بيت زباني طرح ياد رهيا، جن ۾ غلطيءَ جو امڪان رد ڪري نٿو سگهجي. پر اهي بيت مخدوم نوح جي دردمند دل جي نشاندهي ڪن ٿا. هڪ ٻئي بيت ۾ دنيا جي بي ثباتيءَ جو نقشو چٽيندي فرمايو اٿس:

متــان ڏســي موهجيــن، دنيــا وارو ڏجُ
جدا ڪر جودئون، چاهيءَ کي ٿي چڄ
اڄ نـــ تئــيِ سيـان، ســيان نـــ تئــي اڄ
نرمل نوح فقير چئي، ڪر رب سان ريجهي رڄ
مئيون پيڙي پڄ، وقت وڃئي تـو ويـسلا

مخدوم نوح جي خاندان ۾ مخدوم امين محمد، پڪن وارو وڏو شاعر ٿي گذريو آهي. سندس هڪ ڪافي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ عام مشهور آهي:

سڄڻن جا ساريو سانگ
آئــون ويــني روز رڙان

سنڌي ادبي بورڊ مخدوم امين محمد جو سمورو ڪلام "ڪليـات اميـن" جي نالي سان شايع ڪيو آهي.

پانئجي ٿو ته شعر شاعريءَ جي سوغات سائين مخدوم محمد زمان کي وڏن کان ورثي ۾ ملي. طالب المولىٰ تخلص اختيار ڪيائين ۽ ڪوشش ڪري، خالص سنڌي طرزن تيَ ڪلام چيائين. خاص ڪري ڪافيون چيائين. هونئن غزل ۽ نظم بہ چيائين. سندس شعر مکڻ ۽ ماکيءَ وانگر مٺو آهي:

تنهنجـو حســـن اڃـــي نـــ حســـابن ۾
تـــون پـــاڻ ئـــي پنهنجـــي جوابـــن ۾

.....

عمر عاجزن سان نہ ڪر مال مستيون
هلي ڪين سگهنديون، اهي هوڏهستيون

.....

جوانيءَ ۾ هڪ ڪافي چپائين مان تڏهن حيدرآباد ۾ ڪاليج پڙهندو هوس. منجهند جي مهل ڪاليج مان موٽندي، هوٽلن، پان بيڙيءَ جي دڪانن، گاڏي ڪاتي، تلڪ چاڙهيءَ ۽ بين هنڌن تي، رستي ويندي، ريڊئي تي سندس ڪافين جا ڪوڪرا ٻڌڻ ۾ ايندا هئا:

تـــو دلڙي يـــار ڏتـــاري،
پو، ير، ڪانہ ڪيئي پوشواري.

ڪافي حسين بخش خادم ڳائي هئي ۽ واھ جا ڳائي هئائين. سنڌي ۾ چئبو آهي تہ اهڙي ڳايائين، جو مٽ پيچي ڇڏيائين. ڪافي ٻڌڻ سان بت مان سيسرات نڪري ويندا هئا، اکين مان ڳوڙها وهي ايندا هئا.

گهڻا گهڻا سال پوءِ جڏهن مان مخدوم صاحب جي قريب قريب آيس، تہ پاڻ هڪ پيري اسد الله شاھ حسينيءَ ۽ مون کي عارف المولىٰ جي دعوت تي ڊنڙي وني ويو. رات جي مانيءَ کانپوءِ راڳ جي محفل تي. چاندي فقير سڄي رات سندس ڪلام ڳايو. صبح جو سج اپاري اٿياسين. موٽر ۾ چڙهي حيدرآباد روانا ٿيا سين تہ ماڻڙ وانگر ماڻهو موٽر کي ورائي ويا. عجب نظارو هو. اڄ ڏينهن تائين مون کان وسري نہ سگهيو آهي. مخدوم صاحب سان ماڻهن کي عقيدت ڪانہ هئي، عشق هو. موٽر جي مٿيءَ ۾ لٽجي ويا پر ڪافي پنڌ تائين ان جي پٺيان ڊوڙندا آيا.

چاندي فقير شايد راڳ وديا جو وڏو ڄاڻو هو. پر مون کي سندس ڳائڻ اصل ڪونہ وڻيو. فقط مخدوم صاحب جي ادب ڪري سڄي رات ويٺو رهيس. چاندي فقير جي ڳائڻ ۾ ناھ نوھ گهڻو هو، پر هونئن سراسر بي روح هو ۽ ان "سوز" کان خالي هو، جيڪو الله سائينءَ مخدوم نوح، مخدوم امين محمد ۽ مخدوم طالب المولىٰ کي عطا ڪيو هو. جنهن راڳ ۽ ڪلام ۾ سوز ۽ ساز ڪونهي، سو ڪهڙي ڪم جو؟ سنڌ جي هڪ فارسي گو شاعر چيو آهي.

مي گريم ومي خندم چون برق بہ سحاب اندر
مي سوزم ومي سازم چون خون بہ ڪباب اندر

مخدوم صاحب وارا پاڻ کي "صديقي" يعني حضرت ابوبڪر صديق جو اولاد ڪوٺيندا آهن. پر، مون ننڍي هوندي ڪنهن ڪتاب ۾ پڙهيو هو ته مخدوم نوح اصل ۾ سمو هو. اهو مغالطو شايد انڪري پيدا ٿيو هجي، جو مخدوم صاحب جي متبرڪ خاندان کي سنڌ جي ڌرتيءَ ۽ عوام سان عشق آهي. مون کي جيڪڏهن ڪو ماڻهو چوي ته سنڌي ڪلچر جو مثالي نمونو ڏيکارڻ لاءِ تون سنڌ جي ڪنهن به فقط هڪ ماڻهوءَ تي هٿ رک ته مان جيڪر مخدوم صاحب جو نالو ڪڍان. اٿيءَ ويهيءَ ۾، کاڌي پيتي ۾، لباس ۽ پوشاڪ ۾، رسم ۽ رواج ۾، مزاج ۽ ذهن ۾ مون مخدوم صاحب کان وڌيڪ سچو سنڌي ٻيو ڪونه ڏٺو. پنهنجي هڪ شعر ۾ چيو اٿس:

روز ازل کان آهيم لاتو، ڳڻن پريءَ کي ڳلي ڳلي
طالب المولىٰ سنڌڙي پوڄيان، ڪير ٿئي جو جهلي جهلي

سنڌ جو هڪ برک ماڻهو هڪ دفعي مخدوم صاحب سان مليو ۽ سرڪار جي چوڻ تي کيس سنڌ کان ٻاهر هڪ صوبي جي گورنري آڇيائين. مخدوم صاحب منهنجي روبرو ٺهه پهه جواب ڏنس ته "سنڌ کان ٻاهر گورنري قبول ڪري، مان پنهنجي صوبي جي ماڻهن جي ڪهڙي خدمت ڪري سگهندس؟"

مخدوم صاحب جي سچائي ۽ صاف گوئيءَ ڪي ڪي ماڻهو غلط سمجهندا آهن. منهنجيءَ سمجهه موجب هو هن زماني ۾ سنڌ جي وڏن ڏاهن مان هڪ آهي. مختلف موقعن تي سندس زبان مان ڏاهپ جا عجيب گفتا ٻڌا اٿم. هيڪر ڪنهن ذاتي معاملي ۾ پاڻ تمام ڏڪويل هو. مان وٽن ويٺو هوس. نوڪر اچي اطلاع ڏنو ته "مختيارڪار صاحب آيو آهي. چئي ٿو ته سائين جن اڄ ملاقات جو ٽائيم ڏنو هو." مخدوم صاحب جن ڪنڌ مٿي ڪنيو ۽ ٿڌو ساهه پري چيائونس ته "ابا مختيارڪار صاحب کي وڃي چئه ته اڄ ته اسان پاڻ سان به ملاقات ڪونه ٿا ڪريون."

ٻئي دفعي مون کي چيائون ته، "رباني، ٿڪجي ٿو ماڻهوءَ جو خيال. جسم جو ٿڪ ته ڳالهه نه آهي."

هيڪر هوائي جهاز ۾ لاهور وڃي رهيا هئاسون. پاڻ بورڊ جو چيئرمن هو ۽ مان سيڪريٽري. تن ڏينهن ۾ علامه قاضي تازو تازو هي جهان ڇڏي ويو هو. مخدوم صاحب جي ساڻس دل هئي. کيس ۽ سندس گهر واريءَ کي هنسن جي

جوڙي سان تشبيهہ ڏيندو هو. ڪنهن مهل جهاز ۾ پنهنجيءَ ڪرسيءَ تان ڪنڌ ورائي، مون کي چيائين، "رباني، هيءُ فارسي شعر خبر ناهي تہ ڪنهن جو آهي، پر ڪيڏو نہ بامعنيٰ آهي:

"عدم جي راهہ، ڪيڏي نہ همـوار آهي
جنهن هيڪر متس پير رکيو
تنهن وري ڪنڌ ورائي پوئتي ڪونہ ڏٺو."

مخدوم صاحب ان زماني ۾ ڏ.ڍو سفر ڪندو هو. مون کي اهو هفتو ۽ ڏهاڪو ڪونہ سجهي، جيڪو هڪ هنڌ گذاريو هجيس. اڄ حالن ۾، هفتي ڪانپوءِ حيدرآباد، ٻئي هفتي ڪراچي، ٽئين هفتي لاهور، چوٿين هفتي پنڊي، مطلب تہ مهيني جا ڏهہ پندرهن ڏينهن سفر ۾ ۽ ڏهہ پندرهن ڏينهن هالين گذاريندو هو.

وقت جي گذرڻ سان ماڻهوءَ جي ذميوارين ۾ فرق اچي ٿو. جيڪي شيون ڪنهن زماني ۾ اهم ڀانئبيون آهن، سي پنهنجي وقعت وڃائي وهن ٿيون. پوئين دفعي ملاقات دوران ٻڌايائين تہ "راڳ سنگيت جون محفلون بہ ختم ٿي ويون". مون سبب پڇيو تہ فرمايائين تہ "اڳي راڳ جي مجلس روح رهاڻ لاءِ هوندي هئي. هاڻي ان موقعي تي بہ ماڻهو درخواستون ڪنيو، قطارون ڪيون بيٺا آهن، تہ زماني جو هي ڪم ڪرائي ڏيو، هو ڪم ڪرائي ڏيو."

مخدوم صاحب اولادي ٿيو. پٽڙا جوان ٿيا، اڳتي هلي پيءُ مان ڦري ڏاڏو ٿيو، تہ لازمي طرح سندس سوچ ويچار ۾ بہ فرق آيو. هاڻي سندس گهڻو تڻو وقت هالن ۾ ئي گذري ٿو. حيدرآباد توڙي ڪراچيءَ ۾ سندس پنهنجا بنگلا آهن، پر قسمتي ڪو هالن کان ٻاهر نڪري ٿو.

هڪ هنڌ ويهي آخر ماڻهو ٿڪجي پوي ٿو. سو، مون کيس عرض ڪيو تہ اوهان آبهوا بدلائڻ لاءِ اسلام آباد ۽ ڪوهہ مريءَ جو چڪر هڻو تہ سنو. مس مس وڃي سندس پرگرام بيٺو. پر ڪوهہ مريءَ ۾ جيڪي ٽي ڏينهن ٽڪيو، سي هوٽل جي ڪمري مان ڪونہ نڪتو جڏهن پنڊيءَ پهتو، تڏهن بہ جيئن هوٽل جي ڪمري ۾ گهڙيو تہ وري واپسيءَ تي، جهاز جي مهل، ان مان ٻاهر نڪتو. سندس طبيعت جو اهو رنگ ڏسي مون کي ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ اهي ڏينهن ياد آيا، جڏهن پاڻ جوان هوندو هو ۽ موج ۽ مستيءَ ۾ هوندو هو.

وڏيرو عثمان چانيهو صحبت ۽ خدمت گذاريءَ لاءِ ساڻس گڏ آيل هو. ساڻس ڳالهه ڪيم، تنهن به ڏک جو اظهار ڪيو. اسان سڀني جي آس هئي ته مخدوم صاحب وندر ورونهن لاءِ ڪمري کان ٻاهر پير ڪڍي، پر ڪيس ڇڻ ته دنيا جي نظارن لاءِ ڪا رغبت ئي ڪانه رهي هئي. گوشي نشينيءَ جي گودڙي پائي ڇڏي هئائين وڏيري چانيهي ٻڌايو ته هت ته نه،ِ پر خود ولايت ۾ به مخدوم صاحب هوٽل جي ڪمري مان ٻاهر پير ئي ڪونه ڪڍي. مون اها ڳالهه ٻڌي محسوس ڪيو ته مخدوم صاحب کي تنهائي جو سخت احساس آهي. ڪيس ڪنهن دل گهرئي دوست جي ضرورت آهي. اهڙو ساٿي گهرجي، جيڪو سندس دل جي گهراين ۾ ديد وجهي سگهي ۽ ساڻس ڏک سک ونڊي ورهائي سگهي. مٿس سچل جي هيءَ سٽ سورهن آنا صادق آهي:

"اڪيلو آهيان، ماڻهوئڙن جي ميڙ ۾."

پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ جيڪي چاليهه ورهيه گذريا آهن تن ۾ سنڌ ۾ ادبي اوسر جو مان اکين ڏٺو شاهد آهيان. سڄي عمر ادبي ادارن ۽ تحريڪن سان گڏ گذاري اٿم. مون اديبن ۽ شاعرن جي صفن ۾ مخدوم صاحب کان وڌيڪ نفيس ۽ اهل دل انسان ڪونه ڏٺو. وڏي ماڻهوءَ هوندي به منجهس پيار ۽ نوڙت ڏٺي. ميويدار وڻ ئي جهڪي بيهندو آهي. جنهن انسان ۾ گهڻي ۾ گهڻي عظمت هوندي، ان ۾ ئي اوتري ئي نياز ۽ نوڙت هوندي.

چون ٿا ته ڏاهن جي مجلس ۾ هيڪر سوال اٿيو ته ادب جو دروازو ڪيڏو وڏو آهي؟ ڪنهن ڪيئن چيو ته ڪنهن ڪيئن چيو. ڪنهن شخص چيو ته ادب جو دروازو تمام وڏو آهي، زمين کان آسمان تائين آهي. جيڪو سڀني کان سياڻو هو، سو خاموش رهيو. جڏهن ڪانئس سوال ڪيو ويو تڏهن چيائين ته ادب جو دروازو ايڏو ته ننڍو آهي، جو جيڪو منجهس پير پائيندو، تنهن کي ڪنڌ نمائي وڪ وجهڻي پوندي.

سنڌ جي سياڻن جي مقرر ڪيل انهيءَ معيار تي مخدوم صاحب اچ به ۽ سياڻي به، سورهن آنا صحيح ۽ صادق نظر ايندو.

حيدرآباد جي سول اسپتال ۾ داخلا دوران، هيڪر مخدوم صاحب جن، مون سان ملاقات لاءِ حيدآباد قرب جا پير ڀري آيا. ڪچهري ڪندي، شعر و

ادب ۾ سندن دلچسپيءَ جون ڳالهيون نڪتيون، جن مان ڪن جي مون کي اڳ خبر ڪانه هئي. سو، ڪي ڳالهيون سندن ئي لفظن ۾ هت بيان ڪريان ٿو:

شعر ۽ ادب ۾ دلچسپي اوهان کي وڏن کان ورثي ۾ ملي، يا ذاتي ذوق و شوق سببان؟ اها چڻنگ اوهان جي دل ۾ ڪيئن دکي؟

منهنجي پيدائش جنهن خاندان ۾ ٿي، سو صدين کان علمي ادبي لحاظ کان، هڪ مثالي ڪردار جو مالڪ رهيو آهي. حضرت مخدوم نوح رحمت الله عليه کان پوءِ، اسان جو هيو هڪ بزرگ، فتح محمد صاحب نالي ٿي گذريو آهي، جنهن رسالو "فتحي" لکيو هو. شاعر ته ڪونه هو، پر بلند پايه اديب ۽ مصنف ضرور هو. اهڙيءَ طرح غلام رسول صديقي صاحب به وڏو اديب ٿي گذريو آهي. خود منهنجو پڙ ڏاڏو ۽ سندس ننڍو ڀاءُ به شاعر هو، چاچو مخدوم غلام حيدر صاحب بلند پايه اديب ۽ مصنف هو، سندس ڪي ڪتاب "سفينة النوح" وغيره مشهور آهن. ديوبند جو فارغ التحصيل عالم هو. اهڙي طرح، خانداني ماحول ۽ روايت جو منهنجي ذهن تي ڪجهه نه ڪجهه اثر ضرور پيو هوندو.

ننڍپڻ کان وٺي اڄ تائين، اوهان کي ڪهڙين شخصيتن متاثر ڪيو آهي؟

سڀ کان اول والد محترم جي ذات گرامي. منهنجو مرشد به پاڻ هو. منهنجي ذات تي گهرا اثر ڇڏيائين. اڄ به مون تي سندس شخصيت جو اثر آهي.

ننڍپڻ ڪيئن گذريو؟

مون جنهن ماحول ۾ اک کولي، ان ۾ علم هو. بزرگ هئا. عزيز و اقارب هئا. والدين هئا. چاچو هو. قدرت مون کي ڀاءُ ڪونه ڏنو. جيڪڏهن ڪو هو ته اهو ننڍپڻ ۾ گذاري ويو. اهڙيءَ طرح، مان پنهنجي خاندان ۾ هڪڙو ئي ٻار هوس، تنهنڪري سڀني جي توجهه جو مرڪز هيس، لاڏ

ڪوڏ سان پليس. منهنجي ڏاڏي پيار سان پرورش ڪئي وئي. والد محترم صوم و صلوات جو پابند ۽ سير و سياحت جو شوقين هو، ان ڪري تعليم ۽ تربيت لاءِ مون کي چاچي سائينءَ محترم مولوي مخدوم غلام حيدر صاحب جي حوالي ڪري ڇڏيو هئائين. چاچي محترم منهنجي تعليم و تربيت ۾ ڪابہ گهٽتائي ڪانہ ڪئي. حافظ ولي محمد صاحب مجاور درگاهہ حضرت غوث الحق سرور نوح منهنجو سڀ کان پهريون استاد مقرر ٿيو. اڳي پاڻ منهنجي والد محترم ۽ منهنجن ٽن چاچن جو بہ استاد رهي چڪو هو. قرآن ڪريم جي تعليم ڪانئس ورتم. حفظ تہ نہ ڪري سگهيس. البت ڏسي پڙهڻ تي عبور حاصل ڪيم. ان وقت جي ماحول ۾ گهٽيون ئي قابل قدر هستيون شامل هيون، جن ۾ شاعر، اديب ۽ عالم بہ هئا. اڪثر ڪري منهنجي والد وٽ ايندا هئا. انهن ۾ محمد فقير ڪٽياڻ سيد مهدي شاهہ (جهانيان وارو) ۽ ٻيا فقير فقراءَ شامل هئا. ڪي شاعر هئا تہ ڪي راڳ ۽ سنگيت جا شوقين. سو، ڪڏهن ڪڏهن صوفيانہ ڪلام جون محفلون بہ ٿينديون هيون، جن ۾ وڏي چاهہ سان شريڪ ٿيندو هيس. ان طرح رفتي رفتي علم ۽ ادب ڏانهن راغب ٿيس. اسان جي شهر هالن ۾ ڪيترائي ننڍا وڏا شاعر هئا. جڏهن ڪين خبر پئي، تہ مان بہ شاعريءَ جو شوق رکان ٿو، تہ اسان جي ملاقاتن جو سلسلو شروع ٿيو. انهن مان ڪن جا نالا اڃا ياد اچن ٿا. مثلاً انور هالائي، ڊاڪٽر سليم هالائي، محمد عمر اختر، منهنجو هڪ سنڌي استاد محترم آخوند عبدالرحمان انجم.

ان زماني ۾، مون ڪي تخلص اختيار ڪيا. مثلاً طالب تخلص اختيار ڪيم. هڪ ڏينهن جمعي جي نماز پڙهي رهيو هوس. اسان جي درگاهہ جو خطيب حاجي قابل

انصاري جمعي يا عيد جو خطبو پڙهندو هو ۽ ان ۾ "طالب المولیٰ مذڪر" جا لفظ چوندو هو. سندس خطبو ٻڌي منهنجي ذهن ۾ اها ڳالهه آئي تہ "طالب المولیٰ" تخلص اختيار ڪريان. تنهن ڪان پوءِ اهو تخلص اختيار ڪيم.

بزم "طالب المولیٰ" ڪيئن ٺهي؟

بزم "طالب المولیٰ" جو بنياد، پير علي محمد پلاٽيءَ رکيو. دادوءَ ۾ رهندو هو. اظهر تخلص ڪندو هو. اسان جي خاندان سان تعلق هئس. هڪ ڳالهه واضح ڪري ڇڏيان تہ بزم طالب المولیٰ لاءِ اسان ڪابہ امداد ڪڏهن ڪانہ ورتي. نہ سرڪار ڪان، نہ وري ڪنهن خانگي فرد ڪان.

اوهان سنڌي ادبي بورڊ جا چيئرمين ڪيئن ٿيا؟

ايوب خان جڏهن فوجي انقلاب جي ذريعي برسر اقتدار آيو، تہ هن سنڌ جي سيني سياستدان ڪي ادبي بورڊ تان هٽائي ڇڏيو. محمد ايوب کهڙو ان وقت جو وزير دفاع بورڊ جو صدر هو، جي. ايم. سيد نائب صدر هو، پير علي محمد راشدي ۽ آغا بدرالدين ميمبر هئا. ايوب سرڪار حيدرآباد جي ڪمشنر مرحوم نياز احمد کي بورڊ جو چيئرمين مقرر ڪيو. ان ڳالهہ تي سنڌ جا ڪي عالم ۽ اديب ناخوش ٿيا. سندن خيال هو تہ سنڌ جو ڪو عالم اديب شاعر بورڊ جو صدر ٿئي. مرحوم ذوالفقار علي ڀٽي جي مشوري تي، جو ايوب خان جي وزير هو، مون کي بورڊ جو چيئرمن مقرر ڪيو ويو. اها غالباً سن 1961ع جي ڳالهہ آهي.

اوهان کي سنڌي شاعريءَ ۽ ڪافيءَ سان وڏيڪ رغبت آهي؟

هونئن تہ سنڌي شاعريءَ ۾ قصيدو رباعي مثنوي، غزل، نظم، آزاد نظم، هائيڪو ۽ ٻيون اصناف سخن موجود آهن. پر "ڪافي" ۽ "بيت" جهڙي مقبوليت ڪنهن کي بہ نصيب نہ ٿي. خود سنڌ جي شاعر شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي زماني ۾ نٿي ۾ فارسيءَ جا ڪيترائي شاعر موجود

هئا، جي غزل، قصيدو رباعي چوندا هئا. شاهه صاحب فارسي زبان کان چڱي طرح واقف هو. جنهن جو ثبوت اهو هو جو روايت آهي تہ مولانا روميءَ جي مثنوي ساڻن گڏ هوندي هئي. خود سنڌ ۾ کن شاعرن جا فارسي شعر موجود آهن. تاهم، شاهه صاحب دانستہ طرح ڌاريءَ ٻوليءَ ۽ غير سنڌي وطن دوست شاعر هو. صحيح معنيٰ ۾ عوام جو شاعر هو. منهنجي اُها پڪي پختي راءِ آهي تہ ٻيو شاهه ڀٽائي نہ پيدا ٿيو آهي، نہ ٿيندو.

سچل ۽ بيدل بہ قومي رنگ ۾ شاعري ڪئي آهي. سندس ڪلام جي خصوصيت اُها آهي تہ ان کي بہ شاهه جي ڪلام وانگر ڳائي سگهجي ٿو. منهنجي ذاتي راءِ اها آهي تہ جو ڪلام سنڌي سر ۽ سنگيت جي تار تي ڳائي نہ سگهبو، سو مقبول ٿي نہ سگهندو. مثلاً هائيڪو ۽ آزاد نظم کي ڳائي نٿو سگهجي، ان ڪري هائيڪو ۽ آزاد نظم کي عوام ۾ مقبوليت حاصل نہ ٿيندي. آزمائي ڏسو!

اوهان هڪ بزرگ روحاني رهنما آهيو تہ ساڳئي وقت سنڌ جي سڪئي ستابي طبقي ۾ بہ اهم حيثيت رکو ٿا. اوهان جي ڪلام مان پڌرو آهي، تہ اوهان کي سنڌ جي ڪک پَنَ سان پيار آهي. سنڌ جي ماڻهن جي اڪثريت اڻ پڙهيل ۽ غريب ماڻهن تي مشتمل آهي. ان جو مکيہ سبب جاگيردارانہ نظام آهي.

اوهان ان تضاد کي ڪيئن حل ڪندا آهيو؟

ذهني الجهن تہ ضرور پيدا ٿئي ٿي. جڏهن پنهنجن ڀائرن کي خراب حالت ۾ ڏسون ٿا، تہ دل ڏاڍي ڏکوئجي ٿي. غريبن وٽ نہ زمين آهي، نہ وري آمدنيءَ جو ڪو ٻيو وسيلو آهي ڪين بي پناهہ مشڪلاتون درپيش آهن پر، سچ پڇو تہ مون جڏهن بہ سنڌ جي سماجي تاريخي پس منظر تي غور ڪيو آهي، تہ ائين محسوس ڪيو اٿم تہ جاگيردارانہ طبقي کان بہ وڌيڪ غير ملڪي ماڻهن سنڌ کي ڪچليو آهي. پوءِ اُهي پشاور کان آيا، يا لاهور کان، يا

قنڌار ۽ ملتان کان. انهن ۾ ارغون ۽ ترخان بہ شامل هئا، تہ نادر شاهہ بہ. سنڌ ۽ اهل سنڌ تي ڏاڍا ظلم ڪيائون. انگريزن جي دور حڪومت ۾ بہ سنڌ سان امتيازي سلوڪ روا رکيو ويو. انگريزن حڪومت سنڀاليندي ئي، هندن کي نوازڻ شروع ڪيو. سندن سرپرستي ڪئي. ايتري قدر جو هندو سيني شين تي قابض ٿي ويا ۽ سارو ڪاروبار ۽ نظام سندن هٿن ۾ هليو ويو. مون کي ياد آهي تہ پاڪستان کان اڳ، مسلمانن جي ٻارن کي سٺن اسڪولن ۾ داخلا بہ ڪانہ ملندي هئي.

پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ جيڪي مسلمان سنڌ ڏي هجرت ڪري آيا، تن کي اسان تہ سنڌي سمجهون ٿا ۽ چاهيون ٿا تہ سنڌي ڳالهائن، ٻولائن ۽ سنڌي ثقافت ۾ فخر ونن. پر حقيقت ائين ڪونهي.

ڳالهہ ٻري وجي نڪرندي. رڳو ڪراچي ايئر پورٽ جي آمدني سنڌ تي خرچ ڪئي وڃي، تہ ڪجهہ نہ ڪجهہ مسئلا حل ٿي وڃن. هي ڏاڍا ڦريون ٻک ۽ افلاس جي ڪري ئي تہ آهن. بهرحال، جيستائين سنڌ مان احساس محرومي ختم ڪرڻ جو سوال آهي تہ منهنجي خيال موجب ان جو صحيح طريقو اهو آهي تہ پاڪستان جي اندر سنڌ جا رهاڪو پنهنجن حقن لاءِ جدوجهد ڪن. انشاءالله فتح حق جي ئي ٿيندي.

ذاتي نوعيت جو هڪ سوال آهي. اوهان ڪڏهن عشق بہ ڪيو آهي؟

اهو ڪهڙو انسان آهي، جنهن عشق نہ ڪيو آهي؟ انسان جي فطرت آهي، تہ عشق ڪري. ان جا طور طريقا الڳ ۽ مختلف ٿين ٿا. مون پنهنجو پهريون ۽ آخري ٻي وصال عشق ڪيو. ان باري ۾ گهڻي گهڻي ڳالهہ ڪانہ ڪبي. فقط هڪ شعر عرض آهي:

لوگ پتھر کو خدا مان کي معصوم رهي
هم ني انسان کو چاها تو گنهگار هوئي

پروفيسر سيد غلام مصطفيٰ شاهه

نرڙ ۾ تورڙو گهنج ۽ اکين ۾ شور وجهي نهاريندو تہ ماڻهوءَ جو هيانءُ ڦاڙي وجهندو. الله سائينءَ ڪيس منهن ۾ ڪا ڏيا ڏني آهي!

1954ع جي ڳالهہ آهي. اسان تڏهن سنڌ مسلم آرٽس ڪاليج ڪراچيءَ ۾ پڙهندا هئاسين. ڪاليج جي شاگردن جي ارڏائي ڇٽي ڪٽي بس ڪر. جنن کي نيسائي ڇڏين. پر ڇا ڇئجي شاهہ صاحب جو رعب. پاڻ پرنسيپال هوندو هو. جڏهن ڪاليج ۾ پير پائيندو هو تہ ڇڻ شينهن ٻيلي ۾ نڪتو. شاگرد استاد سڀ چپ. مجال آهي جو ڪو وڻ جو پن لڏي! جيپ مان لهي، پنهنجي آفيس جي ڪمري ۾ هليو ويندو. پر اتي بہ مون ڪڏهن ڪيس نهي نڪي آرام سان ويٺل ڪونہ ڏٺو. ڪرسيءَ تي ويهي امالڪ ٻئي ٽنگون ڪٽي ميز تي رکندو.

ڪو شاگرد درخواست ڪٽي سندس آفيس ۾ اندر گهڙيو ناهي، تہ شاهہ صاحب جي هڪڙيءَ هڪل "Yes?" سان سندس متيون منجهي وينديون. پر جي همت ڪري، اڳتي وڌيو ۽ ڪاغذ شاهہ صاحب جي ميز تائين پهچائڻ ۾ ڪامياب ٿيو، تہ اڌ منٽ ۾ ان تي ڪجهہ رهڙي، چپ پڪوڙي، ورائي اهو ڪاغذ شاگرد ڏانهن واپس اڇلائيندو. درخواست منظور ٿي يا نامنظور، ان جي ڏسڻ جو ڪنهن کي حوصلو هوندو! عزت سان ماڻهو آفيس مان ٻاهر نڪتو، اهائي غنيمت.

شاگردن مٿس "تورو ڳالهائو" نالو رکيو، ڇو تہ شاهہ صاحب هر ڳالهہ جو ٻن لفظن ۾ جواب ڏيندو هو.

مان ڪاليج جو با ضابطہ شاگرد ڪونہ هئس. داخلا ورتي هئم، ٽرم بہ رکيا هئم، پر ڪاليج ۾ پڙهڻ ڪونہ ويندو هوس. مون جهڙي ذهين شاگرد لاءِ آرٽس جو امتحان ڏيڻ واسطي پندرهن ڏينهن پڙهڻ ڪافي هئا. رهيو سوال ڪاليج ۾ حاضريءَ جو، سو مرحوم احسان بدوي، سنگت ۾، اها ونگار وهي ويندو هو. انهيءَ سبب ڪري مون شاهہ صاحب جو ڪاليج ۾ گهٽو جلوو ڪونہ ڏٺو. پر ڇنيءَ ڇماهيءَ جڏهن ڪاليج ۾ ليئو پائيندو هوس، تہ مٿيون لقاءُ ڏسندو هوس.

مان سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ نئون نئون ڪلارڪ مقرر ٿيو هوس. ٻين غريبن وانگر نوڪري بہ ڪندو هوس ۽ ڪاليج ۾ بہ پڙهندو هوس. پنهون خان منهنجو سپرنٽنڊنٽ هو. ميرپور خاص جو سيد غلام حيدرشاهہ، جو اصل ۾ غالباً شاديءَ پليءَ جو زميندار هو، تعليم کاتي جو نئون نئون وزير مقرر ٿيو هو.

پيرزادو عبدالستار وڏو وزير هو. پنهنجي وزارت کي بچائڻ لاءِ ٻارنهن وزير ڪنيا هئائين.

ان زماني ۾ پاڪستان ۾ اجا جمهوريت جي بوءِ باقي هئي ۽ ماڻهن ۾ ماڻهپو ۽ سهپ. اخبارون آزاد هيون. مون کي ياد آهي ته غلام قادر لاکير خانبهادر کهڙي جي اخبار "نواءِ سنڌ" ۾، نيوز ايڊيٽر هو. ٻارهن وزيرن واريءَ وزارت جي خبر ڏيئي، حيدرآباد ۽ نواب شاهه جي ٻن وزيرن لاءِ لکيائين ته "فلاڻو ۽ فلاڻو به وزير. الله جو شان، اڄ گڏهن به گج پاتا".

پر شابس هجي انهن ٻن وزيرن کي! نه ته "نواءِ سنڌ" جا اشتهار بند ڪرايائون ۽ نه بدناموسيءَ جو نوٽيس ڏنائونس.

غلام حيدر شاهه کي وزارت ۾ چڱي عزت هئي. سنڌ جي چيف منسٽر جي موجوده رهائشگاهه جي پاسي ۾ بنگلو مليس. نالو هئس "پروين هائوس." شاهه صاحب سنڌ جي سادات جي رسم رواج موجب پنهنجيءَ فيمليءَ کي ڪراچيءَ ڪونه وٺي آيو. بنگلي ۾ اڪيلو رهندو هو. آئي وئي جو آڌر ڪرڻ، فون تي عقلمنديءَ سان نياپو ڏيڻ ۽ وٺڻ، نوڪرن تي اک رکڻ ۽ خرچ پکو هلائڻ لاءِ ڪيس هڪ پروسي جوڳي ماڻهوءَ جي ضرورت هئي. پنهون خان کي پنهنجو پي.اي. (P.A) مقرر ڪيائين ۽ چيائنس ته بنگلي لاءِ ڪو ماڻهو هٿ ڪري ڏي. پنهون خان جي نگاهه مون تي پيئي. ائين مون وجي پروين هائوس وسايو.[1] شاهه صاحب وڏو زميندار ڪونه هو. مان سندس خرچ پکو تمام ڪفايت سان هلائيندو هوس ۽ نوڪرن تي به سختي ڪندو هوس، ان هوندي به سدائين خرچ جون دانهون ڪندو هو.

شاهه صاحب جو دين دنيا ۾ شايد هڪ ئي دل گهريو دوست هو، سائين غلام مصطفيٰ شاهه. پروين هائوس ۾ سندس جيڪي ملاقاتي هئا، تن ۾ گهٽي ۾ گهٽو ايندو ويندو هو.

---

[1] مان شاهه صاحب کي نازڪ موقعن تي ڏاڍو ڪم آيس. جڏهن ون يونٽ لاءِ حيدرآباد ۾ ووٽ ٿيا ته پاڻ ڪراچيءَ ۾ هو. رات جو ٻارهين بجي پروين هائوس ۾ پوليس ڪيس گرفتار ڪرڻ آئي. مون اٽڪل بازيءَ سان پوليس ۽ سي.آءِ.ڊيءَ جي صوبيدار کي منجهائي وڌو ۽ شاهه صاحب کي گرفتاريءَ کان بچايو. جڏهن اسر جو اها ڳالهه ٻڌائي مانس ته ڏاڍو پريشان ٿيو. خبر ناهي ته ڪهڙو خيال آيس، سو حيدرآباد ون يونٽ لاءِ ووٽ ڏيڻ ويو. سندس گرفتاريءَ جا وارنٽ ته اڳيئي جاري ٿيل هئا. فوراً گرفتار ٿيو ۽ سکر ۾ ٻه مهينا نظر بند رهيو. مون پرپٺ سندس گهر ۾ سڀئي سڄو به گم ٿيڻ نه ڏنو. پاڻس سيد غلام محمد شاهه بعد ۾ منهنجو شڪريو ادا ڪيو.

جڏهن وزير صاحب گشت ۾ نہ هوندو هو، تہ سائين غلام مصطفيٰ شاهہ روزانو شام جو وٽس اچي نڪاءُ ڪندو هو. ٻئي ڇٽا ڪلاڪن جا ڪَلاڪ ڪچهري ڪندا هئا. سندس انهيءَ تعلق ڪري، مون ڪي وزير صاحب جي جن قريبي دوستن جا فون نمبر ياد ڪرڻا پيا، تن ۾ سرفهرست سائين غلام مصطفيٰ شاهہ هو. اڪثر ڪري ڪيس ٿي فون ڪندو هو. پر، ڪانئس ڪڏهن بہ پنهنجو ڪو فائدو ڪونہ ورتم. بلڪ ساڻس اها ڳالهہ ٿي ڪانہ ڪيم، تہ ڪو مان توهان جي ڪاليج جو شاگرد بہ آهيان.

ان ڳالهہ کي ٽي چار ورهيہ گذري ويا. مان سنڌي ادبي بورڊ ۾ اسٽنٽ سيڪريٽري مقرر ٿيس، تہ شام جو بورڊ جي نائب چيئرمن، سائين جي. ايم. سيد جي رهائشگاهہ تي ساڻس روزانو ملاقات ٿيڻ لڳي. جڏهن کيس خبر پيئي تہ مان لکڻ پڙهڻ وارو نوجوان آهيان تہ منهنجي مٿي تي محبت ۽ شفقت جو هٿ رکيائين.

ساڻس ميل ملاقات جو گهڻو موقعو تڏهن مليو، جڏهن بورڊ جون آفيسون حيدرآباد کڃي آيون ۽ پاڻ سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسيلر مقرر ٿيو. انهيءَ حيثيت ۾، هو بورڊ ۾ چيئرمن کان پوءِ ٻيو نمبر اهم ميمبر هو. ان وقت تائين مان کيس ڪافي قريب اچي چڪو هوس. مون کي پنهنجي بنگلي تي هڪ بہ دفعا دعوتن ۾ بہ سڏيائين.

ان وچ ۾ هڪ عجيب اتفاق ٿيو، جنهن منهنجن نظرن ۾ سندس عزت هيڪاري وڌائي ڇڏي. ڇا ٿيو تہ جويي صاحب کي پنهنجي ڪنهن دوست جا بہ ڪتاب، سنڌ يونيورسٽي پريس مان ڇپائڻا هئا. مون کي چيائين تہ ”پريس جي دستوري فارم تي، پرنٽر جي حيثيت ۾ تون صحيح ڪر.“ مون گهڻو گوش ٿي ڪونہ ڪيو، ڇو تہ اهو پوڙهائي مڙس تڏهن منهنجو بہ دوست هو. پر مون اجا کيس ڪونہ سڃاتو هو. ماڻهوءَ کي سڃاڻڻ سولي ڳالهہ ڪانہ آهي. پروف جويو صاحب پڙهندو هو. مڃاڻ تہ ڪتابن ۾ ڪو مسالو موجود هو. شايع ٿيا، تہ ان ڳالهہ تي اچي ممڻ متو. آخرڪار ضبط ٿيا. ان صورتحال جو فائدو وٺي، ڪنهن ”سڄڻ“ انڪوائري ڪرائي تہ اهي ڪتاب يونيورسٽيءَ ۾ ڇپيا ڪيئن؟ خوش قسمتيءَ سان تعليم کاتي ۾ جويي صاحب جو ٿي هڪ دوست انڪوائري آفيسر مقرر ٿيو. مون کي خوشي ٿي تہ هو اسان جي مدد ڪندو. هڪ ڏينهن

سڏي ڪتابن جي ڳالهه پڇيائين. مون صحيح ڳالهه ٻڌايس. چيائين تہ اها لکي ڏي. اهو ٻڌي مون کي البت تشويش ٿي، سو جويي صاحب سان اچي سڄو احوال ڪيم. جو هو سندس ويجهو دوست هو. هن اشراف ماڻ ميٺ ۾ جويي صاحب سان دوستي نڀائي ۽ مون کي قربانيءَ جو ٻڪرو بڻايو. اتي مون کي خبر پئي تہ "مار! مان، نہ ڏني نہ ورتي، اجايو ڏچي ۾ اچي ويو آهيان." واهر لاءِ هيڏي هوڏي واجهايم. تہ ڪاريءَ وارا ڪک ڏنم. ڏاڍو ششدر ٿيس، جو تہ يونيورسٽيءَ ۾ انڪوائريءَ جي نتيجي طور هاڻي خود بورڊ ۾ بہ ممڻ مچڻ وارو هو تہ اداري جي هڪ ذميوار عملدار اهڙا ڪتاب ڪيئن ڇپايا. ائين بي سبب مان خطري ۾ اچي ويس. ڪتاب لکيا هڪڙي، ڇپايا ٻئي، جزا سزا مان پيو ڀوڳيان!

مصيبت جي اهڙي موقعن تي منهنجي مدد هميشه قدرت ڪئي آهي. هن ڀيري ۾ بہ ائين ئي ٿيو. اوچتو سائين غلام مصطفيٰ شاهه وائيس چانسيلر مقرر ٿي آيو. منهنجي لاءِ ڄڻ تہ آديءَ جي اونداهيءَ ۾ چوڏهينءَ جو چنڊ ابريو. ساڻس وڃي احوال ڪيم. ڳالهه ٻڌائين ۽ دلجاءِ ڏنائين. جڏهن بورڊ ۽ يونيورسٽيءَ ۾ انهيءَ معاملي تي ميٽنگون ٿيون، تہ شينهن وانگر گجندو آيو. انڪوائري ڪندڙ عملدارن کي دٻ ئي هڪڙي ڪديائين، تہ ڪک پن ٿي ويا. الله منهنجي آبرو بچائي ورتي.

هڪ دفعي سائين ۽ مان گڏجي پنديءَ آياسين. ايئرپورٽ تي پڇيائين تہ "ڪاٿي رهندين؟" مون چيو تہ "ڪنهن هوٽل ۾" چيائين تہ "نہ، مون سان گڏ هل." پنديءَ جي سول لائنس ۾، مردان جي پاسي جو هڪ سردار سندس دوست هو. ان وٽ وڃي ٽڪياسين. امان الله خان نالو هوس. واهه جو ماڻهو هو. مڪڻ ماکيءَ مان ٺهيل هو. اسان جون ڪي خدمتون ڪيائين!

اتي هڪ ڏينهن سائين مون کي ساڻ وٺي مولانا ڪوثر نيازيءَ سان ملڻ هليو. هو تڏهن اطلاعات ۽ نشريات جو وزير هو. ٽي.ويءَ تي سنڌيءَ ۾ خبرون ڪونہ اينديون هيون. اسان ان ڳالهه تي احتجاج ڪيو. نتيجي طور ٽي. ويءَ تي سنڌيءَ ۾ خبرون جاري ٿيون. پر سائينءَ سنڌ سان رڳو هڪڙو ڀال ڪونہ ڀلايو. سڄي عمر سنڌ جي خدمت ڪيائين. اها ڳالهه سندس دين ايمان ۾ داخل هئي. جڏهن شريف ڪميشن ايوب خان جي ايماڪاريءَ ۾ سنڌي زبان جو ڪم پئي لاٿو، تڏهن سائين ٻوليءَ جي بچاءَ لاءِ وڏي ڀڄ ڊڪ ڪئي. سنڌ ۾ تعليم ڪاٿي

جو ڊائريڪٽر هو، ته سست ۽ ٽوٽي ڪامورن کي چست ڪرڻ لاءِ ڏاڍا هٿ پير هنيائين. وائيس چانسيلر ٿيو، ته يونيورسٽيءَ کي سڌارڻ لاءِ وڏا وس ڪيائين. يونيورسٽيءَ جي شهر مان ڄامشوري منتقلي ته ڪڏهوڪو شروع ٿي چڪي هئي، پر، ڪيمپس تي جيڪي عمارتون نهيون هيون، سي ڇڻ ته گهوڙن جا طبيلا هئا. وي.سي. آفيس، سينٽرل لئبرري، سنڌ الاجي ۽ آرٽس فئڪلٽيءَ جهڙيون ڪيئي عاليشان عمارتون ٺهرايائين. خود علامه آءِ.آءِ. قاضيءَ جو قبو به سائينءَ جوڙايو.

ڄامشوري ۾، سنڌ يونيورسٽيءَ جون اڳوٽيون ڄايون، بلڪل بيڪار هونديون هيون. انهن جي تعمير تي هڪ دفعي چوٻول ٿيو. مرحوم محمد صالح قريشي وائيس چانسيلر هوندو هو. هڪ دفعي ادبي بورڊ جي ميٽنگ ۾ آيو ته پير حسام الدين راشديءَ چيس، ”اوهان سڄو ڏينهن ڪرپي هٿ ۾ ڪنيو، وينا جاين جي ڪوٽ ڪوٽان ڪيو. ان مان ڇا ورندو؟ سنڌ جي واقعي خدمت ڪرڻي آهي، ته نوجوانن جي تعليم ڏي توجهه ڏيو.“

يونيورسٽيون اهڙا ادارا آهن، جتي مستقبل جي تعمير ٿئي ٿي. سنڌ جي ڪابه يونيورسٽي: سوربون، الاظهر، ڪئمبرج ۽ آڪسفورڊ ته ڪانه ٿي سگهي، ڇو ته انهيءَ اعليٰ پَدَ تي پهچڻ لاءِ قومن کي وڏو تهذيبي سفر ڪرڻو پوندو آهي. پر، ڪنهن يونيورسٽيءَ ۾ اهو سوجهرو به ڪونه رهيو، جيڪو انگريزن جي زماني ۾ هوندو هو. ڪاليجن ۽ اسڪولن جي تعليم جو حال ته ان کان به بدتر هو. خاص ڪري پرائيمري تعليم ته ترين پر اڇي پئي هئي. انگريزن جي زماني ۾ ڳوٺ جي پرائيمري اسڪول جو استاد جڏهن ٻاهر نڪرندو هو، ته گهٽيءَ ۾ ڳوٺاڻا، ادب، ڪري اڳرين ۾ پن جي دڪايل بيڙي به لڪائي ڇڏيندا هئا. اهي ڳالهيون خواب خيال ٿي ويون. امتحانن ۾ نقل نويسيءَ جي ڌم ٿي ويئي. شاگرد جڏهن بي. اي. ۽ ايم. اي. پاس ڪري نڪرندا هئا، ته انگريزيءَ ۾ رڳو نوڪريءَ لاءِ صحيح درخواست به لکي ڪونه سگهندا هئا. سائينءَ ان صورتحال کي سڌارڻ ۾ مددگار ثابت ٿئي ها. پر سنڌ، سندس علم ۽ وسيع تجربي جو ڪوبه قدر ڪونه ڪيو. نه فقط ايترو، بلڪ ڪيس اهڙو ته دلشڪستو ڪيو ويو، جو آخر ڪار سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسيلريءَ تان به استعيفا ڏيئي ڇڏيائين.

اتفاق سان، ان ڏينهن ۾ مان ڪنهن ڪم سان ڪراچيءَ وڃي رهيو هوس. بورڊ جي جيپ ۾ هوس پاڻ پنيان پئي آيو. موٽر روڪيائين ۽ چيائين ته جيپ جي ڊرائيور کي چئو ته پنيان اچي. رستي تي ڳالهيون ڪندو هليو. صاف صاف اکرن ۾ چيائن ته "رباني، يونيورسٽيءَ ۾ سرڪار جو نمائندو وائيس چانسيلر آهي، يا ڪو شاگرد؟ جيڪڏهن ڪوبه شاگرد آهي ته وائيس چانسيلر ڪم ڪيئن هلائيندو؟"

جڏهن مان سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پرو- وائيس چانسيلر مقرر ٿيس ته سائين قرب جا پير پري مون وٽ آفيس ۾ آيو. ڏاڍو خوش ٿيس. جڏهن يونيوسٽيءَ مان پنهنجا پلئه آجا ڪيم ۽ سنڌي ادبي بورڊ ۾ موٽي آيس، ته اتي سائينءَ جي مانَ ۾ دعوت ڪيم. پنجاھ سٺ ماڻهو سڏيم. ادبي بورڊ واريءَ وڏيءَ ڇپر تي ڇگو ڇهڇٽو ٿيو.

هفتي کن کان پوءِ تڏهوڪو صوبائي تعليمي وزير، ادبي بورڊ گهمڻ آيو. "ميڏي دل وچ ڪلمان." هڪ ڏينهن اڳ سائين غلام مصطفيٰ شاھ ڪراچيءَ ۾ سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ مليو. چيائين ته "رباني، مان وزير کي ڪيئن جهليان ته تو وٽ نه اچي؟" مون کي ڳالهه سمجهه ۾ ڪانه آئي. پر ڪيس ڪا ڪٿڪ هئي، جو ته غوث علي شاھ صاحب بعد ۾ ٻڌايو ته، "ادا، توهان جا ڪي همعصر دوست هئا، جن توهان جي خلاف باهيو هو. پر هاٽي الله ڪندو ته منهنجي دوري ڪانپوءِ اوهان کي ڪو ڪونه ستائيندو." اتي سائينءَ وارو اشارو سمجهه ۾ آيو ۽ حضرت عيسيٰ وارو مقولو ياد آيو ته، "يا خدا، مون کي دوستن کان بچاءِ."

اسلام آباد ۾ هڪ وڏي ماڻهوءَ هيڪر مون کي چيو ته "مان گهڻهه اونداهيءَ ۾ به نا اميديءَ جو قائل نه آهيان." اها ڳالهه سائين غلام مصطفيٰ شاھ تي سورنهن آنا صادق آهي. ڪي ڪي انسان اهڙا ته باهمت هوندا آهن، جي نه فقط پنهنجن معاملن ۽ مسئلن کي دليريءَ سان حل ڪندا آهن، ليڪن ٻين مردھ دلين کي به هڪڙيءَ ئي هڪل سان جياري ڇڏيندا آهن. جڏهن ڪلندا آهن، ته باغن ۾ گل ٽڙي پوندا آهن. اهڙيون ڪرشمه ساز شخصيتون قدرت ورلي پيدا ڪندي آهي. مان علم نفسيات جو ماهر ته ڪونه آهيان، پر پايان ٿو ته قدرت سائين غلام مصطفيٰ شاھ کي انهيءَ نعمت سان نوازيو آهي. هو



پروفيسر سيد غلام مصطفي شاهہ

دشمن لاءِ ڪک جو ڪان ۽ دوست لاءِ ٿڌي ڇانوَ آهي. پاڻ لاڙ جي مٿياري سيدن مان آهي. سندس بزرگ سيد عبدالرحيم شاهه، وڏو علم پرور، سخي ۽ ديندار شخص هو. شاهه ولي الله جي تعليم کي عام ڪرڻ لاءِ سوين ايڪڙ زمين وقف ڪئي هئائين. سائينءَ جي حياتيءَ جو ڪجهه احوال، برادرم اياز قادريءَ ۽ مرحوم استاد عبدالله شيخ (جو نوشهري هاءِ اسڪول ۾ منهنجو استاد هو) هڪ ننڍڙي ڪتابڙي جي صورت ۾ ڇپايو آهي. پردرسي ڪتاب جي انداز ۾ لکيل آهي. سائينءَ جي سوانح عمري لکڻ لاءِ قلم کي ترار کان وڌيڪ تکو ڪرڻو پوندو، ڇو ته سندس شخصيت ۾ Rainbow-Culture جي سموري رنگينيءَ سان گڏ، ڪنوڻ جا تجلا ۽ وسندڙ ڪڪرن واري گجگوڙ به آهي.

اسلام آباد، هڪ دفعي، سائينءَ ڳالهين ٻولهين ۾ مون کي پنهنجي ننڍپڻ جا ڪيئي دلچسپ واقعا ٻڌايا. چيائين ته جڏهن منهنجي شادي ٿي ته چاليهه ميل گهوڙي تي سفر ڪرڻو پيم. ڇاڄين جو ڪٽڪ ساڻ هو. جڏهن ساهرن جي ڳوٺ کان سٽاوا ٿياسون ته هڪ شاهي ڇروآٽي، هٽ ۾ ڏنائون ته ڪنوار جي ڳوٺ ۾ اٿين ڪو هٽين خالي داخل ٿيو آهي! ان زماني جي لباس جو ذڪر ڪندي چيائين ته ڪنوار جا ويس وڳا ته هاڻي تصور کان ٻاهر آهن. پر گهوٽ جي لباس تي ڪا محنت ٿيندي هئي! سچي وڳي تي پرت ۽ زريءَ جو ڪم ٿيندو هو.

سنڌ جو اهو ڪلچر هاڻي ناپيد آهي. جيڪڏهن ڪو ماهر يا محقق اڄ سنڌ جي انهن ريتن ۽ رسمن کي گڏ ڪرڻ گهري ته ڪيس ڪنهن ڪتاب ۾ به ڪو ذڪر نظر ڪونه ايندو.

سائين سنڌ جي هڪ سگهڙي ستابي ۽ مان مرتبي واري سادات خاندان ۾ پيدا ٿيو. سندس ڇاڇو علي محمد شاهه، علامه آءِ.آءِ. قاضي صاحب سان گڏ ولايت ويو هو ۽ بئريسٽري ڪري آيو هو. وڏيءَ ڏيا وارو مڙس هو. پري پري سندس هڪل ٻڌبي هئي. سائينءَ مون کي ٻڌايو ته هيڪر ڪنهن بزرگ کيس چيو ته "اوهان جي شڪل مان اسان کي علي محمد شاهه پيو نظر اچي." ٻئي دفعي سائينءَ جي مردان واري دوست سردار امان الله خان[1] مون کي ٻڌايو ته

[1] سردار امان الله خان ڏاڍو مٺو ماڻهو هو. تازو هي جهان ڇڏي ويو.

"غلام مصطفيٰ شاهه جڏهن علي ڳڙهه ۾ پڙهندو هو ته ان زماني ۾ به سندس ايڏو رعب هوندو هو، جو جهڙي تهڙي شاگرد کي سندس ڪمري جي ويجهو لنگهڻ جي همت ڪانه ٿيندي هئي. فقط مان اڪيلو سندس دوست هوندو هئس."

انهن ڳالهين جي آڌار تي چئي سگهجي ٿو ته سائينءَ جي رڳن ۾ جيڪو رڪ آهي، سو، غالباً، سندس چاچي (مرحوم) علي محمد شاهه جي شخصيت جو نفسياتي اثر آهي.

سنڌ ۾ لاڏ ڪوڏ سان پليل سکين ستابن جا ٻار ورلي ڪي محنتي ۽ ذهين شاگرد ٿيندا آهن. پر، سائينءَ جو طالب العلميءَ جي ڪئريئر اچوڪن نوجوانن لاءِ سبق آموز آهي. چيائين ته "پرائيمري تعليم لاءِ ميلن جا ميل روزانو گهوڙي تي چڙهي ويٺو پوندو هو. ڪاڙهو تتو اهڙو جو خدا جي پناهه! هاءِ اسڪول جي تعليم ڪراچيءَ ۾ نصيب ٿيم. پر ڪاليج جي تعليم لاءِ پرديس جو پنڌ ڪرڻو پيم. علي ڳڙهه ۾ وڃي داخلا ورتم. انهن تڪليفن هوندي به بورڊن ۽ يونيورسٽين جي ڪيترن ئي امتحانن ۾ حسابن، انگريزيءَ ۽ ٻين ڪمن ۾ فرسٽ ڪلاس فرسٽ پوزيشن ڪنيم."

ڪراچيءَ ۾ پنهنجن ڪاليجي استادن جو جڏهن به ذڪر ڪيائين ته سندن نالا ايڏي ته احترام سان ڪنيائين جو چڻ ته سندس مربي ۽ محسن هجن. ڪيس ان ڳالهه تي فخر هو ته "مون کي ڪاڪي پيرومل، رام پنجواڻيءَ ۽ اي.ايل.شيخ جي صحبت ۽ محبت نصيب ٿي."

علي ڳڙهه ۾ تعليم دوران ڪيس ايئر فورس ۾ وڃڻ جو شوق ٿيو. پر مائٽ ان ڳالهه ۾ راضي ڪونه هئس. چيائين ته "امان ته ڳالهه ٻڌي مصلي تان ئي ڪانه اٿي."

سائين ڀوهه جوانيءَ جي زماني ۾ ڪجهه عرصو خاڪسار تحريڪ سان به وابسته رهيو. اهو وڏيءَ سياسي ڪشمڪش وارو دور هو. ٻي مهاڀاري لڙائي شروع ٿي چڪي هئي. چين جي پاسي جپانين انگريزن جا به جهاز سمنڊ ۾ ٻوڙي ڇڏيا هئا. انگريزدل لاهي ويٺا هئا. ائين ٿي لڳو ته هو هندستان ۾ گهڻو وقت رهي ڪونه سگهندا.

دهليءَ مان "ڊان" اخبار نڪرندي هئي. سائينءَ ٻه مهينا ان ۾ ڪم ڪيو ۽ شوق جا ڳيس ته هندستان جو فوجي وقايع نگار ٿيان. ان وچ ۾ پاڻ (M.A)

۽ لا (LAW) جون ڊگريون حاصل ڪيائين. پوءِ اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ولايت هليو ويو. اتان موٽيو ته سنڌ ۾ هڪ تعليم دان جي حيثيت ۾ ڪئريئر شروع ڪيائين. هاڻي سنڌ ته ڇا پوري پاڪستان ۾ ڪي ٿورا اهڙا تعليم دان ملندا، جي ساڻس ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيهن. تقريباً اڌ صدي تعليم جي خدمت ۾ گذاري اٿس ۽ پاڪستان جي چئني صوبن سنڌ، پنجاب، بلوچستان ۽ سرحد ۾ قابل تعريف رڪارڊ ڇڏيو اٿس.

بلوچستان ۾ منهنجي دوست، بلوچي اڪيڊميءَ جي سيڪريٽري جنرل، گلزار مريءَ مون سان ڳالهه ڪئي ته، "شاهه صاحب جڏهن ڪوئيٽا آيو ته حالي ته شهر ۾ هل ٿي ويو ته وري ڀيو زلزلو آيو آهي. ماڻهو اڄ ڏينهن تائين سندس ساراهه جا ڍڪ پريندا آهن."

سائين ملڪ جي 1988ع وارين عام چونڊن ۾، قومي اسيمبليءَ لاءِ اميدوار بيٺو. بنامقابلي چونڊيو. اول قومي اسيمبليءَ جو ميمبر ۽ پوءِ مرڪزي تعليمي وزير ٿيو. جنهن ڏينهن آفيس ۾ وزارت جي ڪرسيءَ تي ويٺو، ان ڏينهن ئي مون کي سڪ سان سڏيائين: "تون مون وٽ ڪيڏيءَ مهل ايندين؟" مون چيو "جڏهن اوهان حڪم ڪريو." چيائين "هينئر ئي هليو اچ ته منجهند جي ماني گڏجي کائون."

هڪ ڏينهن اسلام آباد ۾ انگيرز سفير سان منهنجي واقفيت ڪرائيندي چيائين ته "منهنجو پراڻو دوست آهي." مون پنهنجا پراڻا دوست آزمايا هئا. ٿورڙي حيثيت ملڻ تي، سندس مزاج ۾ فرق اچي ويندو هو. سائين ته منهنجو سائين هو. مان سندس نيازمند هوس. مون کي پراڻو دوست ڪوٺيائين ته دل پرجي آئي ۽ ڀٽائي ياد آيو:

جڪرا جٺين شال، تنهنجو مدو ڪنين نه سٺان،
جيئن تو اچي ڪالهه، نالائق نوازيا.

سائينءَ تعليمدان جي حيثيت ۾ سڄي عمر، اول سنڌ، پوءِ سڄي پاڪستان جي خدمت ڪئي آهي. ليڪن، قدرت کيس قلم جي قوت سان به نوازيو آهي. جيڪا انگريزي ۽ سنڌي لکندو آهي، ان ۾ زندگي ۽ زندهه دليءَ جي جهلڪ نظر ايندي آهي. مون سندس ڪتاب British in the continent ته ڪو نه پڙهيو آهي. پر سندس مختلف مضمون پڙهي، اها راءِ قائم ڪئي اٿم.

گذريل ڪيترن سالن کان Sindh Querterly رسالو ڪيندو رهيو آهي، جو پنهنجي نوعيت جو رسالو آهي. ان ۾ هڪ مضمون How Green is my Village سائينءَ جي دل جي آرسي آهي.

سائين پير حسام الدين راشدي جي پاڻ ۾ سڪ هوندي هئي. هيڪر، مون پير صاحب کي چيو ته "راڳ جي ڪا محفل ڪجي. سنڌ جو راڳ چڻ ته ختم ٿي ويو آهي. اردو گانن ۽ پاپ ميوزڪ ٻڌڻ سان بلڊ پريشر لهڻ بدران چڙهي ٿو." چيائين ته "صلاح سٺي آهي. محفل جو پاڻ ٻئي بندوبست ڪريون يا ڪنهن ٽئين کي به شريڪ ڪريون"؟ مون چيو ته "راڳ جي محفل جو مزو آهي هم خيال ماڻهن سان. سائين غلام مصطفيٰ شاهه سان صلاح ڪريون." اهو ٻڌي ٺهڪ ڏنائين ۽ چيائين ته غلام مصطفيٰ ماڻهو ساهه سونو ماڻهو. اهڙا ڊولڻ ڪٿي! پر راڳ ۽ غلام مصطفيٰ شاهه! ميان، ڪا عقل جي ڳالهه ڪر. راڳ ۽ سنگيت سان دشمني يا اورنگزيب عالمگير کي هئي يا غلام مصطفيٰ شاهه کي! مون کي ته حيرت آهي ته هو تعليم کاتي جو ڊئريڪٽر ڪيئن ٿيو؟ پوليس جو آءِ.جي. ڇو نه ٿيو؟" ان ڳالهه کي ورهيه وري ويا. پير صاحب ويچارو هي جهان ڇڏي ويو. پر سندس ڳالهه نه وسري. هيڪر اسلام آباد ۾ رات جو سائينءَ سان سندس گهر ۾ ڪچهري ويٺي ڪيم. ٽيون ڄڻو ڪوبه ڪونه هو. هتان هتان جون ڳالهيون نڪتيون ته سائينءَ انگلستان جي ڪن دوستن جو ذڪر ڪيو ۽ هڪ رسالو ان ۾ انگريزي طرز جي هڪ سرخ عمارت جي رنگين تصوير هئي. هڪ ڪمري ۾ فانوس ٻري رهيو هو. فانوس جي چوڌاري پتنگ پسبا آهن. اهو منظر پراسرار هوندو آهي. سائينءَ کان سوال ڪيم ته "اوهان کي جوانيءَ ۾ ڪڏهن ڪنهن ڏانهن Tender Feelings به هيون؟" سائين کان سوال ته ڪري ويٺس پر دل ۾ ڏاڍو پڇتايم ته ايتري حجت ٺيڪ ڪانه هئي.

سائين سوال ٻڌي ناراض ته ڪونه ٿيو. ورندو دل جي سموريءَ سچائي سان جيڪو احوال ڏنائين، سو ٻڌي مرحوم پير صاحب ياد آيم ۽ دل ۾ ڪيس چيم ته "سائين جي باري ۾، اوهان جو اندازو صحيح ڪونه هو. سنڌو درياهه کي سيراب ڪندڙ چشما همالا جبل جي سنگلاخ سرزمين مان ٿي ڦٽندا آهن. حافظ چيو هو:

ببين که رقص کنان ميرود بنالهٔ چنگ
کسي که اذن نميدادي استماع سماع

جيئن ڳوٺن ۽ راڄن جا چڱا مڙس ٿيندا آهن، تيئن قومن ۽ قبيلن جا به چڱا مڙس ٿيندا آهن. منهنجي خيال ۾، سائين غلام مصطفيٰ شاهه سنڌ جي چڱن مڙسن جي صف اول ۾ آهي. عمر جي لحاظ کان ستر ورهين جي پيٽي ۾ هوندو. پر، سندس وجاهت ۽ جلال اڳئين وانگر قائم آهي. دعا آهي ته رب ڪريم کيس وڏي ڄمار ڏئي.

وقت ڏاڍي ظالم قوت آهي. شينهن کي لومڙ بنايو ڇڏي. پر، سائين قدرت ڪان عجب سياءُ وني آيو آهي. زماني جون گرميون ۽ سرديون، سندس فولادي شخصيت تي اثر انداز ٿي ڪونه سگهيون. ڪڏهن به مصلحت بيني اختيار ڪونه ڪيائين، جيڪي سچ سمجهيائين، ان جو علي الاعلان اظهار ڪيائين..... اها عظيم انسان جي نشاني آهي.

سنڌ ڏاڍن جو ڏيهه آهي. چنيسر کي چيڙائڻ ۽ دودي کي مارائڻ ان جي تاريخي روايت آهي. ڊپري واري مرحوم سيد قراري شاهه جو گفتو مان عمر ڀر نه وساري سگهيو آهيان. ايئر ڪنڊيشنڊ ڪمري ۾ ٽڏو بيٺر پيارياٽين، عمدي ماني ۽ انب کارايائين ۽ چيائين: "يار، مان ٿلهيءَ ڪل وارو ماٺهو آهيان." سنڌ جي بي رحم معاشري ۾ واقعي اهڙو ئي جوان جالي سگهي ٿو. سنهيءَ ڪل واري نازڪ نفيس انسان کي ته علامه قاضيءَ وانگر مهراڻ جي موجن ۾ پناهه وٺڻي پوندي.

سائين غلام مصطفيٰ شاهه، هڪ حقيقت پسند انسان وانگر، پنهنجي واٽ تان ڪنڊا هٽائيندو ۽ وڏيءَ همت سان وک اڳتي وڌائيندو ويو. هڪ ڀيري اسلام آباد ۾ ڀٽي ۾ ڇٽا موٽر ۾ سندس گهر وڃي رهيا هئاسون. چيائين ته "رباني، جيڪڏهن سڪندر ۽ قلندر، ٻنهي کي هڪ ڏينهن مرڻو آهي، ته پوءِ ڊپ ڇا جو؟"

مُحمد ابراهيم جويو

محمد ابراهيم جويو

سنڌ، عيسوي ويهينءَ صديءَ ۾ بہ وڏا اديب ۽ دانشور پئدا ڪيا. ٻئي غريب گهرن ۾ پئدا ٿيا ۽ پنهنجي غربت تي ناز ڪيائون. سڄي عمر غريبن جا حمايتي ٿي رهيا ۽ ڪڏهن بہ اميرن سان سودو نہ سلياٺون. نہ وري ڪنهن خانَ خانَ جي پٽ جي پرواهہ ڪيائون. محنت ۽ اورچائيءَ سان اهڙو تہ نالو پئدا ڪيائون، جو تاريخ جي صفحن تي مهر هڻي ڇڏيائون. پهريون ويهين صديءَ جي پهرئين اڌ ۾ سنڌ جي آسمان تي اڀريو ۽ ٻيو پوئين اڌ ۾. پهرئين جو نالو هو ميرزا قليچ بيگ ۽ ٻئي جو محمد ابراهيم جويو.

قدرت مون کي پهرئين جي زيارت نصيب ڪانہ ڪئي، پر ٻئي سان زندگيءَ جو وڏو حصو گڏ گذاريو. ننڍي هوندي ميرزا قليچ بيگ بابت "قرب قليچ" ڪتاب پڙهيو هئم. ان ۾ هڪ هنڌ مرزا صاحب لکيو هو تہ "جڏهن ننڍا هوندا هئاسين تہ اهڙا غريب هوندا هئاسين، جو ٻت ڍڪڻ لاءِ قميصون بہ ڪونہ هونديون هيون. امڙ اسان کي زالاٽا چولا پارائي، مٿان انهن کي ڪوٽ سان ڍڪي ڇڏيندي هئي."

محمد ابراهيم جويي جي ننڍ پڻ جي غربت جون ان کان بہ وڌيڪ دلخراش ڳالهيون ٻڌم.

ميرزا صاحب صوفي ماڻهو هو. سڄي عمر پنهنجا مداح ۽ دوست پئدا ڪيائين. پيرسنيءَ جي اها سٽ ميرزا صاحب جهڙن ڀلن ماڻهن تي سورهن آنا صادق آهي:

"هئان حبيبن ڪونہ ڏکيو ڪڏهن."

جيئري ئي پنهنجي قبر ٺهرائي ڇڏي هئائين. ڪڏهن ڪڏهن ان ۾ وڃي ليٽندو هو ۽ پاڻ کي چوندو هو:

"قليچ، هڪ ڏينهن توکي هت اچڻو آهي."

املداس جي وڻ ۾ آڪيرو ٺهرايو هئائين. منجهند جي مهل جڏهن پکي پکڻ ذڪر ڪندا هئا تہ وڻ تي چڙهي، آڪيري ۾ ويهي، ساڻن گڏ ذڪر ڪندو هو.

دنيا جي بي ثباتيءَ جو شدت سان احساس هئس. مون کي ياد آهي تہ چاليهہ ورهيہ اڳ اسان محبت ديري جتوئيءَ جي هاءِ اسڪول ۾ سندس هڪ ڊرامو اسٽيج ڪيو هو. ان ۾ سندس غزل جو هڪ شعر مون کي دل تي نقش ٿي ويو:

"ڇا ڪندو ڪو اصل تي يا نسل تي پنهنجو غروف هي

بزرگيون، باغ، بنگلا، خواب آهي يا خيال!"

دنيا جي بي ثباتيءَ جي احساس سببان ئي پنهنجي زندگيءَ جو پل پل سجايو گذاريائين. روزمره جا نيم مقرر ڪري ڇڏيا هئائين. انهن ۾ اها ڳالهه به شامل هئي ته روزانو ٿورو يا گهڻو ڪو نه ڪو ڪتاب لکندو رهندو هو. غالباً ادب جي هر موضوع تي قلم ڪنيائين. ڪنهن تي اصلوڪا ڪتاب لکيائين ته ڪنهن تي دنيا جا عجب جواهر ترجمو ڪيائين. پاڪستان ايڪيڊمي آف ليٽرس هاڻي هر سال سٺي ڪتاب تي ويهه هزار رپيا انعام ڏيندي آهي. جنهن زماني ۾ ميرزا صاحب ڪتاب لکيا، ان زماني ۾ ڪو ويهه رپيا به انعام ڪونه ڏيندو هو. پر سندس اندر ۾ جيڪو فنڪار هو، ان کي ماٺ ڪري ويهڻ ۾ قرار ڪونه ايندو هو. چون ٿا ته ٽن سون کان به وڌيڪ ڪتاب لکيائين. فردوسيءَ جي قول "عجم زنده ڪردم، بدين فارسي" موجب، سنڌي ادب کي لازوال ڪري ڇڏيائين.

سنڌ جهڙي بي قدري سماج ۾، جيڪڏهن ميرزا صاحب جهڙي گوهر جو قدر نه ٿيو، سندس ياد ۾ ڪوبه ادارو قائم ڪونه ٿيو، ڪا به ايڪيڊمي ڪانه ٺهي، ڪوبه منارو ڪونه جڙيو، ڪيس "بعد از وفات" سنڌ جي ڪنهن به يونيورسٽيءَ اعزازي ڊگري ڪانه ڏني، ته ان ۾ ڪابه حيرت جي ڳالهه ڪانه آهي. (جيڪڏهن سنڌ ۾ ڪابه شناس هجي ها، ته علامه آءِ.آءِ. قاضي خودڪشي ڇو ڪري ها؟) ميرزا صاحب جي شخصيت انهن مڙني ڳالهين کان مٿي آهي. جن کي شناس هئي، تن سندس قدر ڪيو. يعني انگريزن ڪيس "شمس العلماء" جو خطاب ڏنو ۽ غالباً ڪو ٻنيءَ ٻارو به تحفي طور ڏنو.

محمد ابراهيم جويي جي شخصيت، جتي ڪيترين ئي ڳالهين ۾ ميرزا صاحب سان مشابهه آهي، اتي ڪن ڳالهين ۾ ڪانئس سراسر مختلف به آهي. هن ميزار صاحب وانگر ٽي سو ڪتاب ته ڇا، پر شايد ٽي سو مضمون به ڪونه لکيا. ان جي باوجود، سنڌي ادب جي عمارت اڏڻ ۾ سندس خدمتون ڪنهن به اعليٰ کان اعليٰ ادب کان وڌ نه آهن ته گهٽ به نه آهن. سندس خاص ڪارنامو اهو آهي ته هن سنڌي ادب کي "نئين سوچ" عطا ڪئي.

ميرزا صاحب غير سياسي ماڻهو هو. هر ڪنهن کي دعا ڏيندو هو. "شهنشاهه تون اسان جي کي سلامت رک خداوندا." جهڙا شعر به لکيائين. محمد ابراهيم جويو پيدائشي باغي هو. سڄي عمر هن اصول تي ڪاربند رهيو ته:

محمد ابراهيم جويو

جس کھیت سي دھقان کو میسر نہ ھو روزي،
اس کھیت کي ھر خوشۂ گندم کو جلادو.

جويو صاحب نئينءَ سنڌ جي، قيادت لاءِ پيدا ٿيو هو. پير حسام الدين راشديءَ، ڳالهين ڪندي، هڪ ڏينهن مون کي چيو هو تہ "اسان کي سنڌ سان محبت جو سبق جويي صاحب ڏنو."

ويهين صديءَ جي بزرگزيدهہ سنڌي شخصيت علامہ آءِ.آءِ. قاضيءَ کي بہ جويي صاحب سان محبت هئي. ڪي ڪي بي سمجهہ ماڻهو علامہ صاحب جا جويي صاحب جي خلاف ڪن پريندا هئا. علامہ صاحب ڏاهو ماڻهو هو. ڳالهہ هر ڪنهن جي ٻڌندو هو، پر راءِ پنهنجي قائم ڪندو هو. هڪ دفعي مان ساڻس ملڻ ويس. بنگلي جي صحن ۾ موڙا پيل هئا. هڪ تي علامہ صاحب جي اهليہ ويٺل هئي. پاڻ بنگلي ۾ اندر هو. مان موڙي تي ويٺس تہ علامہ صاحب جي اهليہ چيو تہ اڄ صبح ڪي ماڻهو آيا هئا، جن علامہ صاحب کي اوهان جي خلاف پئي ڪجهہ چيو. مون چيو تہ "منهنجي خلاف؟" ايتري ۾ علامہ صاحب اندران نڪتو. پنهنجي اهليہ جي ڳالهہ ٻڌي، چوڻ لڳو:

Darling, you mean "our good Joyo"

مون جويي صاحب کي پهريون دفعو 1954ع ۾ حيدرآباد ۾ سرائي اميد علي مرحوم جي دڪان تي ڏٺو. خاڪي رنگ جي سلوار قميص ۽ سنهري فريم واري عينڪ پيل هئس. سرائي صاحب سان زماني جي ڪا تُوري گهٽي ڳالهہ ٻولهہ ڪري، موڪلائي ويو.

سال ڪن بعد مان حيدرآباد ڇڏي ڪراچيءَ ويس تہ اتي سنڌي ادبي سنگت جي گڏجاڻين ۾ ڪيس ڀيهر ڏٺم. مون کي سنڌس ويجهو اچڻ ۾ ڪو گهڻو وقت ڪونہ لڳو هوندو. 1955 ۾ "مهراڻ" رسالو شايع ڪيائين، جنهن مون جهڙن گهڻن ئي نو آموز لکندڙن کي سنڌس گرويدو بنائي ڇڏيو.

"مهراڻ" سنڌي ادب ۾ سنڌ دوست ۽ ترقي پسند اديبن جي خيالن جو ترجمان ٿي آيو. ترقي پسند ادبي تحريڪ جي لهر غالباً سنڌ ۾ سن 1936ع ۽ 1937ع ڌاران پهتي هئي. ان زماني ۾ سنڌ بمبئيءَ جي ون يونٽ مان زنجيرون ٽوڙي آزاد ٿي هئي. صوبي ۾ ڌرتيءَ سان محبت جي لهرايري هئي. "الوحيد" جو "آزاد سنڌ نمبر" ان حقيقت تي شاهد آهي. ان زماني جي سنڌ دوست ۽ ترقي پسند اديبن ۾

محمد امين کوسي، برڪت علي آزاد، حيدر بخش جتوئي، حشو ڪيولراماڻي ۽ سوڀي گيانچنداڻي، جا نالا ڪٿي سگهجن ٿا. حيدربخش جتوئيءَ جو ڪتاب "هارين جون ڪهاڻيون" ان دور جي ادب ۾ "سنگ ميل" جي حيثيت رکي ٿو. هو سنئي سرڪاري عهدي تي هو، پر آزاديءَ ۽ سنڌ سان محبت جي ڪري، انگريزن جي نوڪريءَ جو ڳٽ ڳچيءَ مان لاهي اڇلائي ڇڏيائين. حيدربخش جتوئيءَ ۽ ٻين اهڙن سنڌ دوست اديبن جيڪي سلا پوکيا، سي اڳتي هلي انگوريا ۽ پاڪستان کان اڳ ڪراچيءَ ۾ سنڌي ادبي سنگت جو بنياد پيو.[1]

پاڪستان ٿيڻ کانپوءِ هندن ۽ مسلمانن جي لڏ پلاڻ ڪري، سنڌ جهڙي نسبتاً سانتيڪي صوبي ۾ به چڱي اٿل پٿل آئي. ادبي تحريڪون ۽ تنظيمون به گهڻي قدر متاثر ٿيون. هندو اديب ۽ ناشر هندستان هليا ويا. هوڏانهن جيڪي مسلمان هجرت ڪري آيا، تن جي ٻولي اردو هئي. سنڌ ۾ گهر ڪري وهڻ جي باوجود هنن سنڌ ٻولي سکڻ جي ضرورت ڪانه ڪئي، ڇو ته اردو قومي ٻولي هئي. رڳو سنڌ نه پر سڄي ملڪ ۾ خاص ڪري، نشر و اشاعت جي مرڪزن ۾ اردو ڇانيل هئي. رفتي رفتي، حالتون ٺرڻ لڳيون[2] سنڌي ادب جون جڙيل انجمنون به وري آباد ٿيڻ لڳيون. غالباً، 1952ع ۽ 1953ع ڌاران ڪراچيءَ ۾ سنڌي ادبي سنگت جو وري بنياد پيو. مرحوم عبدالغفور انصاري، مرحوم احسان بدوي، مرحوم نبي بخش دائود پوٽو، نورالدين سرڪي، شايد جمال ابڙو ۽ ٻيا ڪي دوست، جن جا نالا هاڻي مون کي ياد ڪونه ٿا اچن، ان جا ابتدائي ڪارڪن هئا. مون کي سنڌي ادبي سنگت سان مرحوم شيخ حفيظ متعارف ڪرايو. هڪ ڏينهن مينارام هاسٽل ۾ افسانو ويٺي لکيائين. چيائين ته سنڌي ادبي سنگت افسانن جي چٽاپيٽي ڪرائي آهي مون چيس ته مان به لکان؟ چيائين ته پلي لک. مون افسانو لکي کيس ڏنو، جو پنهنجي افساني سان گڏ سنگت جي سيڪريٽريءَ عبدالغفور انصاري کي ڏيئي آيو. هفتي کن کانپوءِ انصاري مون کي ميس ۾ مليو. چيائين ته سڄيءَ سنڌ مان تقريباً پنجاهه کن افسانا آيا آهن ۽ پهرين ڏهن سٺن افسانن ۾ تنهنجو افسانو به شامل آهي.

---

[1] سنڌي ادبي سنگت جي انهن اوائلي ڏينهن جي احوال لاءِ ماهنامي "نئين زندگي" ۾ شيخ عبدالرزاق "راز" جا مضمون پڙهڻ گهرجن.

[2] مرڪزي حڪومت نئين زندگي رسالو شايع ڪيو. سنڌ سرڪار سنڌ ادبي بورڊ قائم ڪيو.

هفتي کن ڪانپوءِ نتيجو ظاهر ٿيو تہ منهنجي ئي افسانن کي جڄن پهريون نمبر انعام ڏنو. ان کان اڳ مان ڪتاب ۽ رسالا تہ پڙهندو هوس، پر لکڻ ڏانهن توجه ڪونہ هو. ادبي سنگت جي انعام مون ۾ لکڻ جو شوق پيدا ڪيو. سنت، ماهنامي نئين زندگيءَ جي ايڊيٽر مولانا عبدالواحد سنڌيءَ مون کي ڳولي لڌو ۽ رسالي لاءِ افسانو گهريو. ٻئي طرف جويي صاحب انعام يافتہ افسانو مهراڻ ۾ شايع ڪيو. ائين مون سنڌي ادبي سنگت جي گڏجاڻين ۾ وڃڻ شروع ڪيو. اتي اياز قادريءَ، نورالدين سرڪيءَ، دادا موتيرام، شيخ حفيظ، مرغوب بخاري، خواجہ سليم، رشيد ڀٽي، احسان بدويءَ، رشيد آخوند، ڪريم بخش خالد، پوهوءَ ۽ ٻين سان ميل ملاقاتون ٿيڻ لڳيون. انهن مان ڪي تہ اڳيئي دوست ۽ واقف هئا پر ڪي نوان يار ٿيا. مهيني ماسي انهن گڏجاڻين ۾ جويو صاحب بہ شريڪ ٿيندو هو. سنگت جا ڪارڪن سندس تمام گهڻو احترام ڪندا هئا ۽ کيس، پنهنجو بزرگ تصور ڪندا هئا. سنگت جي گڏجاڻين جو دستور اهو هوندو هو تہ ڪونہ ڪو اديب پنهنجو شعر، افسانو، يا مضمون پڙهندو هو، جنهن جي خوبين ۽ خامين بابت حاضرين راءِ ڏيندا هئا. جڏهن جويو صاحب ڪنهن بہ تحرير تي راءِ ڏيندو هو تہ ڪنهن جي مجال نہ هوندي هئي جو سندس راءِ ڪانپوءِ ڪا راءِ ڏئي.

سنڌي ادبي سنگت جي تنظيم رڳو ڪراچيءَ تائين محدود ڪانہ هئي. ان جون سنڌ جي ٻين شهرن ۾ بہ برانچون قائم ٿينديون رهيون. هڪ اهڙو وقت بہ آيو جڏهن سنگت جون سنڌ جي 36 شهرن ۾ شاخون هيون ۽ سموريون سرگرم هيون.

سنڌ ادبي سنگت رڳو نو آموز اديبن جي تاديب ڪانہ ڪندي هئي. اها سجاڳ ذهن وارن دانشورن جو مرڪز هئي. ان مرڪز مان وقت بوقت سنڌ جي حقن لاءِ آواز اٿندو هو. مثلاً سنڌي زبان کي صوبي جي سرڪاري زبان بنائڻ جو مطالبو سڀ کان پهريائين سنڌي ادبي سنگت جي پليٽ فارم تان اٿيو. اها 1953ع يا 1954ع جي ڳالهہ آهي. 1955ع ۾ جڏهن ننڍن صوبن جي مرضيءَ جي خلاف مٿن ون يونٽ مڙهيو ويو، تڏهن سنڌي ٻولي، ادب ۽ ڪلچر جي تحفظ لاءِ سنڌي ادبي سنگت ئي سڀ کان گهڻو پاڻ پتوڙيو. پاڪستان ٺهڻ کان سنت پوءِ ڪراچيءَ کي سنڌ کان جدا ڪرڻ ڪري سنڌ جا ماڻهو ناخوش هئا،

سي ون يونٽ جي مسلط ٿيڻ کان پوءِ باهہ ٿي ويا، جنھن ماڳھين صوبن جو وجود ئي ختم ڪري ڇڏيو. 1958ع جي مارشل لا آڻي باقي سندن جذبات کي مجروح ڪيو ڇو تہ 1958ع ۾ ٽڏھوڪيءَ اولھہ پاڪستان اسيمبليءَ ون يونٽ کي ٽوڙڻ جو ٺهراءُ پاس ڪيو هو. سو سنڌ جي ماڻھن ائين محسوس ڪيو تہ مارشل لا ون يونٽ کي بچائڻ آيو هو. سنڌ ۾ اردو ٻولي ڳالهائيندڙن جا ٻار ان زماني تائين، پرائمري اسڪول ۾ سنڌي سکندا هئا ۽ سنڌي ڳالهائيندڙن جا ٻار اردو سکندا هئا. مارشل لا جي هڪ عملدار حڪم جاري ڪري، سنڌي ٻولي سکڻ وارو اهو قانون ختم ڪري ڇڏيو، جنھنڪري سنڌ ۾ سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙ باشندن کي هڪ ٻئي کي ويجهو اچڻ جو جيڪو ٿورو گهڻو موقعو هئو، سو بہ ختم ٿي ويو. ٻئي ذريعن هڪ ٻئي جي ويجهو اچڻ بدران هڪ ٻئي کان دور ٿي ويون. ڪجھہ عرصو پوءِ حيدرآباد ۾ رهندڙ هڪ مهاجر باشندي سنڌين جي خلاف پنجابي، پٺاڻ، مهاجر اتحاد قائم ڪيو. ٻئي طرف ٽپال کاتي سرڪيولر جاري ڪيو تہ لفافن ۽ ڪارڊن تي ايڊريس ۾ "سنڌ" لفظ لکڻ ڏوهہ آهي. انگريزن جي حڪومت ۾ سنڌي ٻوليءَ کي صوبي ۾ سرڪاري ٻوليءَ جي حيثيت حاصل هئي. سنڌي اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ تعليم جو ذريعو هئي، ڪورٽن ۾ عدالتي زبان هئي، روينيو رڪارڊ سنڌيءَ ۾ رکيو ويندو هو، سنڌيءَ ۾ اخبارون ۽ رسالا ڇپبا هئا، سنڌيءَ ۾ ٽائيپ رائيٽر نهي هئي، پرنٽنگ پريسن ۾ سنڌي ٽائيپ استعمال ٿيندي هئي. ايڏيءَ ترقي يافتہ زبان کي آزادي ملڻ کان پوءِ اڳتي وڌڻ جا موقعا فراهم ڪرڻ بدران، 1958ع واري مارشل لا جي اختياريءَ وارن جيڪا تعليمي ڪميشن مقرر ڪئي، تنھن اها سفارش ڪئي تہ آئينده پرائيمري اسڪولن ۾ فقط پهريان ٽي درجا سنڌي ٻوليءَ ۾ تعليم ڏجي. مٿي ذڪر ڪيل فيصلن ۽ تعليمي ڪميشن جي انهيءَ سفارش جو منطقي نتيجو اهو نڪتو تہ سنڌ جا ماڻھو، جيڪي هڪٻئي پٺيان ناانصافين ڪري اڳيئي باهہ ٿيا ويٺا هئا، سي ٻوليءَ تي اهو وار برداشت ڪري نہ سگهيا. اٿي کڙا ٿيا. سنڌي ادبي سنگت جي پليٽ فارم تان سنڌي ٻوليءَ جي اصلوڪي حيثيت برقرار رکڻ لاءِ تحريڪ هلي، سالن جي جدوجهد کان پوءِ سنڌي اديبن ۽ سنڌي عوام جي سوڀ ٿي ۽ سنڌي ٻوليءَ جي اڳوڻي حيثيت بحال ٿي. جويي صاحب ان جدوجهد ۾ سڀ کان اهم رول ادا ڪيو.

انسان سرالاهي آهي. منجهس ڪيئي قوتون پوشيده آهن. جڏهن اهي قوتون متحرڪ ٿين ٿيون، تڏهن پهاڙن کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري، ريت جا ذرڙا بنائي ڇڏين ٿيون.

سنڌي اديبن ۽ شاعرن جيڪا تحريڪ اپاري، اها سنڌي ٻوليءَ جي مطالبي پوري ٿيڻ سان ختم ڪانہ ٿي، بلڪ ان سنڌ جي وچولي طبقي ۾ سنڌ شناسيءَ جو احساس شدت سان پئدا ڪيو. انهن ڏينهن ۾ حيدرآباد سنڌي اديبن جي سرگرمين جو مرڪز هو. حميد سنڌي ”روح رهاڻ“ رسالو ڪڍيو هو، جنهن جا ساليانا جلسا سنڌ شناسيءَ جي احساس جا بي مثال مظهر هئا. (افسوس آهي تہ انهن جلسن جون فلمون ناهڻ جو ڪنهن کي خيال ڪونہ آيو.) ان وقت تائين، سنڌي شاگردن ۾ بہ ڪجهہ شعور پيدا ٿي چڪو هو ۽ سنڌي اديبن سان ساٿ ڏيئي رهيا هئا. اڳتي هلي اديبن ۽ شاگردن جي گڏيل ساٿ ون يونٽ جي خلاف ايڏي تہ سخت نفرت پيدا ڪئي، جو سرڪار کي 1969ع ۾ ان مان هٿ ڪڍڻا پيا ۽ يحيٰ خان جي حڪومت کي ان جي تابوت ۾ آخرين ڪوڪو ٺوڪڻو پيو. هاڻي ون يونٽ جي حيثيت انهيءَ ناجائز ٻار واري آهي، جنهن جو پيءُ سڏائڻ لاءِ ڪوبہ تيار ڪونهي.

1955ع کان 1960ع تائين، سنڌ جي اها جدوجهد عيسوي ويهين صديءَ جي پوئين اڌ ۾، سنڌ جي تاريخ جو غالباً اهم ترين باب قرار ڏني ويندي. ان ۾ سنڌي اديبن هراول دستي جو ڪردار ادا ڪيو ۽ سندن سرواڻ محمد ابراهيم جويو هو.

1957ع ۾ جڏهن پاڻ سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري هو، تڏهن وٽس اسٽنٽ سيڪريٽريءَ جو عهدو خالي ٿيو. سنڌ سڄي کان هئي، پر سندس نظر انتخاب مون تي ئي پئي. مون کي ساڻس رڳو محبت ڪانہ هئي. هڪ دفعي پاڻ بورڊ جي آفيس مان ڪنهن ڪم سانگي ٻاهر ويو. فون جويي صاحب جي ميز تي رکيل هوندي هئي. مولوي صاحبُ فون تي ڳالهائيندي، جويي صاحب جي ڪرسيءَ تي ويهي رهيو. جڏهن موٽي پنهنجيءَ ڪرسيءَ تي آيو تہ مون کان رهيو نہ ٿيو. کيس ٽوڪيم تہ مولوي صاحب اسان کي انهيءَ ڪرسيءَ لاءِ وڏو احترام آهي. اوهان کي ان تي وهڻ نہ کپندو هو. مولوي صاحب اهو ٻڌي هڪو ٻڪو ٿي ويو.

جويو صاحب 1951ع کان 1961ع تائين ڏهن سالن جو مسلسل عرصو بورڊ جو سيڪريٽريءَ ٿي رهيو. انهن ڏهن سالن ۾ جنهن عشق سان سنڌ جي هن قومي اداري کي ڌاهيائين، تيئن ڪنهن شخص پنهنجي ذاتي گهر کي به ڪونه ڌاهيو هوندو. سنڌي زبان ۽ ادب جي ترقيءَ لاءِ بنيادي ڪم بورڊ ان ئي عرصي ۾ ڪيو. اڳتي هلي جڏهن پاڻ کهڙي صاحب ۽ ٻين ميمبرن جي ناراضپي سبب بورڊ ڇڏي ويو، تڏهن اسان ايترا پڪا پختا ٿي چڪا هئاسون، جو بورڊ کي سنڌس ئي گهرڙيل واٽن تي هلايوسون. نه فقط ايترو بلڪ مون کي آنڌ مانڌ رهي ته ڪيئن به ڪري ڪيس واپس بورڊ ۾ آڻيان. تي چار ورهيه ڏاڍا جتن ڪيم. سيد ميران محمد شاهه منهنجي مدد ڪئي. آخرڪار قدرت منهنجو پورهئو ٺاب ڪيو ۽ جويو صاحب موٽي بورڊ ۾ آيو. ان وقت پاڻ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جو حيدرآباد ۾ عملدار هو. بورڊ ۾ اعزازي سيڪريٽريءَ طور چارج ورتائين. پر جيڏيءَ سڪ سان مون ڪيس بورڊ ۾ موٽائي آندو هو، اوڏي ئي مون کي منجهانئس مايوسي ٿي. هو اهو ساڳيو جويو صاحب ئي ڪونه رهيو هو.

درحقيقت انسان جي زندگيءَ ۾ هر ڏينهن هڪ نئون تجربو آڻي ٿو. هو جيڪو عرصو بورڊ کان ٻاهر رهيو هو، ان عرصي ۾ نون نون تجربن سببان سنڌس خيال بدلبا رهيا هئا. سو منجهانئس اها اميد رکڻ ئي اجائي هئي ته هو اڳين ئي هوندو جيئن اڳي هو.

مان جن ڳالهين ڪري ڪانئس مايوس ٿيس، انهن جو تفصيل ڏيڻ ته هت ممڪن ڪونهي ۽ مناسب به ڪونهي، پر نموني طور هڪ واقعو بيان ڪريان ٿو.

بورڊ ۾ ٻه غريب ملازم هوندا هئا: هڪ مولوي محمد صديق ماعر ۽ ٻيو سومار علي سومرو. ٻين ملازمن وانگر سنڌن پگهارون به پوريون ساريون هونديون هيون. بس غريب پنهنجي پيٽ گذر ۾ پورا هوندا هئا. 1965ع واريءَ جنگ کان پوءِ سرڪاري ۽ نيم سرڪاري ادارن ۾ هڪ رسمي سرڪيولر پهتو ته ڪوشش ڪري خرچ ۾ ڪفايت ڪريو. درحقيقت اهو سرڪيولر واپڊا، اي.ڊي.سي ۽ پي.آءِ.اي جهڙين وڏين ڪارپوريشنن لاءِ هو، جن ۾ سوين هزارين اعليٰ عهديدار ۽ ملازم پيا پلجن. سنڌي ادبي بورڊ ته هڪ ننڍڙو ادارو هو، جنهن ۾ ڪنهن پٽيوالي کي ڪڍڻ جي به گنجائش ڪانه هئي. پر جويي صاحب

ڇا ڪيو، جو نہ ڪيائين هر نہ ٿر. قلم جي هڪڙي رهڙي سان مولوي محمد صديق ۽ سومار عليءَ جون سالن جون سروسون ختم ڪري، ٻنهي کي بي روزگار ڪري ڇڏيائين.

سنڌي ماڻهوءَ کي ان زماني ۾ نوڪري ملڻ آسمان مان تارن لاهڻ جي برابر هو. ويچارا مسڪين ورهين جي نوڪري بيگناهہ وڃائي ويهي رهيا. پر سندن اندرجي آهہ عرش تائين اڏامندي وئي. رزق رب جي هٿ ۾ آهي. اتي جو اتي مرحوم سيد سردار علي شاهہ. سومار علي کي مهراڻ اخبار ۾ پناهہ ڏني ۽ ٻئي طرف ڊاڪٽر الانا، مولوي محمد صديق کي سنڌالاجيءَ ۾ سڏايو سرڪاري سرڪيولر تہ سنڌ يونيورسٽيءَ جهڙي اداري جيڪو ادبي بورڊ کان ڪيئي دفعا وڏو هو، وڏيڪ لاڳو پئي ٿيو. پر ڊاڪٽر الانا ان کي ڪنگهيو بہ ڪونہ. مولوي صاحب جا سنڌي عربي ۽ فارسي اکر موتين جهڙا هوندا هئا. فوراً کيس پاڻ وٽ نقل نويس مقرر ڪيائين. ائين ٻئي مسڪين بک مرڻ کان بچي ويا.

انهيءَ زمان ۾ هڪ ڏينهن ڪامريڊ مولوي نذير حسين سان ملاقات ٿي. کيس سخت غصي ۾ ڏٺم. جويي صاحب جي خلاف ڳالهائي رهيو هو. مون کي ڏاڍو ڏک ٿيو، ڇو تہ منهنجي جويي صاحب سان محبت هئي. سوچڻ لڳس تہ ڪمزوريون ڪنهن ۾ ڪونهن، عيبن کان آجو ڪير آهي؟ جويي صاحب جي سڀ کان وڏي خوبي اها ڏني هئم تہ سنڌ سان واسطو رکندڙ اجتماعي معاملن ۾ مون ڪڏهن بہ منجهس لچڪ ڪانہ ڏٺي هئي، سندس ذهن هميشه صاف هو. مثلاً جڏهن ون يونٽ ٽُٽو، تہ سنڌي محب وطن ٻن گروهن ۾ تقسيم ٿي ويا. هڪڙا ڪراچيءَ کي سنڌ سان ملائڻ جي حق ۾ هئا تہ ٻيا ڪراچيءَ کي جدا ڪرڻ جي فائدي ۾. جويو صاحب اڪيلو شخص هو جنهن جو ذهن بلڪل صاف هو. چيائين تہ "ڪڏهن زنده قومن بہ پنهنجا شهر پاڻ ڇڏيا آهن. ڇا بہ ٿي پوي، ڪراچي ڪونہ ڇڏينداسين." اڳتي هلي هر ڪنهن اها ڳالهہ قبول ڪئي. هاڻي ڪو هڪڙو بہ سنڌي دانشور ڪونہ ملندو، جيڪو ڪراچيَ کي جدا صوبو بنائڻ جي حق ۾ هجي.

ڪراچي صوبي جو مثال تہ هڪ آهي. اهڙا سوين سوال هوندا، جن ۾ جويي صاحب سنڌي دانشورن جي رهنمائي ڪئي هوندي. سندس سڀ کان سهڻي ڳالهہ اها هئي تہ پاڻ اڳتي وڌي ڪڏهن بہ پنهنجيءَ ذات کي نمايان

ڪرڻ جي ڪوشش ڪانہ ڪيائين. هميشه پاڻ کي نماڻو پوئتي رکيائين. پر جيستائين قومي غيرت جو سوال هو تہ ڪنڌ اوچو رکيائين.

هڪ دفعي ايراني عالمن جو هڪ وفد بورڊ ۾ آيو. پير صاحب جي چوڻ تي اسان وفد جي مان ۾ دعوت ڪئي. مرحبائي خطبو جويي صاحب لکيو. پر پڙهڻ لاءِ مون کي چيائين. جڏهن مون کيس چيو تہ، "سائين اوهان ڇو نٿا پڙهو؟" تڏهن چڙ مان چيائين تہ "اڙي، هي ايراني پنهنجا ڪتاب کڻي ويا هئا!"

مون پڇيو تہ وفد جا ڪي عالم بورڊ جي لئبرريءَ مان ڪي ڪتاب اڌارا وٺي ويا هئا، جي موٽايا ڪونہ اٿن. سو کيس چيم تہ "ڪهڙا ڪتاب؟ مون کي تہ خبر ئي ڪانهي!"

چڙ مان چيائين تہ، "اڙي، نادر شاهہ سنڌ جي ڦرلٽ ڪري ڪتاب ڪونہ کڻي ويو هو؟"

مون زندگيءَ ۾ محنتي ماڻهو گهڻا ڏٺا، پر جويي صاحب جهڙو ڪونہ ڏٺو. بورڊ ۾ جيڪي ڪتاب ڇپجڻ لاءِ ايندا هئا، تن ۾ ٻوليءَ جون گهڻيون ئي غلطيون هونديون هيون. جويو صاحب انهن تي ڏاڍي محنت ڪندو هو. پر، ڪتاب تي پنهنجو نالو ڪونہ ڏيندو هو. هڪ ڪتاب ياد ٿو اچيم. نالو هيس "اقتصادي انصاف." رسڪن جي ڪتاب "Unto This Last" جو سنڌي ترجمو هو. مرحوم غلام رضا ٻٽي جو ترجمو ڪيل هو. پر، جويي صاحب ان ڪتاب کي بجنسي شروع کان آخر تائين نئين سر ترجمو ڪيو. اڄ ڪتاب پڙهو تہ محسوس ئي ڪونہ ٿيندو تہ پاڻ ڪتاب تي ڪابہ محنت ڪئي اٿس. ساڳي محنت سنڌي لوڪ ڪهاڻين جي شروعاتي جلدن تي ڪيائين. سنڌي لوڪ ڪهاڻين جا ست جلد آهن. پهرين ٻن ٽن جلدن ۽ پوين جلدن جي زبان ۾ زمين ۽ آسمان جو فرق آهي، ڇو تہ پهريان جلد جويي صاحب جا درست ڪيل آهن. پر انهن ۾ بہ شايد جويي صاحب جو نالو ڪٿي نظر ڪونہ ايندو.

جويي صاحب جو اصول هو تہ "نيڪي ڪر، درياهہ ۾ وجهہ."

جويي صاحب جي شخصيت گهڻين ئي خوبين جي حامل آهي. ٿورڙن ماڻهن کي اها خبر هوندي تہ سنڌ ۾ صحيح سنڌي صورتخطيءَ جو جويي صاحب کان وڌو ماهر ٻيو ڪونهي. پنچوئيشن يعني بيهڪ جي نشانين، اکرن تي زير زبر ڏيڻ جو فن متس ختم ٿيو. ڪتابن جي ڇپائيءَ تي سندس قول

سَنَڌَ جي حيثيت رکي ٿو. پر انهن ڳالهين ڪري سندس شخصيت بابت، اها راءِ قائم ڪرڻ تہ جويو صاحب فقط هڪ وڏو اديب آهي، جويي صاحب سان وڏي پر وڏو ظلم ڪرڻو آهي. منهنجي خيال ۾ هو هن دور جي سنڌ جي بلند پايہ مشاهيرن مان آهي. ڪيترا اهم بيان ۽ دستاويز جيڪي سنڌ جي تقدير کي بدلائڻ جو ڪارڻ بڻيا سي سندس سجاڳ ذهن ۽ سوچ جو نتيجو هئا. ڪيترن اهم ڪميشنن جون رپورٽون جي وڏن ليڊرن جي نالي ۾ ظاهر ٿيون، سي سندس ئي محنت جو نتيجو هيون.

سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي تہ:

"پاٽيءَ هاري سيڪا، جا سر گهڙو پري
ڪا لئہ سندي سڄڻين، ڪا پورهئي ڪاڻ پري."

جويي صاحب سڄي عمر سڪ سان سنڌ جا گهڙا پريا. پر انهيءَ ڏوهہ سبان ڪيئي دفعا حاڪمن جي عتاب جو نشانو بہ بڻ يو. پاڪستان ٺهڻ کان اڳ ڪيس سنڌ سان محبت ڪرڻ سببان سنڌ مدرسي مان نوڪريءَ مان ڪڍيو ويو. ون يونٽ جي زماني ۾ ڪيس سال ٻن لاءِ سنڌ مان نيڪالي ڏني ويئي. پر اهي سختيون سندس ايمان کي ڪمزور ڪري ڪونہ سگهيون. مان زندگيءَ جو چڱو حصو ساڻس گڏ رهيو آهيان انڪري سندس مزاج کان واقف آهيان. هن پنهنجي خانگيءَ زندگيءَ ۾ ڏاڍو ڏک ڏٺو آهي. ميران ٻائيءَ تہ زهر سان ڀريل هڪ ئي پيالو پيتو هو. سنڌ جي هن لائق فرزند اهڙا ڪيئي پيالا پيتا هوندا. پر ڪڏهن بہ هيٺي نہ ٻوليائين. سندس همت ۽ جرئت کي سَوَ سلام آهن.

پر ان ڳالهہ جو مطلب اهو نہ آهي تہ هو ڪو ٺلهيءَ ڪل وارو ماڻهو آهي. سندس سيني ۾ انتهائي نرم ۽ گداز دل آهي.

هڪ دفعي اسان گڏجي ڀٽ شاهہ وياسين. سانجهيءَ جي مهل اتي پهتاسين. راڳ شروع ٿيو تہ اسان بہ پڙ ۾ پاسو وٺي ويٺاسين. ڀٽائيءَ جي فقيرن صدا بلند ڪئي:

"آئون نہ گڏي پرينءَ کي
تون تو لهين سڄ."

ڀٽائيءَ جي درگاهہ، رات جي تاريڪيءَ جا پهريان پاچا، فقير جو ڪارو ويس، دنبوري جي تان، ۽ مٿان ڀٽائيءَ جو الهامي ڪلام:

آئون نہ گڏي پرينءَ کي
تــون تـــو لــهين سج

محمد ابراهيم جويي جي اکين مان ڳوڙها وهي آيا.

ماڻهن جي ڪردار ۽ عمل کي جاچڻ جوچڻ، تڪڻ تورڻ جو آخرين پيمانو تاريخ جا ورق هوندا آهن. جديد دور ۾ سنڌ جي مسئلن تي نگاهہ رکڻ، حالتن موجب صحيح رخ اختيار ڪرڻ، سنڌ جي ماڻهن کي سجاڳ ڪرڻ، جڏن ۽ ڏڏن کي ساڻ وٺي هلڻ، هن دور جي سنڌي اديب ۽ شاعر جون امتيازي خصوصيتون آهن. شايد پاڪستان جي ڪنهن بہ ٻيءَ ٻوليءَ جا اديب پنهنجي عوام سان ائين گڏ سچا نہ رهيا آهن جيئن سنڌي زبان جا اديب. پر سمورن سنڌي اديب ۽ شاعرن جون خدمتون هڪ پُڙ ۾ وجهبيون ۽ ٻئي پُڙ ۾ اڪيلي محمد ابراهيم جويي جون خدمتون، تہ انصاف جي تارازيءَ ۾ شايد جويي صاحب وارو پُڙ وڌيڪ وزندار ثابت ٿيندو.

ميرزا قليچ بيگ لاءِ منهنجي بي پناهہ محبت ڏسي، هڪ دفعي ڪنهن دوست حسرت سان مون کي چيو هو "افسوس آهي تہ تو قليچ ڪونہ ڏٺو."

مون کيس جواب ڏنو هو، "هائو، پر مون کي خوشي آهي تہ مون محمد ابراهيم جويو ڏٺو."

شفيق الرحمان

شفيق الرحمان

سنه 1984ع ۾ حڪومت پاڪستان مون کي سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد مان بدلي ڪري، ايڪيڊمي آف ليٽرس اسلام آباد ۾، ڊئريڪٽر ايڊمنسٽريشن مقرر ڪيو. ايڪيڊميءَ جو چيئرمن هو ملڪ جو مشهور مزاحيه نگار ڊاڪٽر شفيق الرحمان. مون پهريون دفعو سنڌس نالو ٽيهه پنجٽيهه ورهيه اڳ پڙهيو هو. تڏهن ڪراچيءَ ۾ نوڪري ڪندو هوس. هفتي ٻن کان پوءِ تنوير مون سان ملڻ لاءِ ڪراچيءَ ايندو هو يا وري مان وٽس حيدرآباد هليو ويندو هوس. اتي به بروهي پائر سنڌس دوست هوندا: هڪ حليم بروهي ۽ ٻيو جمو. ٻئي ڄڻا شفيق الرحمان جا مداح هوندا هئا. اتيءَ ويٺيءَ سنڌس ڪتابن جا نالو ڪڻندا هئا ۽ ڪن ڪردارن جا پنهنجن دوستن تي پڻ نالا رکيا هئائون. اڳتي هلي مون به ڪانئن متاثر ٿي شفيق الرحمان جو هڪ اڌ ڪتاب وٺي پڙهيو ۽ وڻيو. پر، اردو مزاحيه ادب ۾ مون کي پاپطرس بخاري وڻيو يا وري ڪرنل محمد خان. ادب ۾ به، خوشبو، رنگ ۽ سنگيت وانگر، هر ڪنهن کي پنهنجو پنهنجو ذوق ۽ شوق ٿئي ٿو.

اسلام آباد ۾ جڏهن منهنجي شفيق الرحمان سان ملاقات ٿي ته سنڌس اندر ۾ مون کي هڪ نهايت محبوب ماٺهو نظر آيو. ايڏو حجاب ته ڪنهن ڪنواريءَ ڇوڪريءَ ۾ هوندو! جڏهن ايڪيڊمي جو ڪو ننڍو وڏو جلسو ٿيندو هو، ته ڪوشش ڪري پاڻ گوشائتو ٿي ويندو هو. مون کي ڪٿي اڳيان ڪندو هو.

هڪ دفعي اسان چيني سفارتخاني جي ڪلچرل ڪائونسلر جي مان ۾ الوداعي دعوت ڪئي. مون دعوت ۾ سڏايل اديبن جو تعارف ڪرايو ۽ چيني مهمان جي اعزاز ۾ تعريف جا ٻه چار جملا چيا. پر شفيق الرحمان سڄو وقت خاموش رهيو. جڏهن ڪيس به ڳالهائڻ لاءِ چيو ويو ته مرڪي، لنوائي ڇڏيائين. هڪ اکر به ڪونه ڪڇيائين.

ٻئي دفعي پنڊي انٽر ڪانٽيننٽل هوٽل ۾ اعليٰ پايي جي دعوت هئي. وڏا وڏا سول ۽ فوجي عملدار، اديب، دانشور ۽ صحافي سڏيل هئا. شفيق الرحمان ۽ مان دعوت ۾ گڏجي وياسون. شفيق الرحمان ڇا ڪيو، جو مهمانن سان ته هٿ ملايائين، پر بيرا ميزن تي ماني رکن ئي رکن، ان کان اڳ، هيڏي هوڏي ڏسي، ٻاهر کسڪي ويو. ڊرائيور کي ڪو اڳيئي هوشيار ڪري ڇڏيو هئائين، ته فلاڻي هنڌ تي، موٽر جهلي بيهجانءِ. پر، ڊرائيور نماز پڙهڻ ويو هو. سو، شفيق الرحمان سنڌس انتظار ڪونه ڪيو. پنڌ شروع ڪيائين. سنڌس ڪو دوست موٽر ۾ پئي ويو. ڪيس

ڏسي، موٽر جهلي، ساڻ ڪنيائينس ۽ گهر ڇڏي آيس. ويچارو ڊرائيور مقرر هنڌ تي بيهي بيهي، آخر ڪڪ ٿيو. لاچار خالي موٽر ڪاهي شفيق الرحمان جي گهر پهتو، ته رات جو هڪ وڄي رهيو هو.

مون کي ان ڳالهه تي ڏاڍي حيرت ٿيندي هئي ته هي شخص ايڏو محجوب ڇو آهي؟ سڄي عمر نيويءَ ۾ گذاري اٿس. ٻيءَ مهاڀاري لڙائيءَ ۾ اتر آفريڪا ۽ برما ۾، قتل ۽ غارت گريءَ جا خوفناڪ نظارا اکين سان ڏٺا اٿس. مشرق ۽ مغرب جا بيشمار ملڪ گهميا اٿس. درجن کان وڌيڪ مزاحيه ڪتاب لکيا اٿس. نهايت رنگين جواني گذاري اٿس. هڪ دفعي مون کي پنهنجي گهر ۾ تصويرن جو ذاتي آلبم ڏيکاريائين. ان ۾ يورپي، آمريڪي ۽ هندستاني حسينائن جون ڪيئي تصويرون هيون، جن کي مير علي شير قانع "پري رويان بلاي دين وايمان" ڪوٺيو آهي. ڪي جوانيءَ ۾ سندس دوست رهي چڪيون هيون ته ڪن کيس شاديءَ جي آڇ ڪئي هئي. پر، ان جي باوجود شفيق الرحمان ۾ ڪو حجاب هو. مون ته اهڙو ماڻهو سڄيءَ عمر ۾ ڪونه ڏٺو.

ڊاڪٽريءَ ۾ سند وٺڻ بعد، 1942ع ۾ انڊين ميڊيڪل سروس ۾ داخل ٿيو ۽ ليفٽيننٽ مقرر ٿيو. اهو ٻيءَ مهاڀاري لڙائيءَ جو زمانو هو. رفتي، رفتي ترقي ڪندو، ريئر سرجن ايڊمرل جي عهدي تائين وڃي پهتو ۽ اتان رٽاير ڪيائين. جڏهن ڪچهريءَ ۾ ڪن وڏن جرنلين جو ذڪر ڪندو هو ته کين "ڪالهوڪا ڇوڪرا" ڪوٺيندو هو.

ايڪيڊميءَ جو تخيل ۽ تصور ته شايد فيض احمد فيض ڏنو. پر ڪا به سرڪاري اسڪيم عمل ۾ اچي، ان ۾ ورهيه لڳي ٿا وڃن. هن معاملي ۾ به ائين ئي ٿيو. غالباً 1979ع ڌاران، مس مس وڃي، ايڪيڊمي پنهنجن پيرن تي بيهڻ جي لائق ٿي. ان وقت تائين سڄو ڪم ڊئريڪٽر جنرل هلائيندو هو. اڳتي هلي نئينءَ حڪومت محسوس ڪيو ته اڪيڊميءَ جو سربراهه چيئرمن هئڻ گهرجي، جيڪو وفاقي سيڪريٽريءَ جي برابر هجي. قرعه فال شفيق الرحمان جي نالي نڪتو. ان وقت پاڻ نيويءَ مان رٽاير ڪري آيو هو. پر، ايڪيڊميءَ جي چيئرمن مقرر ٿيڻ کان پوءِ به ان جي ڪم ڪار ۾ گهٽي مداخلت ڪونه ڪندو هو. سڄو اختيار وري به ڊئريڪٽر جنرل جي حوالي هوندو هو.

شايد زندگيءَ ۾ ايترو ته گهٽو ڪجهه ڏسي چڪو هو، جو هاڻي کيس ڪا به سَڌِ ڪانه رهي هئي. مون کي سندس اندر ۾ هڪ انتهائي سنجيدو ۽

بردبار شخص نظر آيو. وضعدار ۽ بي انتها ايماندار. جيڪڏهن مون کان پڇيو وڃي تہ "تو سڄيءَ زندگيءَ ۾ ڪيئي ننڍا وڏا عملدار ڏٺا. انهن ۾ ڪو سورهن آنا ايماندر شخص بہ ڏٺئي؟" تہ مان بي ڌڙڪ شفيق الرحمان جو نالو وٺان ۽ سندس شخصيت هنن لفظن ۾ بيان ڪريان تہ:

"He was a perfect gentleman"

ايڪيڊميءَ جي آفيس مان ڪوبہ ذاتي فائدو ڪونہ وٺندو هو. مون کي ڪونہ سجهي تہ آفيس مان ڪڏهن ڪا پينسل گهر کڻي ويو هجي. جڏهن سرڪاري ميٽنگ ٿيندي هئي تہ سيني ميمبرن لاءِ سرڪاري مانيءَ جو انتظام ٿيندو هو. ميٽنگ جي صدارت شفيق الرحمان ڪندو هو، پر سرڪاري مانيءَ کي هٿ ڪونہ لائيندو هو. پنهنجي گهران آندل ماني کائيندو هو. رزق حلال جو محاورو تہ هرڪو استعمال ڪندو آهي. پر پنهنجيءَ زندگيءَ ۾ ان اصول تي عمل ڪندڙ شخص مون فقط شفيق الرحمان ڏٺو. ان ڳالهہ ۾ سندس اها مصلحت بہ شامل هئي تہ پاڻ ڪوشش ڪري، گيهہ، مرچ، ۽ مسالي واريءَ غذا کان پري رهندو هو، يعني پنهنجي روح وانگر جسم تي بہ چربيءَ جا تهہ چاڙهڻ کان پاڻ بچائيندو رهندو هو. سندس گهرواري، امرتسر جي خوش باش ۽ اعليٰ تعليم يافتہ خاتون آهي. نماز، روزي، جي پابند، ليڪن سٺي لباس ۽ سٺي کاڌي خوراڪ جي بہ شوقين. شفيق الرحمان ان ڳالهہ تي سدائين کيس ٽوڪيندو رهندو هو.

"چا ڪيم؟ مناڻ جو هڪ گرهہ کنيم نہ؟" جڏهن جان ڇڏائڻ لاءِ ويچاري ائين چوندي هئي تہ شفيق الرحمان مٿان ٺهڪائي ڏيندو هوس: "شروعات سدائين وڪ کڻڻ سان ٿيندي آهي." (ڪيڏي نہ اونهي ڳالهہ آهي).

ڪڏهن ڪڏهن سندس گهرواري، ڪنهن ڪم سان، سرڪاري گاڏي گهرندي هئس، تہ آفيس مان موٽندي، ڊرائيور کي چوندو هو تہ "مون کي گهر کان ٿورو پريرو لاهجانءِ."

اتان پاڻ پيرين پيادو گهر ويندو هو ۽ گهر واريءَ کي ٻڌائيندو هو تہ "گاڏي سرڪاري ڪم سان ويل آهي." سندس جوان پٽن کي ايتري همت ڪانہ ٿيندي هئي، جو کيس آفيس مان ڪو ڪاغذ ٽائيپ ڪرائڻ لاءِ ڏيئي سگهن.

جڏهن سندس رٽائرمينٽ جي تاريخ ويجهي آئي، تڏهن ڪنهن کي بہ نوڪريءَ جي ميعاد ۾ توسيع ڪرڻ لاءِ هڪ اکر چوڻ واسطي تيار ڪونہ هو. چارج ڇڏي، گهر هليو ويو. جڏهن اسٽاف ڪيس عرض ڪيو تہ ”اسان جي الوداعي دعوت ڪائو،“ تہ کلي چيائين: ”الوداعي دعوت زندگيءَ ۾ هڪ دفعي نيويءَ ۾ ڪائي ڇڏي هئم. روز روز الوداعي دعوتون ٿوروئي ڪائبيون آهن.“

مون کي ڏاڍو مان ڏنائين. ڪوبہ فيصلو منهنجيءَ مرضيءَ کانسواءِ ڪونہ ڪيائين. مون سندس ئي حمايت سان، ايڪيڊميءَ جي بورڊ آف گورنرس تي، سنڌي ۽ بلوچي اديبن کي نمائندگي وٺي ڏني. ان کان اڳ، پٺاڻي، سچل سرمست، چام درڪ ۽ مست توڪليءَ جي زبان ۽ ادب جي نمائندگي بہ غير سنڌي ۽ غير بلوچي اديب ڪندا هئا. شفيق الرحمان جي ئي مدد سان مون هر صوبائي زبان ۽ ادب تي سيمينار ڪرڻ لاءِ ايڪيڊميءَ جي ساليانيءَ بجيٽ ۾ ٻن لکن رپين جي رقم منظور ڪرائي، ان کان علاوه سنڌي ادبي بورڊ، بلوچي ايڪيڊميءَ، پنجابي ادبي بورڊ ۽ پشتو ايڪيڊميءَ لاءِ لک لک رپيا ساليانی گرانٽ منظور ڪرائي، بين الصوبائي ۽ بين القوامي دورن ۾ صوبائي زبانن جي اديبن کي نمائندگي وٺي ڏني. سنڌي ادبي بورڊ ۽ سنڌالاجيءَ جي سربراه علام قاسمي صاحب ۽ پيڻ مهتاب راشديءَ کي چين جو دورو ڪرايم. چيني اديبن جي وفدن پشاور، لاهور، ڪوئٽيا، سکر، حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ ۾ سنڌي پنجابي، بلوچ ۽ پٺاڻ اديبن سان ملاقاتون شروع ڪيون. اڳي اهي ملاقاتون فقط اسلام آباد، لاهور ۽ ڪراچيءَ تائين محدود هونديون هيون. ڪيترن سنڌي اديبن ۽ سندن بيواهن لاءِ، سندن نالا ظاهر ڪرڻ کانسواءِ، ماهوار مالي مدد منظور ڪرايم، جا اجان جاري آهي. شاه پٺائيءَ، وارث شاه، چام درڪ ۽ خوشحال خان خٽڪ جي ڪلام کي پاڪستان جي سمورين صوبائي ٻولين ۾ نثري ترجمو ڪرڻ لاءِ رٿ منظور ڪرايم. مخدوم صاحب، مولانا قاسميءَ ۽ ڪن ٻين سنڌي اديبن کي ادبي خدمتن جي اعتراف ۾ تمغا وٺي ڏنم. مطلب تہ مان حق ۽ انصاف جي جيڪا بہ ڳالهہ ڪندو هوس، شفيق الرحمان ان جي ڀرپور تائيد ڪندو هو.

شروع شروع ۾ مان ايڪيڊميءَ ۾ ڊئريڪٽر ايڊمنسٽريشن مقرر ٿيو هئس. هڪ دفعي اسان جي غير سنڌي تعليمي وزير، شفيق الرحمان کي چيو تہ

"آگري کي ترقي ڏيئي، ڪٽي ڊئريڪٽر جنرل ڪريو." شفيق الرحمان ايترو بہ ڪونہ پڇيس تہ "مون کي هڪ ڏينهن سوچڻ ڏيو." اوڏيءَ مهل ئي نوٽ ٺاهي وزير کي ڏنائين ۽ ڪانئس آرڊر صحيح ڪرائي، آٽي منهنجي هٿ تي رکيائين. منهنجي جيڪا ساليانو خفيہ رپورٽ A.C.R لکيائين ان ۾ مون کي اي.ون. گريڊ ڏنائين ۽ اهڙا تہ شاندار مارڪ لکيائين، جو پڙهي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويم ۽ اهي ڳاسليٽي ڪامريڊ ياد آيم، جن سان سنڌ ۾ مون سڄي عمر گڏ گذاري هئي، ۽ ڪين پوريءَ ريت خبر هئي تہ سڄي جواني سنڌي ادبي سنگت ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي پليٽ فارم تان دل و جان سان سونهاريءَ سنڌ، سنڌي زبان ۾ ادب جي خدمت ڪندي گذاري هئم، تاهم حسد ۽ ساڙ سببان ڪڏهن سڌيءَ طرح ڪڏهن اڻ سڌيءَ طرح منهنجي گلا غيبت ڪرڻ ۾ ڪسر ڪانہ ڇڏيندا هئا. اسلام آباد ۾ هڪ دفعي جمعي نماز پڙهي ٻاهر نڪتس تہ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ بہ ٻاهر نڪتو. چيائين تہ "رباني، تازو حيدرآباد ويو هئس. مون کي تہ پنهنجن ماڻهن تي حيراني آهي!"

مون چيو "سائين خير؟"

چيائين تہ، "چون ٿا تہ اسلام آباد ۾ جيڪي بہ سنڌي نوڪري ڪن ٿا، سي سڄو وقت ويٺا سنڌ جي خلاف سازشون سٽين."

مون ڊاڪٽر صاحب کي عرض ڪيو تہ "سائين، حيرت ۽ ڏک جي ڳالهہ ڪاٻہ ڪانهي. دعا ڪيو تہ ڌڻي اسان سنڌين کي پنهنجي واهرو ۽ ويريءَ ۾ فرق ڪرڻ جي شناس ڏي."

مون ڳالهہ ٿي ڪئي پنهنجن ۽ پراون جي روش ۽ شفيق الرحمان جي قرب ۽ اخلاص جي. شفيق الرحمان اخلاق جي ايڏي اعليٰ پايي تي شايد انڪري پهتو هو، جو هن زندگيءَ ۾ ڏک سک جو ڀرپور مشاهدو ماڻيو هو. جڏهن پاڻ رٽاير ڪري، ويو، تڏهن مان مهيني ماسي وٽس ڦيرو ڀريندو هئس. شربت جا بہ گلاس ٺاهي اڳيان رکندو هو ۽ پوءِ پنهنجي زندگيءَ جا تجربا ويهي ٻڌائيندو هو.

چيائين تہ ٻيءَ مهاڀاريءَ لڙائيءَ جي زماني ۾، هڪ دفعي جنگ جي محاذ تان ڇانوڻيءَ ڏانهن موٽي رهيو هئس. سڄ لٿي جي مهل هئي. هڪ هنڌ ٻہ سپاهي قبر کوٽي رهيا هئا. پرسان سندن ٽئين ساٿيءَ جو لاش رکيو هو. چوٿون سپاهي نماز پڙهي رهيو هو ۽ پنجون ڪاٺين جي باهہ تي چاءِ جي ڪيٽلي چاڙهي رهيو هو. دل ۾ چيم تہ زندگيءَ جو ڪاروبار ائين ئي هلي سگهي ٿو.

ٻئي دفعي ٻڌايائين تہ جنگ جي محاذ تي هئاسين. هڪ ٻئي پٺيان زخمي سپاهي آڻيندا رهيا. اسان سندن ملم پٽي ڪندا رهياسين. ايتري ۾ هڪ سپاهي آندائون، جنهن کي گوليون هٽي اصل ڇني ڇڏيو هئائون. الائي ڪيئن جيئرو بچيو هو. امن جي وقت ۾ مون سان اڪثر ملندو رهندو هو. ڏاڍو پيارو ماڻهو هو. جڏهن اسٽريچر تي ڪيس منهنجي اڳيان ڪٽي آيا، تڏهن سندس حال ڏسي دل ڌهلجي ويم. ڊاڪٽر جي حيثيت ۾ فقط مان ئي اندازو لڳائي سگهان ٿو تہ ان مهل ڪيس ڪيڏو عذاب هوندو. پر جيئن ئي مون تي نظر پيس تہ ڪيڪارڻ جي ڪوشش ڪيائين. بي انتها عذاب ڪري وات مان اِڪر تہ نڪري ڪونہ سگهيس، پر مون ڏي ڏسي چپن تي مرڪ آندائين. اهو ڏسي منهنجين اکين مان ڳوڙها وهي آيا.

ٻئي دفعي ٻڌايائين تہ ٻيءَ مهاڀاريءَ لڙائيءَ ۾ اسان برما ۾ هوندا هئاسين. اوچتو جپانين جي حملي جو اطلاع مليو. اسان برمي ماڻهن جي حفاظت لاءِ اتي مقرر ٿيل هئاسين، سو جپانين جي مقابلي لاءِ فوراً تيار ٿياسين ۽ فوجي گاڏين ۾ چڙهي، درياهہ ٽپڻ لاءِ پل تي چڙهياسين. پل ايڏي تہ سوڙهي هئي جو ان تان گاڏي لنگهڻ جي جاءِ مس هئي. برمي ماڻهن کي جو جپانين جي حملي جي خبر پيئي تہ اهي ڊپ ۾ سامهون پل تي چڙهي آيا. اسان جي لاءِ انهيءَ ڳاهٽ ۾ پل ٽپڻ ناممڪن ٿي لڳو. برمي ماڻهو اسان جا پنهنجا ماڻهو هئا. پر مجبوراً ڪين هٽائڻ ۽ گاڏين لاءِ رستو پيدا ڪرڻ واسطي، اسان جي سپاهين کي مٿن ئي گوليون هلائڻيون پيون. شفيق الرحمان ڏک سبب اها ڳالهہ پوري ڪري نہ سگهيو. سندس آواز ويهي ويو ۽ اکين ۾ ڳوڙها تري آيا.

هڪڙي دفعي ٻڌايائين تہ منهنجو چاچو توڪلي مڙس هوندو هو. وٽس هڪ باغ هوندو هو، جو سال بسال ٺيڪي تي ڏيندو هو. هڪ سال ٺيڪيدار سان سودو ڪيائين. هو مقرر ڏينهن تي پئسا کڻي آيو. ٺيڪي جو ڪاغذ بہ کڻيو آيو، جنهن تي ٻنهي ڌرين صحيحون وڌيون. ٺيڪيدار پئسن جي هڙ کڻي چاچي جي اڳيان رکي. پر چاچي پئسا ڳڻڻ بدران کيس چيو تہ "اول مانيءَ جو گرهہ وجهون." ڪمدار ماني کڻي آيو. چاچو ۽ ٺيڪيدار اچا ماني کائي رهيا هئا ۽ ڳالهيون ٻوليون ڪري رهيا هئا، جو اوچتو پاسي کان آسمان ۾ ڪا ڪڪري ظاهر ٿي. ڏسندي ڏسندي سڄو آسمان ڪڪرن سان ڍڪجي ويو.

ڪمدار کي اڃي ڳڻتي لڳي تہ باغ ميوي جي وٽن سان پريو بينو آهي. جي تو مينهن وسي تہ سج تي ويندي. ٺيڪدار گوتنا تي ڪندو ۽ ٺيڪي تان ڦري ويندو. سو، چاچي کي اشارو ڏيڻ لڳو تہ "پئسا ڳڻي وٺي ڇڏيو." پر چاچي ڪيس کو گوش ئي ڪونہ ڏنو. مانيءَ کان پوءِ ڪيس حقي ڇڪڻ جي عادت هوندي هئي، سو رڳو ايترو چيائينس تہ "ابا، حقو ٺاهي ڪٽي اچ." ڪمدار حقو ٺاهي آيو، تہ اچي ڳڙو لٿو. ڳڙو بہ ڳڙن جهڙو. ڪمدار کي ڪا آنڌ مانڌ لڳي. سو، ڪنهن مهل ڊوڙندو باغ ۾ وڃي. ميوي جا ڪريل ڍير ڏسي، تہ وري ڊوڙندو چاچي وٽ اوطاق ۾ اچي تہ "وارو ڪريو ٺيڪيدار کان پئسا ڳڻي وٺو." پر، چاچو آرام سان حقو ڇڪيندو رهيو.

ڳڙو وسندو رهيو. ڪمدار سمورو وقت اوطاق ۽ باغ جي وچ ۾ ڊوڙندو رهيو. جڏهن صفا سج تي ويئي ۽ ميوي جا پٽ تي ڍير لڳي ويا، تڏهن چاچي مانڙي ڪري، پئسن جي هڙ ڪٽي ٺيڪيدار کي ڏني. ٺيڪي جو ڪاغذ ڦاڙي، پنهنجي ڪمدار کي آسمان ڏي اشارو ڪري چيائين تہ "ابا، جي روڪڻو اٿئي، تہ انهيءَ کي روڪ."

شفيق الرحمان کي قدرت ٽي پٽڙا ڏنا. سندس ننڍي پٽ جي مون سان محبت هئي، هاڻي ڪنهن بئنڪ ۾ آهي. وڏو پٽس بہ ڪنهن آمريڪي بئنڪ ۾ آهي، قدرت ڪيس سونهن جي نعمت سان بي حساب نوازيو آهي. شفيق الرحمان جي وچين پٽ ڦوهہ جوانيءَ ۾ وفات ڪئي. پيءُ ۽ پٽ روز شام جو گڏجي پسار ڪرڻ ويندا هئا. شفيق الرحمان جو چوڻ آهي تہ سڄو وقت خاموش هوندا هئاسون. هاڻي ويچار ڪندو آهيان تہ اها خاموشي عجيب معنيٰ خيز معلوم ٿيندي اٿم ۽ انجيل جا اکر ياد ايندا اٿم: "حضرت ابراهيم جڏهن پنهنجي پٽ حضرت اسماعيل کي ساڻ وٺي گهر کان ٻاهر نڪتو هو تہ ٻئي پيءُ پٽ "باخبر" هئا ۽ خاموشيءَ سان پنڌ ڪندا ٿي ويا. انجيل جي مفسرن ان "خاموشيءَ" تي تبصرو ڪندي لکيو آهي تہ:

"It was the most piognant silence in the wrold."

شفيق الرحمان پٽ جو صدمو تہ پي ويو. پر، سندس اندر مان اڳوڻو ڪل پيو ڳ وارو ماٺهو ويو. هڪ دفعي مرحوم پٽ کي سڪ سان ياد ڪري، مون کي ڳوڙهن پريل اکين سان وارث شاهہ جو هڪ شعر ٻڌايائين تہ "جي وڇڙيا منهنجي اڱڻ موٽي اچن، تہ مان گيهہ جا ڏيئا ٻاريان."

شفيق الرحمان ۾ مان هاڻي بہ گاهي ماهي ملندا رهندا آهيون. سندس رهڻي ڪهڻي انگريزن واري آهي. الله سائينءَ ڪيس سيڪجهہ ڏنو آهي. چار پنج هزار پينشن ڪيس ملي ۽ چار پنج هزار سندس گهرواريءَ کي. سندس وڏي پٽ جي پگهار شايد ويهہ پنجويهہ هزار رپيا مهينو آهي ۽ ننڍي جي ڏهہ پندرهن هزار. هڪ بنگلو اسلام آباد ۾ ڪرايي تي ڏنل اٿس ۽ ٻئي بنگلي ۾ پنڊيءَ ۾ پاڻ رهندو آهي. پاڻ سڄو وقت مٿينءَ ماڙي تي لکڻ پڙهڻ ۾ مشغول تہ سندس گهرواري هيٺ پنهنجي بيڊ روم ۾- دنيا ۾ رهندي دنيا کان بي نياز- مانيءَ مهل ٻئي ڇڙا گڏبا آهن. جڏهن مان ساڻن ملڻ ويندو آهيان تہ ڏاڍا خوش ٿيندا آهن.

شفيق الرحمان ڪڏهن ڪڏهن سڪن جا لطيفا ٻڌائي کلائيندو آهي. پوئين دفعي هڪ لطيفو ٻڌايائين تہ "هڪ سڪ گهوڙي تي چڙهيو پئي آيو. رستي تان سامهون ٻيو سڪ پنڌ پئي آيو. ان کي چيائين تہ "سردار صاحب، اهو تہ ٻڌاءِ تہ مان ڇاتي چڙهيل آهيان؟" اهو ٻڌي، ٻئي سڪ چيس تہ "سردار صاحب، توهان تہ گهوڙي تي سوار آهيو. ڇو؟"

گهوڙي تي چڙهيل سڪ چيس تہ "اها تہ پاڻ کي بہ خبر هئي، پر چوندا آهن تہ وري بہ پڇڻ ڳاڇڻ چڱو آهي."

شفيق الرحمان کان موڪلائي، جڏهن مان گهر موٽيس تہ رستي تي ڊرائيور چيو "سائين، شفيق الرحمان صاحب ڏاڍو ڪو عجيب انسان آهي. ايڏو سارو بنگلو ان ۾ پاڻ اڪيلوئي اڪيلو مٿي ۽ هيٺ گهرواري؟"

مون ڊرائيور کي چيو تہ "ابا، شفيق الرحمان کي زندهہ رهڻ جو وڏو سليقو آهي."

"اهو ڪهڙو؟" ڊرائيور حيرت مان پڇيو.

مون چيو: "اکين ۾ ڳوڙها ۽ چپن تي مرڪ. زندگيءَ جو ڪاروبار ائين ئي هلي سگهي ٿو."

مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي

مولانا غلام مصطفى قاسمي

انسان جي ذهني تربيت گهڻن ئي ذريعن سان ٿئي ٿي، پر مکيہ شايد ہہ آهن: هڪ چڱن ماڻهن جي صحبت وسيلي، ۽ ٻيو سٺن ڪتابن پڙهڻ سان. قدرت مولانا غلام مصطفيٰ قاسميءَ کي ٻئي نعمتون نصيب ڪيون.

محمد امين خان کوسو کيس "علم جو سمنڊ" ڪوٺيندو هو. سنڌ جي اڳواٽن عالمن ۽ علمي مرڪزن جو ڪو منجهائيندڙ مسئلو هجي يا تاريخ ۽ تذڪري جي ڪتابن سان وابستہ ڪو معاملو. ٻئي ڪنهن هنڌان جواب نہ ملي، تہ قاسمي صاحب وٽان پڪ ئي پڪ ملي ويندو. قاسمي صاحب واقعي علم جو بحر بي ڪنار آهي. پر مون کي جنهن ڳالهہ متاثر ڪيو، سو آهي سندس اعليٰ اخلاق.

اخلاق ئي انسانيت جو معراج آهي. اهو ابتدائي سبق کيس سندس استاد مولانا عبدالڪريم ڪورائيءَ قول ۽ فعل وسيلي ڏنو هو. مون سان ڳالهيون ڏاڍيءَ سڪ سان ڪندو هو. چوندو هو تہ "مون کي منجهانئس مخدوم مغين ۽ محمد هاشم جي خوشبوءِ ايندي هئي." بزرگ اصل ۾ وينل تہ ڪوٽ پٺي، تعلقي رتيديري جو هو، پر پڙهائيندو ڳوٺ ڪور سليمان ۾ هو.

پر اها باڪمال هستي، جنهن جي صحبت ۾ قاسمي صاحب رچي ريٽو راس ٿيو، سا هئي امام انقلاب، مولانا عبيدالله سنڌي.

مولانا سنڌي پنهنجي دور جي ديوقامت شخصيت هو. بڙ جي تناور درخت جي گهاٽيءَ ڇانوَ هيٺان ڪوبہ ٻوٽو اسري ڪونہ سگهندو آهي. مولانا سنڌيءَ جي عقيدتمندن سان بہ ساڳي ويڌن ٿي. ڪوبہ عقيدتمند سندس جتيءَ ۾ پير پائي ڪونہ سگهيو. پر، پارس پٿر لوهہ کي ڇهندو، تہ ان کي سون ضرور بنائي ڇڏيندو. قاسمي صاحب، انهن خوشنصيب انسانن مان هو. جن جي مٿي تي مولانا سنڌيءَ هيڪر ٻاجهہ ڀريو هٿ گهمايو. بس، ان نعمت عظميٰ حاصل ٿيڻ کانپوءِ، قاسمي صاحب کان زندگيءَ جون ٻيون سڀ لذتون وسري ويون:

"ڇڪيءَ تنهن ڇري ڪئي، جا ڏنس يار ڏهي."

مولانا عبدالله سنڌي مون ڪونہ ڏٺو. بابا سائين سندس نالو ڏاڍيءَ سڪ سان ڪڻندو هو. عجب انسان هو. سندس جيڪو بہ عقيدتمند ڏٺم، تنهن تي "مفتون" جي اها مصرع سورهن آنا صادق هئي:

"تنهنجي زلف جي بند ڪمند وڌا، زندان هزارين مان نہ رڳو."

هيڪر قاسمي صاحب مان ڪراچيءَ ۾، ڪنهن مدرسي ۾ مولانا محمداسماعيل وٽ ڪچهري ڪرڻ وياسين. اتي مولانا سنڌيءَ جون ڳالهيون

نڪتيون. هڪ پير مرد، جنهن کي مولوي بروهي تي ڪونيائون، مون کي ٻڌايو تہ: ”رباني صاحب، مولانا سنڌي جلاوطنيءَ جو عرصو گذاري، سنڌ موٽيو هو. هند تي انگريز جي حڪومت هئي ۽ سنڌ تي الله بخش سومري جي. مولانا سنڌي هن ئي مدرسي ۾ ئي اچي ٽڪيو هو. هندستان جي هاڪارن عالمن جا هشام هئا. جمعي نماز کان پوءِ تہ ماڻهو اچي ڳاهٽ ٿيا. ڪو شخص اٿي بيٺو ۽ ادب سان عرض ڪيائينس تہ: ”سائين، اسان اوهان جي قرآن دانيءَ جي ڏاڍي هاڪ ٻڌي آهي. اڄ تہ الله جي ڏني مان ڪجهہ ٻڌايو.“

مولوي بروهيءَ چيو تہ: ”مولانا سنڌي جلالي ماڻهو هوندو هو. هر ڪنهن کي ساڻس حجائتو ڳالهائڻ جي همت ڪانہ ٿيندي هئي. پر ان ڏينهن سندس طبيعت شايد جمالي رنگ ۾ هئي. سواليءَ جي صدا ٻڌي، هڪدم اٿيو ۽ سورت نون پڙهي، ان جو تفسير بيان ڪيائين.“

مولوي بروهي ڳالهہ ڪندي، گهڙي ڪن لاءِ خاموش ٿي ويو. پوءِ پريل گلي سان چيائين: ”رباني صاحب، مان توهان کي ڇا ٻڌايان! جنهن مهل مولانا سنڌي تفسير بيان ڪري رهيو هو، ان مهل مون تہ ائين محسوس ڪيو، تہ قرآن پاڪ آسمان مان اجهو هاڻي نازل ٿي رهيو آهي.“

مولانا سنڌيءَ جو ٻيو قصو ٻئي دوست ٻڌايو، چيائين تہ ”هندستان مان هجرت ڪرڻ بعد، جنهن وقت مولانا سنڌي افغانستان ۾ هو، ان وقت ترڪيءَ جو سفير ساڻس ملڻ آيو. مولانا جو وقت ”اڻ هوند“ جي حالت ۾ بسر ٿي رهيو هو. پر خدا تي توڪل رڪندو هو[1] سواءِ ڪنهن ڳڻ ڳوت جي ترڪي سفير کي چاءِ جي دعوت ڏيئي ڇڏيائين. بعد ۾ جڏهن سندس ساٿين ڪيس چيو تہ،

[1] هڪ دفعي مان مولانا قاسمي صاحب سان گڏ موٽر ۾ حيدرآباد کان ڪراچيءَ وڃي رهيو هوس. رستي تي هڪ هنڌ موٽر بيٺي تہ فقير اچي خيرات گهري. مون کيسي مان ڏهين رپين جو نوٽ ڪڍي کيس ڏنو. موٽر اڳتي هلي تہ مولوي صاحب مون کي چيو تہ ”فقيرن کي ائين مفت ۾ ڏهين ڏهين جا نوٽ ملندا تہ خراب نہ ٿيندا تہ ٻيو ڇا ٿيندا.“ ڏاڍو شرمسار ٿيس. ان واقعي کي سال بہ گذري ويا. پر، دل تي بار رهيو.

هڪ دفعي ڪنهن دوست ٻڌايو تہ ”مولانا عبيدالله سکر ۾ هو. سندس ڪو عقيدتمند آيو. هٿ چميائينس ۽ موڪلائڻ مهل سو رپين جو نوٽ ڪڍي، نذراني طور پيش ڪيائينس. مولانا سنڌيءَ مٺ ڪري، نوٽ کيسي ۾ وجهي ڇڏيو. ڪجهہ دير کان پوءِ ميزبان کان موڪلايائين. ٻہ ٽي وکون مس کنيون هوندائين جو هڪ فقير اچي خيرات گهريس. جنهن بي پرواهيءَ سان سو رپين جو نوٽ کيسي ۾ وڌو هئائين، ساڳيءَ ئي بي پرواهيءَ سان ساڳيو نوٽ کيسي مان ڪڍي، فقير جي ترئيءَ تي رکيائين ۽ پاڻ اڳتي روانو ٿيو- اها ڳالهہ ٻڌي منهنجي دل کي قرار آيو.

"سائين، سفير صاحب جي چاءِ پارٽيءَ جا اسباب ڪير مهيا ڪندو؟" تڏهن بي فڪريءَ سان ڪين جواب ڏنائين ته "رکو رب تي." پر، سندس هڪ ساٿيءَ ڪي الڪو ٿي پيو. سو وڃي افغانستان گورنمينٽ جي ڪنهن ليڊر سان اها ڳالهه ڪيائين. تنهن چيو ته "اوهان ڪو فڪر نه ڪريو. اسان سڀ انتظام ڪنداسين." مقرر وقت تي ڪنهن باغ ۾ چاءِ پارٽيءَ جو شاهي انداز سان اهتمام ٿيو. گلم غاليچا وڇايا ويا. ڪاڏي ۽ ميواتن جا انبار لڳي ويا. ترڪيءَ جي سفير جي وڏي شانَ مانَ سان دعوت ٿي ويئي.

ان دوست چيو ته ان واقعي کي ڪجهه ڏينهن گذري ويا. هڪ ڏينهن مان مولانا سنڌيءَ وٽ ويٺو هوس، ته ڪنهن اچي چاڻ ڪيو، ته ترڪيءَ جو سفير، مولانا سنڌيءَ سان ملڻ لاءِ در تي اچي پهتو آهي. اهو ٻڌي مان ته اهڙو ششدر ٿيس، جو ڪوٺيءَ کي ڪا دري هجي ها، ته ان مان ٽپو ڏيئي ٻاهر ڀڄي وڃان ها. پر ڀڄڻ جو ڪو رستو ئي ڪونه هو. هوڏانهن مولانا سنڌي هو، جو بي فڪرو پنهنجيءَ کٽ تي ويٺو هو. ڪچي ڪوٺي هئي، جنهن ۾ پڳل ڪرسي ۽ کٽ پيل هئي. کٽ جو هڪ پائو به پڳل هو، سو ان جي هيٺان سرون ڏيئي، کٽ کي ويهڻ ۽ سمهڻ جي لائق بڻايو ويو هو. ايتري ۾ ترڪيءَ جو سفير ڪمري ۾ داخل ٿيو. مولانا سندس آڌرڀاءُ ڪيو، ۽ پڳل سڳل ڪرسي اڳيان ڪري، ويهڻ لاءِ چيائينس. سفير، پنهنجيءَ حڪومت پاران، مولانا سنڌيءَ جي دعوت جو شڪريو ادا ڪيو ۽ سونهري فريم سان هڪ عاليشان ترار کيس تحفي طور پيش ڪئي. مولانا حڪم ڪيو ته "مهمان لاءِ چاءِ ناهه." مون گاسليٽ جي اسٽوو (چلهي) تي ڪٽلي چاڙهي، چاءِ جو ڪوپ ناهي، ترڪي سفير کي پيش ڪيو. هن چاءِ پيتي ۽ خالي ڪوپ واپس ڪندي، مولانا سنڌيءَ کي نهايت ادب سان چيائين: "سائين، شاهي ضيافتن ۾ ته اسان چاءِ روزانو پيا پيئون، پر، اڄ اوهان سڪ سان جيڪا چاءِ پياري، ان جو مٺو ذائقو انشاءَالله سڄي عمر زبان تي رهندو. هن دنيا ۾ خلوص کان وڌيڪ ڪابه نعمت ڪانهي."

مولانا سنڌيءَ جيترو عرصو جلاوطنيءَ جا سور سٺا، ايترو عرصو غالباً ٻئي ڪنهن به اڳواڻ ڪونه سٺا. جڏهن سندس جلاوطنيءَ جو عرصو آخرڪار پورو ٿيو ۽ موٽي ملڪ ۾ آيو ته سندس سياسي خيالن ۾ زمين آسمان جو فرق اچي چڪو هو. جڏهن هجرت ڪري افغانستان ويو هو، تڏهن ٻيو شخص هو،

جڏهن دنيا جي مختلف ملڪن: افغانستان، روس، ترڪيءَ ۽ حجاز مقدس ۾ ورهين جا ورهيه رهي، موٽي وطن موٽيو. تڏهن سندس سياسي فڪر سراسر بدلجي چڪو هو. تنگ نظريءَ ڪي سختيءَ سان ننڍڻ لڳو هو. خدا جي خلق جي معاشي ڀلائيءَ جو ڏاڍو اونو هوس.

پير علي محمد راشديءَ پنهنجي ڪتاب "اهي ڏينهن اهي شينهن" ۾ سنڌ جي شخصيتن جا جيڪي به خاڪا لکيا آهن، تن ۾ گهٽي ۾ گهٽي تعريف غالباً مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي ڪئي اٿس ۽ تاثر اهو ڏنو اٿس ته "اسان ۾ ان زماني ۾ اها شناس ٿي ڪانه هئي، جو سندس سياست کي سمجهي سگهون."

اسلام آباد جي قائداعظم يونيورسٽيءَ ۾، وچ ايشيا جي ملڪن واري تهذيب جي مطالعي جو هڪ مرڪز آهي، جنهن جو سربراهه ملڪ جو ممتاز عالم ڊاڪٽر احمد حسين داني آهي. پير حسام الدين راشديءَ جي ڪري ساڻس منهنجي به محبت ٿي ويئي. هن پنهنجي سينٽر جي جرنل جا ڪجهه پرچا مون کي تحفي طور ڏنا. انهن ۾ هڪ دلچسپ مضمون هو، جنهن جو عنوان هو:

The Interaction of Islam and Socialism: in the religious thought of the Muslims of British India.

مصنف برصغير جي ديني عالمن جي سياسي سوچ ۽ ارتقا جو جائزو ورتو هو. مضمون جي شروعات ڪن اهم عالمن جي بيانن سان ۽ اختتام مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي ڪلڪتي واريءَ تاريخي تقرير تي ڪيو هئائين.

فاضل مضمون نگار، مسعود غزنويءَ، جڏهن اهو مضمون لکيو هو، تڏهن پاڻ آمريڪا جي پينسلوانيا رياست جي "روزمينٽ ڪاليج" ۾، شعبه تاريخ جو ايسوسيئيٽ پروفيسر هو. "اسلام جي تاريخ ۽ ڪلچر" سندس مطالعي جا خاص موضوع هئا. زير بحث مضمون، سنه 1973ع ۾، آمريڪا جي مشيگان اسٽيٽ يونيورسٽيءَ ۾، ايشيا جي مطالعي جي سلسلي ۾، "وچ. اولهه" بابت، ٻاويهينءَ ساليانيءَ ڪانفرنس لاءِ لکيو هئائين.

سندس مضمون ۾ مولانا عبيدالله سنڌيءَ متعلق مستند معلومات ۽ ان جو علمي تجزيو ڏنل آهي. مون کي راشدي صاحب جي مضمون کان گهٽ وڌيڪ وڻيو. حقيقت اها آهي ته مون مولانا سنڌيءَ جي شخصيت بابت جيڪي

۽ تورا گهڻا مضمون پڙهيا آهن، تن سيني ۾ سني ۾ سنو هو. منجهانئس ڪي ٽڪرا هت پيش ڪريان ٿو:

1. مولانا سنڌيءَ جي شخصيت جا گهڻا ئي رخ آهن. سک خاندان ۾ ڄائو هو. ننڍيءَ عمر ۾ اسلام ڏانهن متوجهه ٿيو. چوڏهن ورهين جي عمر ۾ مسلمان ٿيو.

2. ديوبند جي سربراهه، مولانا محمودالحسن ”شيخ الهند“ جي پيارن شاگردن مان هو. ديو بند مان علم جي تحصيل بعد سنڌ ڏانهن موٽيو. ليڪن، ستت ئي کيس واپس سڏيو ويو.

3. شيخ الهند، برصغير کي انگريزن جي غلاميءَ مان نجات ڏيارڻ لاءِ کيس بين الاقوامي حمايت حاصل ڪرڻ لاءِ ڪابل موڪلڻ جو فيصلو ڪيو.

4. مولانا سنڌيءَ ڪابل ۾ ستن سالن جو ڏکيو عرصو نهايت نراسائيءَ ۽ نااميديءَ ۾ گذاريو. آخرڪار کيس، اها ڳالهه ذهن نشين ٿي ويئي ته انگريزن جي غلاميءَ مان آزادي حاصل ڪرڻ جي لاءِ ديوبند جي اسڪيم مان ڪريہ ڪڙتيل نڪرڻو نہ آهي، ڇو تہ افغانستان جي حڪومت، برصغير کي آزادي ڏيارڻ جي نہ تہ لائق آهي ۽ نہ وري نيڪ نيت.

5. پهرينءَ مهاڀاري لڙائيءَ جي آخر ۾، ڪيترن ئي هندستاني مسلمان عالمن ڪانگريس ۾ شموليت اختيار ڪئي. ان ئي سلسلي ۾ مولانا سنڌي، ڪانگريس جي ڪابل وارءَ برانچ جو صدر چونڊيو.

6. ڪابل ۾ رهائش دوران، مولانا سنڌيءَ روس جي انقلابي بولشو ويڪ حڪومت سان لڳ لاڳاپو قائم ڪيو. سنہ 1922ع ۾ ماسڪو وڃڻ جو فيصلو ڪيائين. روس جي انقلابي حڪومت مولانا سنڌي ۽ سندس ساٿين جو مهمانن جي حيثيت ۾ آڌر ڀاءُ ڪيو. (درحقيقت، ان زماني ۾، ماسڪو سڄيءَ دنيا جي انقلابين ڪي پاڻ ڏانهن ڇڪي رهيو هو.)

7. مولانا سنڌي هڪ سخت مذهبي، باضابطہ عالم ۽ شريعت جو پابند مسلمان هو. پر، هڪ غير مذهبي

معاشري ۽ حڪومت ۾ جيڪو مشاهدو ڪيائين، ان سندس ذهن تي دور رس اثر ڇڏيا.

8. مولانا سنڌي لڳ ڀڳ نو مهينا ماسڪو ۾ رهيو. ان وچ ۾ روسي حڪومت جي غير ملڪي ڪميسار، جارجي واسليچ چيچرن Georgi Vasilyevich Chicherin سان ملاقاتون ڪيائين، ۽ روسي حڪومت تي زور ڀريائين ته برصغير جي آزاديءَ واسطي انقلاب آڻڻ لاءِ مالي تعاون ڪري.

9. روس ڪان اها خاطري وٺڻ ڪان پوءِ، پاڻ ماسڪو مان ترڪيءَ ۽ اتان حجاز وڃڻ جو فيصلو ڪيائين، ته ڪانگريس جي وسيلي، برصغير ۾انقلاب آڻڻ لاءِ، هندستاني اڳواڻن سان رابطو پيدا ڪري.

10. ترڪي ان وقت ڪمال اتاترڪ جي آنڌل سڌارن واري دور مان گذري رهي هئي. مولانا سنڌي ٽي سال ترڪيءَ ۾ رهي، حالتن جو جائزو ورتو.

11. جڏهن برصغير ۾، روسي حڪومت جي مالي مدد سان ۽ ڪانگريس جي وسيلي، انقلاب آڻڻ لاءِ، سندس سموريون ڪوششون ناڪامياب ٿيون، تڏهن في الحال عملي سياست کي ڇڏي، حجاز مقدس روانو ٿيو ۽ اتان جي حڪومت کي خاطري ڏنائين ته سياست ۾ ڪوبه حصو نه وٺندس.[1]

[1] پنڊت جواهر لعل نهرو جي آتم ڪهاڻيءَ جو هڪ سنڌي ترجمو "جواهر جيوني" نالي سان تيرٿ وسنت انگريزي مان سنڌي ۾ ترجمو ڪري، حيدرآباد جي پيتامبرداس سهجرام، پائينئر اليڪٽرڪ پرنٽنگ پريس مان 1941ع ۾ ٻن حصن ۾ "تلخيص" جي صورت ۾ ڇپايو هو. ان ۾ جواهر لعل جو هڪ هنڌ هي بيان ڇپيل آهي، "اٽليءَ ۾ مولوي عبيدالله سان ملاقات ٿيم. مون کي ڏسڻ ۾ آيو ته هو موجوده زماني جي خيالات کان گهٽي قدر نا آشنا آهي. باقي قديم نموني جي سياسي ڊپلوميسيءَ ۾ ڪافي ماهريت اٿس. مون کي سندس "هندستان جي اتحاديه جمهوري" جي رٿ پسند آئي، ڇاڪاڻ ته ان ۾ هندو مسلم معاملو بلڪل قابليت سان حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪيل آهي. ڪجهه وقت بعد مولوي عبيدالله جي لالا لجپت راءِ سان ملاقات ٿي، جنهن کي سندس رٿ اهڙي ته پسند آئي، جو انهيءَ سال جيڪي ڪائونسلن جون چونڊون ٿيون، تن ۾ گهڻو وزن انهيءَ رٿ کي ڏنو ويو. مولوي پوءِ حجاز هليو ويو. جتان هن جي وڏيڪ خبر چار ڪانه ملي آهي.
رحيم بخش سومري مون کي ٻڌايو ته مولانا سنڌي ترڪيءَ مان رڳو اٽليءَ ڪونه ويو هو، پر فلسطين جي مفتي اعظم سان گڏ ڪجهه عرصو هٽلر وٽ جرمنيءَ ۾ به گذاريو هئائين. هٽلر انهن ٻنهي بزرگن جي صلاح تي ئي يهودين کي مارايو هو، جو ٻنهي بزرگن جو پڪو عقيدو هو ته يهودي، مسلمانن جا ازل کان ويري هئا ۽ هميشه رهندا.

12. ايندڙ تيرهن سال فقط علم، سوچ ۽ ويچار لاءِ وقف ڪري ڇڏيائين. سمورو عرصو پڙهيائين ۽ پڙهايائين. سندس مطالعي جو خاص موضوع هو شاهه ولي الله.

13. مولانا سنڌيءَ هڪ هنڌ لکيو آهي ته "ڪابل ۾ پورا ست سال مون ان ڳالهه کي سمجهڻ ۾ گذاريا ته بر صغير جي تاريخ جو دنيا جي هاڻوڪين حالتن سان ڪهڙو لاڳاپو آهي؟ ائين محسوس ڪيم ته برصغير ۾ ڪي تورڙا ماڻهو آهن، جن کي تاريخ جي صحيح سمجهه آهي. جن ڪي ڪي قدر پروڙ آهي سي، سڀ يورپ مان پڙهي آيا آهن ۽ اتي دنيا جي عظيم انقلابن جو مطالعو ڪيو اٿن.

14. مون خود "فرانس جي انقلاب" French Revolution ۽ تاريخ تي ان جي ڇڏيل اثرن جو اڀياس ڪيو. جڏهن ان منظر تي غور ڪيم، ته برصغير جي تاريخ ۾ هڪ انقلاب گجندي ۽ اڀرندي ڏٺم. عالمگير جي وفات 1707ع کان پوءِ برصغير جي تاريخ بي قراريءَ جي ڪيفيت ۾ گذاري رهي هئي. مون کي ان ۾ روشنيءَ جي فقط هڪ ئي لاٽ نظر آئي: "شاهه ولي الله جي سوشلسٽ تحريڪ". ان منظر کي خيال ۾ رکي، مون برصغير ۾ انقلابي تحريڪ جو نقشو تيار ڪيو.

بقول مضمون نگار، مولانا سنڌي جڏهن هندستان ڏانهن موٽيو ته "سوشلسٽ صوفي" بڻجي چڪو هو. هاڻي، سندس صوفيانه وحدانيت ۾، "ديوبند واري متحده قوميت" ۽ "مغربی قوم پرستي" ٻنهي لاءِ گنجائش موجود هئي. "جدت پسندي"، "انقلابيت" ۽ "سوشلزم" سندس فڪر جا مرڪزي نڪتا هئا. اسلام جي حيثيت "عالمي انقلا.   ري هئي.

مولانا سنڌيءَ شاهه ولي الله کي پنهنجو امام قرار ڏنو. سندس چوڻ هو ته: "مسلسل انقلاب ئي اسلام جو روح آهي"[1] پاڻ اهو سبق "حجة الله بالغه" مان پرايو هئائين، جنهن جي مطالعي ۾ سندس قول موجب، اڌ صدي گذاري هئائين.

---

[1] مولانا سنڌيءَ جي عقيدي موجب سچو مسلمان گويا "انقلاب پيهم" جو داعي هو. بقول شاعر:
موجيم ڪه آسودگي ماعدم ما است.   ما زنده ازانيم ڪه آرام نه گيريم

مولانا سنڌي 7 مارچ 1939ع تي، ڪراچيءَ پهتو.[1] 3 جون 1939ع ۾، چوويهن ورهين جي جلاوطنيءَ کان پوءِ، جميعت العلماءِ هند، جي ساليانيءَ ڪانفرنس جي صدارت ڪيائين ۽ اهڙي تہ تاريخي تقرير ڪيائين، جنهن هندستان جي ڌرتيءَ کي ڌوڏي ڇڏيو. سندس سوانح نگارن جو چوڻ آهي تہ امام انقلاب، عبيدالله سنڌيءَ جي اها تقرير بم گولي وانگر هئي. سنڌ کان بنگال تائين هندستان جي مڙني مذهبي حلقن کي ڌڪائي ڇڏيائين!

سندس تقرير جا مکيہ نڪتا هي هئا:

1. سوشلسٽ انقلاب دنيا تي ڇانئجي رهيو آهي. برصغير ان کان بچي نٿو سگهي. برصغير جي رهاڪن کي ان لاءِ تيار ٿيڻ کپي. ان جو سڀ کان صحيح طريقو اهو آهي تہ مسلمانن، هندن ۽ سکن جا دانشور، پنهنجن پنهنجن عقيدن جي روح ۾، سوشلزم سان هم آهنگي پيدا ڪن. مسلمان شاهہ ولي الله کي پنهنجو امام بنائي ائين ڪري سگهن ٿا.

2. انگريزن جي حڪومت هيٺ رهندڙ هندستاني باشندا مغرب ڏانهن منفي طريقو ڇڏي ڏين. گذريل ٻن سون سالن ۾ هنن برطانيہ ۽ مغرب جي سلسلي ۾ پنهنجي سيني ۾ جيڪي جذبا سانديا آهن، تن سندن ترقيءَ جا رستا روڪي ڇڏيا آهن. کين مغرب کان سکڻ ۽ پرائڻ جي ضرورت آهي. ايتريقدر جو کين پنهنجو لباس لاهي مغربي لباس استعمال ڪرڻ کپي. خاص طرح مغربي نظام جو علم ۽ حڪومت جي ادارن جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ کپي. کين چڱيءَ طرح سمجهي ڇڏڻ کپي تہ برصغير کي فقط سياست نہ، پر سماجي انقلاب جي وڏيڪ ضرورت آهي.

3. اقتصادي ترقي ۽ يوروپي نموني وانگر سيڪيولر نيشلزم آزاديءَ جي جدوجهد جو بنياد هئڻ گهرجي. مهاتما گانڌيءَ وارو مذهبي علامتي انداز، قومي تحريڪ کي نقصان رسائيندو.

---

[1] سندس واپسيءَ جو سهرو، شهيد الله بخش سومري جي سر تي سونهين ٿو.

مولانا سنڌيءَ زندگيءَ جا پويان پنج ورهيہ انهن ئي اصولن جي پرچار ۾ هينئينءَ ريت گذاريا:

1. دهليءَ جي جامع اسلاميہ سان گڏ، شاهہ ولي الله جي سوچ ۽ تعليم کي سمجهائڻ لاءِ "بيت الحڪمة" قائم ڪيائين.

2. پنهنجن خيالن جي پرچار لاءِ ڪتاب ۽ ڪتابڙا لکيائين.

3. برصغير جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ سفر ڪري، تقريرون ڪيائين.

4. آخر ۾ "جمنا، نربدا، سنڌ ساگر پارٽي" ناهيائين.

وفات کان تورا ڏينهن اڳ پنهنجيءَ آخرين تقرير ۾ فرمايائين تہ مشرق تي مغرب جي غلبي جا چار مکيہ سبب آهن:

1. حريت پسندي Liberalism

2. صنعتي نظام Industrialism

3. عسڪريت Militarism

4. اشتراڪيت Socialism

برصغير جي رهاڪن کي بہ اهي طور طريقا هڪ نہ ٻيءَ صورت ۾ اختيار ڪرڻ گهرجن. جو تہ مساوات کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ مغربي طريقا اختيار ڪرڻ ضروري آهن. مولانا سنڌيءَ جو چوڻ هو تہ "جيستائين اوهان فلش سسٽم رائج نہ ڪندا، تيسين ڀنگيءَ جو ٻيڙو ڪم ڪيئن ختم ڪري سگهندا؟"

مولانا سنڌي تہ اصولي طرح، سوشلزم جي انتهائي صورت جي خلاف بہ ڪونہ هو. پر، احساس هئس تہ اهو، موجوده حالتن هيٺ، هندستان ۾ هلي ڪونہ سگهندو.

اسلام، ڪن حدن اندر "خانگي ملڪيت" جي اجازت ڏني تو. مولانا سنڌيءَ جو خيال هو تہ جيڪڏهن معاشري جي ڀلائيءَ لاءِ ضرورت تي پوي، ۽ وقت جي تقاضا بہ هجي، تہ فرد کان "خانگي ملڪيت" جو حق کسي سگهجي تو. ان سلسلي ۾، پاڻ قرآن ڪريم جي هن آيت شريف جو اڪثر حوالو ڏيندو هو:

"يقيناً الله مومنن کان سندس زندگيون ۽ ملڪيتون خريد ڪري ورتيون آهن (ان جي اجر ۾) سندن لاءِ آخرت ۾ جنت آهي."

مولانا سنڌي ان ڳالهہ سان بہ متفق ڪونہ هو تہ ڪو سوشلزم جو روح "غير مذهبي" آهي. هو چوندو هو تہ سوشلزم تہ انساني بنيادي مسئلن کي صحيح نموني تي حل ڪرڻ لاءِ حسابن ۽ رياضيءَ وانگر جڻ هڪ قسم جو علم آهي.

مولانا سنڌي ائين ٻہ چوندو هو تہ "اسلام وانگر، سوشلزم بہ ماڻهن ۾ هڪ ئي نظريي ۽ فڪر جي وحدت پيدا ڪري ٿو. پر انسان ذات جي اڳيان مابعد الطبيعات (Meta-physics) جا اعليٰ آدرش بہ آهن.

سندس خيال هو تہ سوشلزم ڪي اتحاد ۽ انساني ترقيءَ ڏانهن هڪ شروعاتي قدم جي حيثيت ۾، "غير مذهبي" قرار ڏيئي نٿو سگهجي. ساڳيءَ ريت، روسي ڪميونسٽن کي بہ "غير مذهبي ماڻهو" ڪوني ڪونہ ٿو سگهجي.

مولانا سنڌي چوندو هو تہ، "لادين شخص" تہ اهو آهي، جنهن جو ڪوبہ دين ايمان نہ هجي. يعني وٽس ڪي بہ اهڙا اعليٰ آدرش (Ideals) ۽ زندگيءَ جا اعليٰ قدر (Values) نہ هجن، جيڪي سندس ذاتي غرضن ۽ خواهشن کان مٿاهان هجن. ڪميونسٽ تہ اهي شخص آهن، جن جي اڳيان وڏا اخلاقي قدر ۽ اعليٰ آدرش آهن. هنن هڪ فرسوده دين کي ختم ڪيو آهي، پر ائين ڪندي خود هڪ نئين دين جو بنياد وڌو آهي.[1]

روس ۾ جڏهن انقلاب آيو تہ ان وقت ان جو مذهب "عيسائيت" هو. بعد ۾ ڪي اسلامي علائقا بہ ان جي قبضي ۾ آيا.

مولانا سنڌيءَ هڪ هنڌ لکيو آهي تہ "جڏهن 1922ع ۽ 1923ع ۾ مون روسي ڪميونسٽن کي هڪ نئين عالمي نظام کي تشڪيل ڏيندي ڏٺو، تڏهن ياد آيم تہ ڪنهن زماني ۾ اسلام بہ ائين ئي هڪ عالمي انقلاب جو پيغام کڻي اٿيو هو."

---

[1] مولانا سنڌيءَ جي خيالن جي روشنيءَ ۾ ڏسجي تہ "لادين شخص" ۽ "خود غرض" انسان ۾ شايد ڪو ٿورڙو فرق وڃي بچي ٿو. مون زندگيءَ ۾ اهڙا خود غرض انسان ڏٺا، جيڪي (Hedonism) جي عقيدي جا قائل هئا. نالي ۾ مسلمان يا غير مسلمان هئا. سندن خيال هو تہ جيڪي ڪجهہ آهي، سو هتي هن دنيا ۾ آهي، تنهن ڪري مزا ماڻي وٺجن. اخلاقي قدر اجائي ڳالهہ آهي. جيري ڪاڻ ٻڪري کهڻ جائز آهي.
مون پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪميونسٽ بہ ڏٺا: ملڪ ۾ بہ ۽ ملڪ کان ٻاهر بہ. ملڪي ڪميونسٽن ۾ گاسليٽي ڪامريڊ گهڻا هئا. لباڙ هڻڻ ۽ چندي گڏ ڪرڻ جا ماهر هئا. پر، منجهن ڪي داڻا ڪڻا اهڙا بہ هئا، جن تي مولانا سنڌيءَ جي فتوا سورهن آنا صادق هئي. سون جهڙا سچا ماڻهو هئا. مثلاً مون سڄيءَ عمر ۾ سوڀي گيانچنداڻيءَ جهڙا با اخلاق، شريف، نيڪ، سخن جا سچا، رحم دل، ٻاجهارا ۽ پيارا انسان ڪي ورلي ڏٺا. سوڀي جي قول ۽ فعل ۾ ڪوبہ فرق ڪونہ هو.
جڏهن ڪميونسٽن لاءِ مولانا سنڌيءَ جا تعريفي جملا پڙهيم، تڏهن سوڀي گيانچنداڻيءَ جو چهرو اکين اڳيان آيم ۽ محترم محمد ابراهيم جويي جا لفظ ياد پيم: هڪ دفعي مون کي چيائين تہ "علامہ آءِ.آءِ قاضي ۽ مولانا عبيدالله سنڌي، جيڪو اسلام پيش ڪندا هئا، اهو اڄ بہ مون کي قبول آهي."
ساڳيءَ ريت، ملڪ کان ٻاهر يعني چين ۾ تہ ڪميونسٽ عام جام ڏٺم. ڪين ڏسي حيران ٿي ويس تہ اسان وٽ ڪهڙي پروپئگنڊا هئي ۽ هت حقيقت ڇا آهي! سڄي چين ۾ مون کي ڪا بہ اهڙي عورت نظر ڪانہ آئي، جنهن کي لپ اسٽڪ يا پائوڊر لڳل هجي. سڀ سادي لباس ۾. اکين ۾ حياءُ ۽ ڪنڌ هيٺ. مرد توڙي زالون سڄو وقت محنت ۾ مشغول. ڪين ڏسي، مون کي "خلافت راشده" وارو دور ياد اچي ويو.



مولانا عبيدالله سنڌي



مولانا ابوالکلام آزاد

مولانا سنڌيءَ کي خاطري هئي تہ روسي ڪميونسٽ هڪ ڏينهن پنهنجي انقلاب جي ٻيءَ اسٽيج ڏانهن وک وڌائيندا، جنهن ۾ ڪين "خدا جي وجود جي انڪار ڪرڻ واري فلسفي (Godless Society) جي ضرورت ڪانہ رهندي."

مولانا سنڌي جو مثال ان سلي وانگر آهي، جو انگورين پلو هجي. مون مٿي عرض ڪيو آهي تہ ماڻهو جي تربيت چڱن ماڻهن ۽ ڪتابن جي صحبت وسيلي ٿيندي آهي سو، مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي ذاتي جوهر کي چمڪڻ جو موقعو ديوبند جي تاريخي مدرسي ۾ مليو. ان مدرسي وڏا وڏا انسان پيدا ڪيا. مولانا حسين احمد مدني، مولانا انور شاهہ ڪشميري، مولانا اشرف علي ٿانوي ۽ ٻيا. هرهڪ پنهنجي جاءِ تي پهاڙ هو. پر مولانا سنڌي انهن پهاڙن ۾ چڙ تہ ٻرندڙ جبل هو، جو سڄي عمر باهہ وسائيندو رهيو. مان جڏهن بہ تاريخ جي انهيءَ دور تي نظر ڪندو آهيان، تہ برصغير جي مذهبي عالمن جي صف ۾ ٻي فقط هڪڙي شخصيت، قد و قامت ۽ سياسي استقلال جي لحاظ کان، مولانا سنڌيءَ جي هم پايہ نظر ايندي آهي. اها آهي امام الهند، مولانا ابوالڪلام آزاد.

مولانا آزاد، هندو مسلم اتحاد جو حامي هو. دهليءَ ۾ تقرير ڪندي جامع مسجد جي اڳيان چيائين تہ:

"آسمان مان هڪ ملائڪ لهي اچي جامع مسجد جي مناري تي ويهي ۽ مون کي چوي ٿو تہ "هندستان اڄ ئي آزاد ٿي سگهي ٿو، بشرطيڪ هندو مسلم اتحاد ختم ٿئي" تہ مان آزاديءَ تان هٿ کڻڻ پسند ڪندس، پر هندو مسلم اتحاد جي حمايت ڪونہ ڇڏيندس.

مولانا آزاد جو خواب شرمنده تعبير ڪونہ ٿيو. هندو ۽ مسلم اتحاد ٽٽي پيو ۽ ملڪ ٻن آزاد رياستن ۾ ورهائجي ويو. ليڪن ان جي باوجود مولانا ابوالڪلام آزاد جي شخصي عظمت کان ڪير انڪار ڪري سگهي ٿو! مولانا سنڌيءَ وانگر، سندس صبر استقلال ۽ قول ۽ فعل جي عظمت کي ڏسي ماڻهو سوچي ٿو تہ ملائڪن آدم کي آخر بي سبب سجدو ڪونہ ڪيو هو.

مان جڏهن بہ منجهيل هوندو آهيان تہ دل کي حوصلو ڏيڻ لاءِ سندس ڪتاب "غبار خاطر" پڙهندو آهيان. هر دفعي نئون لطف ايندو آهي. مولانا آزاد انتهائي سنجيده ۽ اونهو مفڪر آهي. خدا جي وجود، ڪائنات جي اسرارن ۽

زندگيءَ جي مقصد جهڙن گنڀير مسئلن تي سندس سوچ ۽ تحرير هڪ طرح جي آهي تہ زندگيءَ جي عام رواجي ننڍڙين ڳالهين تي سندس طرز تحرير جو لطف وري بيو آهي. در اصل اهي ننڍڙيون ننڍڙيون ڳالهيون ئي زندگيءَ کي حسين بنائيندڙيون آهن.

ابوالڪلام آزاد جي لکڻ جو انداز اهڙو تہ پيارو آهي، جو سندس ڪتاب پڙهہ تہ ڄڻ ماڻهو مصنف سان گڏ وينو آهي ۽ سڄو منظر پاڻ اکين سان ڏسي رهيو آهي. حسرت موهانيءَ لاءِ چون ٿا تہ هڪ دفعي شعر چيائين:

جب سي ديکهي هي بوالڪلام کي نثر
شعر حسرت مين کچهہ مزه نہ رها

مولانا آزاد "غبارِ خاطر" ۾، هڪ هنڌ لکي ٿو: "زندگيءَ جو هڪ سيارو جو موصل ۾ گذريو، سو ڪڏهن بہ وساري نہ سگهيو آهيان. موصل جغرافيائي لحاظ کان معتدل خطي کان ٻاهر نہ آهي، پر آسپاس جي علائقن ان کي ٿڌو هنڌ بنائي ڇڏيو آهي. ڪڏهن ڪڏهن دياربڪر ۾ ايڏي تہ سخت سردي پوندي آهي، جو جيسين رستن تان برف ڪوٽي نہ هٽائي وڃي، تيسين گهرن جا دروازا کلي ڪونہ سگهندا آهن. جنهن سال مان اتي ويو هوس، ان سال غير معمولي برف پئي هئي. برفباريءَ کان پوءِ جڏهن آسمان صاف ٿيندو هو ۽ آرمينيا جي جبلن جون سرد هوائون لڳنديون هيون، تڏهن ڇا ٻڌايان تہ ڪيڏو نہ سيءُ پوندو هو!

مون کي ياد آهي تہ ڪڏهن ڪڏهن اهڙو تہ سيءُ پوندو هو، جو مٽن تان ڍڪڻ لاهيو، هو تہ سڄو پاڻي برف وانگر ڄميل هوندو هو. پر مون کي پوءِ بہ سرديءَ جي شڪايت ڪانہ هئي. جنهن شيخ جي گهر ۾ تڪيل هوس، ان جي ٻارن کي سڄو ڏينهن برف جي گولن ناهيندي ۽ کيڏندي ڏسندو هوس. "ستي ڪبيره" يعني شيخ جي ماءُ جي نوڪراڻين کي حڪم هوندو هو تہ منهنجو آتشدان چوويهہ ڪلاڪ روشن رکن. پاڻ بہ ڏينهن ۾ ٻہ ٽي دفعا مون کان

پچندي هئي تہ: ”مجمرھ جو ڇا حال آهي؟“ هڪ لوهي ڪٽلي روشندان جي محراب جي زنجير سان ٻڌل هوندي هئي ۽ پاڻي ان ۾ هر وقت جوش ڪاڙهيندو رهندو هو. جڏهن بہ گهرو، تہ قهوو ٺاهي پيو.

اتان جي جاين ۾ آتشدان سدائين روشن هوندا آهن ۽ ايڏا تہ ڪشادا هوندا آهن، جو انهن ۾ ڪيترين ئي ديگڙيون ساڳئي وقت لٽڪائي سگهبيون آهن. آتشدان جي محراب ٺاهڻ مهل ان ۾ ڪنڍا وجهي ڇڏيندا آهن. بلڪل ائين ئي جيئن اسان جي جاين جي ڇتين ۾ وجهندا آهن. انهن ڪنڍن ۾ زنجير ٻڌندا آهن. جنهن سان وري ديگڙي يا ڪٽلي آتشدان جي مٿان ٻڌي ڇڏيندا آهن. ڪن ڪن شهر جي سرائن ۾ بہ آتشدان هوندو آهي. سياري جي مند ۾ سراءِ وارو انهيءَ ئي آتشدان تي پلاءُ چاڙهي دم ڏيئي، اوهان کي ڪارائيندو ۽ چوندو:

”جائي گرم مگزاريد و بخوريد.“

مون ”غبار خاطر“ سؤ ڪن دفعا تہ پڙهيو هوندو. پر سندس ”تذڪرو“ بہ پڙهيو اٿم ۽ ”انديا ونس فريڊم“ جا ٻيئي ڇاپا پڻ يعني هڪ جيڪو ٽيهہ ورهيہ اڳ ڇپيو هو ۽ ٻيو جنهن ۾ هاڻي سيل مهر ٽيل مواد شامل ڪيو ويو آهي. ساڳئي وقت دهليءَ مان ”ترجمان القرآن“ بہ گهرايو اٿم. پر اهو اڃا پڙهي ڪونہ سگهيو آهيان. مولانا آزاد جي ڪتابن جا هونئن تہ ڪئين ڇاپا نڪتا آهن، پر سڀ کان مستند ڇاپا ساهتيہ اڪيڊميءَ دهليءَ شايع ڪيا آهن.

نقادن جو چوڻ آهي تہ اهو فيصلو ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي تہ ابوالڪلام کي تقرير تي وڌيڪ ملڪو حاصل هو يا قلم تي وڌو ڪمال هو. غالباً هو ٻنهي ميدانن جو بي مثال شهسوار هو[1]. بيشڪ خدا جي لاءِ اهو مشڪل نہ آهي، تہ

---

[1] پير علي محمد راشدي، مولانا سنڌيءَ وانگر، مولانا ابوالڪلام آزاد کان بہ ڏاڍو متاثر هو. هڪ دفعي لارينس روڊ واري سندس بنگلي تي ويٺا هئاسون تن ڏينهن ۾، جنگ اخبار ۾ ”مشرق و مغرب“ ڪالم لکندو هو ۽ ان ۾ ڏاڍا شعر وجهندو هو. اها ساڳي ڳالهہ مون کي ابوالڪلام جي تحرير ۾ نظر آئي هئي. سو، مون راشدي صاحب کان سوال ڪيو تہ: ”هر انسان ڪنهن نہ ڪنهن ٻئي انسان کان متاثر ٿيندو آهي. صحافت ۾ اوهان ڪنهن کان متاثر ٿيا؟“
جواب ۾ چيائين: ”مولانا ابوالڪلام آزاد کان.“

هو هڪ ئي انسان ۾ گهڻين ئي خوبين جمع ڪري. خوش نصيب آهن اهي اڪيون جن مولانا سنڌيءَ ۽ ابوالڪلام کي ڏٺو ۽ ٻڌو[1] ڪن ماڻهن جي شخصيتن ۾ مقناطيس واري ڪشش ٿيندي آهي. مان جڏهن ابوالڪلام آزاد يا آلبرٽ آئنسٽائين جي تصوير ڏسندو آهيان، ته من جا مونجهارا لهي ويندا آهن ۽ زندگيءَ ۾ ايمان تازو ٿي ويندو آهي، ڀٽائي صاحب ڪهڙو نه چڱو چيو آهي:

جـــوڳـيـئڙا تـه جهانَ ۾ نورِي ۽ ناري،
ٻري جن ٻاري، آئون نـه رهندي تن ري.

گذريل سال مان سرڪاري وفد ۾ دهليءَ ويس. دل ۾ وڏي اڪير ڪٺي ويس ته ابوالڪلام جي مزار تي حاضري ڏيندس. جامع مسجد جي اڳيان، سرمد شهيد جي پٺيان سندس مزار آهي. چڱو وڏو پارڪ آهي، ان ۾ پٿر جي هڪ چٽيءَ هينان سنگ مرمر سان ٺهيل سندس مزار آهي. پارڪ کي چوڌاري لوهي ڪٽهڙو آهي ۽ انهن کي سيخن جو دروازو آهي، جنهن کي هاڻي ڪلف هڻي ڇڏيو اٿن. فقط تڏهن کولين ٿا، جڏهن ڪو وڏو ماڻهو اچي ٿو. مون وڏا وس ڪيا، پر مزار تائين پهچڻ قسمت ۾ ڪونه هو. آخرڪار پارڪ جي پٺيان وڃي، هڪ لوهي ڊرم تي چڙهي بيٺس، ته لوهي جهنگلي تائين منهنجا هٿ وڃي پڳا. اتان بيهي پري کان سندس تربت جو نظارو ڪيم ۽ فاتح پڙهيم. موٽيس ته جامع مسجد جي پاسي ۾ ڪتابن جي دڪانن تي هليو ويس ۽

---

[1] "مون مولانا آزاد کي ڏٺو هو" عنوان هيٺ، مرزا مسعود بيگ، خليق انجم جي ڪتاب "مولانا آزاد" ۾ مضمون لکيو آهي ته "مهاتما گانڌي، مولانا آزاد جي وڏي عزت ڪندو هو.
پنڊت نهروءَ جو ذڪر ڪندي، مسعود صاحب لکيو آهي ته "شام جو ستين ساڍي ستين، مولانا آزاد جي گهر اڪثر ايندو هو ۽ ڪمري جي دروزاي تي اچي چوندو هو ته "مان حاضر آهيان." پوءِ مان يا همايون ڪبير صاحب، جيڪو به ٻنهي مان مولانا وٽ موجود هوندو هو، سو ٻاهر هليو ويندو هو.
پارليامينٽ هائوس ۾ به مولانا آزاد پنڊت نهروءَ جا ڪمرا گڏ هوندا هئا. گهڻو ڪري ائين ٿيندو هو ته پنڊت نهرو مولانا آزاد جي ڪمري ۾ هليو ايندو هو. پوءِ ٻئي ڄڻا پارليامينٽ جي ورانڊي ۾، چهل قدمي ڪندي، گفتگو ڪندا رهندا هئا. ائين ڪرڻ وقت، پنڊت نهرو سدائين هڪ قدم سندس پٺيان هلندو هو ۽ اڪثر ڪري، ٻئي هٿ پٺيان ٻڌل هوندا هئس.
هندستان جو وزيراعظم، مولانا آزاد جي ادب جي ڪري، ڇاٽي واڻي، ائين ڪندو هو."
مسعود صاحب وڌيڪ ٻڌايو ته "مولانا آزاد جناح صاحب لاءِ چوندو هو ته هو صاحب ڪردار انسان هئڻ سان گڏ، وڏو قابل ۽ ڏاهو انسان هو. مان سندس وڏي عزت ڪندو آهيان." بقول مسعود صاحب: "مولانا آزاد جناح صاحب جو ڪڏهن به خالي نالو ڪونه کڻندو هو. ڪيس "مسٽر جناح" يا "جناح صاحب" ڪوٺيندو هو.

سندس لکيل ۽ متس لکيل کي انگريزي ۽ اردو ڪتاب خريد ڪري، هوٽل ڏانهن موٽيس. خوش قسمتيءَ سان انهن ڪتابن ۾ مولانا آزاد تي لکيل تازه ترين ڪتاب Abdul Kalam Azad by Land Douglas بہ ملي ويو. متس مولانا جي آخر عمر جي تصوير سرورق تي ڏنل آهي. جڏهن ڪتاب کڻي هوٽل تي پهتس تہ ڪافي دير تائين مولانا جي انهيءَ تصوير کي سڪ سان ڏسندو رهيس. اکيون ڳوڙهن سان پرجي آيون ۽ سوچڻ لڳس تہ مولانا جي زندگيءَ ۾ زيارت تہ نصيب ڪانہ ٿي. پر بعد از وفات سندس تربت تي، گلن چاڙهڻ جي سعادت بہ نصيب نہ ٿي. اٿين سوچيندي زيب النساءِ مخفيءِ جي هڪ رباعيءَ جون پويون بہ سٽون ياد آيم.

اورنگزيب عالمگير جي نياڻي زيب النساءِ وڏي پايي جي فارسي زبان جي شاعره هئي "مخفي" تخلص اختيار ڪيو هئائين. سندس ديوان بابا سائينءَ وٽ هوندو هو. هاڻي مون وٽ محفوظ آهي.

چون ٿا تہ لاهور جي شاعر عاقل خان رازيءَ زيب النساءَ کان متاثر ٿي، کيس هڪ رباعي لکي موڪلي هئي:

بلبل رويت شوم گر چمن بينم ترا
مي شوم پروانہ گر در انجمن بينم ترا
خود نمائي مي کني اي شمع محفل خوب نيست
من همين خواهم کہ در يک پيرهن بينم ترا.

اها رباعي پڙهي، زيب النساءِ جواب ۾ عاقل خان کي هيٺئن چوائي موڪليو:

بلبل از گل بگذرد چون در چمن بيند مرا
بت پرستي کي کند گر برهمن بيند مرا
در سخن مخفي شدم مانند بو در برگ گل
هر کہ دارد ميل ديدن در سخن بيند مرا[1]

مون هندستان جي قوم پرست مسلمان عالمن جي تاريخ جو ايڏو مطالعو تہ ڪونہ ڪيو آهي، پر سندس تذڪري ۽ تاريخ تي جيڪي ٿورو گهڻو پڙهيو اٿم، ان جي آڌار تي پايان ٿو تہ ان دور ۾ غالباً بہ وڏا عالم پيدا ٿيا: هڪ مولانا ابوالڪلام آزاد ۽ ٻيو مولانا عبيدالله سنڌي.

---

[1] ماخذ "زنانِ سخنور"، چاپ تهران، تاليف علي اڪبر سليمي جلد 2، صفحو 140.

قاسمي صاحب مولانا آزاد ڏٺو به، پڙهيو به. مولانا سنڌي کان ته سڌيءَ طرح هدايت حاصل ڪيائين ۽ سندس زندگيءَ جي آخري ڏينهن تائين ساڻس رفاقت ڪيائين. مولانا سنڌيءَ جي تعليم جو مٿس ڪجهه نه ڪجهه اثر به پيو. مولانا سنڌيءَ جي تعليم موجب، انسانن جو خوف اجايو آهي. خوف رڳو خدا جو هئڻ گهرجي. زندگيءَ ۾ اهو نقطه نگاهه انسان کي بي خوف بنائي ڇڏي ٿو ۽ اندر جو اطمينان نصيب ڪري ٿو. هر ڳالهه ۾ ڪوشش پوري پوري ڪبي، پر توڪل خدا تي ڪبي. نتيجو اهو ته ڳڻتي ڪاٻه ڪانه. سدائين مٺي هينان فرحتي وهاڻو. هيڪر مون کي چيائين ته "ادا، مون سڄي عمر ايڏن وڏن انسانن سان گڏ گذاري آهي، جو هاٿي چامڙن ۽ جيتامڙن کي چوڏاري ڏسي چوندو آهيان ته ڪهڙي ڪِنَ ڪچري ۾ اچي ڦاٿو آهيان."

ڪنهن دفعي مون ساڻس ڳالهه ڪئي ته هندستان جي ڊاڪٽر ضياءُ الدين لاءِ ٻڌيو اٿم ته جيڏي مهل گهرندو هو، اوڏي مهل ڪيس ننڊ ڪٽي ويندي هئي ۽ جنهن مهل لاءِ ٻڌائيندو هو، عين ان مهل، ننڊ مان پنهنجو پاڻ جاڳي اٿندو هو. اهو ڏيکاري ٿو ته کيس اندر جو اطمينان نصيب هو. هتي مون جهڙا ڪمزور ماڻهو آهن، جو ويچارا ننڊ جون گوليون وٺڻ کان پوءِ به اڌ رات تائين، بقول علي احمد بروهي، چيڙيون وڄائيندا، ننڊ کي سينڊون ڏيندا ٿا رهن ته:

آءُ جاني، آءُ ڍولڻ

قاسمي صاحب اعتماد سان چيو ته "مان به به ڊاڪٽر ضياءُ الدين وانگر ڪري سگهان ٿو." ان ڏينهن، اسان بئي ڄڻا لاهور هوٽل ۾ ترڪيل هئاسين. مولوي صاحب منجهند جي ماني کائي ستو. پنجن منٽن ۾ ننڊ ڪٽي ويس ڪونگهرا هڻڻ لڳو. ڇئين بجي اٿڻ جو چيو هئائين ڪو ٻن ٽن منٽن جو فرق ٿيو هوندو، جو پاڻ ڇئين بجي ننڊ مان اٿي کڙو ٿيو.

قاسمي صاحب سان منهنجي ملاقات کي هاڻي پريا ٽيهه ورهيه ٿيا. اول پاڻ سنڌ سرڪار جي اطلاعات کاتي ۾ نوڪري ڪندو هو. سائين غلام مصطفيٰ شاهه جڏهن سنڌ مسلم ڪاليج جو پرنسيپال هو، ته کيس پاڻ وٽ عربيءَ جي ا. ساد جو عهدو آڇيائين. قاسمي صاحب اطلاعات کاتي مان نوڪري ڇڏي، ايس.ايم ڪاليج ڪراچيءَ ۾ هليو آيو. ڪجهه وقت گذريو ته سائينءَ غلام مصطفيٰ شاهه جي ڪوشش سان، حيدرآباد ۾ شاهه ولي الله

ايڪيڊمي قائم ٿي. قاسمي صاحب ان جو ڊائريڪٽر مقرر ٿيو. ايڪيڊمي ننڍڙو ادارو آهي. ٺٽي جي ضلعي ڪائونسل ان کي ڪجهہ مالي مدد ڏيندي آهي. هاڻي ڪجهہ امداد شايد سرڪار جي زڪوات فنڊ مان بہ مليس ٿي. انهن وسيلن جي آڌار تي، شاهہ ولي الله جا ڪجهہ ڪتاب بہ شايع ڪيا اٿس ۽ هڪ سهڻڙو ڪتبخانو بہ قائم ڪيو اٿس.

1958ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ فيصلو ڪيو، تہ شاهہ ڀٽائيءَ جي ڪلام کي ٻين شاعرن جي ڪلام کان جدا ڪري، مستند رسالو ڇاپڻ جو ڪم شمس العلما دائود پوٽي جي وفات کان پوءِ، قاسمي صاحب اڳتي هلائي. ان نسبت سان بورڊ سان سندس قريبي تعلق قائم ٿيو. هونئن، ان کان اڳ بہ مولانا سنڌيءَ جو "التمهيد" ڪتاب ۽ غالباً ڪو ٻيو ڪم بہ بورڊ سندس حوالي ڪيو هو.

اڳتي هلي بورڊ فيصلو ڪيو تہ مخدوم نوح عليہ الرحمة الله قرآن شريف جو جيڪو فارسي ترجمو ڪيو آهي، اهو شايع ڪجي. ٻن ٽن عالمن ان ترجمي جي نقل نويسيءَ جو ڪم شروع ڪيو هو، اُن کي مڪمل ڪرڻ کان اڳ الله کي پيارا ٿي ويا هئا. بورڊ سوچ ويچار ڪري اهو ڪم قاسمي صاحب جي حوالي ڪيو. ٽن ڏينهن ۾ بورڊ جي آفيس حيدرآباد جي سول لائنس واري بنگلي مان گاڏي کاتي ۾، "امين منزل" ۾، منتقل ٿي هئي. مولوي صاحب روز شام جو هيرآباد مان بس ۾ چڙهي ايندو هو. جتي دادي ليلان وارن جي جاءِ ۾ مسواڙ تي رهندو هو. ڪلاڪ بہ ڪلاڪ امين منزل ۾ قرآن ڪريم جي فارسي ترجمي تي ڪم ڪندو رهندو هو. آخر اهو علمي ڪم پورو ڪيائين ۽ بورڊ قرآن ڪريم جو اهو تاريخي ترجمو شايع ڪيو. ٽن ڏينهن ۾ بورڊ جي آفيس امين منزل جي پٽ ۽ وچين ماڙيءَ تي هوندي هئي. مٿين ماڙيءَ تي مان پهريائين ڇڙو ۽ پوءِ سگهرو رهندو هوس. ڪڏهن ڪڏهن گهران قاسمي صاحب کي چاءِ بسڪوٽ موڪلي ڏيندو هوس. پر جي واندو هوندو هوس تہ ساڻس وچي ڪچهري ڪندو هوس ۽ سندس علم ۽ اخلاق کان فيضياب ٿيندو هوس. ڏاڍو متاثر ڪيائين.

هڪ دفعي شايد اسان ٻئي ڄڻا ڪتابن جي نمائش جي سانگي سان لاهور بہ گڏجي وياسين. اتي لاهور هوٽل ۾ ڇهہ ست ڏينهن گڏ ٽڪياسين. اهي ڏينهن مون کي سدائين ياد رهندا.

1974ع ڌاران، سائين غلام مصطفيٰ شاهہ بورڊ جي آفيس جون جايون سنڌ يونيورسٽي نيو ڪئمپس تي ٺهرايون. اتان بہ سال پوءِ، جڏهن مان سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پرووائيس چانسيلر مقرر ٿي ويس، تہ قاسمي صاحب بورڊ جو چيئرمن ٿيو. 1979ع ۾ مان موٽي بورڊ ۾ آيس تہ چيائين "ادا، بورڊ جو سيڪريٽري بہ تون، تہ چيئرمن بہ تون." ان قول تي حرف بہ حرف عمل ڪيائين. مون زندگيءَ ۾ اهڙو با اخلاق عملدار بيو فقط هڪ ڇڻو ڏٺو: اهو هو ايڪيڊمي آف ليٽرس جو چيئرمن شفيق الرحمان. قاسمي صاحب منهنجو عملدار ڪونہ هو: سڄڻ ۽ ساٿي هو.

1984ع ۾ مان اسلام آباد بدلي ٿيس، تہ پهريون ڪم اهو ڪيم جو ڪيس چين گهمايم. اسان چار پنج سال سنڌي ادبي بورڊ ۾ گڏجي ڪم ڪيو هو. هاڻي، سوچان ٿو تہ اهو زمانو منهنجي زندگيءَ جو سونهري دور هو. مسئلا تہ هر دور ۾ ۽ هر هنڌ ٿين ٿا. پر "بہ تہ ٻارهن" جي مصداق اسان انهن کي گڏجي منهن ڏيندا هئاسين. سرڪاري ڪم ڪار سان تہ اڪثر ڪراچيءَ وڃڻ ٿيندو هو. اتي اول "نارٿ ويسٽرن هوٽل" ۾ ۽ پوءِ "قصر ناز" ريسٽ هائوس ۾ ٽڪندا هئاسين. ڊبل ڪمرو وٺندا هئاسين. صبح جو ناشتو ڪري، يا رات جي ماني کائي پلنگن تي، ڪڏهن ويٺي، ڪڏهن ليٽئي، پهرن جا پهر ڪچهري ڪندا هئاسين. الله بخش شيخ پٽيوالو ڪچهريءَ کي گرم ڪرڻ لاءِ، چاءِ جو گرم گرم ڪوپ وقفي وقفي کان پوءِ، ڏاهي ڏيندو رهندو هو. اهي ڪچهريون نہ سائينءَ قاسمي صاحب کان وسري سگهنديون ۽ نہ مون کان.[1]

سائين قاسمي صاحب پنهنجي ننڍپڻ جون ڳالهيون ٻڌائيندو هو. ڪڏهن مولانا عبيدالله سنڌيءَ جو احوال ٻڌائيندو هو. ڪڏهن ديوبند جا قصا ڪيندو هو. پان ذات جو چانديو آهي، سو ڪڏهن نواب غيبي خان چانڊيي جا ٽوٽڪا بہ ٻڌائيندو هو. سندس ننڍپڻ غربت ۾ گذريو هو. ڳالهہ ڪندو هو تہ ڪنهن مدرسي ۾ گڏ پڙهندا هئاسين. ٻيا طالب علم هيڏ هوڏي ويندا هئا تہ اسان ديڳڙي مان ٻوڙ ۽ ٻوٽيون ڪڍي، کائي، هڏا چوسي، وري ديڳڙي ۾ وجهي، بہ چار گلاس پاڻيءَ جا اوتي، ٻين طالب العلمن جي لاءِ وري چلهي تي چاڙهي ڇڏيندا هئاسين.

---

[1] جڏهن مان اسلام آباد آيس تہ ڏاڍي سڪ سان خط لکيائين ۽ ان ۾ انهن ڪچهرين جو بار بار ذڪر ڪيائين. هر انسان رڳو قرب جو اڃايل آهي. قرب جو تہ هن دنيا ۾ ڪو جواب ئي ڪونهي.

غربت جو اهو دور گذاري، قاسمي صاحب نيٺ خدا جي فضل سان ميجيءَ مانيءَ وارو ٿيو. هيرآباد ۾ پنهنجو بنگلو ٺهرايائين. اولاد کي ڊاڪٽريءَ ۽ انجنيريءَ جي تعليم ڏيارايائين. سندس ٻار هاڻي پنهنجي پيرن تي بيٺل آهن. قاسمي صاحب ملڪ جي متعدد ادارن جي بورڊ آف گورنرس جو ميمبر آهي ۽ ڪن ٻين منصبن تي به فائز آهي منهنجي خيال موجب، سندس ڪامياب زندگيءَ جا ٻه ڪارڻ آهن: هڪ علم ۽ ٻيو اعليٰ اخلاق.

هڪ دفعي مان مرحوم پير حسام الدين راشدي، مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي ۽ مولانا غلام محمد گراميءَ سان گڏ ويٺو هوس. اڳوڻن عالمن ۽ بزرگن جا قصا نڪتا. ڪنهن چيو ته هن دور ۾ اهي بزرگ آخر ڪيڏانهن پر ڪري، اڏامي ويا؟ ان تي مولوي گراميءَ چيو ته هن زماني ۾ به هڪ اهڙو بزرگ موجود آهي، جو اڳوڻي زماني جي بزرگن جون سڪون لاهي ٿو ملاڪاتيار ۾ رهي ٿو. ميون اسحاق سڏجي ٿو. سنڌ جي گهڻن ئي وڏن ماڻهن جا نالا ڪنيائين ته وٽس دعا لاءِ ويا هئا. انهن ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي جو به نالو ڪنيائين. اسان کي شوق ٿي ٻيٺو. سو بزرگ سان ملڻ وياسين.

نوين ڏهين جو ٽائيم هوندو. جو اسان پير صاحب جي موٽر ۾ حيدرآباد مان ملاڪاتيار پهتاسين. چاڻ ڪرايوسون. چيائون ته انتظار ڪريو. ويٺي ڀَهَر گذري ويا. ڏاڍا ڪڪ ٿياسون. اهو سڄو وقت هلڪو نهڪو ٻڌڻ ۾ پئي آيو. پڇا تي خبر پئي ته اڳئين ڏينهن تي ڇتي ڪتي جو ڪاڌل ڪو ماڻهو آيو هو. جو بزرگ ميين اسحاق جي حويليءَ کي ٽيڪ ڏيئي ويٺو هو. ميين صاحب حڪم ڪيو ته اهو در ٻاڙان پٽي ڪيو. در نڪتو ته چيائين ته هاڻي سموري ٿي ڪوٺي پاسي ڪريو، ته پوءِ ٻاهر نڪرندس. اهو نهڪو انهيءَ سبب ڪري و ۽ اسان جي طويل انتظار جو به سبب اهوئي هو. ويٺي ويٺي، ميين صاحب ني معتقدن کان جيڪي ڳالهيون ٻڌيون سون، تن مان محسوس ٿيو ته ميون صاحب غالباً مجذوب شخص آهي. ڪڏهن مسجد ۾ جماعت سان نماز ٿيندي هي. پر پاڻ ليٺيو پيو هجي. ڪو معتقد پيرن کي زور ڏيندو رهيس. ڪڏهن نماز پڙهڻ ٻيهي، ته سڄي سڄي رات گذري وڃي. هڪ دفعي جمعي جي نماز پڙهايائين. نڪون ويڙهڻ لڳا، ته ڪنهن مٿل ڪولِ تي نظر پيس. چيائين ته 'ابا، هيءَ ڪول ڪنهن مارِي؟" ڪير جواب ڏئي. اوسي پاسي جون خلقون

جمعي نماز لاءِ اچي گڏ ٿيون هيون. سي سڀ سڏايائين. راڄ اچي مڙيا. پر اهو پتو ڪيئن پوي ته ڪرل ڪنهن ماري؟

سائين جي.ايم. سيد هڪ دفعي ٻڌايو ته مون زندگيءَ ۾ ٻه ماڻهو ڏٺا، جن جون اکيون به وساري نه سگهندس: هڪ ميين اسحاق جو والد ٻيو ڪرشنا مورتي. جيئن شينهن جي اکين ۾ ڪير به ڏسي ڪونه سگهندو آهي، تيئن سندس اکين ۾ به ڪير ڏسي ڪونه سگهندو.[1]

منجهند مهل ڏاران اسان کي سڏ ٿيو ته بزرگ ياد ڪري رهيو آهي. اسان کي هڪ ڪچيءَ ڪوٺيءَ ۾ وٺي ويا. ڪوٺيءَ جي ترَ کي گارو آيل ڪونه هو. ڊاپ کي تازي ٻهاري ڏني هئائون، جنهن تي ڦرٽي جا ليڪا پڌرا بينا هئا. ان ڊاپ تي هڪ ننڍي نک وڇايل هئي، پاسي ۾ ڪچيءَ جي مصلي مٿان هڪ پراڻو ڪيمخاب جو مصلو وڇايل هو. بزرگ مصلي تي ويٺو هو. اسان کي ڏسي اٿي بيٺو. اسان کي اڳيئي ٻڌائي هوشيار ڪري ڇڏيو هئائون ته ڪنهن کي هٿ ڪونه ڏيندو آهي پر اسان مان هر هڪ سان قرب سان هٿ ملايائين سندس عمر شايد سٺ ورهين جي قريب هوندي. ننڍڙي سونهاري رکيل هئس، جنهن ۾ اڃا ڪجهه ڪارا وار به هئا منهن ۾ رت ڪونه. غالباً سادي غذا ۽ گهڻيءَ عبادت سببان لباس به انتهائي سادو. پوتڙي جي گوڏ، ساديءَ ململ جو چولو ۽ رواجي ڪپڙي جي ٽوپي مٿي ۾. گرامي صاحب کو هفتو ڏهه ڏينهن اڳ وٽس ويو هو. کيس "تحفة الڪرام" (فارسي) جي فرمائش ڪئي هئائين، سو، ساڻ ڪنيو هليو هو. پر بزرگ ڪتاب هٿ ۾ ڪونه ورتس. سندس هڪ معتقد ورتو، جو بزرگ جي اشاري تي پنا اٿلائيندو ويو. ائين ڪتابن جون ڳالهيون نڪتيون. مون بزرگ کان سندس خانداني ڪتبخاني جو پڇيو. چيائين ته اسان جي ڪنهن وڏي سڀ ڪتاب درياهه ۾ لوڙهي ڇڏيا. ان کان پوءِ ڪن عربي ۽ فارسي ڪتابن جو ذڪر آيو. ڪلاڪ به نهايت شاندار علمي ڪچهري تي جڏهن بزرگ کان موڪلايوسين ته سندس خليفن چيو ته سائينءَ جو حڪم آهي ته مهمان لنگر کائي پوءِ وڃن. ماني ڪٺي آيا، پر نهايت سادي، صحيح معنيٰ ۾ لنگر جي ماني. ملاڪاتيار مان ٻاهر نڪتاسين، ته قاسمي صاحب چيو ته

---

[1] مولانا قاسمي صاحب تازو اسلام آباد ۾ ٻڌايو ته ڪجهه ڏينهن اڳ بزرگ ميون اسحاق الله کي پيارو ٿي ويو.

”مون ڏڪين ڪان ڏڪين ڪتابن جو بزرگ سان ذڪر ڇيڙيو. ليڪن حيرت آهي ته نه فقط سڀ ڪتاب سندس بڌل هئا پر پڙهيل به هئا.“ قاسمي صاحب ميين اسحاق جي علم ڪان متاثر ٿيو. پر مان قاسمي صاحب جي علم ڪان متاثر ٿيس. مجلس ۾ پير حسام الدين راشدي صاحب به موجود هو، جو فارسي زبان جو گوهر هو ۽ مولانا غلام محمد گرامي به پنهنجي جاءِ تي وڏو عالم هو، ليڪن ٻنهي ڄڻن مڪمل خاموشي اختيار ڪئي فقط قاسمي صاحب ميين اسحاق سان علمي گفتگو ڪري سگهيو. ان تي مون کي محمد امين کوسي جا اکر ياد آيا: ”مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي علم جو سمنڊ آهي.“

هڪ دفعي مون کي خبر پئي ته هڪ مرڪزي وزير سوچي رهيو آهي ته مولوي صاحب کي فلاڻو عهدو وٺي ڏجي. مون مولوي صاحب سان اها ڳالهه ڪئي ۽ صلاح ڏني ته اوهان پاڻ وڃي ملوس. خوش ٿيندو. اوهانجو ڪم ٿي ويندو. مولوي صاحب جواب ۾ چيو ته، ”ادا، ڪيترن ماڻهن کي خوش ڪري ڪيترن کي ڪنداسين؟ ڇونه الله کي خوش ڪيون، ته پوءِ ٻئي ڪنهن کي خوش ڪرڻ جي ضرورت ئي نه پوي.“

غني خان

پير حسام الدين راشديءَ جي ملڪ جي اندر توڙي ٻاهر، ٻرڪ عالمن، اديبن ۽ شاعرن سان سٺي ڏيٺ ويٺ هوندي هئي. ڪچهريءَ ۾، ڪڏهن ڪڏهن، غني خان جو ذڪر ڪندو هو، ته وڏو شاعر ۽ مصور آهي، سياست کان پري آهي، سمورو وقت ڪتاب ۽ پاڻ. پير صاحب جون اهي ڳالهيون ٻڌي. مون کي غني خانَ سان ملاقات جو شوق جاڳيو، پر ان جي صورت ڪابه نظر ڪانه آئي.

ڳالهه کي ورهيه وري ويا. قسمتَ حيدرآباد مان اسلام آبادْ وٺي آئي. اتان غني خان جو ڳوٺ، چار سدهه، ڪو پنجاهه سو ميلن جي پنڌ تي ٿيندو. مون وٽ سرڪاري موٽر به هئي، پر، غني خان جي ملاقات کان پوءِ به محروم رهيس، ڇو ته سرڪار جا سندن خاندان سان اختلاف هئا.

گذريل سال، اسلام آباد ۾، پٺاڻن جي هڪ ادبي تنظيم جلسو ڪيو، جنهن ۾ مون سندن مدد ڪئي. ڏاڍا خوش ٿيا. هڪ ڏينهن، ڳالهين ڪندي،پاڻ ئي مون کي چيائون ته اجمل خٽڪ ۽ غني خان سان توهان جي ملاقات ڪرايون. ان وچ ۾ وفاقي حڪومت جا ساڻن لڳ لاڳاپا خوشگوار ٿي ويا هئا، سو، مون کي سندن دعوت قبول ڪرڻ ۾ راهه هموار نظر آئي.

هن سال، مارچ مهيني ۾، هڪ ڏينهن شام جو، منهنجو پٽ عزيز ۽ مان، انهن پٺاڻن اديب دوستن سان، موٽر ۾ چار سده روانا ٿياسيون. نوشهري جي قريب، اسلام آباد کان پشاور ويندڙ قومي شاهراهه ڇڏي، ساڄي طرف ڦرڻو پيوي ٿو. سومهاڻيءَ مهل، غني خان جي ڳوٺ پهتاسون. سندس گهر، پٺاڻ خاندانن جي دستور موجب، هڪ ننڍي ڪوٽ وانگر هو. ڪوٽ جي ڦاٽڪ وٽ هٿيار بند پهريدار نظر آيا. اندر خوشنما باغيچو هو، جنهن جي اڳيان ناهوڪو بنگلو هو. نوڪر اچي سلام ڪيو ۽ ڪار جو دروازو کولي، اسان کي وٺي ويو. غني خان پنهنجي بستري تي ليٽيل هو. ائين ٿي لڳو ته ڪنهن سبب ڪري اٿڻ ويهڻ کان عاجز آهي. ياڪر پائي مليو. خوش مرحبا کان پوءِ پهرين ڳالهه اها ڪيائين ته ٻارڙا صبح کان پشاور ويا آهن. اجا نه موٽيا آهن. فون به ڪم ڪانه ٿي ڪري، ان ڪري ڪنهن کان پڇي به ڪونه ٿو سگهجي. ڳٽتيءَ ۾ آهيان. اجا اها ڳالهه ڪري رهيو هو، ته سندس ٻارڙا خيريت سان پهچي ويا. غني خان جو انتظار دور ٿيو، ته اطمينان سان ڪچهري شروع ڪيائين. چيائين ته مون کان هيڪر ڪنهن عمر جو پڇيو. مون ڪيس چيو ته "سٺ ورهيه." ولي

خان پاسي ۾ ويٺو هو. تنهن چيو تہ "ستر ورهيہ تہ منهنجي عمر آهي." مون چيو تہ "پوءِ مان ايڪهتر جو هوندس." کلي چيائين تہ "دراصل منهنجي عمر چوراسي ورهيہ آهي."

غني خان ايڏيءَ عمر جي باوجود گل وانگر خوبصورت هو. رنگ جو پورو ۽ بدن ۾ پريل هو. اٺڻ ويهڻ ۾ هلاڪيءَ جو سبب اهو ٻڌايائين تہ پنج ست سال اڳ پنڊيءَ جي هڪ سرجن غلط دوائون ڏيئي، سندس ڦڦڙ سڪائي ڇڏيو. چيائين تہ، "هاڻي هڪڙي ڦڦڙ تي هلان ٿو. ٻہ وکون کڻان ٿو تہ ايساهي ٿئي ٿي. بسترو ۽ مان. ماني بہ اتي کاوان. ماڻهن سان بہ اتي ملان، تہ ڪتاب رسالو بہ اتي پڙهان. لاچار اٿڻو ويهڻو پوي، تہ نوڪر کي سڏ ڪيان، ان ڪري بستري سان گڏ بجليءَ جي گهنٽي رکي ڇڏي اٿم." ائين چئي گهنٽي وڄايائين، تہ نوڪر آيو. چيائينس تہ قهوو کڻي اچ. قهوو اچي ٺي اچي، ان کان اڳ پاڻ سگريٽ دکايائين. مون کيس منع ڪئي، تہ هڪڙي ڦڦڙ واري شخص لاءِ بيڙي ڇڪڻ ڪا چڱي ڳالهہ ڪانهي. پر جڏهن ساڻس پوريءَ طرح حالي احوالي ٿيس، تہ پانيم تہ پلي چڪي. (غمزده دل کي، دنيا جي رڻ پٽ ۾، ڪنهن نہ ڪنهن ڪکر جي ڇانو کپي. پوءِ اهو تماڪ جي دونهين جو ڪکر ڇو نہ هجي.)

غني خان جوانيءَ ۾ انجنيريءَ جي اعليٰ تعليم لاءِ آمريڪا ويو. اتان موٽيو، تہ وڏن جي چوڻ تي، شانتي نڪيتن ۾، ٽئگور وٽ وڌيڪ تعليم ۽ تربيت لاءِ هليو ويو. چيائين تہ "شانتي نڪيتن ۾ اعليٰ ڊگرين وارا استاد معمولي پگهار تي پڙهائيندا هئا. ڪلاس روم ڪونہ هوندا هئا. استاد ۽ شاگرد وڻن هيٺان وهندا هئا. عجب ماحول هوندو هو. مون کان اهي ڏينهن اصل وسري نٿا سگهن. ٽئگور جي شخصيت نهايت شاندار ۽ پروقار هئي. ڪپهہ جهڙي سفيد ڊگهي سونهاري هئس، جنهن کي شئمپو هڻندو هو. شوقين مڙس هو. سندس خيال شاعراڻا هئا. مهاتما گانڌيءَ کي ساڻس اختلاف هو، جو انهيءَ خيال جو هو تہ جيسن انگريزن کان آزادي نہ ملي آهي، تيسين شاعراڻا خيال رڳا سهڻا گل آهن."

مون غني خان جي ڳالهہ ٻڌي کيس چيو تہ هڪ طرف تہ اوهان جي خاندان ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جي اڳواڻن وانگر انگريزن کان آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪئي ۽ جلسا جلوس ڪيا. ٻئي طرف، پير حسام الدين

راشديءَ جي چوڻ موجب، توهان وري هڪ انگريز خاتونءَ سان شادي ڪري، گهر ٻار سندس حوالي ڪيا. اهو ڪيئن؟ ڪلي چيائين تہ منهنجي گهر واري انگريز ڪانہ هئي. پارسي خاندان جي هئي. منجهائس مون کي هڪ پٽ ۽ ٻہ نياڻيون ٿيون. هڪ نياڻي پنهنجن ۾ پرڻايم. پر، زال مڙس گڏ رهي نہ سگهيا. هڪ ڏينهن منهنجي ڌيءُ مڙس سان رسي، پنهنجن ناناڻن ڏي بمبئيءَ هلي وئي. هاڻي ٻئي چوٿين سال خط پٽ لکي، مون کي پنهنجيءَ خيريت جو اطلاع ڏيندي آهي. البت، ٻي نياڻي ڪئناڊا پڙهڻ وئي ۽ اتي هڪ گوري سان شادي ڪيائين. هيڪر مڙس کي مون وٽ وٺي آئي. چيومانس تہ اسان سچي عمر گورن سان وڙهياسين. هيءَ تو سان پرڻيو ڪيئن؟ بندوق تو هڻانس. چيائين تہ "بابا اهڙو ڪم نہ ڪجانءِ. منهنجو ڏاڍو خيال رکندو آهي." ان ڪانپوءِ ٻئي ڄڻا ولايت هليا ويا.

غني خان جو ناٺي تہ بندوق کان بچي ويو. پر، سندس اڪيلي پٽ کي ڪنهن شخص بندوق هڻي ماري وڌو. قسمت ۾ پٽ سان گڏ، گهر واريءَ جي وفات بہ لکيل هئس. اوچتو، ڪنهن حادثي ۾ پاڻ بہ زخمي ٿي پيو. پشاور ۾ علاج لاءِ اسپتال ۾ داخل ٿيو، تہ مٿان پٺس وفات ڪري ويو. ڪيس ڇاڻ ڪونہ ڪيائون، سو پيءُ جي جنازي ۾ بہ شريڪ ٿي ڪونہ سگهيو. هاڻي گهر ۾، پنهنجيءَ ننهن ۽ سندس ٻن ابهم ٻارن سان گڏ رهندو آهي.

سنڌي شاعر جي چوڻ موجب:

"ڦٽيل دل فراق جا، ويٺي مينهن وسائي"

موضوع کي مٽائڻ لاءِ ڪيس مرڪي چيم تہ غني خان مون تہ اوهان کي رڳو سگريٽ ڇڪيندي ڏٺو آهي. پير حسام الدين راشدي چوندو هو تہ اوهان کي وسڪيءَ جي چسڪي بہ وڻندي هئي؟ ڪلي ڏنائين. چيائين تہ پير صاحب جي مون سان دل هوندي هئي. مٺو ماڻهو هو. سچ چوندو هو. مان چسڪيءَ تي قناعت ڪونہ ڪندو هئس. جام ڀري ڀري پيئندو هوس. پر، ڪجهہ سالن کان ڊاڪٽرن منع ڪئي آهي. منهنجيءَ ميز تي دوائن جو هي ڍير ڪارو تہ ڏس!"

ايتري ۾ نوڪر ماني کڻي آيا. ڪابلي پلاءُ، جنهن ۾ روسٽ ٿيل مرغي، ڪشمش ۽ باداميون وجهندا آهن، چيلي ۽ ڪڪڙ جا ٻوڙ، ڪباب، سبزي، دال، قيمي جا ڪٽليٽس، سلاد، ميوو وغيره. مطلب تہ آسودي گهر جي ماني هئي.

غني خان بستري ۾ ٽي ٽيڪ ڏيئي ويٺو. ماني به کائيندو رهيو ۽ ڪچهري به ڪندو رهيو.

منهنجي ننڍي پٽ مجيب هڪ اردو اديب عتيق فڪريءَ جي ڪتاب ۾ پڙهيو هو ته ”1948ع ۾ دهليءَ ويس ۾ ابوالڪلام آزاد سان مليس. وزارت هند جي ڪرسيءَ منجهس ڪوبه ڦيرو ڪونه آندو هو. هميشه وانگر قرب سان مليو ۽ منجهند جي مانيءَ تي سڏيائين. ان ڏينهن عبدالغفار خان جو پٽ عبدالغني خان به وٽس مهمان هو.“ اها ڳالهه خيال ۾ رکي، غني خان کي چيم ته جيڪڏهن انگريزن جي وڃڻ کان پوءِ اوهان جي خاندان جو حڪومت پاڪستان سان ناهه ٺي وڃي ها ته شايد اوهان کي ڏکيا ڏينهن ڏسڻا نه پون ها. چيائين ته اهائي ته ڳالهه آهي. دراصل اسان جو آزاديءَ کان ستت ئي پوءِ، ملڪ جي هاءِ ڪمانڊ سان ناهه ٺي ويو هو. پر اسان جي ئي صوبي جي ڪن اڳواڻن کي ڪٽڪ پئجي ويئي، تن شرارت ڪري اهو ناهه ڦٽائي ڇڏيو. جو ڪين اڄي سيءَ ورتو ته پوءِ ڪين ڪير پڇندو.

غني خان پاڻ شاعر ۽ فنڪار جي حيثيت ۾ مشهور آهي، سو پڇيو مانس ته خانداني اثر ڪري، ڪڏهن خود توهان کي به سياست جو شوق جاڳيو؟ کلي چيائين ته جڏهن ڦوهه جوانيءَ ۾ هئس ته اندرا گانڌيءَ سان گڏ شانتي نڪيتن ۾ پڙهندو هئس. هڪ دفعي اتان موٽياسون، ته اسان کي آل انڊيا ڪانگريس ورڪنگ ڪاميٽيءَ جي ميٽنگ ۾ وٺي ويا. جڏهن ڪن اڳواڻن ڏکين مسئلن تي بحث شروع ڪيو، ته مان مانڙي ڪري، اندرا جي ران تي مٿو رکي، سمهي پيس. ننڊ وٺي ويئي.“

غني خان شانتي نڪيتن جا ڪيئي قصا ٻڌايا. ٽئگور کان متاثر ٿي لڳو. چيائين ته عمر خيام کي شهرت جي آسمان تي پهچائڻ وارو شخص سندس مترجم ايڊورڊ فزجرالڊ هو. خوش قسمتيءَ سان ٽئگور کي به اعليٰ پايي جو مترجم نصيب ٿيو.

غني خان جون ڳالهيون ته ڏاڍيون دلچسپ هيون، پر ڳچ رات گذري چڪي هئي ۽ ٻاهر سردي وڌي ويئي هئي، سو پاڻ ئي چيائين ته ”اوهان کي سفر جو ٿڪ هوندو. آرام ڪريو.“

اسان ڪانئس موڪلائي بيڊروم ۾ آياسين. هيٽر ٻري رهيو هو. ڪمرو ۽ بسترو گرم هو آسي پاسي ڪتابن جون قطارون هيون. مون هڪ ڪتاب ۾ هٿ

وڏو. پر، سرد رات ۾ گرم بستري اهڙو ته مزو ڏنو، جو ريشمي وهاڻي تي ڪنڌ رکڻ سان ننڊ وٺي ويئي.

صبح جو غني خان پاڻ ته الائي ڪيڏيءَ مهل ننڊ مان اٿيو. اسان کي بيڊ ٽي Bed-Tea پوري ستين بجي ملي. چانءِ پيتي سون، ته نوڪر ناشتو کڻي آيا. مان ۽ منهنجو پٽ عزيزالرحمان تيار ٿي، غني خان جي ڪمري ۾ وياسين. اجا آهليو پيو هو. ناشتي جا ٻه ٽي گرهه به ڪي اوڏيءَ مهل کنيا هئائين. منهنجا پناڻ دوستَ اسان جون تصويرون ڪڍڻ لاءِ فوٽو گرافر وٺي آيا هئا. غني خان چين ته ترسو ته مان ڏاڙهي لاهڻ جو بندوبست ڪريان. گهنٽي وڄايائين ته نوڪر آيو ۽ سندس سيرب جو سامان کڻي آيو. غني خان اهو ئي بستري ۾ ليٽيو رهيو ۽ ڪچهري ڪندو رهيو. ڳالهه ڪيائين ته پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ هڪ دفعي پوليس گهر ۾ آئي. الزام هنيائون ته ڪافر آهي. مون کي مصوريءَ جو شوق هو. حضرت عيسيٰ ۽ مهاتما ٻڌ جا ڪيئي مجسما ۽ تصويرون ناهيون هئم. منهنجي گهرواريءَ ڏاڍي چاهه سان ڊرائنگ روم کي انهن سان سينگاريو هو. پوليس وارن جي جيئن متن نظر پئي، ته چيائون، "آهي نه ڪافر. هي بت ڏسو." ٻه ٽي بيا اهڙا الزام هڻي، حيدرآباد جي جيل ۾ اماڻي ڇڏيائون. جيل ۾ ڏاڍي جٺ هئي. ڏک ۽ بک جي ڪمي ڪانه هئي. پر، هڪ ڳالهه هئي. زندان جي چوديواريءَ ۾ شاعري مون وٽ موٽي آئي. چيائين ته "مون جڏهن به ڏک ڏنو آهي، ته شاعريءَ مون سان لنو لاتي آهي. سک جا ڏينهن آيا ته شاعري رسي ويئي."

مون چيو ته "غني خان ڪن ماڻهن جو خيال آهي، ته خوشحال خان پشتو جو وڏي ۾ وڏو شاعر آهي ۽ ڪي وري رحمان بابا جي تعريف ڪن ٿا. اوهان جي راءِ ڪهڙي آهي؟"

چيائين ته، "ٻئي ساڳي ڳالهه آهن. مان پاڻ کي ئي پشتو جو وڏي ۾ وڏو شاعر سمجهان ٿو."

سندس ڳالهه ٻڌي، مون کي هڪ لطيفو ياد آيو. ڪنهن راجپوت کان پڇيائون ته "سچو راجپوت ڪير آهي؟" چيائين ته "اهو، جيڪو پاڻ کان سواءِ، ٻئي ڪنهن کي به راجپوت نه مڃي."

نوڪر سيرت لاهي واندو ٿيو ته غني خان چيس: "اٿار." ڪجهه پاڻ همت ڪيائين، ڪجهه نوڪر ٽيڪ ڏنس. غني خان لڪڻ جي ٽيڪ تي "ويل چيئر" ۾

ويٺو. نوڪر ويل چيئر ڪاهي، ڪيس ٻاهر باغيچي ۾ وٺي آيو. سندس ننهن جون ڪي ساهيڙيون اڇڻ واريون هيون، تن لاءِ باغيچي ۾ وٽڻ جي هيٺان، گول دائري ۾ واڻ جون ڪٺون وجهي، مٿن گاديلا ۽ چادريون وڇائي، طول وهاڻا رکي، پٺاڻن جي طرز تي بيٺڪ تيار ڪئي هئائين. اتي فوٽو گرافر اسان جون تصويرون ڪڍڻ لڳو. مون غني خان کي ڪي ادبي ڪتاب تحفي طور ڏنا. فوٽو گرافر غني خان جو عقيدتمند هو، تنهن وري ڪانئس سندس شعر جو ڪتاب گهريو. غني خان چيس ته مون وٽ ڪاپي ڪانهي. پر، سندس ڊرائيور چيو ته مون وٽ آهي. ڊوڙندو ويو، سو ڪاپي کڻي آيو. ڇڳو ضخيم ڪتاب هو. غني خان ڪتاب تي آٽوگراف ڪرڻ لڳو ته مون سندس ڪنهن لاڳاپيدار دانشور جو ذڪر ڪيو. يڪدم چيائين ته، "مٿان مٿس پروسو ڪيو اٿيئي." اهو دانشور ڪو معمولي ماڻهو ڪونه هو، جو غني خان ايڏيءَ آزاديءَ سان مون کي راءِ ڏئي ها، پر، مون ۾ سندس ايڏو ته اعتماد ٿي ويو هو، جو پنهنجي خاندان جا ڏک سور به ڪيائين، ڄڻ مان سندس ڪو ويجهڙو عزيز ۽ پراڻو ساٿي هئس. قرب ۽ اخلاص ۾ ڪيڏي نه خوشبو ٿئي ٿي!

هيڪر خبر نه آهي ته ڪهڙي خيال ۾ هو. چيائين ته "ڪنهن زماني ۾ هٽ ڪنڊ جو ڪارخانو هنيو هئم. پوءِ وڪڻي ڇڏيم. هاڻي وري ڪارخانو هڻڻ جو خيال اٿم. هڪ دوست آهي، جو ٻه چار ڪروڙ روپيا ڏيندو. سوچان ٿو ته ڪنهن خانداني دوست کان زمين وٺي ڪارخانو هڻان."

قدرت انسان جي خمير ۾ اندلٺ جا سڀ رنگ ڀري ڇڏيا آهن. ماڻهو چوراسي ورهيه ٽپي، مٿي چڙهي، اٿڻ وهڻ کان عاجز هجي ۽ پنهنجن جي دائمي جدائيءَ جا داغ به سهندو رهي! پوءِ به مٽيءَ جي هن ماڳ ۾ سندس دلچسپي قائم رهي. اهو به انساني فطرت جو هڪ رنگ آهي! نه ته ٻيلا هن جهان جو ڪاروبار ڪيئن هلندو؟

انسان جيڪڏهن گوتم ٻڌ جي تعليم موجب، خواهشن کي سراسر ختم ڪري ڇڏي، ته پوءِ گرميءَ ۽ سرديءَ کي منهن ڏيڻ لاءِ ايئرڪنڊيشنر ۽ هيٽر ڪيئن ناهي ها. راڪيٽ ۾ چڙهي چنڊ تي پير ڪيئن رکي ها؟

پر، مون غني خان جي راءِ تي تبصرو ڪرڻ مناسب ڪونه سمجهيو. البت ڪيس ايترو چيم ته "غني خان ڏاهن جو چوڻ آهي ته انسان جيسين ڪانه کا تخليق ڪندو رهي ٿو، تيسين زندگيءَ ۾ سندس دلچسپي قائم رهي ٿي."

غني خان

چيائين تہ هائو. ليڪن، مون کي احساس آهي، تہ جيئن پوءِ تيئن، مون مان جنسي خواهش ختم ٿي رهي آهي. ان ڳالهہ جو تخليقي قوت سان وڏو واسطو آهي. مون کيس تجويز ڏني تہ پشتو زبان ۽ ادب جي ترقيءَ لاءِ ڪو سٺو ادارو قائم ڪرڻ کپي.

چيائين تہ افسوس آهي تہ پشتوءَ جي اڃا صحيح صورت خطي بہ ڪانہ نهي آهي. پبلشر سٺا ڪونهن. اخبار رسالي جو انتظام ڪونهي. درحقيقت پشتوءَ جو سچو ڪم رليو پيو آهي. مون کي اها بہ خبر ڪانهي، تہ منهنجا شعر جا ڪتاب ڪنهن ڇاپيا، ڪڏهن ڇاپيا ۽ هاڻي ڪهڙي صورتحال آهي؟ پر، تنهنجي صلاح سهڻي آهي. البت، ان لاءِ وسيلا کپن، سو، تون اداري جو خاڪو ناهي ڏي، تہ مان هلنديءَ پڇنديءَ وارن سان ڳالهايان.

مون پڇيس تہ توهان ڪڏهن انگريزيءَ ۾ بہ شعر چيو آهي؟

چيائين تہ، ”نہ، مان پشتو جو شاعر آهيان.“

هر شاعر کي پنهنجي ڪلام ٻڌائڻ جو ڏاڍو شوق هوندو آهي. پر، منهنجي ترغيب ڏيڻ جي باوجود، غني خان ڪوبہ اهڙو مظاهرو ڪونہ ڪيو. سندس نشست برخواست ۾ وڏي بردباري هئي. ان ڪان بہ وڏي ڳالهہ اها تہ کيس غم برداشت ڪرڻ جو وڏو حوصلو هو. مون سان پنهنجن ڏکن ۽ سورن جو ذڪر ائين ڪيائين، جو ڄڻ تہ ڪنهن ٻئي شخص جو ذڪر ڪري رهيو هجي. مون سندس چهري تي غم جو ڪوبہ ڪکر ڪونہ ڏٺو.

اسان باغ ۾ جنهن هنڌ وينا هئاسين، اتي چيل جي ڊگهن وڻن جي گهاٽي ڇانو هئي. آسي پاسي گل ۽ ميوي جا وڻ هئا. هلڪي هلڪي ٿڌڙي هوا پئي لڳي. غني خان چيو تہ هيءَ زمين زرعي لحاظ کان ڏاڍي زرخيز آهي. ليڪن، پرتي ڪجهہ علائقو پهاڙي آهي. افغانستان جي سرحد بہ ڪا گهڻي پري ڪانهي. هيڪر افغان سرڪار مون کي نياپو موڪليو، تہ اسان وٽ هجرت ڪري اچ. توکي باغ بستان، زمين مڪان سڀ ڪجهہ ڏينداسون. پر، مون نہ مڃيو. مون کي پنهنجي مٽيءَ سان محبت آهي. مون ۽ منهنجيءَ گهرواريءَ هي گهرڙو ڏاڍيءَ سڪ سان نهرايو هو. اچ تہ توکي گهمايان.

غني خان جو گهر دنيا کان نرالو هو. ان جي اندر ۽ ٻاهر ۾ ڪوبہ فرق ڪونہ هو. ورانڊي ۾ پلنگ ۽ صوفا ائين ئي رکيل هئا، جيئن بيڊروم ۽

ڊرائنگ روم ۾ سينگاري رکيا آهن. ائين ڪٿي ڇنجي، تہ اندر ڪڏي ٻاهر رکيو هئائون. ماٿهوءَ کي جتي وڻي اتي وهي. شانتي نڪيتن غني خان تي ڏاڍي ڪا اونهي ڇاپ هڻي ڇڏي هئي:

جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي، تن لهي نہ لالي.

ورانڊي جو فرش آئيني وانگر چمڪي رهيو هو. غني خان ڇيو تہ منهنجيءَ گهرواريءَ کي صفائيءَ جو ڏاڍو خيال هوندو هو. روزانو فرش کي صابڻ سان ڌئاريندي هئي. اها روايت قائم رکي اٿم.

اسان ورانڊي مان گهمندا، ڊرائنگ روم ۾ آياسين. مون اهڙي ڊرائنگ روم اڳي ڪڏهن ڪانہ ڏٺي آهي. وچ ايشيا جي طرز تي سينگاريل هئي. پاسي ۾ سياري جي باهہ لاءِ عمدو بخارو هو ۽ ان جي چوڌاري قيمتي غاليچن تي طول وهاڻا رکيل هئا. مون سوچيو تہ ڪڏهن تہ سياري جي سرد راتين ۾ هن بخاري ۾ باهہ ٻرندي هوندي! غني خان جي گهرواري ۽ ٻارڙا گڏجي چاءِ پيئندا هوندا.

ڀتين تي گوتم ۽ عيسيٰ جون بيشمار تصويرون هيون ۽ سائيڊ ٽيبل تي غني خان جي دوستن ۽ احبابن جون. گذريل رات غني خان وري وري ڪنهن خاتونءَ جو نالو ٿي ڪنيو. پر، مون حجاب ڪري ڪانئس ڪونہ پڇيو تہ ڪٿان جي هئي، ڪير هئي؟ هڪ ٽيبل تي بي انتها خوبصورت خاتونءَ جي تصوير رکيل هئي. ڏسڻ سان نشو ٿي ڏنائين. غني خان سندس نالو ڪنيو، تہ سمجهہ ۾ آيو تہ گذريل رات سندس نالو وري وري ڇو ڪنيو هائين. بي اختيار ڀٽائي ياد آيو:

اڄهاميو ٻرن، توکي ساريو سپرين!

مون غني خان کي ڇيو تہ اڄڪلهہ ڪٿي آهي؟

چيائين تہ گذاري ويئي!

غني خان، ويل چيئر ۾، هڪ ڪمري کان ٻئي تائين Alice in wonderland وانگر پنهنجو گهر گهمائيندو رهيو. ڪڏهن پنهنجن ناهيل مجسمن، ڪڏهن تصويرن تہ ڪڏهن ڪتابن جو ذڪر ڪندو رهيو. ڪيس ڏسي، الائي ڇو، اوچتو مون کي ننڍپڻ ۾ چارلس لئمب جو پڙهيل مضمون DREAM CHILDREN ياد آيو. مصنف ڏاڍيءَ سڪ سان پنهنجن ٻارڙن جو ذڪر ڪندي، مضمون جي آخر ۾ لکيو آهي تہ "پوءِ منهنجا اهي ٻارڙا، آهستي آهستي پوئيس پيرين هٽندا، مون کان پري هليا ويا ۽ نظرن کان گم ٿيڻ کان

اڳ، چوندا ويا تہ اسين تنهنجا سچا ٻچا ٻار ثوروئي آهيون. اسين تہ تنهنجين اجايل اکڙين جون حسرتون ۽ خواب آهيون!"

مون سو چيو تہ غني خان جي گهر واري ۽ ٻارڙا بہ ڪيس اڪيلو ڇڏي ڪيڏو نہ پري پري هليا ويا!

تازو، اسلام آباد ۾ چيني سفارتخاني جي دعوت ۾ هڪ شخص مون سان مانيءَ جي ميز تي گڏ ويٺو. چيائين تہ غني خان وٽ اعليٰ درجي جون مغل منيئيچر پينٽنگس آهن ۽ ٻيا اهڙا ڪيئي نوادرات آهن، جن لاءِ آمريڪي خريدار ڪيس لکين ڊالر ڏيڻ لاءِ تيار آهن.

مون چيو تہ هائو. پر. اهو ڪاڪ محل هاٽي ڪهڙي ڪم جو آهي ڪنهن لاءِ آهي؟

جڏهن گهر گهمي، ٻاهر باغيچي ۾ آياسين، تہ مون غني خان کان موڪل گهري. غني خان خاموش رهيو. پوءِ اکيون کڻي، سڪ سان چيائين: "اپريل جي مهيني ۾ هي سارو چمن گل ئي گل هوندو. موٽي اچجانءِ."

مون سندس دل رکڻ لاءِ هائو ڪئي ۽ ياڪر پائي ڪانئس موڪلايو.

جڏهن ڪار ٻاهر نڪتي، تہ غني خان هٿ لوڏيو سلام ڪيو. مون ڪيس سلام ڪندي، دل ۾ چيو تہ "غني خان هن چمن جو سڀ کان سهڻو گل تہ تون ئي آهين. مون تنهنجو ديدار ڪيو. ورهين جو خواب پورو ٿيو."

جڏهن ڪار، واهہ جي ڪناري سان، رستي تي ڊوڙڻ لڳي تہ مون کي غني خان بابت پير حسام الدين راشديءَ جي محفلن ۾ ٻڌل ڳالهيون ياد آيون ۽ انهن محفلن ۾ وهندڙ منا ماٺهو ياد آيا. جيڪي هڪ هڪ ٿي، هي جهان ڇڏي، ڪنهن بهتر جهان ۾ هليا ويا. پوءِ غني خان جا ٻارڙا ياد آيا، جيڪي بہ هڪ هڪ ٿي، هن جهان ۾ ڪيس اڪيلو ڇڏي ويا. اتمان زئي ڏسي، موهن جي دڙي جي آمهون سامهون، سنڌوءَ درياءَ جي ٻئي پار، پنهنجو ڳوٺ ياد آيو. جتي ننڍيءَ عمر ۾ مان شام جو پڊر تي، پنهنجن هم عمر ٻارن سان گڏ راند ڪندو هوئس. پاسي ۾ سنجهين وارو ڪوهہ هوندو هو. جتان نار جو پاٽي نيسر مان وهندو، ڪسيءَ ۾ هليو ويندو هو. اها ڪسي ٿڌي ۽ مٺي پاڻيءَ سان تار وهندي رهندي هئي ۽ پاسي وارين ٻنين ۾ هلي ويندي هئي.

پرواري ڳوٺ مان هڪ ٻڪرار، ٻئي ٽئي ڏينهن، اسان جي ڳوٺ ايندو هو ۽ ڪسيءَ جي ڪناري تي ويهي ڪافيون ڳائيندو هو. سندس آواز ڏاڍو منو

هوندو هو. سنگتين جي چوڻ تي ڪڏهن هڪ خاص ڪافي ڳائيندو هو، جنهن جي ٻڌڻ سان ماڻهن تي جادو ٿي ويندو هو.

ڪار قومي شاهراهه تي اچي چڙهي ته ڊرائيور ان جي رفتار تيز ڪري ڇڏي. ستت اسان اٽڪ وٽ اچي پهتاسين. اتي سنڌو درياءَ جي پل آهي ۽ جبلن ۾ رستي کي وروڪڙ آهن. اڳتي ته شايد ڪي اٽاوا لڪ هوندا هئا. ڪار پل تي چڙهي، ته مون درياءَ ڏي نهاريو اڇو اجرو پاڻي پل جي هيٺان وهندو ٿي ويو. هزارن سالن کان ائين ئي وهندو رهيو هو.

مون پل تان پنهنجي ڳوٺ نگاهه ڪئي. پڌر تي ٻارڙا راند ڪري رهيا هئا. ٻڪرار ٿڌي پاڻيءَ سان وهندڙ ڪسيءَ جي ڪناري تي اهائي ڪافي ڳائي رهيو هو، جنهن جي ٻڌڻ سان جيءَ ۾ جادو لڳي ويندو هو:

لَڪڙا لنگهي ويا قافلا

وڃي ٿيا مومل جا مهمان

وڃي ٿيا مومل جا مهمان

جڏهن ڪافي ڳائي پوري ڪيائين، ته مون ڳراٽڙي پائي کانئس پڇيو: "انساني زندگيءَ جي آخرين حقيقت اهائي آهي؟"

منهنجو ننڍپڻ جو يار، شايد، تيز رفتار ڪار جي لوڏن ۽ ٿڌيءَ هوا جي جهوٽن ڪري، منهنجو سوال سمجهي ڪونه سگهيو.

پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندَڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڀُولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ٺاهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌَڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڀُولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَمَلَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پڄاڻان وڌ وڌِ کان وڌِ کتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت علِم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہ جڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڃاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" ناداني‍ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)